
جپان
جپان آهي
الطاف شيخ
پوپٽ

# جپان جپان آهي

(مشاهدا ۽ تحقيق)

## الطاف شيخ

پوپٽ پبلشنگ هائوس — خيرپور، سنڌ
2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**POPAT BOOK NO: 172**

# جپان جپان آهي

(مشاهدا ۽ تحقيق)

سفرنامہ نگار: **الطاف شيخ**

ڇاپو پهريون: 2021ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي ۽ عرفان ڀٽو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور۔ سنڌ.

ملهہ: **-/500** روپيہ

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

**JAPAN JAPAN AAHY**

**(Observations & Research)**

By: **ALTAF SHAIKH**

First Edition: 2021

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Lay 'out: Asif Nizamani & Irfan Bhutto

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 500/-**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري سفرنامانگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جي مشاهدن، تحقيق ۽ دلچسپ مضمونن تي مشتمل مجموعو **”جپان جپان آهي“** اوهان اڳيان پيش آهي.

هي ڪتابُ مشاهدن ۽ تحقيق جو خوبصورت سنگم آهي، جنهن ۾ جاپان جي تاريخَ جا عڪس به آهن ته هاٽوڪي حيثيت ۽ سجاڳپ جا حوالا به. دُنيا جي گولي تي جاپاني پنهنجن روين ۾ هڪ منفرد قوم جي سجاڳپ رڪن تا. امر اقبال لکي ٿو:

”سائين الطاف شيخُ عاشق ليکڪ آهي. هُنَ لکڻ جي ڪَمَ سان عشق ڪيو آهي. سيلاني ٻيا به هوندا، جن سمونڊ جي سيوا ڪئي هوندي، پَرَ هِنَ انوکي سيلانيءَ جو ڏٺو آهي، سو لکيو آهي..... يا ائين چئجي، جو ڏٺو آهي، ان جو ڪجهه حصو لکيو آهي ۽ گهڻو گهڻو ڪجهه اجان ڪيس لکڻو آهي. هُنَ بي تحاشا لکيو آهي، بيشُمار لکيو آهي ۽ سندس ڪا به لکڻي بي معنيٰ ناهي، بي مقصد ناهي. سندس لکڻيون بي پناه پڙهيون وڃن ٿيون. سندس ڪِتابَ نوجوانن ڪي اتساهين ٿا، اُنهن لاءِ زندگيءَ جي ڪاري سمونڊ ۾ ڪنهن لائيٽ هائوس جو ڪم به ڪن ٿا. هُو سمونڊن ۾ مَڇين جا رَستا ته ڄاڻي ٿو ڄاڻي ٿو، پر هُو نوجوانن ڪي زندگيءَ جي سمونڊَ ۾ اڳتي نڪرڻ جا رَستا به ڏسي ٿو.“

هي ڪتاب 2021ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور پاران ڇپايو ويو . ٿورائتا آهيون الطاف شيخ ۽ پوپٽ پبليڪيشن جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


- **ارپنا:** الطاف شيخ 08
- **پبلشر نوٽ:** قربان منگي 21
- **الطاف شيخ، الطاف شيخ آهي....** (مُهاڳ): امر اقبال 22
- **سمنڊ جي سيوين:** اعجاز منگي 27
- **محبتن جو سفير:** فرزانہ شاهين 31

- **سفرنامو**
- **تعويذن ۽ فالن جي دنيا- جپان** 34
- **هاتين کي سکيا ڏيڻ واري جاپاني ”هافو“** 42
- **سوشي، ساشامي ۽ ڪوبي بيف** 49
- **سارين جي پوک جو آرٽ- تامبو اَتو** 51
- **جپان جا جڳ جهان کان نرالا يولڙا** 55
- **ڪمونو- جپان جو روايتي لباس** 59
- **جيئڻ بہ مشڪل تہ مرڻ بہ مشڪل** 61
- **جپاني- محنتي ۽ پورهيت قوم** 68
- **جپانين جو زراعت ۾ انقلاب** 72
- **ڪجهہ جپانين چانهين ۽ ٻَصرن بابت** 75
- **ڪيوٽو سان واسطو رکندڙ مسترنير** 78
- **جپان ۾ امپورٽيڊ پاٽي** 84
- **مندرن ۽ گيشائن جو شهر ”ڪيوٽو“** 89
- **جپان ۾ لوڻ جي اهميت** 92
- **پَٽ ۾ جپان تي هڪ وڏيد** 97
- **جپان بابت ننڍيون ننڍيون ڳالهيون** 104
  - ياڪوزا 104
  - قصو هڪ جپاني امام جو 105
  - جپانيءَ ۾ واعظ ڪندڙ ترڪ مولوي 106
  - جنجا ۽ اويترا ۾ فرق 107
  - جپان ۾ پهرين مَردَ گيشائون هئا 108
- **ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن جي جپان آمد** 111

| | |
|---|---|
| - هندستاني ٻائي جي جپان آمد | 112 |
| - جيڪي ويا جاوا ۾ جپان | 117 |
| - آٽئو اکا ڏين، ڪتوري سمونڊ کي | 119 |
| - سنڌي چيلارام جا جهاز خيراتي اسڪول ۾ اسپتالون | 124 |
| ◈ **جپان ۾ اسلام جي آمد** | 128 |
| - اَحمد آريگا ۽ ڪوبي ۽ واري مسجد | 135 |
| - جپان جا اهم شروعاتي مسلمان | 138 |
| - جپانين جو مسلمانن سان واسطو (عمر ياما اوڪا ۽ عمر ميتا) | 140 |
| ◈ **جپان بابت ڪجھ اهم ۽ دلچسپ ڄاڻ** | 143 |
| - ڪاري نواڪي واڪاري (ڍنڍَ پکيءَ وانگر زندگي موڪلائي تي) | 143 |
| - جپان جو ڌرم، قومي ترانو وغيره | 146 |
| - جپان وارن جو مذهب: شنتو | 148 |
| - جپان ۾ ٻارن کان وڏيڪَ وڏن جا پئمپر وڪامن ٿا | 150 |
| - آسمان مان لٿل شهنشاهَ جنگ هارائي | 155 |
| - جپان جو گُل دائودي ۽ دنيا جا ٻيا تخت | 158 |
| - جپان جا شهنشاهه ۽ سندن ڪنيزون رکڻ جو شوق | 162 |
| - ڪجھ سُريتن (ڪنيزن) بابت | 165 |
| - دنيا جون ٻہ مشهور سُريتون | 166 |
| - مضمون سان تعلق رکندڙ سلطنتِ عثمانيہ جا سلطان | 172 |
| - ٻي سُريت آنا خانم جي ڪهاڻي | 173 |
| - صفوي گهراڻي جا ڪجھ شروعاتي حاڪم | 176 |
| - رياست اوڌ جا نواب | 177 |
| - اوڌ جي ڪجھ نوابن جو شجرو | 177 |
| - برار ڪُشيءَ جو سلسلو | 178 |
| - سلطان هن کي آخر تائين زال نہ بڻايو | 182 |
| - سريتون نہ رکڻ ڪري وارث جي ناموجودگي | 186 |
| - جپان جا ڪجھ شهنشاهہ | 190 |
| ◈ **مئريتائيم تاريخ جو هڪ بدترين حادثو** | 193 |
| - گرم مند، جهاز جي انجنيئرن لاءِ مسئلو | 195 |

- جپان هزارين ٻيٽن جو جهڳٽو آهي 199
- جپان جا شوگن ۽ جپان جي اڪيلائي 204
- ڪمودو پيريءَ جو جپان ۾ داخل ٿيڻ 208
- جپان جي شهر شمودا ۾ مائي ڪچيءَ جي ڪهاڻي 212

# ارپنا



## علي احمد (ٻُلا) چانڊيو بلوچ جي نالي

هي ڪتاب هڪ بيحد پياري انسان ۽ دوست علي احمد چانڊيو بلوچ عرف ”ٻُلا“ جي نالي ڪريان ٿو جيڪو 30 نومبر 2020ع تي اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. پاڻ حيدرآباد جي هڪ اهم شخصيت هيو ۽ ڪانئس حيدرآباد جو شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جيڪو واقف نه هجي.... خاص ڪري اهو جيڪو ڪار جو مالڪ هجي. علي احمد ٻُلا پنهنجي والد مستري محمد اسماعيل بلوچ وانگر هڪ قابل مستري هو. منهنجو ڪانئس هر وقت اهو سوال هوندو هو ته ”ڪڏهن ڪا اهڙي به گاڏي تو وٽ آئي، جيڪا تون صحيح نه ڪري سگهئين يا نئين قسم جي ڪا ڪار آئي، جنهن جي انجڻ يا ان جو سسٽم تون سمجهي نه سگهئين؟“

ٻُلا ننڍي هوندي کان پڙهيو ڪو نه. ڇڪي تاڻي ڪي به چار درجا پرائمريءَ جا پڙهيو هجي، پر هن جا دوست يار نه فقط ڊرائيور، مستري، پر شهر جا سڀ وڏا آفيسر، ڊاڪٽر، سرجن، انجنيئر، پروفيسر ۽ پوليس آفيسر هئا. ان جو وڏو سبب هن جو ننڍي وڏي، غريب امير سان سٺي اخلاق سان پيش اچڻ هو ۽ پنهنجي ڪم ۾ پڙ هجڻ هو. هر اهو ڊرائيور، سيٺ، زميندار توڙي آفيسر، ڪامورو جنهن کي پنهنجي گاڏيءَ سان پيار هو يا جنهن پنهنجي سواريءَ کي صحيح ڏسڻ ٿي چاهيو، ان جو علي احمد سان پيار هو، ان جو هن کانسواءِ گذارو نٿي ٿيو.

ٻُلا (علي احمد) کو ٻن ٽن سالن جو ٻار هو ته هن پنهنجي گهر جي پرسان پنهنجي والد مستري اسماعيل بلوچ جي ڪارخاني ۾ اچڻ شروع ڪيو ۽ عمر سان گڏ مڪينڪ جو ڪم ڏسڻ، سکڻ ۽ ڪرڻ شروع ڪيو، ته گذريل هفتي وفات تائين، هو ان ڪم ۾ ئي مشغول رهيو. علي احمد ٻُلا منهنجو تقريبن همعمر هيو. ڪٽي سال اڌ وڏو هجي. اسانجي دوستي ۽ ڄاڻ سڃاڻ ايتري ئي ڊگهي هئي، جيتري اسان جي عمر! گاڏي ڪاتي ۾ ٻُلا جي گهر جي آسپاس ۾ رهندڙ سندس ڪزن مرحوم نور

احمد نون، جهانگير صديقي، مقصود مغل (مشهور ليکڪا رشيده حجاب جو پاءُ)، خالد هاشماڻي (آمريڪا جي سانا جو متحرڪ ميمبر) وغيره سڀ ان عمر جا هئاسين ۽ گاڏي کاتي ۾ پئي رهياسين. آدم شماري گهٽ هئي. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهوءَ وٽ ڪار هئي. شام جي وقت رستا سنسان ٿي ويندا هيا. گاڏي کاتي وارو اهو ”حيدر چوڪ“ جتي اڄڪلهه آڌيءَ رات جو به بسن، لارين، ڪارن ۽ چنگچين جو گوڙ شور آهي، اتي انهن ڏينهن ۾ سج لٿي کان اڳ خاموشي ٿي ويندي هئي ۽ گاڏي کاتي ۾ رهندڙ اسان سڀُ مٿيان ٻار- ۽ ٻيا، پڪي رستي تي چُنَ جا ليڪا ڪڍي ونجهوٽي راند کيڏندا هئاسين.

اسان سڀني جو ليڊر ٻلا هو جنهن کي هڪ طرف ليڊريءَ ۽ داداگيريءَ جو ڏانءُ آيو ٿي ۽ اسان سڀ پنهنجا ۽ پراون پاڙن کان آيل ٻار ڪائنس ڊڄندا هئاسين. ساڳي وقت ٻلا ننڍي هوندي کان قربائتو به هو ۽ هر ٻار سان پيار سان ڳالهائيندو هو ۽ هن سان وڙهڻ واري کي اکيون ڏيکاريندو هو. ساڻس اسان جي مائٽي هجڻ ڪري ۽ مهمان طور ڪڏهن ڪڏهن هالا کان حيدرآباد اچڻ جي ڪري، هو منهنجو ته وڏو خيال رکندو هو. منهنجي ناني جو گهر به اتي گاڏي کاتي ۾ هو. آئون پنهنجي امڙ سان گڏ هالا کان ايندو هوس ته ناني جي گهر رهندو هوس ۽ جڏهن ڪنهن پڦيءَ يا ڏاڏيءَ سان گڏ ايندو هوس ته ٻلا جن جي گهر ماڙيءَ تي، يا هيٺ سندس چاچي قادر بخش بلوچ جي گهر رهندو هوس. جيڪو ٻلا وارن جي ورڪشاپ (گئراج) جي سامهون هو. اهو گهر دراصل اسانجي ڳوٺ جي مائٽ ”حاجي محمد صادق شيخ“ جو هو جنهن جي زال ”چاچي حاتل“ ٻلا جي والد مستري اسماعيل ۽ چاچن قادر بخش ۽ نور محمد جن جي ماسي هئي. چاچي حاتل کي اولاد نه هجڻ ڪري چاچا قادر بخش وارا پنهنجي ماسيءَ سان گڏ رهيا ٿي. هنن گهرن ۽ منهنجي ناني جي گهر جي وچ ۾ به يا ٽي گهٽيون هيون، جن مان هڪ ۾ ٻارن جو اسڪول هو جيڪو ”گاڏي وارو اسڪول“ سڏبو هو. جو اسڪول جي در وٽ هڪ گاڏي وارو مختلف شيون وڪڻڻ جي ڪري مشهور هو. ناني جي گهر جي سامهون واري روڊ جي ٻئي پاسي واري گهٽي، جتي سائين سراج ميمڻ ۽ فهميده حسين وارا به بعد ۾ اچي رهيا، اتي منهنجي نانيءَ جو ڀاءُ جسٽس مرزا عبدالرحمان رهيو ٿي، جنهن جي ٻارن جسٽس حامد علي مرزا ۽ ڀين، پاڙي ۾ رهندڙ مظهر الحق صديقي، آپا سلطانه صديقي (”هم“ چئنل جي مالڪ) ۽ ڀين سڀني ٻارن پرائمري تعليم، ان گاڏي واري اسڪول مان ورتي.

منهنجي ڳوٺ جا توڙي حيدرآباد جا مائٽ - يعني نوجوان طبقو اهو ئي سوچيندو هوندو ته مرحوم حاجي صادق شيخ سان اسان هالن وارن ۽ گاڏي کاتي جي چانديا بروچن جي ڪيئن مائٽي ٿي؟ منهنجي خيال ۾ جيئن ته وڏن ۾ هاڻ آئون ئي وڃي رهيو آهيان، سو هنن جي معلومات لاءِ ان مائٽيءَ بابت هتي به چار سٽون ضرورلکندو هلان. جيئن ايندڙ ٽهين کي جاڻ رهي. اڄ کان ستر پنجهتر سال اڳ جڏهن آئون ننڍو هوس ته هالا ۾ اسان جي مائٽن جا چند گهر هئا. اهڙيءَ طرح حيدرآباد ۾ هنن چانڊين بلوچن جا ٽي چار گهر هئا. مستري اسماعيل جن مٿي ماڙيءَ تي رهيا ٿي، هيٺ سندن گاڏين جي مرمت جو ڪارخانو هو جنهن جي سامهون اسانجي هالا جي مائٽ چاچي محمد صادق جو گهر هو جنهن سان ٻلا وارن جو وڏو چاچو قادر بخش بلوچ پنهنجي زال فاطمه ۽ ٽن

ٻارن: عبدالغفور (پپا)، نور احمد (نون) ۽ هڪ ڌيءَ شميم سان رهيو ٿي. ٻُلا جو هڪ ٽيون ڀـ چاچو نور محمد بلوچ نالي هو جنهن جو گهر اڄ جي ”عبرت“ آفيس واري گهٽيءَ ۾ هو. هن کي هومسٽيڊ هال چاڙهيءَ وٽ سندس وڏي پٽ ”رفيق“ جي نالي پيٽرول پمپ هو. جتي پڻ اسان ٻُلا سان گڏ ويندا هئاسين.

اسان وٽ قريشين، انصارين، صديقين وانگر، ڪيترائي شيخ چوندا آهن تـ اسان جا وڏا عربستان کان آيا. اهو اسان وٽ هڪ فئشن ۽ Status Symbol ٿي پيو آهي ۽ جيڪڏهن محمد بن قاسم سان سڀ عربستان کان سنڌ ۾ آياسين تـ ان وقت جيڪي سنڌ ۾ هندن ۽ ٻڌن مان مسلمان ٿيا، اهي ڪيڏانهن ويا؟ هندوءَ مان مسلمان ٿيڻ وارا بـ شيخ سڏجن ٿا. بهرحال اسان جا وڏا ڪير هئا؟ ان جي نـ مون کي خبر آهي ۽ نـ واسطو هجڻ کپي. جو هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ ذات پات نـ، پر هر انسان، پنهنجي ذاتي عمل موجب سزا ۽ جزا جو حقدار ٿئي ٿو. منهنجا وڏا جيڪڏهن مسلمان ٿيا هوندا تـ اهي گهٽ ۾ گهٽ چار پيڙهيون اڳ ٿيا هوندا، جو مون نندي هوندي پنهنجن وڏن کان ٻڌو تـ اسانجي ٽڙ ڏاڏي- يعني منهنجي ڏاڏي جي ڏاڏي جو نالو عبدالحميد هو جيڪو 1845ع ۾ ڄائو هو. يعني انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي .... انهن ڏينهن ۾ يا ان جي آسپاس وارن سالن ۾...... عيسوي سن جي exact خبر ناهي، جو انهن ڏينهن ۾ گهڻو تڻو هجري سالن موجب حساب ڪتاب ڪيو ويندو هيو.

اسانجي ٽڙ ڏاڏي عبدالحميد شيخ کي چارپٽ هئا: عبدالصمد، ولي محمد، محمد صادق ۽ چوٿون عثمان، جيڪو ڪنوارو گذاري ويو. عبدالصمد کي ٽي پٽ ٿيا: عبدالحميد، اسانجو ڏاڏو محمد رحيم ۽ حبيب الله. يعني اسانجي ڏاڏي محمد رحيم جو محمد صادق سڳو چاچو ٿيو. ولي محمد کي بـ پٽ ٿيا: حاجي لطف الله ۽ مشهور شاعر ۽ مخدوم غلام حيدر صاحب جو صلاحڪار شفي محمد ”شهنشاهـ“. شهنشاهـ کي پٽ ٻار نـ ٿيو باقي حاجي لطف الله کي هڪ پُٽُ پروفيسر ولي محمد شيخ ٿيو ـ جنهن جي اڪيلي پٽ انجنيئر غلام محمد (ماما گلاب) گذريل سال 60 سالن جو ٿيڻ تي حيسڪو حيدرآباد مان رٽائرمينٽ ورتي. ڪيس پڻ هڪ ئي پٽ ڏاڏي جي نالي وارو لطف الله آهي، جيڪو مهراڻ يونيورسٽيءَ مان انجنيئرنگ ڪرڻ بعد هاڻ ماسٽرس ڪري رهيو آهي.

محمد صادق شيخ کي بـ پيءُ جي طرفان هالا ۾ پنهنجو وڏو گهر ۽ زمينون هيون، پر هن ڪاروبار خاطر 1930ع کان حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. هن جو حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ سون جو دڪان هو جنهن مان هن جي سٺي ڪمائي ٿيندي هئي. زمينن جي پوک مان انهن ڏينهن ۾ ڪو خاص فائدو نـ هو. هن حيدرآباد جي گاڏي کاتي ۾ رهائش لاءِ گهر ورتو ۽ حاتل نالي اتي جي هڪ پناٽي ڇوڪريءَ سان شاديءَ جو ارادو ڪيو. جنهن جي وڏي ڀيڻ جَنا، ٻُلا علي احمد جي ڏاڏي مير غريبو خان جي زال هئي. ٻُلا جو والد مستري محمد اسماعيل ۽ هن جا ڀائر اڃان ننڍا هئا، تـ ٻلا جو ڏاڏو مير غريبو خان ۽ ڏاڏي جَنا (نجمہ) گذاري ويا ۽ ٻارن کي (يعني ٻُلا جي والد ۽ چاچن کي) سندس ماسي چاچي حاتل نپائڻ لڳي. هي اهي ڏينهن هئا جڏهن اسانجي وڏي چاچي محمد صادق چاچي حاتل جي رشتي جي گهر ڪئي. چاچي حاتل شاديءَ لاءِ انڪار نـ ڪيو پر هن ان ڳالهـ جو

اظهار ڪيو تہ هن لاءِ پنهنجن يتيم ڀاڻيجن کي ڇڏڻ ممڪن نہ ٿيندو. اسان جي وڏي محمد صادق شيخ هن کي سنڌس معصوم ڀاڻيجن سان گڏ رکڻ قبول ڪيو ۽ هيءَ شادي ٿي وئي.

چاچي صادق وارن کي اولاد نہ ٿيو. آئون ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ هوس تہ انهن ڏينهن ۾ چاچو محمد صادق گذاري ويو. پر منهنجا ڏاڏاٽا: يقيون ۽ انهن جو اولاد سنڌن گهر ايندو رهيو ۽ چاچي حاتل ۽ ان بعد سنڌس ڀاڻيجا ـ ٻُلا جو والد ۽ ٻُلا جا چاچا, هنن جي اهائي عزت ڪندا رهيا, جيڪا ڪين چاچي صادق جي ڏينهن ۾ ملي پئي. هو ايڏو قرب ڏيندا هئا جو آئون حيدرآباد ايندو هوس تہ ڪيترا دفعا پنهنجي ناني جي گهر ٽڪڻ بدران چاچي صادق جي گهر رهي پوندو هوس, جتي ٻلا جو چاچو قادر بخش ۽ سنڌس زال چاچي فاطمہ پنهنجن ٽن ٻارن: پپا (عبدالغفور), نور احمد ۽ شميم سان گڏ رهندا هيا. چاچي فاطمہ منهنجي ڪير شريڪ ماءُ پڻ هئي ۽ نور احمد منهنجو همعمر هو. هو اسانجي ڀين مائٽن کان وڌيڪ اسانجو خيال ڪندا هئا. منهنجو والد بہ ننڍپڻ ۾ حيدرآباد ايندو هو تہ چاچي صادق ۽ چاچي حاتل جن وٽ اچي رهندو هو جنهن جا ڀاڻيجا (يعني ٻُلا جو والد ۽ چاچا) منهنجي والد جي لڳ ڀڳ عمر جا هئا.

منهنجي والده شريفان جو گهر ـ يعني منهنجا ناناٽا بہ اتي ئي ڳاڏي ڪاتي ۾ رهيا پئي. ٻي جنگِ عظيم وارن ڏينهن ۾, يعني 1942ع ۾, جڏهن منهنجو والد گل محمد شيخ 22 سالن جو هو ۽ مهاراشٽرا جي پوني شهر جي ائگريڪلچر ڪاليج (هاڻ اهو پوني "ائگريڪلچر يونيورسٽي" آهي) مان B.Sc ڪري آيو تہ هُن جي رشتي لاءِ منهنجي ڏاڏي ۽ يقيون حيدرآباد ۾ چاچا صادق جي گهر اچي رهيون ۽ چاچي حاتل سان گڏجي منهنجي ناني محمد حسن سومري جي گهر آيون. جتي هن جو ننڍو ڀاءُ الهہ ڏتو سومرو (سيٺ لالا) بہ هن سان گڏ رهيو پئي, جنهن پوءِ حيدرآباد جي صدر واري علائقي ۾ هوٽل "فاران" ٺهرائي, نہ تہ تيستائين هن ۽ منهنجي ناني وٽ "جاگيردار هوٽل" ۽ ريلوي اسٽيشن وٽ "سنڌ زميندار" نالي هوٽل هئي.

ڳوٺ ۾ رهي منهنجي ڏاڏيءَ کي حيدرآباد جي ان رشتي جي ڪيئن خبر پيئي؟..... منهنجي ناني (سيٺ محمد حسن سومري) کي ٻہ ڀيڻون هيون. هڪ يقو غلام فاطمہ (مزاحيہ ليکڪ حليم بروهيءَ, آپا تاج صديقيءَ, نعيم بروهيءَ جي والده, ڊاڪٽر فهيما قلباٽيءَ ۽ پيٽارين شفيق صديقيءَ جي ناني) جيڪا پوليس جي S.P عبدالعزيز بروهيءَ جي زال هئي ۽ ٻي يقو زينت (عرض محمد شيخ, آپا شمس, نذيران, نسرين, وغيره وارن جي امڙ) جنهن جي شادي خيرپور جي خان محمد شيخ (سنڌ مدرسي ڪراچيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمد علي شيخ جي چاچي) سان ٿي هئي. هو اسان جي شهر هالا نوان ۾ ڪافي سال سب رجسٽرار ٿي رهيو ۽ سنڌس وڏو پٽ انجنيئر عرض محمد شيخ منهنجي يقيءَ جي پٽ ولي محمد شيخ, عبدالقدوس علويءَ (NED جي وائيس چانسلر), ڊاڪٽر حسن ميمڻ (LMC جي پرنسپال) وغيره جو همعمر ۽ دوست هو ۽ هنن پرائمري تعليم هالا مان گڏ گڏ حاصل ڪئي. انهن خاندانن جو هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ ٿيو. يقو زينت منهنجي ڏاڏيءَ کي ٻڌايو تہ هوءَ پنهنجي ڀاءُ جي ڌيءَ شريفان لاءِ رشتي جي ڳولا ۾ آهي. منهنجو ڏاڏو ننڍي هوندي گذاري چڪو هو سو ان ڳالهہ کي وڌائڻ لاءِ اسان جي ڏاڏي جي چاچي (محمد صادق شيخ) جنهن لاءِ

مٿي لکي چڪو آهيان تہ حيدرآباد ۾ رهيو ٿي، ان ۾ هن جي پناٽي زال چاچي حاتل (علي احمد ٻُلا جي پيءُ جي ماسيءَ) مدد ڪئي ۽ شادي طئي ٿي هئي. سو منهنجا پڙهندڙ ۽ اسان جي توڙي علي احمد ٻُلا جي مائٽن جون نوجوان ٿهيون اندازو لڳائي سگهن ٿيون تہ اسان جا علي احمد ٻُلا وارن سان مائٽيءَ ۾ دوستيءَ جا ٻئي تعلقات هئا. پر آئون تہ اهو چوندس تہ ٻُلا جي هڪ اهڙي شخصيت هئي، جنهن ۾ سيني ڪشش محسوس ڪئي ٿي. مون کي تہ حيرت ٿيندي آهي تہ جهانگير صديقيءَ جهڙو مشغول ماڻهو جنهن ننڍپڻ جا فقط چند سال ٻُلا سان پاڙي ۾ گذاريا، اهو اڄ بہ جڏهن مون سان ملندو آهي، تہ بلا جو ضرور پڇندو آهي. ٻُلا جي وفات کان ٻہ چار مهينا اڳ هن جو حيدرآباد اچڻ ٿيو هو ۽ بلا مون کي فون تي ٻڌايو تہ جهانگير ڪراچيءَ وڃڻ کان اڳ هن سان ملي ويو.

علي احمد ٻُلا ۾ ننڍپڻ کان مون ٻہ ڳالهيون نوٽ ڪيون، جيڪي هن سان هميشہ گڏ گڏ رهيون. هڪ تہ هو خوش مزاج هو. هر وقت، هر ڳالهہ تي کلندو رهندو هو. پنهنجي ڏک جي پرواهہ نہ ڪندي، هو ٻين جي خوشيءَ ۾ هر وقت خوش رهندو هو. اها ڳالهہ مون هن جي امڙ جيجي شائو ۽ وڏي ڀيڻ رضيہ ۾ بہ ڏٺي. ٻي ڳالهہ تہ هن ڪڏهن بہ ڪو Complex محسوس نہ ڪيو. سندس دوست ۽ پاڙيسري وڏن عهدن تي پهچي ويا تہ بہ هو پنهنجي روايتي اسٽائيل ۾ هنن سان ڳالهائيندو هو ۽ غريب دوستن جي مدد ڪندو هو. هو نہ فقط قابل مڪينڪ (مستري) پر سٺو استاد بہ هو ۽ هن وٽ سکيا وٺندڙ شاگرد جتي ڪٿي پنهنجو نالو ڪڍي رهيا آهن. دبئيءَ ۾ ڊاڪٽر قادر سرڪيءَ وٽ رهيل هُيس، جتي هن جي ننڍي ڀاءُ شوڪت سرڪيءَ سان ملاقات ٿي، جيڪو اتي جي هڪ ڪارن جي ڪارخاني ۾ ماهر مڪينڪ مئنيجر آهي. ڪارن جي انجڻن بابت مون هن جي ڄاڻ جي ٽيسٽ ورتي تہ ماشاءَالله هو مون کي بيحد ذهين لڳو. هو ٽُل شهر جا رهاڪو آهن، سو پڇيومانس تہ مستريءَ جو ڪم جيڪب آباد جي ڪهڙي استاد وٽ سکئين؟..... هن ٻڌايو تہ هو ۽ هن جا ٻہ دوست علي احمد ٻُلا جي تعريف ٻڌي حيدرآباد ۾ اچي رهيا ۽ هنن ٽي سال کن ٻُلا جي گئريج ۾ هن سان گڏ ڪم ڪيو. اهڙيءَ طرح سنڌ، پنجاب ۽ عرب ملڪن ۾ ٻُلا (علي احمد) جا ڪيترائي شاگرد ملندا، جيڪي محنت مزوريءَ ۽ ڪم جي سٺي ڄاڻ ۽ سکيا جي ڪري سٺو روزگار ڪمائي رهيا آهن.

ٻُلا وانگر سندس والد مستري محمد اسماعيل بلوچ بہ سٺو استاد هو. ٻُلا تہ هن وٽ فل ٽائيم ڪم سکيو پر مون ۽ منهنجي ڀاءُ حاجي اشفاق احمد موڪلن ۾ هنن وٽ جيڪي ٿورو گهڻو ڪم ڪيو اهو اسان کي اڳتي جي زندگيءَ ۾ تمام گهڻو ڪم آيو. منهنجي والد جي تہ اها خواهش هئي تہ آئون هڪ مَنو ٿي مڪينڪ جو ڪم سکان. هو تازو آمريڪا ۾ ڪجهہ سال رهي، اتان جي ڪارنيل يونيورسٽي (اِٿيڪا) مان ائگريڪلچر ۾ ماسٽرس ڪري آيو هو. هن تعليم ۽ هنر ٻنهي جي اهميت ۽ قدر سڃاتو ٿي. هن مون کي تمام گهڻو آماده ڪيو تہ هن جي سوچ مطابق آٽومڪينڪ جي ڪم جو وڏو مستقبل آهي. هالا جهڙي شهر ۾ هڪ گئريج ۽ ويلڊنگ شاپ کولڻ وارو وڏو ڪامياب ويندو. مون کي ان وقت انهن ڳالهين تي حيرت ٿيندي هئي، جو ان وقت هالا جي سڄي شهر ۾ فقط ٽي گاڏيون هيون ... پر پوءِ سگهوئي (ڏهن ويهن سالن بعد) ڏٺو ويو تہ هالا تہ ڇا پر ڳوٺ ڳوٺ ۾ نہ فقط ڪارون پر آٽو انڊسٽريءَ سان واسطو رکندڙ ٽريڪٽر، ٽرڪون، ٽريشر،

هارويسٽر ۾ ٽيوب ويل ايترا وڌي ويا، جو سٽي مستريءَ کي ڳوليو پوندو هيو. هيڏي عمر گذرڻ بعد اڄ آئون اهو ٿي چوندس ته اڄ به واڍي، مڪينڪ، پلمبر، درزيءَ، ويلڊر ۽ اليڪٽريشن جو تمام سٺو مستقبل آهي، بشرطيڪ هو پنهنجي ڪم کي دل لڳائي سکي ۽ ان ۾ ماهر ٿئي. آمريڪا واري هڪ سفرنامي ۾ لکيو اٿم ته وڏن وڏن سيٺين کي اسان جي جهاز تي ڪم ڪندڙ هڪ آمريڪن شيدي ماهر ڪرين آپريٽر جي، خوشامد ڪندو ڏسي، هن کان پڇيم ته، تون ڪِرين جي ڪم ۾ ايڏو هوشيار ڪيئن ٿئين؟..... هن وراڻيو ته سندس ماءُ کيس ننڍي هوندي کان ان قول جي سُٽي پياري ته، ”پٽ! جيڪو به ڪم ڪرين، اهو دل لڳائي سٺيءَ طرح ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. پوءِ اهو ڪم چاهي گهٽين کي ٻهاري ڏيڻ جو ڇو نه هجي“.

منهنجي خيال ۾ اهو 1970ع وارو ڏهاڪو هو، جڏهن اسانجو جهاز ٻه چار دفعا سعودي عرب جي بندرگاهن ۾ ويو ته اتي ٻُلا سان ملاقات ٿي. عرب شهزادن کي ڪارن رکڻ جو شوق ٿيو، جنهن لاءِ هنن اسان واري ٻُلا جي تعريف ٻڌي هن کي پاڻ وٽ گهرايو. هن جي هٿ هيٺ پنج ڇهه ٻيا به مڪينڪ هئا. ٻُلا لاءِ چڻ ته آرام ۽ ٺاٺ جي نوڪري ٿي پئي. سعودي عرب ۾ وڏي پگهار سان گڏ کيس ڪيترين ئي سهولتون ڏنيون ويون. هن جا ٺٽ اسان به ڏٺا، پر علي احمد کي مزو ئي نه اچي. هو سڄي عمر پنهنجي اسٽائيل سان هريل. ڪچهري، ڪم، شاگردن جي سلام دعا، صبح کان شام تائين پورهيو ... سو هن کي عربن جي محلن ۾ مزو نه آيو. ڇڪي تاڻي ڪجهه سال ڪڍيائين ۽ عربن کان اجازت وٺي، موٽي پنهنجي ماڳ آيو. والد جي وفات بعد گاڏي ڪاتي وارو ڪارخانو سندس ڀاءُ خان (عبدالمجيد) هلائڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ قاسم آباد ۾ نئون گئريج کوليائين. پنهنجي هنر ۾ هن Legacy کي وڌائڻ لاءِ ٻُلا (علي احمد) جا ٻه پٽ اڳيان آهن، جيڪي پڻ گاڏين جي ڪم ۾ سنڌ ۾ مشهور آهن. اهي آهن وڏو پٽ عامر ۽ ٻيو علي عمران (غازي). ٻُلا ٻه شاديون ڪيون. هڪ 1967 ڌاري پاڙي ۾ رهندڙ پروين سان، جيڪا سندن ذات مان نه هئي. ٻُلا جا مائٽ ڌارين مان شادي ڪرڻ ۾ خوش نه هئا. هنن پنهنجي ذات کي ترجيح پئي ڏني، پر شاباس هجي ٻُلا کي جنهن پنهنجو واعدو نڀايو ۽ خاندان جي مسئلن کي منهن ڏنو. شاباش سندس گهر واريءَ کي به هجي، جو ٻُلا نه پڙهيل هو ۽ نه آفيسر ۽ نه وري سندس ڪو ڏنڊو اجان چمڪيو هو. پروين جي وفات بعد هن ٻي شادي پنهنجي چاچي نور محمد بلوچ جي گهران ناز پروين (ڊوليءَ) سان 1990ع ڌاري ڪئي. پروين مان کيس اٺ ٻار ٿيا. 5 پٽ ۽ 3 ڌيئون. جن مان هڪ پٽ آذر ننڍي هوندي ڪار حادثي ۾ گذاري ويو. ٻُلا کي ٻي زال مان فقط هڪ ٻار احسن آهي جيڪو هن وقت 28 سالن جو آهي ۽ گئس اينڊ آئل ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪري ٿو.

ٻُلا وارا پاڻ به ماشاءَالله پنج ڀائر ۽ ست ڀيڻون هئا ۽ هر وقت سندن گهر ۾ ڪل، خوشي ۽ ڪچهري لڳل رهندي هئي. اسان ٽي ڀائر ۽ چار ڀيڻيون هڪ ئي وقت نانيءَ جي گهران هنن وٽ ايندا هئاسين، ته هر هڪ کي ڪچهريءَ لاءِ ڪو هم عمر ٻار ملي ويندو هو. ٻُلا جي والد چاچي محمد اسماعيل مستريءَ کي شڪار جو شوق هوندو هو. ٻه دفعا مون کي به ساڻ گڏ وٺي ويو هو. ان وقت آئون ٽين يا چوٿين ڪلاس ۾ هوس. هو ڪنهن مير فئمليءَ سان مياڻيءَ واري ٻيلي ۾ هرڻن جي شڪار تي

هليا هئا. ٻئي دفعا ٻه ٻه ڦاڙها ماريا هئائون. اهو مون لاءِ پهريون تجربو هو. هيءَ سن 1952ع ڌاري جي ڳالهه آهي. چاچا اسماعيل جي، ڪيترن ئي سنڌ جي اهم ماڻهن – خاص ڪري حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي ميرن، ٽالپرن ۽ بلوچن سان دوستي هئي. اڄ جي پيپلس پارٽيءَ جي وزير مولا بخش چانڊيي جو چاچو به هن سان ملندو هو. جنهن صاحب کي مون بعد ۾ مير علي احمد ٽالپر وٽ به ڏٺو. مير صاحب سان منهنجي پيٽاري جي ٽنڊي قيصر واري ڪلاس ميٽ رئيس نور احمد نظاماڻيءَ وارن جي مائٽي هئي. جيڪو اڪثر هنن جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ ويندو هو ته مونکي به وٺي هلندو هو. مير صاحب جو فرزند جيڪو اسان جو همعمر هو. اهو پڻ اسان جو دوست ٿي ويو هو.

ٻلا جن جو گهر مٿي ماڙيءَ تي هوندو هو. جيڪو اڄ ڪلهه جي ماڙيءَ کان مٿين ليول تي هو. ان ڪري ان جي ڏاڪڻ اتاهن ڏاڪن واري اُڀ ڪڙي هئي، جنهن کان مون کي هميشه خوف لڳندو هو ته ڪٿي پير نه ترڪي. اڄ به ان ڏاڪڻ جو سوچيان ٿو ته جسم ۾ سيوڪاري ٿي ٿئي. پر ٻلا جو گهر اسان ٻارن توڙي هالا کان آيل اسان جي گهر وارن توڙي ٻين مائٽن لاءِ ان ڳالهه ۾ دلپسند هو جو سندن اولهه واري ڪمري جي هڪ دريءَ مان سامهون حيدرآباد ريلوي اسٽيشن کان ايندڙ يا ان ڏي ويندڙ ريل گاڏي نظر ايندي هئي. ريل جي سيٽيءَ جو ٻڌي اسان ٻار دريءَ ڏي ڊوڙون پائيندا هئاسين. اسان پهريون دفعو ريل گاڏي ٻلا جي گهران ڏٺي. هالا ۾ رهندڙ چاچا صادق جا ٻيا مائٽ به جڏهن ٻلا وارن جي گهر ايندا هئا، ته ڳوٺ پهچڻ تي اُهي به ريل گاڏيءَ جي ڳالهه ضرور ڪندا هئا ته، هنن وٽ ڪلاڪ به هجڻ دوران، هنن به دفعا يا ٽي دفعا پئسينجر ۽ مال گاڏيون ڏٺيون. وڏو ٿي جڏهن جهاز جي نوڪري شروع ڪيم ته جهاز کي ترڪيءَ جي باسفورس (استنبول بندرگاهه جي وچ مان درياهه جهڙي سنهي سمنڊ) مان اُڪارڻ وقت، باسفورس جي ڪناري وارا گهر مون کي ٻلا جن جي ماڙيءَ جي ياد ڏياريندا هئا. فرق صرف اهو هو ته استنبول جي هنن گهرن جي درين مان حيدرآباد اسٽيشن ڇڏيندڙ يا ان ڏي ويندڙ NWR جي ريل گاڏي نه پر مختلف ملڪن جا اسان جا پئسينجر ۽ مال بردار جهاز اتي جي گهرن جا ياتي ڏسندا هئا ۽ اڄ به ڏسندا رهن ٿا.

ٻلا جن جو هي گهر اڃان به موجود آهي. جيئوٽيڪ سپ ڀائر مختلف گهر اڏرائي اتي وڃي رهيا آهن. پر هي گهر سندن هڪ ڀيڻ نجمه کي ڏنو ويو. جنهن جي ۽ ان کان ننڍي ڀيڻ نسيم جي نواب شاهه جي چانڊين ۾ شادي ٿي هئي. ڪجهه سال اڳ حيدرآباد ويو هوس ته گاڏي ڪاٽي جي گهٽي گهٽي ڏٺم. ٻلا وارن جي ماڙيءَ تي به ويس .... ساڳيو گهر، ساڳيا ڪمرا ۽ در دريون هيون. پر اڻن ماڻهن ۾ فقط ٻلا جي ڀيڻ نجمه هئي. نجمه جا ٻار ته جوان ٿي ويا هئا، پر انهن کي به ٻار ٿي ويا هئا، يعني هوءَ ڏاڏي ناني ٿي ويني هئي. اهو مون کيس آخري دفعو ڏٺو. ان ملاقات بعد هوءَ سگهو ئي گذاري وئي هئي ۽ سندن وڏي ڀيڻ رضيه. جيڪا سيني ۾ گهٽو چرچائڻ هئي، اها ته هن کان به اڳ گذاري چڪي هئي. رضيه کان وڏي ممتاز (پروفيسر غلام قادر قاضيءَ جي زال) جيڪا اسان کان ٽي چار سال وڏي هئي ۽ جنهن کي ننڍي هوندي چاچا صادق هالا وٺي ايندو هو ته هوءَ هن سان گڏ مهينو مهينو به رهي پئي هوندي هئي ۽ اسان جي پاڙي جي ڇوڪرين جي ٽولي سان گڏ هوندي هئي، جن ۾ منهنجي پڦيءَ جي ڌيءَ (ماما وليءَ جي گهر واري) شمون، سائين عبدالرئوف منصور ويراڳيءَ جي گهرواري ادي

پيان، جج نصير ابڙي جي گهر واري خير بانو ڊاڪٽر منظور ۽ ڊاڪٽر رفيق شيخ جي پڦي هاجران ۽ هالا گرلس ڪاليج جي پروفيسر سهيل ابڙي جي والده ادي ڦاپُو (فاطمہ) هوندي هئي. هو چاچا صادق جي گهر جي ڪنهن ڪمري ڏي اشارو ڪري ”جِنُ جِنُ“ ڪري ڊوڙنديون هيون. آئون سڀ ۾ ننڍو هوس. پهريون دفعو ڊوڙڻ ۾ ڪِري پيو هوس. اهو واقعو فقط هڪ ٻہ دفعا ٿيو پر ان جو اثر منهنجي دماغ تي اڄ ڏينهن تائين اهڙو ويٺل آهي، جو ان گهر ڪان، جيڪو ”وڏو گهر“ سڏبو هو خوف ٿو لڳي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان گهر لاءِ اڄ بہ هر ڪو چوي ٿو تہ اهو واقعي ڀُرو آهي، يعني ان ۾ غيبات آهي. پر ننڍي ٻار جي دل ۾ پيدا ٿيل خوف تمام گهڻو گهرو اثر رکي ٿو. هيءَ تڏهن جي ڳالهہ آهي جڏهن مون اڃان پرائمري اسڪول ۾ بہ داخلا نہ ورتي هئي ... يعني ڇهن سالن کان بہ ننڍو هوس، پر مونکي اهي ڳالهيون اڄ بہ چٽيءَ طرح ياد آهن.

ٻُلا جي وفات کان هفتو کن اڳ پڏوسين تہ سندس سڀ ۾ وڏي ڌيڻ ممتاز بلوچ (قاضي) جنهن کي سڀ ”مِنا“ چوندا هئا، اها بہ آمريڪا ۾ گذاري وئي. سندس ٻار: بہ پٽ ۽ ڌيءَ اتي ئي رهن ٿا. آپا ممتاز جي مڙس پروفيسر غلام قادر قاضي صاحب جي وفات بہ سال اڳ ٿي وئي هئي.

نواب شاهہ ۾ ٻُلا جي هڪ ٻي ننڍي ڌيڻ نسيم جي بہ شادي ٿي هئي. اها بہ ٽيهارو سالن کان حيدرآباد لڏي آئي ۽ پائرن ڀينرن ۾ هاڻ اهائي سڀ ۾ وڏي آهي ۽ ان کان ئي سندن خاندان جي ماڻهن جي خبر پوندي آهي. ستر ايڪهتر سالن جي ڄمار ۾ هوءَ بلڪل پنهنجي والده ”جيجي شائوءَ“ جهڙي لڳي ٿي. نہ فقط شڪل ۾ پر خير عافيت پڇڻ ۽ مهمانوازيءَ ۾ پڻ. سامهون ملڻ يا رڳو فون ڪرڻ تي بہ يڪدم چوندي تہ نواب شاهہ کان ڪيلا آيا آهن، ڪٽي وڃ. حاجي صاحب! اڄ واهہ جا پلا آندا آهن، ترس تہ تري ڏيانءِ تہ ڪراچيءَ ڪٽي وڃ.... اهو ئي حال سندس امڙ جو هوندو هو. نسيم ۽ ان جي مڙس کي گهمڻ جو شوق بہ ڏاڍو آهي. منهنجي خيال ۾ لفظ ”گهمڻ“ صحيح نہ ٿيندو، پر ”ايران جي زيارت“ صحيح ٿيندو. مون کي تہ حيرت ٿيندي آهي تہ هوءَ هن عمر ۾ بہ ايران باءِ روڊ ويندي رهي ٿي. هر دفعي هي زال مڙس مشهد توڙي قم ۾ روضي شريف کان پري مسواڙ تي سستو گهر وٺن ۽ هفتو اڌ نہ، پر مهينو مهينو رهيو پون. پنج ٻار اٿن. پنجئي ٻار وڏا آهن. پنجئي پٽ آهن. بقول نسيم جي ”سڀ آزاد آهن. اسان زال مڙس بہ آزاد آهيون. پنجن ئي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪئي ۽ پنج ئي الڳ الڳ رهن ٿا. نوڪري ڪو بہ نٿو ڪري. پنجن ئي کي دڪان آهن... پوءِ ڪنهن کي اسپيئر پارٽس جو تہ ڪنهن کي شو روم آهي ... پنجن ئي کي ڏهڻ ٻارن جو آهي، جن مان جيڪو جيڪو ٻار مدرسي ويندي يا موٽندي مون ڏاڏيءَ وٽ ايندو آهي، ان کي چاڪليٽ ڏيندي آهيان...“.

نسيم جي اها ڳالهہ انگريزن واري لڳي. مدرسو ۽ مسجد سندس گهر وٽ آهي. ٻُلا جو گهر بہ اتي ئي ويجهو آهي. ننڍي هوندي ٻُلا وارا يا منهنجا ناناٽا ـ يعني ناني ۽ نانيءَ جا مائٽ گاڏي کاتي، رسالا روڊ، تلڪ چاڙهيءَ، صدر، هير آباد ۾ رهندا هئا ۽ هينئر هو واڏو واهہ، قاسم آباد، پڪوڙا چوڪ، جيجل ماءُ اسپتال، علي سي اين جي جهڙن علائقن ۾ رهن ٿا. جن جا رستا مون کي اڃا تائين سمجهہ ۾ نہ آيا آهن. حيدرآباد ۾ مون لاءِ زيب سنڌي ان ڪم لاءِ، سمجهو تہ انڌي لاءِ لٺ هوندو آهي يا

سعيد آباد جي DIG پوليس ولي الله ڏل کي چوندو آهيان تہ ڪو سُونهون ڏي، جو حيدرآباد جا رستا ۽ ٽرئفڪ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهن. آهي تہ سکر، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ جو بہ اهو حال. يورپي چوندا آهن تہ وڏي عمر ۾ آرام جي سفر لاءِ پنهنجي ڪار ڪيڻ بدران بس ۾ سفر ڪجي. هنن شايد ڪراچي ۾ ڪراچيءَ جون بسون ڏٺيون نہ آهن. تڏهن تا اهي ڳالهيون ڪن....

جهازن جي نوڪريءَ تي نڪرڻ بعد منهنجو ڪراچيءَ يا حيدرآباد ڪڏهن ڪڏهن اچڻ ٿيندو هيو پر ان هوندي بہ ٻُلا جي پيڻ نسيم بعد، هڪ پيڻ سلطانہ. هڪ ڀاءُ خان (عبدالمجيد) ڪي چڱو وڏو ڏٺم. هو اسڪول ويندا هئا. ان کان ننڍا: ياسمين، بابو (فواد)، هُما، جمي (جمشيد) ۽ نومي (شرجيل) هئا. جن ڏينهن ۾ ٻُلا سعودي عرب ۾ هيو انهن ڏينهن ۾ سلطانہ جي شادي مگسين ۾ ٿي، جيڪي پڻ سعودي عرب ۾ رهندا هيا. هاڻ هو شهدادڪوٽ ڏي رهن ٿا، جيڪو سندس مڙس جو اباڻو ڳوٺ آهي. ياسمين بعد ٻُلا جو ڀاءُ فواد آهي، جنهن کي ننڍپڻ کان اسين ”بابو“ سڏيون ٿا. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان جيولاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ پاڪستان جي سئي گئس ڪاتي ۾ نوڪري ڪري ٿو سندس گهر واري ڊاڪٽر فرزانا پاڪستان اسٽڊيز ۾ Ph.D ڪئي آهي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ان ڊپارٽمينٽ ۾ هيڊ آهي. بابو وارن کي چار ٻار آهن. ٽي پٽ هڪ ڌيءَ. وڏي پٽ بالاچ، مهراڻ يونيورسٽيءَ مان بايو ميڊيڪل ۾ انجنيئرنگ ڪئي ۽ سندس زال صوفيہ، جنهن جو تعلق پڻ حيدرآباد جي چانڊيو فئملي سان آهي، ميڊيڪل جي ڊاڪٽر آهي. بابوءَ جو ٻيو پٽ سالار بلوچ چين ۾ نوڪري ڪري ٿو. هن چين مان ئي مڪينيڪل انجنيئرنگ ڪئي. مون کي اهو ٻڌي خوشي ٿي تہ هن چين وڃڻ سان چيني ٻولي سکڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي ۽ اڄڪلهہ اهڙي ئي سٺي چيني ۽ انگريزي ڳالهائي ٿو جهڙي هڪ چيني يا انگريز ڳالهائي. هن جي امڙ ٻڌايو تہ، ”مون ٻارن تي تعليم لاءِ زور زبردستي نہ ڪئي، تہ هي سبجيڪٽ کڻو يا هو کڻو. هنن سان منهنجو هميشہ دوستاڻو رويو رهيو. ها البتہ هنن تي آئون نظر رکندي رهيس تہ هنن جي دوستي ڪنهن سان آهي. مليل هوم ورڪ روزانو ڪندا رهن ٿا يا نہ ۽ انگريزيءَ سان گڏ ان ملڪ جي ٻولي بہ سکن ٿا يا نہ. سٺي انگريزي ۽ چيني اچڻ ڪري سالار کي چين ۾ يڪدم نوڪري ملي وئي، جنهن کي چار سال کن اچي ٿيا آهن“.

منهنجي خيال ۾ هي اهي ئي ڳالهيون آهن جن لاءِ آئون بہ پنهنجن ڪالمن ۾ لکندو رهان ٿو.

بابو ۽ ڊاڪٽر فرزانا کي ٽيون ٻار ڌيءَ اريبا آهي، جيڪا ڏندن جي ڊاڪٽرياڻي آهي ۽ جنهن جي گهر واري سرمد آسٽريليا مان انجنيئرنگ پڙهي آهي ۽ چوٿون ٻار، جنهن تي سندس ڏاڏي يعني علي احمد ٻُلا جي والد صاحب جو نالو محمد اسماعيل آهي، اهو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ زير تعليم آهي، هو انگلش ۾ گرئجوئيشن ڪري چڪو آهي.

خان (عبدالمجيد) گاڏي ڪاتي ۾ ٿي رهي ٿو. کيس 5 پٽ هڪ ڌيءَ آهن. خان بعد ٻُلا جي پيڻ ياسمين آهي، جنهن جي شادي پنهنجي ذات وارن يعني چانڊين ۾ ٿي، جيڪي نئي ضلعي جي چوهڙ جمالي شهر ۾ رهن ٿا. هن کي هڪ نياڻي آهي. ياسمين بعد هُما آهي. هُما انگلش ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هئي، پر هاڻ پنهنجي مڙس آصف مرزا سان گڏ ڪئناڊا ۾ رهي ٿي. ڪائنس ننڍو ڀاءُ جِمي (جمشيد) جنهن سوشل ورڪس ۾ ماسٽرس ڪئي، سنڌ يونيورسٽي ۾ ئي

پروفيسر آهي. سڀ کان ننڍي ڀاءُ نومي (شرجيل) ايم اي ايڪنامڪس ۾ ڪئي. شرجيل (نومي) جيڪو شرجيل پاشا بلوچ جي نالي سان حيدرآباد ۾ مشهور آهي، ڪنسٽرڪشن جو ڪم ڪري ٿو. شرجيل جي منهن مهانڊي ۽ ڏاڙهي مڇن جي اسٽائيل کي ڏسي سندن والد چاچا محمد اسماعيل ياد ايندو آهي. هو هڪ طرف رعب تاب وارو انسان هو ته ٻئي طرف شفيق ۽ مهربان. وڏا وڏا مير، پير، جاگيردار ۽ رئيس توڙي غريب غربا هن جي عزت ڪندا هئا. گاڏي کاتي ۽ اوس پاس جا سنڌي توڙي مهاجر، پنجابي هن کي ابو امان سمجهندا هئا. هن جا دوست هئا. هن کان جيڪي پڇي سگهندو هو، ماڻهن جي مدد ڪندو هو. حيدرآباد توڙي آس پاس جي ضلعن جا سياستدان، ڪارخانيدار ۽ ڪامورا هن جي دوستيءَ کي فخر سمجهندا هئا ۽ انهن جي گاڏي جڏهن ٻي ڪنهن کان نه ٺهندي هئي، ته اها مستري محمد اسماعيل بلوچ حوالي ڪئي ويندي هئي ۽ اهو ئي شان شوڪت، ڏانءُ ۽ هنر سندس وڏي پٽ علي احمد ٻُلا کي نصيب ٿيو.

شرجيل جي گهرواريءَ اردو ادب ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ درس تدريس جو ڪم ڪري ٿي. اڄڪلهه هوءَ Educators اسڪول سسٽم سان وابسته آهي. کين ٽي ٻار آهن. وڏو ٻار عبدالله سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن ڪري رهيو آهي. ٻيو نمبر زينب فاطمه پري ميڊيڪل ۾ آهي ۽ مرجام فاطمه سيني ۾ ننڍي آهي.

هتي مان چاڙهي واڙي ٻُلا جي ننڍن ڀائرن ڀينرن جي تعليم بابت لکيو آهي ۽ اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌي هندو، خاص ڪري وڏن شهرن جا، تقريبن سئو سيڪڙو تعليم ڀنيان هئا. نه فقط سندن پٽ پر ڌيئرون به...... اسان وٽ مسلمانن ۾ اهو رجحان گهٽ هو. ڇوڪرين کي پڙهائڻ جو ته اڃان به گهٽ هو. حيدرآباد جهڙي وڏي شهر ۾ به تمام ٿورن ماڻهن پنهنجن ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏني. خاص ڪري ڪن ڪن خاندانن، جيئن ٻُلا وارن جي چانڊيو فئمليءَ به ان کي پسند نه ٿي ڪيو. پر پوءِ مون ڏٺو ته تعليم لاءِ رجحان وڌڻ لڳو ۽ گاڏي کاتي ۾ ڪيٽريون ئي مسلمان فئمليون پنهنجين ڌيئرن کي به تعليم ڏيارڻ لڳيون. ٻلا جن جي گهر ۾ به ٻُلا جي وڏي ڀيڻ ممتاز تعليم لاءِ پنهنجي والدين ۽ مائٽن کي سمجهايو ۽ پاڻ به ڪجهه درجا پڙهي. تعليم کي ڇڏڻ بعد ڪجهه سال رکي وري هن مئٽرڪ ڪئي ۽ زبيده ڪاليج مان انٽر وغيره ڪئي. پاڻ ۽ سندس هڪ ٻن وڏين ڀيڻن کٽي اعليٰ تعليم حاصل نه ڪئي ۽ انهن جون شاديون به ٿي ويون، پر ٻين ننڍن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جي راهه کلي وئي ۽ وڏين ڀيڻن به پنهنجن ٻارن کي خوب پڙهايو. جيئن سلطانه، جنهن جي شادي شهدادڪوٽ جي مگسين ۾ ٿي، ان جا به سڀ ٻار: ٽي پٽ ۽ هڪ ڌي گرئجوئيٽ ۽ پوسٽ گرئجوئيٽ آهن. جيئن، خطاب ۽ ياسر ڪمپيوٽر سائنس پڙهيا، نائيف ايم فل انگلش ۾ ۽ هفسه ايم اي انگلش ۾ ڪئي آهي.

هتي جيئن ته ان دؤر جون ڳالهيون لکي رهيون آهيان، يعني اڄ کان پنجاهه، سٺ بلڪ ستر سال اڳ جون، ته اسان جون هڪ ٻئي سان مائٽيون ڪيئن هيون ۽ گاڏي کاتي ۽ صدر (حيدرآباد) جو ماحول ڇا هو؟.... ۽ هي سڀ ڳالهيون ياد رکڻ وارو ۽ ٻڌائڻ وارو آئون ئي هڪڙو وڃي رهيو آهيان ۽ ٻين ننڍن کي مٿين مائٽن ۽ ڳالهين جي خبر به نه هوندي، جو اسانجي دوست ۽ مائٽ همعمر ٻُلا

جيڏن جي اولاد جو اولاد بہ وڏو ٿي ويو آهي. ڪيترا منهنجا مائٽ ۽ منهنجا ڳوٺائي ٻلا جي مائٽن جي اولاد کي اڄ سڃاڻندا بہ نہ هوندا ۽ هي منهنجيون ڳالهيون پڙهي حيرت ڪائيندا.

ٻلا ۽ ان جي گهر ڀاتين جو ذڪر ڪندي هڪ شخص "نجف علي مرزا" جو احوال بہ لکڻ ضروري ٿو سمجهان. نجف سان اسان جي ملاقات ٻلا جي ئي گهر ٿيندي هئي ۽ تڏهن کان جڏهن کان، هوش سنڀاليوسين. يعني اٽڪل 1947-48ع) کان. جڏهن آئون ٽن چئن سالن جو هوس. نجف کي سيني "ڀاءُ نَجا" سڏيو ٿي ۽ هو ٻلا جي والدين کي "ماما" ۽ "مامي" سڏيندو هو. سندس والده ماسي ڪامل (ڪامل خاتون) اسان کي ڏاڍو ڀائيندي هئي ۽ منهنجين ڀڻين سان هن جي سٺي ڪچهري ٿيندي هئي. سندس گهر ٿورو اڳيان ڪوهہ نور سئنيما وٽ هوندو هو. نجف مون کان ۽ ٻلا کان ڪجهہ سال وڏو هو. ڪيترو وڏو هو اهو exact نٿو چئي سگهان، پر سندس شادي ٿي هئي تہ ان وقت هو مئٽرڪ ۾ هو ۽ آئون پهرين انگريزيءَ ۾ هوس ۽ ڀڻين سان گڏ اسان نجف جي گهر ٽي چار ڏينهن اچي رهيا هئاسين. نجف جي هيءَ پهرين شادي ڪامياب نہ وئي. هن کي ان مان هڪ پٽ آصف علي ٿيو جيڪو ڪافي سالن کان ڪئناڊا ۾ رهي ٿو ۽ ٻچن ٻارن وارو آهي. نجف جي ٻي شادي تڏهن ٿي جڏهن اسان مئٽرڪ ۾ انٽر بہ ڪري ورتي هئي. سندس هيءَ زال "ڀاڀي ريحانا" سندس سوٽ آهي. جهڙو چرچائي ۽ پڙهيل ڳڙهيل ڀاءُ نجا آهي، اهڙي ڀاڀي ريحانا. منهنجي نہ فقط ساڻن ڪچهري لڳندي رهي ٿي، پر ڀاڀي ريحانا جي والده سان پڻ، جيڪا منهنجو ايڏو ئي خيال رکندي هئي ۽ پيار ڏيندي هئي جيترو ڀاءُ نجا جي والده ماسي ڪامل، جيڪا هاڻ گذاري چڪي هئي. تعليم بعد جيئن ئي سامونڊي نوڪري شروع ٿي تہ منهنجو حيدرآباد اچڻ نہ برابر وڃي ٿيو. جهاز تي وڃڻ وارن ڏينهن ۾ ڀاڀي ريحانا کي ٻن ٽن سالن جي هڪ ڌيءَ فرحانا هئي. ڪجهہ سالن بعد منهنجو ڀاءُ نَجا جن جي گهر اچڻ ٿيو تہ هنن کي ٽي ٻار (ڌيئرون) ٿي چڪيون هيون. سڀ هڪ ٻئي پويان هجڻ ڪري هڪ جيڏيون ٿي لڳيون. چرچي طور ڀاڀي ريحانا کي چوندو هوس تہ، "ڀاءُ نَجا کي پهرين زال مان پٽ ٿي ويو. هاڻ تو مان هرگز نہ ٿيندس".

"چو ڀلا؟".

"ان ڪري جو ڀاءُ نَجا جي مرزا فئمليءَ جي اها تاريخ رهي آهي تہ هنن کي فقط هڪ پٽ ڄمي ٿو. ڀاءُ نجا بہ پنهنجي پيءُ خورشيد علي مرزا کي اڪيلو پٽ هو ۽ نجا جو پيءُ خورشيد علي پنهنجي پيءُ (يعني نجا جي ڏاڏي) حسين بخش مرزا کي اڪيلو پٽ هو".

نجا واري مرزا فئملي نجا جي چاچن بئريسٽر مرزا رحيم بخش ۽ بئريسٽر مرزا لطف عليءَ جي نالن سان سڃاتي وڃي ٿي. نجف علي (نجا) جي امڙ (يعني بلا جي پڦي) ماسي ڪامل جي شادي 1933ع ڌاري جڏهن خورشيد علي مرزا صاحب سان ٿي تہ هو دبئيءَ ۾ پوسٽل سروسز کاتي ۾ هو. جيڪو دبئيءَ جي ٻين سرڪاري آفيسن وانگر انگريزن جي هٿ هيٺ هو. انڊيا جي ورهاڱي ۽ انگريزن جي وڃڻ تي هو حيدرآباد موٽي آيا.

بهرحال اها ٿيوري غلط ثابت ٿي تہ ڀاءُ نجا جي فئمليءَ ۾ فقط هڪ پٽ ٻار ڄمي ٿو. ڪجهہ سالن بعد منهنجو جهاز تان حيدرآباد اچڻ ۽ مائٽن سان ملڻ ٿيو تہ ڀاءُ نَجاجن وٽ بہ آيس، جن کي

مزيد هڪ ڏيءُ ۽ معظم علي نالي پٽ ٿي چڪو هو. پاپي ريحانا انگريزيءَ ۾ ايم اي هئي ۽ حيدرآباد جي اسڪول ۾ پڙهايائين پئي. سندس وڏا ٻار به ان ئي اسڪول ۾ پڙهيا پئي، جن کي هن گهر ۾ به سک جو ساهه نه ٿي کڻڻ ڏنو ۽ سڄو وقت هوم ورڪ ۽ انگريزيءَ تي زور ٿي ڏنائين. آئون کيس چرچي ۾ چوندو هوس ته، "توهان انگريزيءَ ۾ ماسٽرس ڇا ڪئي، توهان جا سڀ ٻار ڦاسي ويا". دل ۾ ته اهو ئي چوندو هوس ته دنيا ڏسڻ بعد اهو صحيح آهي ته ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين لاءِ تعليم ضروري آهي ۽ انگريزي گلوبل ٻولي ٿي چڪي آهي. انگريزن بدران جپان ۽ جرمنيءَ وارا جي ٻي جنگ عظيم کٽين ها ته اڄ اسان وٽ ايشيا ۾ جپاني ۽ يورپ ۾ جرمن ٻولي هلي ها. وقت گذرندي ويرم نه ٿي لڳي. اڄ پاپي ريحانا جا ٻار به نه رڳو وڏا ٿي ويا آهن، پر انهن جا به ٻار ٿي ويا آهن. سندن پٽ معظم جنهن MBA ڪئي، ميلبورن (آسٽريليا) ۾ رهي ٿو. وڏي ڏيءَ فرحانا جنهن MBA ۽ MA ڪئي، ان جي شادي ٻُلا جي ننڍي ڀاءُ جمي (پروفيسر جمشيد بلوچ) سان ٿي آهي. ان جا ٻارَ به ايڏا وڏا ٿي ويا آهن، جو هو پنهنجي هڪ پٽ کي نيويءَ ۾ ڪا نوڪري ملڻ تي مون کان صلاح پڇي رهيا هئا.

ڀاءُ نجا وارن جي ٻي ڏيءَ ڊاڪٽر شبانا جي شادي انجنيئر شوڪت علي ٽالپر سان ٿي آهي، جيڪو لڳي ٿو ته شبانا جو ماسات هجي، جو پاپي ريحانا جي هڪ پيڻ پروفيسر فخرالنساءَ ٽالپرن ۾ پرڻيل آهي - حسن علي ٽالپر سان. يا شوڪت شايد آپا گلان ٽالپر جو پٽ هجي، جيڪا ريحانا جي ماسي ٿئي. نجف علي مرزا وارن جي ٽين ڏيءَ البينا ايڪانامڪس ۾ Ph.D ڪئي ۽ پروفيسر آهي. سندس گهر وارو ڊاڪٽر اڪبر قاضي لياقت يونيورسٽي ڄامشورو جي Forensic ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين آهي. آخري ڏيءَ فلڪ ناز جنهن ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽرس ڪئي، ان جو گهر وارو شاهجهان ڏيئو تعليم بعد پنهنجي اباڻي ڏنڏي زمينداريءَ کي ڏسي ٿو.

ٻُلا جي وڏي چاچي قادر بخش بلوچ ۽ ان جي فئمليءَ سان به اسان جي تمام گهاٽي پنهنجائي هئي، جو اهي اسان جي ڳوٺ جي ڏاڏي صادق شيخ سان گڏ رهندا هيا. جنهن جي زال چاچي حاتل چاچا قادر بخش ۽ ٻُلا جي پيءُ جي ماسي هئي. چاچا قادر بخش جي گهر واري چاچي فاطمه منهنجي کير شريڪ ماءُ به هئي. سندس ٻيو ٻار نور احمد منهنجو هم عمر هو. سندس وڏو پٽ عبدالغفور، جنهن کي گهر جا پاتي توڙي پاڙي وارا "پپا" سڏيندا هئا، ان کي ولايت وڃي وڏيڪ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو پر ماڻٽن انهن ڏينهن جي حالتن ۽ ڪلچر موجب کيس پري ڪيڏڻ نه ٿي چاهيو ۽ سندس شادي ڪرائي ڇڏي. سندس ٻار به وڏا ٿي ويا. سندن ننڍو ٻار پٽ اڄڪلهه دبئيءَ ۾ رهي ٿو. نور احمد، جنهن کي ڏاڏا صادق پٽ ڪري نپايو اهو سندن وفات بعد سگهو ئي ننڍي عمر ۾ گذاري ويو. چاچا قادر بخش جو ٽيون ٻار شميم هئي، جيڪا اسان کان ڪافي ننڍي هئي. گهڻو پوءِ جڏهن آئون جهازن تي هوس ته ٻڌوسين ته هن جي شادي کُنريءَ ۾ ٿي آهي ۽ سالن ڪانپوءِ جڏهن ملاقات ٿي ته خبر پئي ته هن جي شادي ڪنريءَ جي اديب زميندار شمس الدين جوڻيجي سان ٿي، جنهن جي آتم ڪٿا جا ڪتاب "جيڪي منجهه جهان" ۽ "ڏاڙيل ڪئمپ ۾" بيحد مشهور آهن. ٻين وانگر شميم ۽ سندس گهر واري کي Credit ڏيڻ کان رهي نٿو سگهان ته هنن نه فقط پُٽن کي، پر نياڻين کي به اعليٰ تعليم ڏياري. شميم ڳوٺ جا وڏا گهر ۽ سک ڇڏي، ٻارن جي تعليم لاءِ حيدرآباد ۾ هڪ فلئٽ جي

تڪليف واري زندگيءَ ۾ اچي رهي. پر هن ان خواب جي ساڀيان ماڻي ۽ اها تعليم جيڪا پاڻ حاصل ڪري نہ سگهي، هن ٻارن کي ڏياري. ڪيس بہ پٽ نادر حسين ۽ زين العابدين آهن. جن ٽيلي ڪميونيڪيشن ۾ انجنيئرنگ (B.E.) ڪئي ۽ ٽي ڌيئون آهن. وڏي رابعہ، جنهن جي ڊاڪٽر ساند سان شادي ٿي آهي. ٻي عائشہ آهي، جنهن انگلينڊ مان سائبر سيڪيورٽي (آءِ ٽي انجنيئرنگ) ۾ Ph.D ڪئي آهي ۽ ٽين خديجہ جوٽيجو جنهن B.E آرڪيٽيڪٽ ۾ ڪرڻ بعد هاڻ M.Phil ڪئي آهي.

اهي ماڻهو/ مائٽ، جن جو اسانجي پياري دوست ۽ نيڪ انسان ۽ قابل مستري علي احمد ٻُلا سان ننڍپڻ کان واسطو ۽ ويجهڙائي رهي، انهن جو ۽ انهن جي اولاد جو مون پنهنجي محدود ياداشت موجب احوال لکيو آهي. خاص ڪري تعليم بابت، جنهن کي اڄ کان مني صدي اڳ ڪا اهميت نٿي ڏني وئي .... ان ۾ وڏي تبديلي آئي ۽ اڄ اسانجي باشعور مڊل ۽ لوور ڪلاس ڳوٺن جا ٻار بہ اعليٰ تعليم حاصل ڪري انجنيئر، ڊاڪٽر، پروفيسر ٿي رهيا آهن. تعليم سان گڏ هنر ۽ ڏَنڍن ۾ بہ علي احمد ٻُلا جا ٻار، توڙي سندس ڪيترائي ٻاٽيا ٻاڻيجا نالو پيدا ڪري رهيا آهن. شل رب پاڪ سنڌ جي ماڻهن کي مستقبل ۾ سکيا ڏينهن نصيب ڪري. ان سان گڏ امن امان ۽ تعليم کي تباهہ ڪرڻ وارن کان پناهہ ۾ رکي...

**الطاف شيخ**

— ڪراچي
12 مارچ، 2020ع

# پبلشر نوٽ

الطاف شيخ صاحب جو هي پنجون سفرنامو آهي، جنهن جي اشاعت جو اعزاز پوپٽ پبلشنگ هائوس کي ملي رهيو آهي. هي ڪتابُ مشاهدن ۽ تحقيق جو خوبصورت سنگم آهي، جنهن ۾ جاپان جي تاريخَ جا عڪس به آهن ته هاڻوڪي حيثيت ۾ سڄاڻپ جا حوالا به. دُنيا جي گولي تي جاپاني پنهنجن روين ۾ هڪ منفرد قوم جي سڃاڻپ رکن ٿا. مون کي پاڻ اهو موقعو مليو ته مان نوي واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ جاپان جي سرزمين تي پير ڌريو ۽ اتان جي زندگيءَ جو مشاهدو ماڻي هڪ سفرنامو "هڪ گهڙي پيارَ جي" به لکيو. سو اچ الطاف شيخ صاحب جي قلم مان تخليق ٿيل هي اهم ڪتاب اوهان تائين پهچائيندي، مان ذاتي طرح به گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد ته اوهان پڙهندڙ هن ڪتابَ کي جيءَ ۾ جايون ڏيندي، هن مان حِظُ ۽ فائدو حاصل ڪندؤ.

**قربان منگي**

**چيئرمين**

**پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور**

**مُهاڳ**

# الطاف شيخ، الطاف شيخ آهي....

اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ ڪا بہ لکڻي، لکڻ ڪانپوءِ ئي، اُنَ جو ڪوئي عُنوان تجويز ڪندو آهيان، پر سائين الطاف شيخَ جي مُشاهدن ۽ تحقيق تي آڌاريل هِنَ ڪِتابَ ”جپان جپان آهي“ جو هي ”مُهاڳ“ لکندي، مان اُٿندي ئي سُفيد ڪاغذَ جي پيشانيءَ تي لِکي ٿو ڇڏيان، ”الطاف شيخ، الطاف شيخ آهي.....“.

هونئن بہ پاڻ وَٽ الطاف شيخ هڪڙو ئي تہ آهي، جيئن شيخ اياز هڪڙو آهي، يا جيئن امر جليل هڪڙو آهي.....

❊

سائين الطاف شيخَ پنهنجي ٻاجهاري لهجي ۾، فون تي مون کي چيو تہ، مون کي هِنَ ڪِتابَ جي مسودي کي هِڪَ نظر ڏسڻو بہ آهي ۽ انهيءَ جو مُهاڳ بہ لکڻو آهي. هِنَ کان اڳ سائين پنهنجي هندستان جي سَفرنامي ”واٽَ ويندي“ ۾ مُنهنجي لکيلَ، سندس خاڪي کي، ڪِتابَ جي مُهڙَ ۾ شامل ڪري ڇُڪو هُيو، جنهن جو حوالو ڏئي، مُون هيلوڪي مُهاڳ لکڻ کان ڪَنڌُ ڪيرائڻ پئي چاهيو، پَرَ سائينءَ ”دو ٽوڪ“ لفظن ۾ چئي ڇڏيو تہ، ”مُهاڳ توکي ئي لکڻو آهي“.

سو مان سِجَ کي ڏيئو ڏيکارڻ واري محاوري جي مِصداق، هي سِٽون لکڻ وينو آهيان....

❊

مون لاءِ اِها بہ نهايت عَجَبَ جيهي ڳالهہ آهي تہ مان هيلَ تائين سائين الطاف شيخَ سان رُوبَرو ملي ناهيان سگهيو. سندس انهن اکين ۾ نهاري ناهيان سگهيو، جن سهسين سَمونڊن جي لوڏياٽين هوائن کي چَکيو آهي. سندس اُهي هَٿَ ڇُهي ناهيان سگهيو جن سمونڊن جي سهسين ڪهاڻين کي قلمبند ڪيو آهي.....

گُذريل 27 ڊسمبر جي شامَ ڪراچيءَ ۾ ادل سومرو صاحب، قُربان منگي صاحب ۽ مان، ڏاڏي صلاح الدين شيخَ جي گاڏيءَ ۾ هُياسون..... اسان انهيءَ شامَ جا ڪُجهہ پَلَ سائين الطاف شيخ سان گذارڻ پئي چاهيا. ڪيس فون ڪيم. سيني دوستن جو ٻُڌايم. پاڻَ خوشيءَ ۽ ڏک جي مليل جُليل ڪيفيتن جي وچئون وِچ چيائين، ”واهہَ جو ملجي ها. سَيئي پيارا دوستَ گڏيا آهيو پر طبيعت ۾ مَزو صفا ناهي. هينئر بہ ڊاڪٽر ڏانهن نِڪتو پيو وڃان...... ڪنهن ٻئي دفعي.....“.

اسان، الطاف صاحَبَ سان نہ ملي سگهڻ جو ڏُک ڪَٽي سمنڊ ڏانهن رُخ ڪيو..... سمنڊ جيڪو سندس يا عُمر جو ساٿي رهيو آهي.

❊

سائين الطاف شيخُ عاشق ليکڪ آهي. هُنَ لکڻ جي ڪَمَ سان عشق ڪيو آهي ۽ فيض احمد فيض وانگر، زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي ”عشق“ کي اڌورو ناهي ڇڏي ڏنو. سيلاني ٻيا بہ

هوندا، جن سمونڊ جي سيوا ڪئي هوندي، پَرَ هِنَ انوکي سيلانيءَ جو ڏٺو آهي، سو لکيو آهي..... يا ائين چئجي، جو ڏٺو آهي، ان جو ڪجهه حصو لکيو آهي ۽ گهڻو گهڻو ڪجهه اڃان ڪيس لکڻو آهي. هُنَ بي تحاشا لکيو آهي، بيشُمار لکيو آهي ۽ سندس ڪا به لکڻي بي معنيٰ ناهي، بي مقصد ناهي. سندس لکڻيون ڄاڻَ ۽ دلچسپيءَ جو ڪاڪ ٽيل آهن. سندس لکڻيون بي پناهه پڙهيون وڃن ٿيون. سندس ڪِتابَ نوجوانن کي اتساهين ٿا، اُنهن لاءِ زندگيءَ جي ڪاري سمونڊ ۾ ڪنهن لائيٽ هائوس جو ڪم به ڪن ٿا. هُو سمونڊن ۾ مَڇين جا رَستا ته ڄاڻي ئي ڄاڻي ٿو پر هُو نوجوانن کي زندگيءَ جي سمونڊَ ۾ اڳتي نڪرڻ جا رَستا به ڏسي ٿو.

❋

سائين الطاف شيخَ جو جپان متعلق لکيل هيءُ ڪِتابُ، اسان تي جپان متعلق ڇا ڇا نه عجيب ڳالهيون مُنڪشف ٿو ڪري... حيرت تي ٿئي ته جپاني اَڄُ به ايترا وهمن وسوڙيل آهن، جو اَڄُ به جپاني نينگريون پنهنجيون ٽنگون ڊگهيون ۽ اکيون وڏيون ڪرڻ لاءِ تعويذَ استعمال ڪن ٿيون. جپاني واپاري ڪاروبار ۾ ترقيءَ ۽ جاپاني نوجوانَ امتحان ۾ پاس ٿيڻ، محبوب ۽ نوڪري ملڻ لاءِ تعويذن تي ڀاڙين ٿا...... ڪنهن دؤر ۾ پنهنجي جپاني ميزبان خاتون پاران هڪ هزار ينَ جو تعويذُ گفٽ ٿيڻ تي الطاف صاحب ڪيس چيو هو: ”مائي! اِنَ ڪان پلو هو ته هِڪَ هزار ينَ جو ٽيپ رڪارڊر ئي ڏئي ڇڏين ها.....“.

هن ئي ڪِتابَ ۾، سارِيُن جي رنگين ڀيجاري، Cube جي شڪل وارن هنداڻن ۽ مِنَن بصرن متعلق پڙهي، مان ته دلچسپيءَ جو نئون جزيرو ڳولي لڌو. مون کي اِها دلچسپ ڳالهه به هتي ئي ملي ته ”يَت ڪائو جپانين“ چانورن جي هِڪَ جنس جو نالو پنهنجي هڪ آڳاٽي شاعره ”ڪوماچيءَ“ جي نالي تي رکيو آهي. الطاف صاحب اِنهيءَ ڳالهه جي نسبت پنهنجي سنڌ سان، ڪيئن ٿو جوڙي:

”ڀيو نه تـرِاري ۽ ٻين نين پوکيل چانورن جي جنسن تي نالا، حميرا چنا يا عابده پروين جهڙين ڳائڻين جا رکيا وڃن ها، يا سحر امداد ۽ پروين شاڪر جهڙين شاعرائن جا“. (تازو ئي اِها خبر پڙهي، مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته هالا جي سنڌ جي ثقافتي ڪپڙن جي ڪنهن مرڪز ”الطاف شيخ“ جي نالي سان ڪپڙي جو ڪو نئون برانڊ متعارف ڪرائي، مارڪيٽ ۾ آندو آهي).

ڪوماچيءَ متعلق الطاف صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: ”جپان جي هيءَ شاعرا، جنهن جا عشقيه ۽ جذبات اپاريندڙ شعر امداد حُسينيءَ جي شعرن وانگر اڄ به جپان جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جون ڇوڪريون Quote ڪَن ٿيون“.

سائين الطاف شيخَ جي لکڻين ۾ اها خُوبي هوندي آهي ته هُو دنيا جهان جي ڳالهين جون ڳنڍيون کوليندي، منظرن، لقائن، حيرتن، واقعن، قصن، ڪهاڻين جي نسبت، ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان، پنهنجي سِنڌُ سان ضرور جوڙيندو آهي. دُنيا جو سمنڊ سمنڊ جهاڳيندي، هُنَ ڪٿي به سِنڌُ کي ناهي وساريو. سِنڌُ کي ساريندي، وري هُو پنهنجن سهيوڳي اديب دوستن کي به ساريندو ٿو رهي. هِتي به ائين ئي آهي:

”مائي ڪوماچيءَ جي جاپاني شاعريءَ جو انگريزي ترجمو مون ٻه جوانيءَ جي ڏينهن ۾، يعني 1970ع واري ڍاڪي ۾ وڏي شوقَ سان پڙهيو هو ۽ مون انهن ڏينهن ۾ شمشير الحيدريءَ، قمر شهباز ۽ تاج بلوچ جهڙن اديب دوستن کي به پڙهايو هو. ڪوماچيءَ جو هِڪُ شعر آهي ته:

تون اچين نه ٿو هھڙي ٻنان چنڊ واري رات جو
منھنجيون ڇاتيون اڌماپيون ڪائين
دل مُنھنجي ٻَري پئي.

انهيءَ مفهومَ جو شعر تاج بلوچ به ٺاهيو هو. جيڪو آئون پنهنجي ڪِتابَ ”پکي اڏاڻا پنهنجي ديس“ ۾ پڻ ڏئي چُڪو آهيان:

چَنڊُ ناهي ۽ نه آهي زندگي
تون ڪٿي آهين او منهنجي روشني!؟
راتِ ساري مون اکين ۾ آ ڪٽي
منهنجي ڇاتي سمنڊ جيئن ڇُلڪي پَئي
هجر ۾ دل ڪامي ۽ تڙپي پئي“.

سائين الطاف شيخ هن ئي ڪِتابَ ۾ جپان جي آڳاٽي شعري صنف ”وڪا“ جي گهاڙيٽي ۽ هيئت متعلق سمجهائيندي به ملي ٿو جيڪا اتفاق سان پاڻ وٽ ”هائيڪو“ وانگر مروج ٿي ناهي سگهي. انهيءَ حوالي سان، هِنَ ئي ڪِتابَ ۾ ڏنل، جپان جي نائين صدي عيسويءَ جي ذڪر ڪيل شاعره ”ڪوماچيءَ“ جو هِڪ ”وڪا“ پاڻ گڏجي پڙهئون ٿا:

گلن جا رنگ
مرجهائجي ويا
۽ آئون ٻنان مقصد جي
هن دنيا ۾ تڳندي رهيس
۽ مينهن وسندو رهيو

سائين الطاف شيخ جي ٻين ڪِتابن جيان هيءُ ڪِتابُ پڙهندي به، مون پنهنجو پاڻَ کي لُطف جي مختلف ذائقن سان رلمل ٿيندي محسوس ڪيو آهي. ڪٿي هي ڪِتابُ ڪنهن ناول جو چاڪليٽي ذائقو آڇيندي مليو ته ڪٿي گوگائي مِرچن جهڙي تاريخَ جا ڪَڙا ذائقا پلئه پيا. ڪيئي ريسرچ اورئنٽيڊ حقيقتون، نهايت سؤلي، ڪٽڙي منڙي ذائقي ۾ ائين مليون، جو هُوند، انهن موضوعن تي خشڪ ۽ ڳرا ڪِتابَ پڙهندي، مَٿو ياري ٿي وڃي ها.

هِنَ ڪِتابَ جا صرف ارپنا وارا صفحا پڙهندي، سائين الطاف شيخ هِڪَ وڏي خاڪا نِگار طور پڙهندڙ جي سامهون اچي ٿو جن صفحن ۾ هن پنهنجي ننڍپڻ جي دوست ”علي احمد ٻُلا“ جي زندگيءَ جو خاڪو چا تہ تفصيل ۽ ترتيب سان اُٽيو آهي.

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوئي بہ شڪُ ناهي تہ جَپانَ جي تاريخَ جي دلچسپ ڳلين مان، حقيقتن جا هي هيڏا سارا رنگ، الطاف صاحبَ، ٽيبل تي ويهي آسانيءَ سان ناهن لکيا. هِنَ هڪڙي ڪِتابَ پويان هڪ طرف سندس عُمر جي مشاهدن جون رنگ رنگ تصويرون آهن، تہ ٻئي طرف لاڳاپيل موضوعن تي سندس بي پناهہ مطالعو..... پر پوءِ بہ مون کي سندس ڪسرِ نفسيءَ تي حيرت ٿي. لکي ٿو:

”هڪ مئرين انجنيئر جي حيثيت ۾ آئون مئرين انجنيئرنگ تي غلط لِکان يا شاگردن کي غلط پڙهايان يا غلط جهاز هلايان تہ ان لاءِ آئون سزا جو حقدار آهيان. باقي تي ڏينهن ٽوڪيو جو سير ڪري، جيڪو ڪجهہ لکندس، اهو اهڙو ئي هوندو، جهڙو امداد حسيني، اياز گل يا زيب سنڌي ڏهہ ڏينهن پاڻيءَ جي جهاز ۾ سير ڪري، ان جهاز جي انجڻ بابت لکندا“.

الطاف صاحب حسبِ روايت هن ڪتاب ۾ بہ هڪ حَسين ۽ پُروقار قصہ گو واري ذِڪ ئي ڏئي رهيو آهي. هڪ اهڙو قصہ گو جيڪو جهڙوڪر باهہ جي مَچَ تي ويهي، پنهنجي چوڌاري ويٺل ماڻهن کي ڏورانهن ڏيهَن، اُتان جي بادشاهن، راڻين، شهزادن، شهزادين جا قصا ٻُڌائي رهيو آهي. اهڙو قصہ گو جيڪو سمنڊ جي دهشت يا ڪنهن ويراني جي وحشت متعلق ٻُڌائيندي، پنهنجي چهري جي ياوَن ۽ اکين جي رنگت سميت ان جو حصو بڻجي وڃي ٿو. ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍڻ ۽ ڳالهہ کي سؤلو ڪري ڏيڻ جو هُنر چا تہ ڏٺيءَ کيس ڏنو آهي. هُو جيڪا بہ ڳالهہ ڪٽي ٿو انهيءَ کي تير پتير ٻُڌائي ٿو. اُها اڌوري يا کُٿل کُٿل نہ ٿي هُجي........

الطاف صاحب صحيح معنيٰ ۾ ”ڳالهين جو ڳهير“ آهي. هو جڏهن پنهنجا چَپَ چوري ٿو تہ ڳالهيون قطار در قطار وٺس هٿ ادب جا ٻڌي بيهي ٿيون رهن.

جپان جي ”بيوا“ ڍنڍ ڪناري پَسارَ ڪندي، هائڪو لکندڙ مئتسو باشوءَ جو ذڪرُ جڏهن سائين الطاف شيخ ڪري ٿو تہ اُتي ئي سندس مَنَ ۾ ڪينجهر جا ڪنارا بہ جاڳي پون ٿا ۽ سندس مَنَ ۾ لطيف بہ مُرڪي پوي ٿو:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڻراءُ
اچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ناءُ
لڳي اتر واءُ، تہ ڪينجهر هندوڻئي

تاريخَ لطافتن ۽ تلخين جو حيرت ڪدو آهي. اوڻيهين صديءَ جي وِچ ڌاران (1854ع ۾) آمريڪين، جپانَ جي سَرزمين تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ، ان وقت جي جاپاني شهنشاهن جي مٿي تي هٿ گهمائڻ لاءِ کين ٻاڦ تي هلندڙ ريل جي انجڻ (Locomotive) تحفي طور ڏني هُئي. سموري دُنيا کان ڪَٽيل، خود ساختہ Isotation جي شڪار جاپانين لاءِ اُنَ وقت اِها انجڻ بہ بنهہ نئين، وڏي ۽

انوکي ڳالھ ھُئي؟!.... اَڄُ ڏيڏ، پوٽا بہ سؤ صدين کانپوءِ جاپان ٽيڪنالاجيءَ جي ميدانَ ۾ ڪٿي بيٺو آهي؟! اهو اسان سَڀُ ڄاڻون ٿا.

سائين الطاف شيخ جاپان ۾ اسلام جي ڦهلاءَ کان وٺي، اتان جي محلاتي سازشن تائين، ڇا تہ خُوب لکيو آهي. جاپان جي شاهي محلن ۾، سندس لفظن ۾ ٽيندڙ ”ريزڪي ڏنڏن“ متعلق لکندي ھُو خير النساءِ جعفريءَ، ماڻڪ ۽ نور الهديٰ شاھ جي ڪهاڻين ۾ موجود ”حويلين“ جو بہ بَرِ سبيل ذڪر ڪندي ملي ٿو.

جپان ۾ ننڍي ڪنڌجي ماڻهن جي آمد ۽ اُتي سِنڌيُن جي پيرَ ڄمائڻ وارا قصا بہ مون لاءِ گهڻو دلچسپيءَ جو سبب بڻيا رهيا.

جپان جي بدنام ٽولي ”ياڪوزا“ جي ڪار گذارين متعلق پڙهندي، مون کي پنهنجي ڪراچي ياد ايندي رهي، جتي پڻ ڪيئي ڌاڪن تائين ”خلق جي خدمت“ جي نالي ۾ خلق جا ڪنڌا ڪنيان ويا.

جپاني، ڪارجيت پسند (utalitirian) تہ آهن ئي آهن. عام استعمالَ جي شين کان وٺي، ڪائڻ پيئڻ جي شين تائين، ھُو ڪو بہ ذرو پُرزو ضايع ڪرڻ جي حق ۾ ناهن. ھُو صحيح معنيٰ ۾ ”مِٽيءَ کي سون بنائڻ“ واري قومَ آهن. شين کي re-cycle ڪري، شين مان شيون ۽ شين مان شيون ٺاهڻ بہ ڪوئي ڪانئن سکي. بلڪل ائين، الطاف صاحب جي زباني خبر پئي تہ جپان هڪ ڪکڙ ڪُهڻ کانپوءِ ان جي چنبن، چهنب کان وٺي ڪَنين ۽ بُجن تائين کي بہ، ضايع ٿيڻ نہ ٿا ڏين. ڳالھ جو دنگ سائين الطاف شيخ جي انهيءَ خوبصورت جُملي تي ٿو ٿئي تہ: ”جپان ۾ ڪکڙ تي ڇري ڦيرڻ مهل، صرف ان جي رڙ ضايع ٿئي ٿي“.

زندگيءَ جي هَڙُ وٺ ۾ انسان بہ جهڙوڪر نِستو ٿي ٿو پَوي ۽ پوءِ اُهو ڪنهن ڏورانهين بندر تي پنهنجي زندگيءَ جي بحري جهاز کي لنگر انداز ڪري، اُنَ جي ”ڊراءِ ڊاڪنگ“ چاهي ٿو. مون جڏهن بہ سائين الطاف شيخ جو ڪوئي ڪِتابُ پڙهيو آهي، ائين محسوس ڪيو آهي، ڄڻ منهنجي مَنَ جي بحري جهاز جي ”ڊراء ڊاڪنگ“ ٿي هُجي..... ۽ هُو ڪنهن نئين سفر لاءِ سانباهو ڪندو هُجي.....

**امر اقبال**

1 جنوري 2021ع

ـ چنا هائوس، نيو شهباز ڪالوني
خيرپور ميرس ـ سنڌ
0331-30670967

# سمنڊ جي سيوين....

شيخ اياز جي لفظن ۾ "سنڌ جي ابن بطوط" الطاف شيخ سان منهنجي آشنائي ان وقت کان وٺي آهي، جڏهن مون پهريون ڀيرو هن پاران پرڏيهي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو "انامڪا" پڙهيو هو. اهو ڪتاب مون کي اتر سنڌ جي اونهارن ۾ مليو هو. اها موسم جنهن ۾ صرف انب نه پچندا آهن، پر ماڻهو به ٽچڪندا آهن. پر رات جي پهرين پهر ۾ جڏهن مان ان ڪتاب ۾ لکيل لفظ پڙهندو هوس، تڏهن مون کي ايئن محسوس ٿيندو هو ته ڪوئيتا پار کان ايندڙ هوا جا رستا کلي ويا آهن .

سنڌي ٻوليءَ جي تمام گهڻي رومانوي شاعر امداد حسينيءَ جا اهي ٻول ته مون ڪافي وقت کان پوءِ پڙهيا هئا ته:

"آءُ ته روح جا دروازا کلن
هير گُهلي!

۽ شيخ اياز جا اهي لفظ به منهنجين اکين ۾ گهڻي وقت کان پوءِ لٿا هئا ته:

"هر پُور پگهر ۾ آلو آ
آ ٿامي جهڙو سچ ٽٽو
پر مون وٽ جيءُ جهڙالو آ".

انهن ٻنهي ٻولن کان اڳ لفظن ۾ لڪل فرحت کان مون کي آشنا ڪرائڻ وارو اديب اهو الطاف شيخ آهي، جيڪو هڪ عجيب قسم جو جهازي رهيو آهي. اڪثر جهازين جي باري ۾ اهو تصور ڪيو ويندو آهي ته هو اڻ مليل عورتن ۽ اڻ ڏٺل ساحلن سان ملي انهن کي چڱيءَ ريت ڏسي پسي ائين وساري ڇڏيندا آهن، جيئن ٻار صبح جو رات وارا سپنا وساري ڇڏيندا آهن. اهي جهازي جن جا پير پاڻيءَ تي ترندڙ جهاز مٿان هوندا آهن، انهن کي دنيا جي هر ملڪ جي شراب ۽ شباب جو ذائقو چکڻ جو شوق هوندو آهي. پر مون کي محسوس ٿيو آهي ته سنڌ ۾ سڀ کان گهڻو لکندڙ ۽ سڀ کان گهڻو پڙهيو ويندڙ اديب الطاف شيخ هڪ عياش جهازي ناهي. هن جي ذات ۾ ايتري معصوميت آهي، جيتري معصوميت ننڍڙن ٻارن ۽ معصوم پکين ۾ هوندي آهي. مون کي هن جي لاءِ لکندي ايئن محسوس ٿي رهيو آهي ته جڻ مان ڪنهن پکيءَ جي پرن تي ڪجهه لکي رهيو هجان يا ڪنهن ٻار جي ٻانهن تي نيري رنگ واري پين سان ننڍڙي واچ ٺاهيندو هجان!

وقت ڇا هي؟ مون کي موقعو ۽ مهل ملي ته اهو سوال مان ان شخص کان ضرور پڇا ڪندس، جنهن ڪيئي سال کارو ڪيڙيو آهي. جنهن نه صرف سمنڊ جي ڇولين جون ٻوليون ٻڌيون آهن، پر هن کي معلوم آهي ته ڪڏهن سمنڊ کي ڪاوڙ ايندي آهي ته اهو ڪيئن ڳالهائيندو آهي؟..... هن کي خبر پتو آهي ته جڏهن سمنڊ کلندو آهي ته هن جا ٽهڪ ڪليل آسمان جي هيٺان ڪيئن گونجندا آهن؟ هن کي پروڙ آهي ته سمنڊ سموري ڏينهن جي لوچ پوچ کان پوءِ سمهي پوندو

آهي تہ هن جي ساهن جو سرگرم ڪيئن وجندو آهي ۽ هو ڇاڻي ٿو ڇو تہ هن ٻڌو آهي، جڏهن پڻ جهڻ ڪندي سمنڊ گهميل هوائن ۾ اڪيون مهتي اٿندو آهي. هن سمنڊ جا سمورا روپ سروپ پسيا آهن. هن جي سمنڊ سان پراڻي ياري آهي. هو ساحلن تي گهٽ ۽ سيرن تي وڌيڪ ستو آهي. هن کي ڇولين جي ڇم ڇم جو پتو آهي. هو هر ملڪ جي سمنڊ جي ڇولين جي پير جي ڇير جو آواز اڪيون ٻوتي سڃاڻي سگهي ٿو. هن کي پتو آهي تہ هر سمنڊ هڪ جهڙو نہ هوندو آهي. دنيا جو هر ساگر الڳ هوندو آهي. الڳ هوندو آهي هن جو روپ ۽ هن جو رنگ، هن جو ڍنگ، هن جو امنگ، هن جو بدن ۽ هن جو روح!!

صرف ناريون الڳ الڳ نہ هونديون آهن، پر ناڪئن کي معلوم هوندو آهي تہ هر ساحل جو سواد ٻي ساحل کان گهٽو متيل هوندو آهي. هو آبي حياتيات جو ماهر ناهي، پر هن کي معلوم آهي تہ نہ صرف دنيا جي هر مڇيءَ جو مزو نہ، پر هن جو مزاج بہ مختلف هوندو آهي. فراءِ پيين ۾ پچندڙ هر مڇيءَ جو سواد الڳ ان ڪري هوندو آهي، جو نہ صرف هن ۾ هر سمنڊ جو پاڻي ئي نہ، پر ان پاڻيءَ ۾ موجود ٻڳلين ۾ بہ هن جي هلڻ جو انداز الڳ هوندو آهي.

مون کي هن سان ڪڏهن ويهي ڪنهن ڪچهريءَ نما ڏکهي انٽرويوءَ جو اهتمام بہ ڪرڻو آهي. مون کي هن کان پڇڻو آهي تہ سفر جي هر سيزن الڳ الڳ هوندي آهي يا اها هڪجهڙي هجي ٿي؟ مان هن کان معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان تہ ان وقت ڇا محسوس ٿيندو آهي؟ جڏهن وچ سمنڊ هلندڙ جهاز مٿان لاڳيتو مينهن وسندو آهي؟ ساموندبيڪو سفر ڪيترو ٿڪائيندڙ هوندو آهي؟ ان سفر ۾ ماڻهوءَ جا موڊ ڪيئن ڦرندا گهرندا آهن؟ ان سفر ۾ گهر جي سار ڪيئن ايندي آهي؟ ڪيئن ڪڏهن نظر ايندڙ ۽ ڪڏهن نظر نہ ايندڙ هڪ عجيب قسم جي مايوسي ڪيفيت جي ڪوٺ ۾ سڪل گل وانگر اٽڪي پوندي آهي؟

مان هن کان معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان تہ سمنڊ ۾ سڪي ديس جي سار ڪئين ايندي آهي؟ ان آلي ۽ نرالي سفر ۾ مسرتن جون صورتون ساڳيون هونديون آهن؟ يا اهي هر هر روپ مٽائي موٽنديون آهن؟ ڇا ساموندي سفر ۾ وقت ويٺيءَ ۾ ٻڌل واچ جو محتاج هوندو آهي يا گهنگهور گهٽائن هينان گهڙيءَ جا ڪانٽا وهلور هليا ويندا آهن؟

مون کي هن سان ملڻو آهي ۽ هن کان صرف انهن ساحلن جي باري ۾ نہ پڇڻو آهي، جيڪي سمنڊ جي ڪناري تي هوندا آهن پر مون کي هن کان انهن ساحلن جو پتو بہ پڇڻو آهي، جيڪي سمنڊ اندر هوندا آهن ۽ صرف هڪ جهازيءَ جون جهانوريل اکيون، انهن کي پاڻيءَ هيٺ بہ پسي سگهنديون آهن.

جهازي هجڻ ۽ مسلسل سفر ڪرڻ جو مطلب صرف ايترو ناهي، جيترو الطاف شيخ پنهنجن ڪتابن ۾ پيش ڪيو آهي. هن سمنڊ ۽ ساحلن جي جڳ ۾ ايترو ڪجهہ ڏٺو آهي، جنهن جو هن صرف پنج سيڪڙو مشڪل سان بيان ڪيو هجي. مون کي انهن ماڻهن جي مٿان اچرج محسوس ٿيندو آهي، جيڪي سوچيندا آهن تہ الطاف شيخ آخر ايترا ڪتاب لکڻ باوجود ڪُتي چو نہ ٿو؟ ان جو هڪ جواب تہ اهو آهي تہ هن جو من ان سمنڊ جهڙو آهي، جنهن جو هڪڙو ڪنارو ٻي ڪناري

ڪان گهڻو دور آهي. هن جي سيني ۾ ساموندي سفرن جا ايترا تہ داستان آهن، جن مان صرف ڪاغذ مٿان ڪجهہ پيش ڪيا آهن .

مون ٻڌو آهي ۽ ممڪن آهي تہ ٻڌن جي ملڪن ۾ اها ڪهاڻي الطاف شيخ بہ ٻڌي هجي تہ هڪ پيري گوتم ٻڌ پنهنجي تمام ويجهي چيلي آنند سان گڏ هڪ وستيءَ ڪان ٻي وستيءَ ۾ وڃي رهيو هو. اهو شام جو وقت ۽ پن ڇڻ جي موسم هئي. هڪ وستيءَ ڪان ٻي وستيءَ واري سموري واٽ سڪل پنن سان پريل هئي. هلندي هلندي آنند پنهنجي گروءَ گوتم ڪان پڇا ڪئي تہ "اسان کي اوهان ايترو ڪجهہ ٻڌايو آهي. اوهان اسان جي زندگيءَ جي هر رخ ۾ رهنمائي ڪئي آهي. مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ايتري ساري معلومات ڏيڻ ڪان پوءِ اوهان وٽ پوئتي ڪيتري ڄاڻ بچي آهي؟ مون کي ٻڌايو تہ اوهان اسان کي ڪيترو علم ڏنو آهي ۽ اوهان وٽ اڃان ڪيترو علم باقي پويان بچيو پيو آهي؟".

چون ٿا تہ آنند جي ڳالهہ ٻڌي گوتم ٻڌ هڪ گهڙيءَ جي لاءِ ترسي پيو. هو نوڙي هيٺ جهڪيو. هن سڪل پنن جي مٺ هٿ ۾ ڪنئي ۽ آنند ڪان پڇيو تہ "منهنجي مٺ ۾ ڪيترا پن آهن؟". آنند چيو تہ "اوهان جي هٿ ۾ ويهہ پنجويهہ پن ٿي سگهن ٿا". گوتم آنند ڪان پڇيو تہ "هن جهنگ ۾ ڪيترا پن آهن؟". آنند جواب ڏنو تہ انهن پنن کي ڪوئي ڳڻي نہ ٿو سگهي. هن ٻيلي ۾ اڻ ڳڻيا سڪل پن آهن". گوتم چيو تہ "مون اوهان کي جيڪا معلومات ڏني آهي، اها ايترن پنن جيتري آهي، جيڪي منهنجي مٺ ۾ آهن ۽ اڃان مون وٽ ايتري معلومات آهي، جيترا هن جهنگ ۾ سڪل پن ٽڙيا پکڙيا پيا آهن".

مون کي بہ اهو محسوس ٿيندو آهي تہ الطاف شيخ اسان کي تمام ٿورو ٻڌايو آهي. هن جي دل ۾ اڃان ڪيترائي داستان آهن، جيڪي هن پني تي نہ لکيا آهن .

منهنجي شديد خواهش آهي تہ مان هن سان ڪجهہ ڏهيون ڪچهريون ڪيان ۽ هن جي داستانن جي دنگيءَ چڙهي دور دور تائين وڃان ۽ هن ڪان انهن ڪهاڻين جو پتو پڇان، جيڪي هن ڪنهن بہ سبب جي ڪري پني تي نہ لاٿيون.

هڪڙن داستانن ۾ حالن احوالن جا مسافر ساحل تي لهي آيا، پر جن ڪهاڻين جا مسافر اڃان جهاز تي آهن، انهن جي باري ۾ هن ڪان پڇا ڪرڻي آهي. هن ڪان گهڻيون ڳالهيون معلوم ڪرڻيون آهن. هو اسان جو درياهہ نہ پر اسان جو سمنڊ آهي. اهو سمنڊ جيڪو انت اٿاهہ آهي. ان سمنڊ ۾ گهڻو ڪجهہ آهي.

الطاف شيخ ان سمنڊ کي پنهنجي سيني ۾ لاٿو آهي. ان سيني ۾ هن جي دل جي ٻيڙي لکڻ جي لحاظ ڪان ننڍڙا سفر ڪيا آهن. اسان چاهيون ٿا تہ هن کي پڙهندي وڏي تي ويل سنڌ هاڻي انهن ڪهاڻين جي باري ۾ ڄاڻي، جيڪي گهڻو ڪري لڪايون ويندڙيون آهن.

لطيف ان سلسلي ۾ ڪهڙو نہ سهڻو لکيو آهي تہ:

اوريان ئي آٽين، ميڙيو معلم خبرون
سا تان سڌ نہ ڏين، جتي وير ويڌ ڪري

سنڌ هاڻي هن ڪان اهو ڪجهہ پڇڻ چاهي ٿي، جيڪو هن پوري طرح سان کولي بيان نہ ڪيو آهي .

الطاف شيخ لکڻ پڙهڻ جي دنيا جو صرف ساقي ناهي، پر هو پنهنجي وجود ۾ وڏو مئخانو آهي. اهڙو مئڪدو آهي، جنهن ۾ هر قسم جو مڌ پيريو رکيو آهي. سنڌ جي ساجاهہ هاڻي هن جي تلخ شرابن جي وَٽ ونڻ چاهي ٿي.

**اعجازمنگي**
**ڪراچي**

# محبتن جو سفير

سنا ڪتاب سٺن دوستن وانگر هوندا آهن. جيڪي ذهن کي تازو توانو ڪري ڇڏيندا آهن. هر پڙهئي لکئي ماڻهوءَ جي آخري پناهه گاهه سنا ڪتاب ئي هوندا آهن ۽ جن ماڻهن کي ڪتابن ۾ پناهه ملي ويندي آهي، اهي پنڪڻ ڇڏي ڏيندا آهن.

سال 1987ع ۾ جڏهن مون سنڌي ادب پڙهڻ شروع ڪيو ته شايد پهريون ڪتاب سائين الطاف شيخ جو سفرنامو هو ۽ پوءِ هڪ ٻئي پٺيان سندس جيڪي سفرناما مارڪيٽ ۾ ايندا هئا، نهايت شوق سان پڙهندي هيس ۽ جڏهن ڪتاب هٿ ۾ ڪڻندي هيس ته اڌ ۾ ڇڏڻ تي دل نه چوندي هئي. الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ حقيقت پسنديءَ سان گڏ اهڙي رنگين فينٽسي هوندي هئي، جيڪا پڙهڻ تي مجبور ڪندي هئي. شايد اِها ئي خاص ڳالهه آهي جو الطاف شيخ جا سفرناما وڏيڪ پڙهيا وڃن ٿا ۽ هڪ وسيع حلقو آهي، جيڪو نه صرف هن سان محبت ڪري ٿو پر سندس ڪتابن کي به دل ۾ جاءِ ڏئي ٿو. ڪنهن ماڻهوءَ جي ايتري عوامي سڃاڻپ ئي ان جي مقبوليت آهي.

الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ پنهنجائپ واري سادي سلوڻي ٻولي به پڙهندڙ کي پنهنجي طرف نه فقط ڇڪي ٿي، پر مڪمل گرفت رکي ٿي. نيون نيون ڳالهيون ۽ انوکا واقعا ڏئي، هو اسان کي گهر ويٺي دنيا جو سير ڪرائي ٿو. اهڙي خوبصورت منظر نگاري، جڻ اسان به ساڻس گڏ گهمون پيا.... ۽ اها سفرنامي جي خاص خوبي هوندي آهي، ته هو پڙهڻ سان گڏ توهان کي اهو منظر اکين آڏو پسائي. مون الطاف صاحب جا ڪجهه ڪتاب پڙهيا آهن. جن ۾ سفر دوران پيش آيل واقعن يا حالتن جو بيان ته آهي ئي، پر ان سان گڏ ان مقام جي تاريخ جو احوال پڻ مفصل طور ڏنل آهي. الطاف صاحب جو هر سفرنامو پنهنجي بيان ۾ هڪ ترتيب، نفاست ۽ شائستگيءَ جو مظهر ۽ دلچسپيءَ جو سامان پڻ مهيا ڪندڙ آهي. سندس سفرنامن ۾ اهي سڀ لوازمات موجود آهن. ان ڪري پڙهندڙ جڏهن پڙهي ٿو ته ان مان پورو حِظُ ته حاصل ڪري ٿو پر معلومات پڻ پرائي ٿو.

سنڌ شعور جو محور رهي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي تخليق جا روشن سج وقت به وقت پنهنجي سهائيءَ سان نمودار ٿيندا رهيا آهن ۽ تاريخ جي سيني تي ذات جي آڳرين سان اڪرجڻ لڳا آهن. جن جي وضاحت 'وقت' پنهنجي ئي واتان ڪرڻ لڳندو آهي. ليڪ ڪوئي به هجي هو. انهن پرڏيهي پکين جيان هوندو آهي، جيڪي پرڏيهي پکي ڪنهن به ٻي ڏيهه ويندا آهن. ته اتي جيڪو قرب پسندا آهن، اهو حال پنهنجي ديس وڃي ٻين سانگين ساڻ اوريندا آهن. ليڪ وٽ صرف محبت جو پاڳو سبيل هوندو آهي. اهڙين ئي محبتن جو سفير اسان جي سنڌ جو معروف ليڪ سائين الطاف شيخ پڻ آهي، جيڪو هن وقت تائين بنا ساهيءَ جي سفر ڪندو رهي ٿو. جسماني به ته سوچ ۽ فڪر جو به. پنڌ ڪندي ٿڪيو ڪونه آهي، انهن پکين جيئن...... جنهن ملڪ

۾ ويو. اتان جو قرب، محبت، ثقافت، سماج قانون سڀ جو سڀ پنهنجن سفرنامن جي ڪتابن ۾ اظهاري، سُتن کي سُرت ڏيندو رهي ٿو.

سني ڳالهہ اها آهي تہ الطاف شيخ صاحب جا ڇپيل ڪتابي صورت ۾ سفرناما سنڌي اخبارن ۾ ڇپبا رهيا هئا، جن کي عام ماڻهو هفتيوار پڙهندو رهندو هو. پر خبر ناهي اهو سلسلو ڇو بند ٿيو؟ مون کي الطاف شيخ ۾ قوم جو درد محسوس ٿيندو آهي. ڪيس سنڌ جي تعليم جو وڏو فڪر رهندو آهي. اهائي سچي قلمڪار جي سڃاڻپ آهي تہ هو پنهنجي ديس جي آئيندي کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

منهنجي لاءِ اهو اعزاز آهي جو الطاف شيخ جي ڪتاب تي چار سٽون لکي رهي آهيان. الطاف شيخ جي سفرنامن جي اها بہ هڪ خوبي آهي تہ بنا تصويرن جي بہ جيڪڏهن سندس لکيتون پڙهبيون تہ انهن ۾ پڙهندڙن کي خيالي تصويرون ذهن ۾ اڀري ايندليون. اها ئي سفرنامي جي سوڀ آهي تہ پڙهندڙن کي منظرن ۾ محو ڪري ڇڏي. اهي سارا گڻ الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ ملن ٿا.

مون کي پڪ آهي تہ الطاف شيخ صاحب جي اڳوڻن ڪتابن جيان هيءُ ڪتاب پڻ ڪارج پريو ثابت ٿيندو.

**فرزانہ شاهين**

ڪراچي

# سفرنامو

# تعويذن ۽ فالن جي دنيا ـ جپان

جپان ۾ ٺهندڙ سِيڪو ڪئسيو اورينٽ ۽ سٽيزن نالن جهڙين واچن، ياشيڪا، ڪئنن، چيوڪو ۽ مِنولٽا جهڙين ڪئميرائن، ياماها، ڪين ووڊ ۽ هٽاچي اسٽريو سسٽم ۽ ويندي ٽويوٽا، سوزوڪي، متسوبشي ۽ هونڊا جهڙين ڪارن جي ڪري، اسان جپان مان ڏاڍو متاثر هئاسين، ته هي ملڪ جنهن جي جنگ هارائڻ بعد حالت خراب ٿي وئي هئي، ان ايڏي ته ترقي ڪري ورتي آهي، جو سڄي دنيا جا ماڻهو سئٽزرلئنڊ جون واچون، جرمنيءَ جون ڪئميرائون، فرانس جا ريڊيا ۽ آمريڪا جون ڪارون ڇڏي، هر شيءِ جپان جي خريد ڪري رهيا آهن ....

هيءَ 1960ع واري ڏهاڪي جي ڳالهه آهي، جڏهن ٽيپ رڪارڊرن، ويڊيو ۽ ڪمپيوٽرن جهڙيون شيون اڃان ايجاد نه ٿيون هيون.... ۽ پوءِ جڏهن اسانڪي جهاز هاڪاري ٽوڪيو، يوڪوهاما، اوساڪا، نگويا، ڪوبي ۽ جپان جي ٻين بندرگاهن ۾ اچڻو پيو، ته جپاني ريل گاڏيون، جپاني روڊ رستا ۽ جپاني ماڻهو ڏسي حيرت ٿي، ته هو ڪيترو نه ماڊرن ۽ سڌريل آهن! ائين به ناهي ته ڪو اسانجو ٽنڊي آدم کان ٽوڪيو يا سڄاول کان ساسيبو اچڻ پئي ٿيو، جو اسان کي ٿارو شاهه، ڪوٽڙي ۽ سانگهڙ جي مقابلي ۾ جپان جا شهر شمونوسيڪي، ڪيوٽو ۽ هيروشيما جديد پئي لڳا. جپان اچڻ کان اڳ آئون ٿي سال انهن جهازن تي رهيس، جن جو آمريڪا ۽ يورپ وڃڻ ٿيو پئي ۽ منهنجو نيويارڪ ۽ نيو اورلينس کان هئمبرگ ۽ هيلسنڪي، وئنڪوئر ۽ لاس اينجلس کان لنڊن ۽ بارسلونا جهڙن شهرن ۾ اچڻ وڃڻ ٿي چڪو هو..... پر اتي توڙي آفريڪا ۽ عرب ملڪن ۾ جپاني شيون ڏسي، نه رڳو اسان، پر انهن ملڪن جا ماڻهو به جپانين جي تعريف ڪندا هئا ته ڇا ته هنن جو دماغ آهي جو هو هر شيءِ نه فقط ٺاهين ٿا، پر دنيا جي ٻين ملڪن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سهڻي، هلڪي ۽ سستي پڻ!

۽ پوءِ جپان ۾ اچي جيتوڻيڪ ڀرين ڏيک ۾ جپانين لاءِ اها ئي ڳالهه دماغ ۾ ويٺي، ته هي ماڻهو ته نه آهن پر مشينون آهن، جيڪي هر وقت ڪارخانن ۽ فئڪٽرين ۾ پورهئي ۾ مشغول رهن ٿا ..... پر پوءِ سگهوئي، جيئن جيئن اسانجو هر هر دفعي جپان اچڻ شروع ٿيو ۽ جهاز جي اندرين دنيا کان علاوه ٻاهر جي دنيا ۽ عام ماڻهن سان واسطو ٿيو، جپان جي شهري زندگيءَ کان اڳتي ٻهراڙيءَ جو به سڌ سماءُ ملڻ لڳو... سڀ کان وڏي ڳالهه، ٿوري گهڻي جپاني سکي پياسين ته اسان کي جپان، آمريڪا ۽ يورپ کان وڌيڪ جديد ته ضرور لڳو پر رسمن، رواجن، عقيدن، وسوسن، ڏند ڪٿائن ۽ ڌرمي اعتقادن ۾ جپاني ماڻهو اسان جي سنڌ ۽ بنگال جي ڳوٺاڻن کان به ٻه رتيون وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳا .... ٽن چئن جو گڏجي فوٽو نه ڪڍائڻ .... ڪاري ٻليءَ جي رستي ٽپڻ تي بد حواس ٿيڻ.... جنن ڀوتن ۽ بد روحن کي ڀڄائڻ لاءِ گهر جي چوڌاري لوڻ ٻُرڪڻ، عورت مان غيبات ڪيڻ لاءِ "اناري جنجا" (لومڙ جي مندر) مان ٻائي کان ڦيٽو پڙهائڻ .... ٻائي جي غير موجود هجڻ تي هن کي

اماڙيءَ (پرندڙ ڪانيءَ) سان ڏنپڻ وغيره وغيره .... ڏٺو وڃي ته اهي ڳالهيون ته اسان جي ٻهراڙين ۾ عام آهن، جتي تعليم نه آهي، جتي جي دنيا جديد ناهي. اسان وانگر جپان ۾ به عورت ذات کي نيچ سمجهيو پئي ويو.... هاڻ مڙيئي جپاني مردن ۾ ماڻهپو آيو آهي، نه ته 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن تائين به اسان جپاني عورتن جي ڪسمپرسيءَ واري حالت ڏٺي .... ڪيترن هنڌن تي عورتن جي داخلا ممنوع هوندي هئي.... فيوجي جبل ۽ گرم چشمن تي به هاڻ عورتن کي ڇڏيو ٿو وڃي، نه ته هنن کي اهڙين جاين لاءِ ناپاڪ سمجهيو ويندو هيو.

ايتري قدر جو نئين جهاز جي ٺهڻ يا ڪنهن پراڻي جهاز جي مرمت دوران شپ يارڊ جي جپاني انتظاميا چوندي هئي ته زالن کي جهاز جي ڊاڪڻ نه چڙهڻ ڏيو. منهنجي خيال ۾ هيءَ ڳالهه آئون شايد پهرين به لکي چڪو آهيان، ته هڪ دفعي اسانجو جهاز ساليانو سروي (چيڪ اپ) ۽ مرمت لاءِ ناگاساڪيءَ جي متسوبشي شپ يارڊ ۾ آيو. رستي تي ”سائوٿ چائنا“ ۽ خليج بنگال واري سمنڊ اسانجي جهاز کي خوب ستيو هو. جهاز جا ٻاهران رنگ روغن ته لهي ويا هئا، پر سندس جسم (Hull) جي اڳئين حصي ۾ ڄڳهه (Dents) به پئجي ويا هئا. هانگ ڪانگ بعد انجڻ جو به بريڪ ڊائون ٿي پيو. مين انجڻ جي ڇهن سلينڊرن مان هڪ ڪرئڪ ٿي پيو. سمنڊ تي 24 ڪلاڪ ڪن مٿا ڪٽ ڪئيسين، پر رف سمنڊ هجڻ ڪري اسان سلينڊر بدلائي نه سگهياسين. سو اهو يونٽ ڪٽ آئوٽ ڪري باقي پنجن پسٽنن تي جهاز کي جپان وٺي آياسين. جپان جي مختلف بندرگاهن: ڪوبي، اوساڪا ۽ ساسيبو ۾ سامان لاهي، خالي جهاز کي ناگاساڪيءَ وٺي آياسين، جتي جي متسوبشي نالي شپ يارڊ ۾ اسان جي جهاز جي مرمت جي ائڊوانس ۾ بڪنگ هئي. ڳري مرمت جي حالت ۾ جهاز جي سڄي عملي کي هوٽل ۾ رهائڻ جو بندوبست هوندو آهي. جهاز جا ڪيترائي آفيسر ٻارن ٻچن سان هئا. اهي به هوٽلن ۾ پئي رهيا. ڪيترن جون زالون مرمت دوران جهاز تي به آيون پئي، جو اسان جو سامان ته جهاز جي ڪمرن ۾ ئي هو. جپاني ان کي سخت بد سنوڻ سمجهندا هئا. مونکي به شپ يارڊ جي هڪ پوڙهي انجنيئر سمجهايو ته آئون پنهنجي زال ۽ ٻين جي زالن کي منع ڪريان، ڇو جو انهن جي اچڻ ڪري جهاز تي بد روح اچيو وڃن ۽ پوءِ سمنڊ تي انجڻ جي خراب ٿيڻ تي مون کي منهن کي ڏيڻو پوندو، جو مان ئي ”ڪِي ڪانچيو“ (چيف انجنيئر) هيس.... اناتانو فوني نوڪِي ڪانچيو...

آئون کلندو رهيس .... پر ٿوري دير بعد وري ساڳي ڳالهه تي زور ڏنائين، ته نيٺ چيومانس ته، هو ان جو فڪر نه ڪري.... اسانجي ملڪ جا ماڻهو انهن ڳالهين کي ڪا اهميت نٿا ڏين ۽ ٻي ڳالهه ته اهو ڪهڙو Voyage (سامونڊي سفر) آهي جنهن ۾ طوفان نه لڳندا هجن.... جنهن ۾ انجڻ جا مسئلا درپيش نه ايندا هجن؟

مونکي ”ڪوڪلي“ نالي هڪ جهاز ياد آيو جيڪو ايڏو پراڻو ۽ گهٽ سهولتن وارو هو جو هن ۾ ڪنهن به آفيسر جي فئمليءَ سفر ڪرڻ جي همت نه پئي ساري. ڪراچيءَ کان چٽگانگ، ڏهن ڏينهن جي سفر ۾ ان جهاز جي ڏهه دفعا انجڻ خراب ٿي ۽ اسانکي سمنڊ تي ان کي نيڪ ڪرڻو پيو. ڏٺو وڃي ته ان سفر ۾ ته جهاز تي ڪا به عورت نه هئي.

بهرحال ڄپانين جا اهي وهم، وسوسا ۽ ريتون رسمون ڪجهه ڏينهن ڄپان گهمڻ لاءِ آيل ٽوئرسٽ نه ٿو محسوس ڪري، پر اسان جهڙا جهاز جي نوڪري ڪندڙ جن جو بار بار ڄپان اچڻ ٿئي ٿو اهي، يا اُهي ڌاريا محسوس ڪري سگهن ٿا، جيڪي وڏي عرصي لاءِ ڄپان ۾ مڪاني ماڻهن سان رلي ملي رهن ٿا.

هڪ دفعي مون يوڪوهاما ۾ سيڪنڊ هئنڊ ڪار خريد ڪئي، جنهن کي پنهنجي جهاز تي پاڪستان کڻي اچڻ لاءِ پنهنجي لوڪل آفيس مان ڪاغذ پٽ ڀرائڻ لاءِ ياماشيتا پارڪ وٽ سلڪ بلڊنگ ۾ آيس، جتي جي ٽرڊ فلور تي اسان جي جهازران ڪمپنيءَ جي آفيس هئي. اتي ناگوڪو نالي ڪلارڪ ڇوڪريءَ کي ترجمي ڪان علاوه انگريزيءَ ٽوڙي ڄپانيءَ ۾ ٽائيپ ڪرڻ آئي پئي. مون آفيس اسسٽنٽ کان ”مس يوشيدا“ جو پڇيو. ”ناگوڪو“ جي ذات ”يوشيدا“ هئي ۽ اسان سيني ڪيس سندس ذات سان ”مس يوشيدا“ پئي سڏيو يا ڄپانيءَ ۾ ”يوشيدا سَان“ چيو ٿي. ڄپانيءَ ۾ مرد ٽوڙي عورت يا ڇوڪريءَ کي محترم، محترما يا مِس چوڻ لاءِ هڪ ئي لفظ ”SAN“ استعمال ٿئي ٿو.

”ناگوڪو پنهنجي امتحان جي سلسلي ۾ ٽوڪيو وئي آهي“. اسسٽنٽ ٻڌايو.

ناگوڪو اسڪول مڪمل ڪرڻ بعد هتي ڪلارڪ اچي ٿي هئي. گذريل دفعي اسانجو جهاز يوڪوهاما آيو هو ته هن پاڻ ئي اسانکي ٻڌايو ته هوءَ نوڪريءَ سان گڏ پنهنجي تعليم کي به جاري رکيو ويٺي آهي. اسسٽنٽ جي اِهو ٻڌائڻ تي ته هوءَ امتحان جي سلسلي ۾ ٽوڪيو وئي آهي، آئون سمجهي ويس، ته هوءَ ٽوڪيو جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ وئي هوندي. ٽوڪيو يوڪوهاما کان گهڻو پري ناهي. چاليهه ڪن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. يعني حيدرآباد کان ٽنڊو ڪيبر جيترو يا کڻي سمجهو ته لاڙڪاڻي کان باڊهه جيترو. لوڪل بس اڌ ڪلاڪ پئي ورتو.

”ٽوڪيو يونيورسٽي وئي هوندي؟“. مون پڪ ڪئي.

”نه سينسوجي مندر ۾ وئي آهي، جيڪو ٽوڪيو جي اساڪسا علائقي ۾ آهي“. هن ٻڌايو.

”مندر ۾ وئي آهي!“. مون حيرت مان پڇيو.

”جي ها! اتي جي ٻائي کان امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ تعويذ وٺڻ وئي آهي“. اسسٽنٽ مونکي سمجهايو.

اهو پهريون دفعو هو جو منهنجي ڪنن ٻڌو ته ڄپان جهڙي ماڊرن ملڪ ۾ به ماڻهو تعويذن ۽ ڦيٽن ڌاڳن ۾ اعتبار ڪن ٿا. پوءِ ته جيئن جيئن ڄپان ۾ اچڻ ٿيندو ويو، تيئن تيئن ڄاڻ ٿيندي وئي ته ڄپاني ـــ خاص ڪري عورتن جو تعويذن (جن کي ڄپاني ٻوليءَ ۾ ”Omamori“ سڏين ٿا) ۾ وڏو اعتقاد آهي. مختلف ڳالهين ۽ دل جي مرادن جي پوري ٿيڻ لاءِ مختلف قسم جا تعويذ آهن. اسانجي يوڪوهاما واري آفيس جي ڄپاني ڪلارڪ ڇوڪِري ٻائي کان جيڪو تعويذ (اوماموري) وٺڻ وئي هئي، اهو ”گاڪوگيو“ ٿو سڏجي ۽ هي اوماموري ڄپاني شاگردن ۾ مشهور آهي. هن تعويذ کي ڄپاني شاگرد پنهنجي ڪُنجين جي ڇلي (Key Chain)، پرس يا ڪتابن جي بئگ ۾ لڙڪائي هلندا آهن. هي تعويذ ڄپان جي ڪن خاص مندرن مان ملي ٿو. جن مان سڀ کان گهڻو مشهور يوشيما مندر آهي.

جپان ۾ بہ ڏرم آهن: ٻڌ ڌرم ۽ شنتو ڌرم. هنن ٻنهي ڌرمن جي مندرن ۾ تعويذ وڪامن ٿا. دراصل هن قسم جي شين جي وڪري مان مندرن جي ڪمائي ٿئي ٿي. هي تعويذ (Omamori) گهڻو ڪري سني ڀاڳ يا نظر بد کان بچاءَ لاءِ ٿين ٿا. جپاني لفظ ”ماموري“ (Mamori) جي معنيٰ ئي ”بچاءُ“ آهي. جنهن کي مانوارو لفظ بنائڻ لاءِ ان جي اڳيان ”او“ (O) ڳنڍيو وڃي ٿو ۽ ”Omamori“ سڏجي ٿو. اهڙيءَ طرح ”Mikuji“ جي اڳيان ”او“ هڻي ”Omikuji“ سڏيو وڃي ٿو. ”اومي ڪُوجي“ جپاني لفظ فال ڪڍڻ لاءِ آهي. اوماموري (جپاني تعويذ) ٻن آڱرين جي چئن ڳنڍن جيڏا ڪاٺ جا يا لوهہ، پلاسٽڪ ۽ دفتري جا ٿين. جيڪي بروڪيڊ ڪپڙي جي پوٽڙيءَ ۾ بند ٿين ٿا. پر خريد ڪرڻ واري کي اها خبر هوندي آهي تہ هو ڪهڙي مراد پوري ٿيڻ وارو تعويذ خريد ڪري رهيو آهي. هتي ”خريد ڪرڻ“ لفظ بہ صحيح نہ ٿيندو. جيتوڻيڪ مندر وارن جو اهو ئي مقصد هوندو آهي تہ گهڻي کان گهڻا ”اوماموري“ وڪڻي مندر جي خرچ پکي لاءِ پئسو ناهجي ۽ هنن جي اها ئي ڪوشش هوندي آهي تہ جپاني سندن مراد پوري ٿيڻ جو ڪريڊٽ هنن تعويذن کي ڏين ۽ ان جي پرچار ڪن. جيئن ٻين جو بہ ان ۾ اعتقاد جمي ـ خاص ڪري عورتن جو. اهو ائين آهي جيئن اسان وٽ پيرن فقيرن جي قبرن تي عورتن جو انگ وڌيڪ نظر اچي ٿو... پيو تہ نهيو پر منگهو پير وڄ تہ اتي بہ واڳُن اڳيان عورتون هٿ ٻڌي بيٺيون آهن. گذريل سال تصويرون ڪڍڻ لاءِ اتي پهتس. جوهيءَ پاسي کان آيل هڪ عورت کان پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ هوءَ سُکا لاءِ آئي آهي تہ ڪيس ٻار ٿئي، تہ هن ”واڳونءَ شريف“ کي چيلو اچي ڪارائي. منهنجي لاءِ اها ”نيوز“ هئي، جيڪا خبر منگهو پير تي پئي تہ ”واڳونءَ“ جهڙو بيڙو ۽ حرفتي جانور، جنهن وگهي آفريڪا ۾ سپ کان گهڻا موت ٿين ٿا، اهو ”شريف“ بہ سڏيو وڃي ٿو. بهرحال مون هن غريب ۽ نبل عورت (سندس ڪپڙن ۽ ڪمزور جسم مان لڳي رهيو هو) کان پڇيو تہ، هوءَ ڪيئن ٿي چوي تہ هي ”واڳون شريف“ سندس مراد پوري ڪندو؟!

”اسانجي ڳوٺ جي هڪ عورت کي شاديءَ بعد ڏهہ سال ٿي ويا. پر ٻار نہ پئي ٿيس. هن ڪيترن ئي حڪيمن، ڊاڪٽرن جون ستيون ڦڪيون کاڌيون ۽ ڪيترائي پير ٻاسيا. پر اولاد نہ ٿيس. پوءِ هتي اچڻ سان هوءَ يڪدم پيٽ سان ٿي وئي.“ هن ٻڌايو.

دراصل قدرت طرفان جڏهن لکيو هوندو آهي تہ انسان جي مراد پوري ٿيو وڃي. پوءِ اسان جا وسوسا پيرن، فقيرن، قبرن، جهنڊن ۽ ”واڳون شريفن“ ڏي وڃن ٿا. جنهن لاءِ اسان مسلمانن کي سختيءَ سان منع آهي، جو اهي ڳالهيون شرڪ ۾ ٿيون اچن. شاهہ لطيف جهڙو عظيم انسان پنهنجن بيتن ذريعي اهو سمجهائي سمجهائي هن جهان مان هليو ويو تہ رب پاڪ ئي درد ڏئي ٿو اهو ئي شفا ڏئي ٿو ۽ دوائون بہ تڏهن اثر ڪن ٿيون، جڏهن ڪين ان هستيءَ کان حڪم ٿئي ٿو. ”تون ڏئين تون لاهين، ڏاتر کي ڏکندن“. اڄ سندس قبر تي شرڪ جا نظارا نظر اچن ٿا. پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڳائيندا وتن: ”يٽ جا پتائي! منهنجيون تو پُڄائيون!“ شاهہ لطيف خاموش آهي ... مجبور آهي ... اٿڻ جي طاقت هجيس تہ انهن ماڻهن ۾ ڪُتڪا وجهي تہ، ”مون توهان کي ڇا سبق ڏنو ۽ توهان ڇا پيا ڪريو؟“.... اهڙن پيرن فقيرن جي درگاهن تي، چاهي ڪراچيءَ ۾ عبدالله شاهہ غازيءَ جي درگاهہ هجي يا سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي ـ خود اتي جا مجاور آيل زائرين جي همت افزائي ڪن ٿا، جو

انهن جي ڪمائي ۽ ڪاروبار انهيءَ ذريعي هلي ٿو. جپان ۾ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا ديوتا (Kami) آهن. جن جي اهميت ۽ خوف جپانين جي ذهن ۾ ننڍي لاڪون، مندرن جي ٻاون يا لوڪ ڪهاڻين ذريعي وڌو ويجي ٿو.

منهنجو پهريون دفعو ان جپاني تعويذ ”اومامورِي“ ۾ مندر سان واسطو جپان جي بندرگاهه فڪوڪا ۾ ٿيو. منهنجي شوق تي جهاز تي سامان سپلاءِ ڪرڻ واري (شپ چانڊلير) جي والده مونکي اتي جي شنتو مندر ۾ وٺي هلي. جپانيءَ ۾ ان کي ”جنجا“ (Jinja) به سڏين ٿا ۽ پوءِ جيئن هندن جا مندر ڪنهن ديوتا يا ديويءَ نالي منسوب ٿيل آهن، تيئن جپان جا هي مندر به ڪنهن ”ڪامي“ نالي سڏيا وڃن ٿا. جپاني لفظ ”Kami“ هر قسم جي ديويءَ يا ديوتا لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جپان ۾ گهڻا تڻا مندر (جنجا) لومڙ ديوتا (اناريءَ) سان به منسوب آهن. انهن وڏين عمارتن وارن مندرن (جنجائن) کان علاوه جپان ۾ رستي جي ڪپرن تي پوڄا پاٺ لاءِ ننڍڙا ننڍڙا مندر به آهن، جن کي جپانيءَ ۾ ”هوڪورا“ (Hokora) سڏجي ٿو. هٿ ۾ ڏنڊي (Pole) تي ڪٽي هلڻ وارا مِني مندر جيڪي اڪثر ڪنهن جشن (متسوري) دوران سرگس ۾ ڪٽي هلجن ٿا، ”مِڪوشي“ (Mikoshi) سڏجن ٿا. جپان ۾ سرڪاري انگن اکرن موجب اٽڪل هڪ لک شنتو مندر آهن. هر مندر جي وچ ۾ هڪ خاص ڪمرو آهي، جنهن کي پوتر سمجهيو وڃي ٿو جنهن ۾ مندر جي ديوي/ديوتا (ڪامي) کي رکيو وڃي ٿو. هي ڪمرو ”Honden“ سڏجي ٿو. ان جي چوڌاري ليڪچر روم (Haiden)، دروازا (Torii) ٿين. هي دروازا شنتو مندر جي خاص نشاني آهن ۽ توهان جپان جي فوٽن ۾ ضرور ڏٺا هوندا. خاص ڪري هيروشيما جي پر واري مندر مياجيما جو ڳاڙهي رنگ جو ”توري اِي“. جنهن جي چوڌاري هرڻ به نظر اچن ٿا. ڪٿي به توهان کي ان قسم جو دروازو نظر اچي ته سمجهي وڃو ته ان کي ٽپڻ سان مندر جون حدون شروع ٿيو وڃن. مندر جي اهم عمارت تائين پهچڻ وارو رستو خاص سرن يا گول ۽ لسن پٿرن وارو ٿئي ٿو جيڪو سئنڊو (Sando) سڏجي ٿو. يعني ”پوڄارين جي وات“.

هن رستي (Sando) جي ڪناري تي توهان کي پٿر يا ڪنهن ڌاتوءَ جا به ڪٿي مهانڊا شينهن نظر ايندا، جيڪي ”ڪوما اِينو“ (Komainu) سڏجن ٿا. هي مندر جا چوڪيدار سڏبا آهن، جن جو ڪم مندر جي پوڄارين جي حفاظت ڪرڻ آهي.

اڳتي هن روڊ تي توهانکي مندر جو وضو خانو نظر ايندو جنهن کي جاپاني ٻوليءَ ۾ تيمي زُويا (Temizuya) سڏجي ٿو. مندر ۾ وڃڻ کان اڳ هر هڪ هتي بيهيناديءَ ۾ پريل صاف پاڻيءَ سان هٿ ڌوئي گرڙي ڪري ٿو. ناديءَ (ٽانڪيءَ) مان پاڻي ڪيڻ لاءِ ڏيڍ فٽ کن ڊگهي ڏنڊيءَ ۾ ڪاٺ جون ٿهيل گول گريون (Mugs) ٻڌل رهن ٿيون. ان قسم جي وضوءَ بعد پوڄاري يا سياحَ خاص عبادتگاهه (Haiden) ۾ اچن ٿا، جتي مندر جو ديوتا ويٺل ٿئي. هن پوڄا گهر (Haiden) جي چوڌاري جيڪو ڪٽ ورڪ وارو ڪاٺ جو يا تيلن جو ڪٺهڙو (Fence) ٿئي ٿو اهو جپاني ٻوليءَ ۾ ”تاماگاڪي“ (Tamagaki) سڏجي ٿو.

مندر جي آفيس ”شامُوشو“ (Shamusho) سڏجي ٿي. هتي مختلف ريتن رسمن جي پوئواري ٿئي ٿي ۽ مختلف قسم جا تعويذ (Omamori) ۽ فالناما (Omikuji) وڪامن ٿا. مٿي به لکي آيو

آهيان تہ تعويذ هرڪو پنهنجي مرضيءَ مطابق خريد ڪري ٿو. ڪو پنهنجو بد نظر يا دشمن کان بچاءُ چاهي ٿو تہ هو پئسا ڏئي سلامتيءَ وارو تعويذ خريد ڪري ٿو. ٽئڪسي ڊرائيور ٽرئفڪ جي سلامتيءَ وارو تعويذ خريد ڪري ڪار جي چابيءَ سان گڏ رکن يا ڪار جي آئيني ۾ لڙڪائي ڇڏين. اهڙا تعويذ (Kotsu-Anzen) سڏجن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪامياب شاديءَ ۽ پيار جا تعويذ (En-Musubi) آهن، صحتمند ۽ باحفاظت ويم جا آهن، واپار ۾ ڪاميابيءَ جا (Shobai Hanjo) آهن....وغيره.

اومي ڪوجي (Omikuji) فالناما گهٽو ڪري ڪاغذ تي لکيل ٿين. معتقد پئسا ڏئي هڪ فال ڪڍڻ پوءِ ان کي کولي پنهنجي قسمت جو احوال پڙهن. هي ائين آهي، جيئن اسان وٽ فٽ پاٿ تي فالون وجهڻ وارا ويهارو ڪن لفافا رکي پوءِ طوطي کي اشارو ڪن ٿا. جيڪو ڇهنب سان هڪ لفافو ڪڍي فال واري جي حوالي ڪري ٿو. فال وارو لفافي مان پنو ڪڍي، ان تي لکيل ڳالهيون متين موڙهيل گراهڪ کي پڙهي ٻڌائي ٿو.

ڪٿي شايد لکي چڪو آهيان تہ، آئون پهريون دفعو جنهن جهاز تي جپان آيو هوس، ان تي هڪ پوڙهو اڇي ڏاڙهيءَ وارو پناڻ انجن سرنگ (انجڻ روم ۾ ڪم ڪندڙ تيل ۽ آڳ وارن جو انچارج) هو. هو جپان ۾ ڪئين دفعا اچي چڪو هو ان ڪري هن سٺي جپاني ڳالهائي ٿي. جهاز جي ڊيوٽي ختم ڪرڻ بعد جڏهن بيا سڀ، شهر گهمڻ ۽ پئسو خرچ ڪرڻ پئي ويا، تہ هو ڪوبيءَ جي مشهور ”ڪلاڪ ٽاور پارڪ“ ۾ پلٽ ماري ويهي پئي رهيو. رکي رکي جپاني ڇوڪريون ۽ وڏي عمر جون عورتون هن کي هٿ ڏيکارڻ پئي آيون ۽ ڪيس 100 يين ڏئي پئي ويون. شام ڌاري هو ڪافي پئسا ڪمائي جهاز تي پهچندو هيو. جهاز اوساڪا پهتو تہ اتي بہ اڳ جي مقرر جاءِ مناٽوڪو ريلوي اسٽيشن اڳيان اچي ويٺو پئي. مون کي ڏاڍي آنڊ مانڊ ٿي تہ هن جي ڪهاڻي معلوم ڪئي وڃي. آخر جپان جي ٻئي يا ٽئين سفر جي واپسيءَ تي، سمنڊ ۾ هن جي رات جو ڊيوٽي مونسان لڳي، تہ مون ڪانئس احوال پڇيو تہ ڇا هن کي واقعي هٿ شناسي (Palmistry) اچي ٿي؟.... هن قسم کڻي ٻڌايو تہ ”بنهہ نہ“.

”تہ پوءِ هٿ ڏسي جپانين کي ڪيئن ٿو مطمئن ڪرين؟“ مون پڇيو.

هن ٺهڪ ڏيندي چيو: ”سائين! هي جپاني ـ خاص ڪري عورتون بيحد وهمي آهن. سالن جا سال جپان ۾ اچڻ بعد سمجهي ويو آهيان تہ هنن جا ڪهڙا مسئلا آهن ۽ پوءِ منهن ڏسي سمجهي ويندو آهيان“.

”ڇا مطلب؟“ مون پڇيو.

”سر! مطلب اهو ٿي تہ جي جوان ڇوڪري آهي تہ چوندو آهيانس تہ ”جلد تنهنجي شادي ٿيڻ واري آهي“....... ۽ جي تير نشاني تي لڳي ويو تہ هوءَ پاڻ ئي پڇندي تہ، ”موجوده بئاءِ فرينڊ سان يا ڪنهن ٻئي سان؟“.... پوءِ منهنجي مرضي آهي تہ سندس ڳالهائڻ مان آئيڊيا لڳائي چوانس تہ ان ڏيندي بي روزگار سان ئي ٿيندءِ، يا چوندو آهيانس تہ، جلد هڪ شهزادي جهڙي نينگر سان تنهنجي ملاقات ٿيندي“.

”ڇ اها غريب ڇوڪِري جنهن وٽ سؤ يين جو به ﭘﺋو سڪو ناهي. ان کي ته يڪدم چوندو آهيان ته عنقريب توکي نوڪري ملي ويندي. تمام سٺي پگهار واري.... وڏي عمر جي شادي شده عورتن کي اڪثر مڙسن سان شڪايتون رهن ٿيون. سو انهن کي اهو ئي چوندو آهيان ته. ”تنهنجو مڙس جلد پيئڻ گهٽائيندو ۽ توکي اهميت ڏيندو.... وغيره وغيره.“

سو جپاني فالون (Omikuji) به ان قسم جون ٿين ٿيون.

منهنجي جپاني ميزبان خاتون ”فڪوڪا“ شهر جو ”شنتو مندر“ گهمائڻ دوران مندر ۾ وڪامندڙ تعويذن (Omamori) جي تعريف به ڪندي رهي. پر آئون سندس ڳالهه کي ﭘﺋو اڌ ﭘﺋو ڪندو رهيس. پوءِ آخر ۾ جڏهن مندر جي آفيس ۾ پهتاسين ته هوءَ مختلف تعويذن کي ڏسندي رهي. مون کي چيائين ته. جيئن ته هن نئين ڪار ورتي آهي. سو هوءَ حادثن کان بچاءَ لاءِ تعويذ خريد ڪرڻ ٿي چاهي.... آئون ڪائنٽس پري ٿي مندر ۾ ڪم ڪندڙ خدمتگار ڇوڪرين کي ڏسڻ لڳس. جيڪي ”ميڪو“ (Miko) سڏجن ٿيون. هي سپ هڪ ئي لباس ۾ ٿين ۽ ان وقت مندر جي ديوتا کي خوش ڪرڻ لاءِ هو هڪ خاص قسم جي مقدس (Sacred) ڊانس ادا ڪري رهيون هيون. جيڪا جپاني ۾ ”ڪاگورا“ (Kagura) ڊانس سڏجي ٿي. ديوتائن جي دل خوش ٿي يا نه. پر اهڙا چمڪ چلو وارا ناچ ڏسي اسان جهڙن سياحن جي دل ضرور خوش ٿيو وڃي.

ڪار ۾ چڙهڻ مهل اسانجي ميزبان. يعني شپ چانڊلر جي ماءُ چيو ته. هن نه رڳو پنهنجي لاءِ پر منهنجي لاءِ به هڪ عدد اوماموري (تعويذ) خريد ڪيو آهي.

”منهنجي لاءِ خير ۾؟“. وائڙو ٿي پڇيومانس.

”ته جيئن تنهنجو سامونڊي سفر سٺو گذري“. پوڙهيءَ چيو.

مون نرڙ تي هٿ هڻي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ”تو ان لاءِ ويهي هڪ هزار يين خرچ ڪيا آهن! ان تعويذ بدران ته هزار يين جو مونکي ٽيپ رڪارڊر وٺي ڏين ها. ته منهنجو هي سفر ڇا هر سفر گانا ٻڌندي سٺو گذري ها“.

ياد رهي ته هي 1970ع واري ڏهاڪي جا شروع وارا سال هئا. جڏهن ڪئسٽ ٽيپ نوان نوان نڪتا هئا. نه ته ان کان اڳ فقط پُول وارا اڪائيءَ جا ٽيپ رڪارڊر هئا. جيڪي ريڊيو اسٽيشن تي نظر ايندا هئا.

بهرحال. منهنجي ميزبان کي منهنجي ان ڳالهه جو ته ڏک نه ٿيو پر هن کي افسوس ان جو ٿيو جو مون اهو ڏاتوءَ جو نهيل تعويذ بروڪيڊ جي پوٽڙيءَ مان ڪڍي ڏٺو. مونکي ته خبر ئي نه هئي ته جپاني تعويذ کي کولي نه ڏسبو آهي.

”اومي ڪوجيءَ (فال) کي کولي ڏسبو آهي“. هن مونکي سمجهايو. ”پر اومامورِيءَ (تعويذ) کي ان پوش ۾ ئي رهڻ ڏبو آهي. تو کولي ان جو اثر ئي ختم ڪري ڇڏيو“.

سندس خيالَ موجب. سندس هزار يين ضايع ٿي ويا ۽ آئون سمنڊ تي طوفانن ۾ انجڻ بريڪ ڊائون کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃان.

انهن تعويذن کي ڪچري ۾ اڇلڻ کي بہ بي ادبي سمجهيو ويجي ٿو. هر تعويذ جو مدو هڪ سال ٿئي ٿو ان بعد ان کي اڇلڻ بدران ان مندر جي ٻائي کي موٽائي ڏيٽو آهي، جتان خريد ڪيو ويو ۽ نئين سال لاءِ نئون خريد ڪرڻو پوندو آهي. يعني هر طرف کان مندر جي ڪمائي ٿئي ٿي.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ جپان جي مندرن ۾ نہ فقط ٻين ڳالهين جهڙوڪ، عام صحت (Kenkou) لاءِ تہ تعويذ ملن ٿا، پر ڪي ڪي مندر اهڙا بہ آهن ـ خاص ڪري ”ڪانایاما مندر“ جتي طاقت، شباب ۽ جوانيءَ (Sexual Health) جا بہ تعويذ ملن ٿا. ان کان علاوه ٽنگون ڏکيون ۽ اکيون وڏيون ٿيڻ لاءِ تعويذ ٿين، جن لاءِ جپاني ڇوڪريون هر وقت حسرت ڪنديون رهن ٿيون. سٺي فصل ٿيڻ ۽ چوپائي مال ۾ واڌ اچڻ جا تعويذ بہ عام آهن.

# هاڻين کي سکيا ڏيڻ واري
# جپاني ”هافو“

گذريل مضمونن مان هڪ ۾ لکي چڪو آهيان، ته ڪيترين ئي جپاني ڇوڪرين، پنهنجي جپاني مردن کان وڌيڪ ڌارين سان شادي ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿيون. گهوٽ ڪنوار ضرور خوش ٿين ٿا، پر جپاني عوام اڃان ايڏو ڪليل ذهن جو نه ٿيو آهي، ته هو ڌارين کي پنهنجو سمجهي. گهوٽ ته ٺيو ڪٽي ڌاريو پر ان شاديءَ جي نتيجي ۾ ڄاول ٻار ـــ جن جي ماءُ ته جپاني ٿي، انهن کي به جپاني ماڻهو پنهنجو نٿا سمجهن..... ڀوءِ ڀلي اهي ٻار اڳتي هلي ڪٽي ڪنهن شعبي ۾ نالو پيدا ڪن ته به جپاني قوم کي انهن تي فخر ٿيڻ بدران ڏک ۽ ساڙ ٿئي ٿو، ته ان ”اڌ جپاني اڌ ڌارئي“ سائنسدان، رانديگر، ڳائڻي يا اداڪار کان سندن ڪو ”نج جپاني“ نالو روشن ڪري ها ته سٺو هو. ٻين ملڪن ۾..... ويندي انگليند ۽ فرانس ۾، آفريڪا جو ڪو ڪارو رانديگر به پاسپورٽ حاصل ڪرڻ سان نه فقط برٽش يا فرينچ سڏجي ٿو پر هن جي ڪاميابيءَ کي برطانيا يا فرانس وارا پنهنجي ڪاميابي سمجهن ٿا. جپانين لاءِ سندن جپاني عورت مان پيدا ٿيل ڌارئي جو ٻار..... ڀلي ڪٽي ماءُ جي شڪل جهڙو هجي، ڀلي ڪٽي نج جپاني ٻولي ڳالهائيندو هجي، پر هن جي انگريز، ايراني، عرب يا انڊين پيءُ جي ڪري هو ”هافو“ (Hafu) يعني ”اڌڙ“ سڏيو وڃي ٿو. اهو ائين آهي جيئن ڪنهن زماني ۾ اسانجي ننڍي کنڊ ۾ ”ائنگلو انڊين“ ٻار کي نفرت مان ”ڪرنٽو“ يا ”آڌيلو“ سڏيو ويندو هيو.

هونءَ هڪ سياح کي جپان ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ سان محسوس نه ٿو ٿئي. هن کي جپاني عورتون ته فرينڊلي ۽ جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ لڳن ٿيون پر شوخ جپاني مرد به! اهو ان ڪري جو سياح پئسو خرچ ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ هن جو واسطو جپاني دڪاندارن سان ٿئي ٿو جيڪي پنهنجيون گسيون شيون وڪڻڻ لاءِ به مٺي زبان استعمال ڪن ٿا. جپاني ماڻهو فقط گراهڪ جي حد تائين ئي هڪ ڌارئي کي چاهين ٿا.... يا هو تعليم لاءِ ڪجهه عرصي لاءِ اچي ٿو ته برداشت جوڳو آهي. جپاني ڪڏهن به اهو نه ٿا چاهين ته ڌاريا ماڻهو هنن سان رلي ملي وڃن ۽ هنن جي ڪلچر ۽ ثقافت ۾ تبديلي آڻين. جپاني ڪهڙا به آهن..... بندري قد جا، نڪ مِٺا يا اکين چُنچا..... هو پاڻ کي اتم ۽ اتاهون سمجهن ٿا ۽ پاڻ کي هڪ Homogeneous قوم سمجهن ٿا.

جپاني مرد ڌاري عورت سان شادي گهٽ ڪن ٿا. هونءَ به سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جپاني مرد جيڪو قد ۾ ننڍو ٿئي ٿو اهو هڪ آمريڪن، انگريز يا فرينچ ڇوڪريءَ سان شادي ڪندي ڪيئن ٺهندو ـــ جيڪي قد ۾ ڊگهيون ٿين ٿيون. هونءَ جپاني مرد، جن ڌارين ڇوڪرين سان شادي ڪن ٿا، اهي ڇوڪريون اڪثر سندن پاڙي جي ملڪن: ڪوريا، فلپين يا ٿائليند جون نظر اچن ٿيون ۽ اهي قد ۾ هنن کان ننڍيون نه، ته برابر ضرور آهن. جپان ۾ سڀ کان گهٽيون ڌاريون عورتون ڪورين آهن.

پر حيرت آهي تہ انهن جي اولاد کي تہ ڇا انهن جي اولاد جي اولاد کي بہ جپاني پنهنجو سمجهڻ کان عار محسوس ڪن ٿا. نہ فقط ايترو پر هنن کي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. اسڪول ويندڙ ٻار اڪثر پنهجي نالي جو ڪورين حصو ٻين کان لڪائيندا آهن.

”تاڪامي“ نالي 25 سالن جي هڪ جپاني ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي مون جپان جي انگريزي اخبار ”جپان ٽائيمس“ ۾ پڙهي هئي، جنهن جي ماءُ ڪورين آهي. جپان وارن لاءِ ٻين ملڪن جا ماڻهو ”گائيجن“ يعني ڌاريا ڇڙ آهن ۽ سندن پاڙيسري ڪورين تہ وري هيڪاندا اڇوت سمجهيا وڃن ٿا. ان جو سبب هنن سان هلندڙ سندن سالن جا جهيڙا آهن ۽ جپانين جي نس نس ۾ ”ڪورين“ لاءِ نفرت ڀريل آهي. تاڪامي ٻڌائي ٿي تہ هوءَ ننڍپڻ ۾ پنهنجن ڪلاس ميٽن کان پنهنجي نالي جو آخري حصو جيڪو سندس فئمليءَ سان لاڳو ڪورين آهي، لڪائيندي رهي ۽ هن ٻين کي اهو ئي ڏيک ڏنو ٿي تہ هوءَ مڪمل طور جپاني آهي. هونءَ بہ ڪورين جي جپانين سان شڪل ملڻ ڪري ”ڪورين جپاني“ جوڙي جو اولاد سڃاڻپ ۾ ايترو ڏاريو نہ ٿو لڳي، جيترو ”جپاني انڊين“ يا ”جپاني آفريڪن“ جو. ڪورين مردن توڙي عورتن جي منهن جا هڏا ٿورا نڪتل ضرور ٿين ٿا ۽ سونهن ۾ اوڻهين ويهين جو فرق ضرور آهي، پر قد بت ۽ چال ڍال ۾ هڪ جهڙائي لڳي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ڪورين مرد يا عورت کي جپاني سٽي اڇي ٿي تہ ان ۾ فرق ڪرڻ اسان لاءِ تہ ڏکيو ڪم آهي، پر جپانين لاءِ بہ آسان ناهي ـ جيسين هن جي نالي جي خبر پوي. جپان ٻيٽ جي صورت ۾ ڪٽي الڳ ٿلڳ (Isolated) آهي، پر ڪوريا جي سرزمين سان تہ جڻ مليو پيو آهي. ڪوريا جا بوسان، پوهانگ ۽ يييئوسو جهڙا شهر جپان جي هيروشيما، فڪوئوڪا ۽ ناگاساڪيءَ جهڙن شهرن کان ائين سڏ پنڌ تي آهن، جيئن سنڌ جا شهر منڙائو ڏهرڪي ۽ ميرپور ماٿيلو راجستان جي رام ڳڙهہ، جيسلمير ۽ ٻڪانير کان.... يا ٿر جا شهر اسلام ڪوٽ، عمر ڪوٽ ۽ ننگر پارڪر انڊيا جي ڪڇ ۽ گجرات رياست جي شهرن پالنپور، راڌنپور، ڀوڄ ۽ لکپت کان.

جپاني ڇوڪري تاڪامي پنهنجي ننڍپڻ جي ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿي تہ: ”جپاني ماڻهن جي اها سوچ آهي تہ آمريڪن ”هافو“ ڪمتر آهن، پر منهنجي تجربي موجب جپان جي ماڻهن کي ”ڪورين هافوءَ“ لاءِ وڌيڪ نفرت آهي. مثال طور منهنجي جنهن بہ جپاني ڇوڪري سان دوستي ٿِي، ان کي جنهن وقت ڄاڻ ٿِي تہ آئون اڌ ڪورين آهيان، تہ ان ڏينهن ئي هن مون سان تعلقات ختم ڪري ڇڏيا“.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جتي آمريڪن، يورپين توڙي اسين ايشيائي، جپانين جي نظرن ۽ سوچ ۾ ڪم ذات آهيون، اتي ڪورين هيڪاندا اڇوت سمجهيا وڃن ٿا. تاڪامي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿي تہ: ”هي جپاني ماڻهو بہ عجيب آهن! هنن کي ڪورين ميوزڪ، کاڌو ۽ ڪلچر تہ گهڻو پسند آهي، پر مون (تاڪاميءَ) جهڙن ماڻهن (جن جي ماءُ ڪورين آهي) لاءِ جپانين جي ناڪاري سوچ هنن جي رت ۾ شامل آهي“.

ميگومي نشيڪارا نالي هڪ جپاني فلم ڊائريڪٽر ”Hafu“ نالي هڪ فلم ناهي آهي. هوءَ پاڻ بہ ”هافو“ آهي، يعني سندس ماءُ جپاني آهي، پر پيءُ آئرش آمريڪن اٿس. هوءَ بہ اهائي ڳالهہ ڪري ٿي تہ:

“Hafu with a Korean or black parent tend to have the toughest time”.

(اها جپاني ڇوڪري يا ڇوڪرو جنهن جو پيءُ آمريڪا يا آفريڪا جو شيدي آهي يا ماءُ ڪوريا جي آهي، تہ ان لاءِ جپان ۾ زندگي گذارڻ عذاب آهي).

هڪ ٻيو مثال سورنهن سالن جي جپاني ڇوڪري ”هرمن“ جو ڏيان ۾ اچي رهيو آهي، جنهن جي ماءُ جپاني ۽ پيءُ گورو آمريڪن آهي. جپانين کان وڌيڪ گورو هجڻ جي باوجود هو سوشل ميڊيا تي لکي ٿو تہ: ”ننڍي هوندي اسڪول ۾ مونکي جپاني ٻار ڏاڍو تنگ ڪندا هئا. هو منهنجي پرسان لنگهندي مونکي ڌونشا هڻندا هئا ۽ آئون پنهنجي ڇَتيءَ ذريعي پنهنجو بچاءُ ڪندو هوس“.

هو اڄ ڪلهہ جپان جو مشهور ڳائڻو آهي ۽ پاڻ سان ننڍپڻ ۾ ٿيل جنيون ياد ڪري چوي ٿو تہ: ”ڪيڏي ڏک جي ڳالهہ آهي ۽ آئون ڪيڏو مظلوم محسوس ڪندو هوس تہ جپان ۾ رهڻ ۽ نج جپاني ٻولي ڳالهائڻ جي باوجود مونکي ڪنهن بہ هتي جو ”جپاني“ نہ سمجهيو..... ۽ نہ اهڙيءَ طرح رخ ڏنو تي ويو جهڙيءَ طرح اسڪول ۾ ٻين نج جپاني ٻارن کي ڏنو ويندو هيو. آئون اهو ئي چوندو هوس تہ منهنجي جپاني ماءُ بہ مونکي ائين ئي پالي ٿي جيئن ٻين جپاني ٻارن جون مائرون! آئون بہ ٻين ٻارن وانگر صبح جو پٽ جي پيالي ڪائي اچان ٿو ۽ مِسو سُوپ پيان ٿو جيڪو جپانين جو پسنديده آهي.....“.

۽ پوءِ هن ڇوڪري هرمن کي ميوزڪ جو شوق ٿيو ۽ محنت ڪري ان ۾ نالو پيدا ڪيائين. هاڻ هو ان ۾ رڌل رهي ٿو. هن کي پنهنجي ان ذات تي فخر آهي ۽ ڪو بہ هن کي ان لاءِ روڪي نہ ٿو سگهي. هن ٻڌايو تہ: ”ٻيا ڪٽي دل ۾ مونسان نفرت ڪندا هُجن، پر ڪيترين ئي جپاني ڇوڪرين مونسان پيار جو اظهار ڪن ٿيون“.

هرمن وانگر ٻيا بہ ڪيترائي جپاني ”هافو“ آهن، جن مان ڪنهن آرٽ يا سائنس جي ڪيتر ۾ پنهجو ۽ جپان جو نالو پيدا ڪيو آهي، البت سندن ان خاصيت ڪري هو ”هافو“ هجڻ جي باوجود ٻين نج جپانين طرفان گهٽي تڪ بجي کان ڪجهہ بچي وڃن ٿا. هڪ بہ اهڙا مشهور جپاني ”هافو“ هن وقت ياد اچي رهيا آهن. جيئن: ”ائنتوني“ جيڪو مشهور جپاني ڪاميڊين آهي. سندس پيءُ آمريڪا جو شيدي آهي. ”سائره ڪُوني ڪِيدا“ جيڪا جپاني ڊپارٽمينٽل اسٽورن جي مشهور ماڊل آهي ۽ جنهن جو پيءُ اطالوي (Italian) آهي.

هڪ طرف جپاني ماڻهو ”هافو“ ٻارن کي نيچ سمجهن ٿا تہ ٻئي طرف جپاني ڇوڪريون ڌارين سان شادي ڪرڻ جي جستجوءَ ۾ بہ رهن ٿيون.... ۽ اهڙين شادين جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. ”هافو“ ٻارن جو جپاني آدمشماريءَ ۾ جيتوڻيڪ گهٽ تعداد آهي تہ بہ جپان جي وزارتِ صحت جي انگن اکرن موجب هر سال 36 هزار هافو ٻار ڄمن ٿا. جيڪو جپان جي ساليانی ڄم جو 3 سيڪڙو ٿيو.

جپان بابت هي سڀ ڳالهيون ان ڪري ڪٺي ڪيون آهيان جو انٽرنيٽ تي جپان جي هڪ انگريزي اخبار ۾ پڙهيم ته مس يوشيڪاوا (Yoshikawa) نالي جيڪا جپاني ڇوڪري (2016ع ۾) "مس جپان" ٿي آهي، اها نج جپاني نه پر هافو (Hafu) آهي. سندس سڄو نالو "پريانڪا يوشيڪاوا" آهي. سندس پيءُ "ارون گوش" نالي ڍاڪا بنگلاديش جو بنگالي آهي. جنهن جا 1985ع ۾ پائر پينرون ته ڪلڪتي (انڊيا) لڏي ويا، پر پاڻ جپان هليو آيو جتي هن پريانڪا جي جپاني ماءُ "نائوڪو" (Naoko) سان شادي ڪئي. 22 سالن جي پريانڪا يوشيڪاوا، حسن جي مقابلي ۾ 6900 جپاني اميدوارن مان ٽاپ تي آئي آهي ۽ هاڻ هوءَ نومبر ۾ واشنگٽن ڊي سي (USA) ۾ ٿيندڙ "مس ورلڊ" جي مقابلي ۾ پڻ حصو وٺڻ جي تياري ڪري رهي آهي. پاڻ جپاني ۽ انگريزي سٺي ڳالهائي ٿي. جپاني ته هن جي مادري زبان آهي، انگريزي اسڪول ۾ پڙهي ۽ ٽي سال آمريڪا ۾ رهڻ ڪري ڳالهائڻ ۾ به هوشيار آهي. سال ٻن کان هوءَ ترجميڪار جي نوڪري ڪري رهي آهي. خاص ڪري جپان ۾ ٿيندڙ "ميڊيڪل ميٽنگن" ۾ هوءَ ترانسليٽر جي ڊيوٽي ڏئي ٿي. ان کان علاوه هوءَ اسڪول ۾ ٻارن کي به انگريزي پڙهائي ٿي. پريانڪا کي هاٿين کي تربيت ڏيڻ جو به سرٽيفڪيٽ آهي. اهو حاصل ڪرڻ لاءِ هن هڪ سال لائوس ۾ سکيا ورتي. اها ڳالهه ماڻهن لاءِ حيرت جو باعث آهي ته هڪ ڇوڪري ٿي ڪري ڪيئن هاٿين کي وهنجاري ٿي ۽ هنن کي مرضيءَ مطابق وهارڻ، هلڻ ۽ سامان کڻڻ جا طريقا سيکاري ٿي.

ڪالهه ڪان اخبارن ۾ سندس انٽرويو به اچي رهيا آهن ته هن جو زندگيءَ ۾ مقصد انڊيا جي بالي ووڊ فلمن ۾ اداڪارا ٿيڻ آهي ۽ انڊيا ۾ غريب ٻارن لاءِ هڪ وڏو "چلڊرين هوم" ناهڻ آهي. هوءَ هڪ سال ڪلڪتي ۾ پنهنجن چاچن وٽ رهي چڪي آهي ۽ هن اتي جي غربت ڏسي ان وقت کان اهو ارادو ڪيو هو ته هوءَ انڊيا جي غريبن لاءِ ڪجهه ڪندي. جتي سندس ڏاڏاڻا رهن ٿا.

جتي پريانڪا جي ڪاميابيءَ جي خبرن سان جپاني اخبارون ڀريون پيون آهن، اتي پريانڪا تي تنقيد به جام پئي ٿئي. ڪيترا جپاني خوش نه آهن ته هيترين سارين نج جپاني ڇوڪرين مان هڪ "هافو" (يعني"ڪار") سهڻي ثابت ٿي وڃي. دراصل ڳالهه اها آهي ته مختلف گهراڻن يا قومن جي ميلاپ مان جيڪو اولاد ٿئي ٿو اهو سونهن ۽ جسماني صحت ۾ بهتر ٿئي ٿو. جنهن جو مثال اسپيني ڇوڪريون پڻ آهن. جن کان جڏهن پڇبو آهي، ته "توهان ايڏيون سهڻيون ڇو آهيو؟!" ته هو هڪدم وراڻينديون آهن ته، هنن ۾ عربن جو رت آهي. اهڙيءَ طرح جپاني ڇوڪريون سونهن ۽ صحت ۾ ڪٺي قبول صورت هجن، پر اهي جپاني ڇوڪريون، جن جي ماءُ يا پيءُ ڌاريا آهن، اهي "نج جپاني" ڇوڪرين کان شڪل ۾ وڌيڪ سهڻيون آهن. هو نج جپانين وانگر نه قد ۾ ڊينديون ۽ ڦيڦيون آهن ۽ نه سندن اکيون چُنجيون ۽ ڏند ڦڏا آهن.

پريانڪا پاڻ تي ٿيندڙ تنقيد بابت چوي ٿي ته هن کي ڪو فڪر ناهي جيڪڏهن ڪو هن کي "هافو" چوي ٿو. "آئون جپان ۾ رهي آهيان، جپاني ڳالهايان ٿي ۽ جپاني ڪلچر سان واسطو اٿم ۽ منهنجي سڄاٽپ جپان آهي، پر ساڳي وقت منهنجي پيءُ ڏاڏي جو واسطو انڊيا سان آهي ۽ مونکي

ان تي فخر آهي تہ منهنجو انڊيا سان بہ تعلق آهي، پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ اسين جپاني نہ آهيون“.

پريانڪا ننڍپڻ بابت ٻڌائي ٿي تہ، ”مون کي احساس آهي تہ جپان ۾ مون وانگر ڪيترائي ”هافو“ ذهني تڪليف محسوس ڪن ٿا. منهنجا ڪيترا ڪلاس ميٽ مونکي ائين سمجهندا هئا ڄڻ آئون انسان نہ پر جراثيم هجان ۽ مونکي هٿ لائڻ سان هنن کي بيماري وٺي ويندي“.

فيس بڪ يا ٽوئٽر تي ڏسندئو تہ پريانڪا بابت ڪيترائي سنا ۽ خراب رمارڪ نظر ايندَوَ. ڪيترن تہ جپانين کي صلاح ڏني آهي تہ: ”هاڻ جيڪي ٽيڙو هو سو ٿي ويو“..... ”هوءَ سهڻي هئي تڏهن تہ پهريون نمبر اچي وئي“..... يا ”جپانين کي برداشت کان بہ ڪم وٺڻ کپي....“

هڪ واهہ جو ڪمينٽ لکيو آهي:

“….. After Gautama Buddha, Miss Yoshikawa is the only Indian to Make it big in Japan”.

جپاني اهڙا آهن، جيڪي ٻين کان اثر ڏاڍو ڏکيو ٿا وٺن. هو سڀني کان الڳ ٿلڳ پنهنجي دنيا ۽ پنهنجي رسم رواج، تهذيب ۽ ثقافت ۾ رهڻ وارا آهن. پر انهن تي هندستان جي درويش گوتم ٻڌ اهڙو اثر ڪيو جو سڄو ملڪ ٻوڏي تي ويو. ڏٺو وڃي تہ گوتم ٻڌ ننڍي کنڊ ۾ ڄائو ۽ اتي ئي ڪيس گيان مليو ۽ هو ”ٻڌا“ ٿيو. ٻڌ ڌرم پهرين اسان وٽ يعني ننڍي کنڊ ۾ پکڙيو. ان کانپوءِ سلون (سريلنڪا)، برما، چين، جپان..... ويندي ڪوريا تائين ڦهلجي ويو. سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي اچڻ وقت راجا ڏاهر جي حڪومت هئي. جنهن جو ڇچ جي ڪري هندو ڌرم سان واسطو ٿيو نہ تہ ڇچ کان اڳ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حاڪمن: راءِ سهرس ۽ سندس پٽ راءِ سهاسيءَ جي حڪومت هئي. انهن جو توڙي سنڌ جي عوام جو ”ٻڌ ڌرم“ سان واسطو هو. جيڪو شهنشاهہ اشوڪا جي ڏينهن ۾ يعني اٽڪل 313 ق.م ۾ سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ اٽڪل هڪ هزار سال سنڌ ۾ رهيو. پوءِ جڏهن راجا ڏاهر جو پيءُ ڇچ سنڌ جو حاڪم ٿيو تہ سنڌ جي ماڻهن هندو ڌرم اختيار ڪيو جو ڇچ برهمڻ هو. اهو ئي حال سڄي انڊيا جو هو. پر اڄ ڏسجي تہ سنڌ ۽ هند ۾ ورلي ڪي ٻوڌي نظر ايندا. وڌو تعداد هندن، مسلمانن، عيسائين وغيره جو آهي، پر ننڍي کنڊ کان ٻاهر تي نظر ڪجي تہ ڪيترن ملڪن جو سرڪاري مذهب ٻڌ ڌرم آهي ۽ جپان جهڙي ملڪ جي هر شهر ۾ ٻڌن جو مندر نظر اچي ٿو ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گوتم جون مورتيون نظر اچن ٿيون. هڪ اهڙي مندر جو احوال آئون پنهنجي جپان واري سفرنامي ”ڪراچيءَ کان ڪوڪورا“ ۾ لکي چڪو آهيان تہ، ڪوڪورا جي ٻڌ مندر ۾ فوٽو ڪيڻ لاءِ ويس تہ ان وقت بہ ٽي جپاني پوڙهيون گوتم ٻڌ جي وڏي بت (Statue) اڳيان جهڪي رهيون هيون. ٻہ چار دفعا جهڪي جهڪي پوءِ مون کي غور سان ڏسڻ لڳيون تہ آئون ڇا ٿو ڪريان؟.... آئون تہ فوٽو ڪيڻ آيو هوس، سو فوٽو ڪيڏي ان ڪمري مان نڪتس پئي تہ هڪ پوڙهيءَ گوتم ٻڌ جي بت ڏي اشارو ڪري مونکان پڇيو تہ: ”ان جي ديس کان آيو آهين؟“.

”هائو“. وراڻيومانس.

ان تي ٻيءَ چيو: ”تون هن کي سجدا نٿو ڪرين؟“.

”آئون ٻوڏي نہ آهيان“. جواب ۾ چيم.

ان تي ڀرينءَ ڪجهہ شڪايت طور ۽ ڪجهہ چڙ مان چيو: ”تہ پوءِ هن ڪي اسان ڏي ايڪسپورٽ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، جو توهان تہ هن کي پڇو بہ ڪونہ ٿا ۽ اسان پوڙهين جي جهڪي جهڪي چيلهہ چٻي ٿي وئي آهي“.

سو پريانڪا يوشيڪاوا جي ”مس جپان“ ٿيڻ تي جپان جي ميڊيا ۾ جيڪا هلچل متي آهي، ان مان تہ اهو ئي ٿو لڳي تہ انڊيا جي ڪنهن ماڻهوءَ جيڪڏهن جپانين تي ڪو اثر ڇڏيو آهي، تہ اها گوتم ٻڌ بعد پريانڪا آهي. جپاني ماڻهو جيڪي پاڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي ڪنگهن بہ ڪونہ ٿا، انهن سان، بقول اسان جي هڪ سفير دوست ظفر شيخ جي (جيڪو جپان ۾ تمام وڏو عرصو رهيو آهي ۽ جپان جي ثقافت کان واقف آهي) جٽ بہ جنين جهڙي ٿي آهي. هنن جي هٿن مان طوطا اڏامي ويا آهن.

هڪ جپانيءَ Twitter ڪيو آهي: ”هڪ هافوءَ جو انعام يافتہ ٿيڻ معنيٰ اسان نج جپانين ۾ هاڻ ڪو حال نہ رهيو آهي“.

هڪ ٻئي جپانيءَ جو ان بابت ڪمينٽ آهي: ”اهڙي ايوارڊ مان ڪهڙو فائدو، جنهن ۾ جپانين جو سؤ سيڪڙو حصو ناهي. ڇا نج جپاني ڇهرو ان لائق نہ رهيو آهي؟“.

منهنجي خيال ۾ جپان جي ماڻهن لاءِ (جن جي سوچ فقط پاڻ تائين محدود آهي) هيءَ خبر، تہ سونهن ۾ هڪ ”هافو“ کٽي وئي، بيشڪ فڪر جي ڳالهہ آهي، جو گذريل سال (يعني 2015ع ۾) بہ ”مس جپان“ هڪ ”هافو“ ڇوڪري آريانا مياموتو (Ariana Miamoto) پنهنجي ڊگهي قد ۽ سونهن جي ڪري ٿي هئي، جيڪا پوءِ دنيا جي ملڪن جي مقابلي ۾ ”مس ورلڊ“ بہ ٿي. هن سال جي ”مس جپان“ پريانڪا جي شڪل وري بہ جپاني ڇوڪرين سان ڪافي ملي ٿي، پر مس مياموتو جو پيءُ آمريڪا جو شيدي هجڻ ڪري مياموتو ايڏي گوري ناهي ۽ سندس شڪل ۽ قد بت جپانين سان بلڪل نٿو ملي ۽ جڏهن هوءَ مس جپان ۽ پوءِ مس ورلڊ ٿي، تہ جپاني مردن ڏاڍي تنقيد ڪئي هئي. بقول منهنجي هڪ جهازران دوست ڪئپٽن رشيد ابڙي جي (جنهن پڻ جپان۾ وڏو عرصو جهاز هلايا آهن ۽ جپانين جي عادتن ۽ ڪلچر کان چڱيءَ طرح واقف آهي) هو (جپاني مرد) سڄو سال منهن متو پٽي ماتم ڪندا رهيا تہ ڪيڏانهن وئي هن ملڪ جي نام نهاد ”هڪجهڙائي“ يعني ”Self – Perpetuated myth of Homogeneity“.

پنهنجي انٽرويوءَ ۾ پريانڪا بہ ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ مونکان وڌيڪ گذريل سال مس مياموتو تي تنقيد جا تير وسايا ويا تہ هوءَ هڪ شيدياڻي ٿي ڪري ڪيئن ٿي جپان جي نمائندگي ڪري؟!

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مس آريانا مياموتو کان اڳ ڪنهن بہ جپاني ”هافو“ ڇوڪريءَ جي همت نہ پئي ٿي تہ هوءَ سونهن جي مقابلي لاءِ پنهنجي ملڪ (جپان) جي نمائندگي ڪري.

گذريل سال مياموتو جي ”مس جپان“ ٿيڻ بعد پريانڪا عزم ڪيو تہ هوءَ بہ ”هافو“ هجڻ جي باوجود هن مقابلي ۾ حصو وٺندي ۽ Homogenous جپان ۾ موجود Racial Prejudice خلاف ويڙهہ کي قائم رکندي.

گذريل سال (2015ع ۾) ”مس جپان“ ۽ ”مس يونيورس“ ٿيڻ واري جپاني ڇوڪري آريانا مياموتو (Ariana Miamoto) 12 مئي 1994ع ۾ ناگاساڪيءَ ۾ ڄائي. هن جي ماءُ جپاني آهي ۽ پيءُ برائنٽ (Bryant Stanfield) آمريڪا جو شيدي آهي, جنهن جو آمريڪن نيويءَ طرفان ساسيبو ۾ پوسٽنگ دوران مياموتو جي جپاني ماءُ سان عشق ٿيو. مياموتو بنيادي تعليم جپان مان حاصل ڪرڻ بعد ڪجهہ سال آمريڪا ۾ بہ پڙهي ۽ پاڻ جپاني توڙي انگريزي ڳالهائي سگهي ٿي.

مياموتو پنهنجي ننڍپڻ جي اسڪول وارن ڏينهن (جيڪي هن جپان ۾ گذاريا) بابت ”جپان ٽائيمس“ اخبار وارن کي انٽرويو ڏيندي ٻڌايو تہ هن کي جپاني ٻار توڙي ماسترياڻيون نفرت جي نگاهہ سان ڏسنديون هيون ۽ هر هڪ طرفان ٿيندڙ ٽوڪ طعنو هن کي ٻڌڻو پوندو هو. ٻن ڏهاڪن بعد جڏهن هن هيڏو وڏو اعزاز حاصل ڪيو تہ بہ هن کي جپانين جي تنقيد ٻڌڻي پئي پوي.

”اسڪول جي ڏينهن ۾ ڪيترا ٻار مون تي گند ڪچرو اڇلي ٺهڪ ڏيندا هئا ۽ مون کي ڪو بہ لفٽ نہ ڪرائيندو هو“. مياموتو ٻڌايو. ”آئون جڏهن ڪلاس ۾ گهڙندي هئس تہ سڀ ڇوڪرا ڇوڪريون مون لاءِ هڪ ٻئي کي چوندا هئا: ”هيءَ هافو آهي ۽ هن سان ڪو نہ ڳالهائي“ .

پڪنڪ توڙي ڄمر ۾ ڪو بہ ڇوڪرو يا ڇوڪري مياموتو کي هٿ نہ ڏيندو هو. هنن کي اهو وهم هو تہ مياموتو کي ڇهڻ سان هن جو ڪارو رنگ ڪين بہ لڳي ويندو. ساڳيو حال هن سان سئمنگ پول ۾ هوندو هو.

مياموتو جي عمر ۽ قد (پنج فٽ اٺ انچ) پريانڪا جيڏو ئي آهي. هن ٻڌايو تہ بہ سال اڳ سندس هڪ ٻي جپاني ساهيڙيءَ (جنهن جو پيءُ يورپين هو) کي ”هافو“ هجڻ ڪري جپانين ايڏو تہ ٽوڪيو جو هن خودڪشي ڪري ڇڏي. ”جپانين جو اهو وهم آهي تہ اسان جهڙيون ”هافو“ نہ فقط نياڻيون آهن, پر سونهن ۾ بہ گهٽ آهن. سو مون پڪو ارادو ڪيو تہ سونهن جي مقابلي ۾ حصو وٺنديس. ڪٽي ڇا بہ ٿي پوي“. مياموتو انٽرويو ۾ ٻڌايو.

مياموتو نہ فقط مقابلي ۾ حصو ورتو پر هن ٻين کي عملي طرح ڪري ڏيکاريو تہ جن کي توهان ”هافو“ ۽ ”ڪوجهو“ سمجهو ٿا, اهي توهان کان وڌيڪ سهڻيون آهن. گذريل سال مياموتو جي ان سوڀ بعد پريانڪا ۾ بہ همت پيدا ٿي ۽ هن پنهنجي ”مس جپان“ بنجڻ جي, پهرين خواهش پوري ڪري ڏيکاري. سندس ٻي خواهش بالي وڊ انڊسٽريءَ ۾ اداڪارا ٿيڻ جي آهي. ”جنهن لاءِ مونکي ڊانس ۽ هندي ٻولي سکڻي پوندي... هر ڪو مونکي اهو چئي رهيو آهي تہ اهو ڏکيو ڪم آهي, پر پنهنجي شوق پوري ڪرڻ لاءِ آئون هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ لاءِ تيار آهيان“. پريانڪا يوشيڪاوا چيو ۽ پوءِ مرڪندي چيو: ”هاٿين کي سکيا ڏيڻ جي ڪم کان وري بہ اهو ڪم آسان ئي هوندو“.

# سوشي، ساشامي ۽ ڪوبي بيف...

جپاني سڀ ڪان گهڻي مڇي ڪائين ٿا. سوال آهي تہ ڇو؟ ... ملڪ ۾ رهڻ لاءِ ٿي زمين ٿوري آهي. ان جو بہ 80 سيڪڙو جابلو ۽ جهنگل آهي. سو پوک ڪٿي ڪن؟!.... ملڪ ۾ جانور نہ هجڻ جي برابر. جيڪڏهن ڪو پالي بہ ٿو تہ ان جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ هن کي وڏو خرچ ڪرڻو پوي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ جپان جا ماڻهو سمنڊ ڏي ئي نهارين ٿا ۽ سمنڊ مان جيڪا شيءِ ملين ٿي مڇي، آڪٽوپس، گانگٽ، ڪيڪڙو شارڪ، وهيل، ويندي سامونڊي گاهہ - ان کي بہ چٽ ڪريو وڃن. هو رڌل شين سان گڏ ڪچيون بہ کايو وڃن. بلڪ مڇيءَ کي تہ وڏي شوق سان ڪچو ڪائين ٿا. نہ فقط عام مڇيون پر فوگو جهڙيون زهريليون مڇيون پڻ.....

جپان جا بہ طعامَ (Dishes) تمام مشهور آهن. "سوشي" ۽ "ساشامي". ڪيترا ماڻهو سوشي (Sushi) کي بہ ڪچي مڇيءَ جو طعام سمجهن ٿا. سوشي دراصل سُرڪي (Vinegar)، کنڊ ۽ لوڻ ۾ رڌل چانور ٿين ٿا، جن جي وچ ۾ ڪنهن سامونڊي ساهواري (مڇي، گانگٽ، آڪٽوپس) جون سنهيون ڦاڪون، ڀاڄيون ۽ ميوا بہ وڌا وڃن ٿا.

پر ساشامي (Sashami) نج ڪچي مڇيءَ جو طعام آهي، جنهن ۾ فقط ڪچي مڇيءَ جون سنهيون ڦاڪون (Slices) رکيون وڃن ٿيون. جپاني دعوتن ۾ ساشامي يعني ڪچي مڇيءَ جا ٽڪرا پهرين پيش ڪيا وڃن ٿا، پر ڪڏهن ڪڏهن ساشامي مُکيہ ڊش طور بہ پيش ڪئي وڃي ٿي. جنهن سان گڏ ڀت ۽ مِسو سُوپ بہ رکيو وڃي ٿو. ساشاميءَ جا سنهڙا ٽڪرا ڪنهن چٽڻيءَ يا ساس ۾ ٻوڙي کاڌا وڃن ٿا. مِسو سُوپ (Miso Soup) هڪ عام جپاني سوپ آهي، جيڪو هر ويلي تي هلي ٿو. خاص ڪري جپاني مسافرخانن (Ryokan) ۾ نيرن تي ڏنو وڃي ٿو. منجهس هڪ خاص قسم جي چٽڻي وڌي وڃي ٿي. ان کان علاوه ڪٿي ڪٿي ڀاڄيون پڻ. مون جهڙن ڪيترن ڌارين جو سالن جا سال جپان ۾ رهڻ ۽ اچڻ وڃڻ ٿيو هوندو. زندگي گذري وئي نہ مِسو سُوپ پيئڻ تي دل وري ۽ نہ ساشامي (ڪچي مڇي) کائڻ لاءِ. اهڙين دعوتن ۾ ميزبان جو هميشہ وڏو خرچ ٿيو هوندو پر اسان ٻک مري گهر يا جهاز تي پهچي بصر ۽ ساون مرچن سان آمليٽ ٻيضو تري ڊبل روٽيءَ سان کاڌو هوندو.

مڇيءَ جي ڪچي گوشت (Sashami) وانگر هڪ ٻئي ڪچي گوشت جو طعام باساشي (Basashi) پڻ جپان ۾ مشهور ۽ تمام مهانگو آهي. باساشي گهوڙي جي ڪچي گوشت کي سڏين ٿا ۽ جپان جي ياماگاتا، ناگانو فڪوشيما جهڙن ضلعن جي هوٽلن ۾ عام نظر اچي ٿو. گهوڙي جي ڪچي گوشت مان چلرن جهڙا سلائيس ناهي، پليٽ تي سينگاري گراهڪ اڳيان رکيا وڃن ٿا. هونءَ جپان ۾ ڪاسائين جي دڪانن يا سپر مارڪيٽن ۾ مونکي گهوڙي جو گوشت وڪامندي نظر نہ آيو. جيئن چين، ملائيشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ سوئر ۽ ڍولڙن جو گوشت نظر اچي ٿو. چون ٿا تہ جپان ۾ رڌ پچاءَ ۾ استعمال ٿيندڙ گهوڙي جي گوشت جو وڏو حصو ٻاهرين ملڪن مان جپان ۾ درآمد ٿئي ٿو.

دنيا ۾ ”ڪوبي اسٽيڪ“ تمام مشهور آهي. ڄپان جي وڏين هوٽلن ۾ وڪامنڊڙ هن گوشت جي چاپ (Steak) تمام مهانگي ٿئي ٿي ۽ ڪائڻ وارن شوقينن جو چوڻ آهي ته اها بيحد لذيذ ۽ رسيلي (Succulent) ٿئي ٿي. ”ڪوبي“ ڄپان جي هونشو ٻيٽ تي هڪ مشغول، سهڻو ۽ صنعتي شهر ۽ دنيا جو مشهور بندرگاهه آهي، جنهن جي پرسان اوساڪا بندرگاهه پڻ آهي. اسانجو جهاز گهڻو ڪري پاڪستان، ٿائيلينڊ ۽ ملائيشيا مان ڪوبي بندرگاهه لاءِ سامان کڻي ايندو هو ۽ پاڪستان يا ٻين ملڪن جي بندرگاهن لاءِ هتان ڄپاني اليڪٽرانڪ جون شيون ۽ موٽرڪارون کڻندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسانجو جهاز ڪوبيءَ بدران اوساڪا ايندو هو ته به اسان جا جهازران ۽ خلاصي بس يا ٽرين ذريعي ڪوبي پهچي ويندا هئا، جو هڪ ته اتي سڪن ۽ سنڌي هندن جا ڪپڙي جا دڪان هئا، ان کان علاوه سيڪنڊ هينڊ شيون ريفريجريٽر، واشنگ مشينون وغيره تمام سستيون ملنديون هيون. ڪوبيءَ ۾ مسجد جي هجڻ ڪري به اسان جا پاڪستاني ۽ ٻين ملڪن جا مسلمان نماز لاءِ ويندا هيا. ڪوبي شهر جي ان مسجد واري گهٽيءَ ۾ مقامي ڄپاني واپارين جا ڪجهه ڊيوٽي فري دڪان به هئا، جن تي اليڪٽرانڪ جون شيون ڪارخاني جي اگهه تي ملنديون هيون. هاڻ ته دنيا جي هر ملڪ ۾ ڄپاني شيون، ويندي ڪارون نهن ٿيون، نه ته 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ اهي سڀ شيون ڄپان ۾ ٺهي ٻين ملڪن ڏي ايڪسپورٽ ٿينديون هيون.

مٿيون ڪوبي شهر، بلڪ ڪوبي ضلعو آهي، جنهن جي ڳوٺن ۾ پاليل ڪاري رنگ جي ڳابن جو گوشت (Beef) دنيا ۾ مهانگو ۽ مشهور آهي ۽ جنهن جون ٺهيل چاپون ”ڪوبي اسٽيڪ“ مشهور آهن. ڪوبي اسٽيڪ لاءِ جن ڍڳين جو گوشت استعمال ٿئي ٿو اهي ڍڳيون ڄپان ۽ يورپ جي خاص ڍڳن جي ميلاپ مان آهن ۽ انهن جي گوشت کي دنيا ۾ واگيو (Wagyu) به سڏجي ٿو. هن واگيو گوشت وارن وهٽن، ڍڳن، ڍڳين جي خاص خدمت ڪئي وڃي ٿي. کين اعليٰ قسم جو ڪاڏو ڪارائڻ سان گڏ سندن مشينن سان مالش ڪئي وڃي ٿي ۽ کين بيئر ۽ ساڪي شراب به پياريو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سائنسدانن جو اهو ئي چوڻ آهي ته اهڙين شين ڪارائڻ پيارڻ سان ڪو خاص فرق نٿو پوي، پر اسان وٽ به قربانيءَ جي وهٽن کي پستا بادام کارايا وڃن ٿا.

ڪوبي بيف (Wagyu) لاءِ سڄي ڄپان ۾ هڪ ئي وقت 3000 جانور مس رکيا وڃن ٿا. انهن کي جيڪي شوقين پالين ٿا، اهي پنجن کان وڌيڪ نه ٿا پالي سگهن، جو انهن جي وڏي خدمت ڪرڻي پوي ٿي. ان ڪري هنن وهٽن جو گوشت بيحد مهانگو ٿئي ٿو. اڄ ڪلهه يعني هن سال 2018ع ۾، لنڊن جي هروڊس (Harrods) دڪان تي ڄپان جو هي امپورٽيڊ “ڪوبي بيف” 625 پائونڊن جو هڪ ڪلو آهي. پائونڊ جي قيمت 200 روپيا لڳائجي ته ڪوبي بيف جو هڪ ڪلو 12500 رپيا ٿيو. ڪوبي بيف کي پچائڻ وارا بورچي وڏي خيال سان اسٽيڪ ٺاهين ٿا. بقول هڪ ريسٽورنٽ واري جي:

“Sear it at high temperature, Then finish it on low heat. The fat melts and coats the meat with flavor as you cook it.”

# ساري جي پوک جو آرٽ - تامبو اَتو

مون ڏٺو آهي تہ يورپ جهڙا ملڪ، جتي سال جو وڏو حصو سخت ٿڌ رهي ٿي، اتي ننڍا وڏا، گهر ۾ هڪ هنڌ اڪيلي ويٺي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا رهندا آهن. عورتون پرت، آر سلائي، سئيٽر ناهڻ جهڙا ڪم ڪن تہ مرد وري سائنس، ورڪ شاپ جهڙا ڪم. جي هو ڪو ڪم نہ ڪندا تہ بہ انهن بابت سوچيندا رهندا. شايد اهو ئي سبب آهي جو اهڙن ملڪن جا ماڻهو نت نيون ايجادون ڪن ٿا. اسان ماڻهو (نندي ڪنڌ يا عرب ملڪن جا)، ان ڳالهہ ۾ پنتي آهيون جو اسان وٽ سياري جا ٽي مهينا بہ مچ ڪچهرين ۾ گذرن ٿا. جتي ڪٿي اوطاق ڪلچر آهي، جتي مرد گڏ ٿي گلائون ڪن ۽ ڪچيون گاريون ڏين ۽ هوڏانهن گهرن ۾ بقول اسان جي سنڌي شاعر تنوير عباسيءَ جي عورتون اوڙي پاڙي جي باقي عورتن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪن. اسان وٽ ورلي ڪو مرد يا عورت ڪنهن نئين شيءِ جي ايجاد ڪري ٿو.

يورپين وانگر مون جپانين کي بہ ڏٺو آهي تہ هو بہ پنهنجي منهن لڳا رهن ٿا. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا رهن ٿا يا سوچيندا رهن ٿا. ٽرين ۾ سفر دوران بہ ڏسندو آهيان تہ جپاني هڪ ٻئي جو مٿو کائڻ بدران پنهنجي منهن ڪو ڪتاب پيا پڙهندا يا اکيون پوري ننڊ پوري ڪندا يا سامهون گهوري سوچيندا رهندا. توهان ڏسو تہ هنن سائنس جي دنيا ۾ تہ وڏي ترقي ڪئي آهي، پر آرٽ ۾ پڻ. جيتوڻيڪ هنن آرٽ جي ڪيترين شين جا بنيادي خيالَ پنهنجي پاڙي واري ملڪ چين جي ماڻهن کان حاصل ڪيا، پر ان کي ڇا تہ وڌايو ويجهايو ۽ وقت جي حالتن ۽ ضرورتن مطابق انهن کي جديد ۽ خوبصورت بڻايو آهي. اڄ جپان جي آرٽ جون ڪيتريون شيون سڄي دنيا ۾ مشهور آهن ۽ دنيا جپانين جي دماغ جي تعريف ڪري ٿي ۽ جپانين جون ايجاد ڪيل شيون ڏسڻ ۽ سکڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو هلي جپان اچن ٿا. پوءِ اها آرٽ جي شيءِ اڪيبانا (گلن ۽ ٽارين جي گلدستي ۾ ٺاهہ جوڙ) هجي يا اوريگامي (پني مان مختلف شيون ٺاهڻ)، ڪبوڪي (اسٽيج ڊرامي ۾ اداڪاري)، سومو (ملهہ وڙهڻ) ۽ يوڪيبو اي (ڪاٺ جي پورن ذريعي ڇُر) هجي يا منگا (ڪارٽون)، هائيڪو (ٽن سٽن واري شاعري) يا شودو (ڪئليگرافي) هجي. جپاني هر شيءِ (ڀاڄي ڀتيءَ کان وٺي ميوي تائين) ڪوشش ڪري اهڙي اعليٰ جنس ۽ قسم جي پوکي ٿو جو مهانگو هجڻ جي باوجود دنيا ان کان خريد ڪرڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿي. ان جو مثال آئون پنهنجي پاڻيءَ جي جهازن جي هڪ سلزر (Sulzer) نالي انجڻ جو بہ ڏئي چڪو آهيان. سلزر انجڻ سئٽزرلينڊ وارن ايجاد ڪئي، جتي نہ سمنڊ آهي ۽ نہ جهازراني. انهن جي ٺهيل انجڻ فرانس ۽ جرمنيءَ وارن پنهنجي جهازن ۾ فٽ ڪري هلائي ۽ بيحد ڪامياب وئي ۽ اڄ تائين ڪامياب آهي. مون 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جن جهازن هلائڻ جي شروعات ڪئي، انهن ۾ سئٽزرلينڊ جي ٺهيل هيءَ انجڻ هئي. ان بعد دنيا جي مختلف ملڪن، اها انجڻ پنهنجي ملڪ ۾ ٺاهڻ لاءِ سئٽزرلينڊ کان لائسنس خريد ڪيو. جيئن آمريڪا ۽ سوئيڊن جي ڪوڪا ڪولا

يا ٻيون شيون اسان وٽ بہ ٺهن ٿيون يا جيئن جرمنيءَ جا مڪسر ۽ جوسر، چين ۽ ملائيشيا ۾ بہ ٺهن ٿا. مون بعد ۾ مختلف ملڪن ۾ ٺهيل سلزر انجڻ جا جهاز پڻ هلايا. انجڻ جو هر عضوو جيتوڻيڪ سئٽزرلينڊ جي اصلي معيار مطابق ٺاهيو ويو هو پر منجهس اها ڳالهہ نظر نہ آئي ۽ اهي جهاز هلائڻ ۾ سمنڊ تي ڪافي دقت محسوس ٿي. اسپين ملڪ جي ٺهيل انجڻ ۾ وري بہ ڪو حال هو پر يوگوسلاويا ۽ پولينڊ ۾ ٺهيل سلزر انجڻ وارن جهازن چڱو رت رئاڙيو ۽ پوءِ ڏهن پندرنهن سالن بعد مونکي هڪ دفعو وري سلزر انجڻ واري جهاز لاءِ اوساڪا موڪليو ويو جنهن جي انجڻ لاءِ خبر پئي تہ اها جپانين ٺاهي آهي. مونکي ڪا خاص اميد نہ هئي تہ جپانين ڇا ٺاهي هوندي، پر سائين! حيرت ٿي تہ انهن سئٽزرلينڊ جي اوريجنل کان بہ نہ فقط بهتر ۽ مضبوط ٺاهي هئي، پر ساڳي پاور جي باوجود سائيز بہ گهٽ رکي هئي. ان ڪري انجڻ روم ۾ ڊيوٽي ڪندي فرحت محسوس ٿيندي هئي.

هڪ ٻي ڳالهہ تہ اسان جي ملڪن ۾، نہ ماڻهن کي ۽ نہ سرڪار کي، عوام کي روزگار سان لڳائڻ جو فڪر رهي ٿو پر جپان، چين، ويندي ملائيشيا جهڙن ايشيائي ملڪن ۾ بہ انهيءَ سلسلي ۾، عوام جو خيال رکيو وڃي ٿو. مونکي ياد آهي تہ چين جي هڪ ڳوٺ جي ماڻهن کي ڪو روزگار نہ هو. حڪومت ولايت مان پنهنجن انهن ڪجهہ چيني ماهرن کي گهرايو جيڪي وهاڻا ٺاهڻ جا ماهر هئا ۽ ساڳي وقت ان ڳوٺ جي ماڻهن کي چيو تہ توهان ٻيو ڪو ڪم نہ ڪريو رڳو بدڪون پاليو. اڄ اهو ڳوٺ بدڪن جي گوشت کان مشهور آهي ۽ بدڪن جي کنڀن مان وهاڻا ٺاهي سڄي دنيا ۾ ايڪسپورٽ ڪيا وڃن ٿا. ان ڳوٺ ۾ اڄ ڪيترين ئي کنڀن صاف ڪرڻ ۽ وهاڻا ٺاهڻ جون مشينون ۽ ڪارخانا آهن.

هاڻ اچون جپان تي. جپان جا جتي ڪجهہ حصا ڳتيل آهن، اتي ڪجهہ حصا گهٽ آدمشماريءَ وارا بہ آهن. جپان جي چئن ٻيٽن مان بلڪل اُتريون ٻيٽ هڪيدو ۽ ان بعد هونشو جو مٿيون حصو اوموري (Ao-Mori) پريفيڪچر ايترا آباد ناهن. سڄو جپان پريفيڪچرن (ننڍن صوبن) ۾ ورهايل آهي ۽ هر پريفيڪچر ۾ ضلعا آهن ۽ هر ضلعي ۾ ميونسپلٽيون آهن. جپان جي هونشو ٻيٽ جو هي اتريون پريفيڪچر "Ao-Mori" سارين جي پوک سبب مشهور آهي. شايد ان ڪري ان جو نالو "اوموري" آهي. او (Ao) معنيٰ "سائو" ۽ موري (Mori) معنيٰ "ٻيلو" يا "جهنگل". اوموري پريفيڪچر ۾ 8 ضلعا آهن، جن مان هر هڪ ۾ 5 ميونسپالٽيون آهن. اوموري جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ "اناڪاڊاٽي" (Anakadate) جيڪو اڄ ڪلهہ سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويو آهي، ان بابت اسان او موري بندرگاهہ ۾ رهي ڪري بہ ڪڏهن نہ ٻڌو. 1993ع کانپوءِ هي 6000 کن غريب هارين جو ڳوٺ "تامبو اٽو" سبب دنيا ۾ مشهور ٿي ويو آهي. جنهن کي ڏسڻ لاءِ هر سال بہ لک کن سياح اچن ٿا ۽ هن ڳوٺ جي هر گهٽي سياحن سان سَٽيل رهي ٿي.

تامبواٽو (Tambo Ato) جپان ۾ سارين جي فصل جي آرٽ (Rice Paddy Art) کي سڏيو وڃي ٿو ۽ ان جي شروعات جپان ۾ اناڪاڊاٽي ڳوٺ وارن ڪئي. هو مختلف رنگن جي پنن وارين سارين جي فصل ذريعي مختلف تصويرون ٺاهين ٿا. اسان وٽ تہ سارين جي فصل جو رنگ سائو ٿئي ٿو جيڪو سڪڻ تي هيڊو يا ناسي ٿئي ٿو پر جپان ۾ هن ڳوٺ جي ماڻهن مختلف تجربا

ڪري سائي پن سان گڏ ڳاڙهي، هئڊي، ويندي ڪاري ۽ اڇي رنگ جي پنن وارين سارين جا سلا ايجاد ڪيا آهن.

اناڪاڊاتي ڳوٺ وارو علائقو گذريل ٻن هزار سالن کان سارين جي پوک سبب مشهور آهي ۽ هن ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهو سڀ هاري آهن. جن جو هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ گذر سفر ڏاڍو ڏکيو پئي ٿيو. حڪومت ڪين هڪ خاص قسم جو پارڪ به ٺهرائي ڏنو ته جيئن دنيا جا هتان لنگهندڙ سياح هتي ڪجهه دير ترسي پون ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جي هوٽل ۽ ٽئڪسيون هلائڻ ذريعي ڪمائي ٿي سگهي. پر اهو ڪم هلي نه سگهيو. بلڪ هنن کي ان پارڪ جي ٺاهه جوڙ ۾ ئي وڏو خرچ اچي ٿي ويو ۽ هو هر سال قرضي ٿيندا پئي ويا.

منهنجي خيال ۾ اهو سال 1990ع يا 91ع هو جو هن ڳوٺ جي ماڻهن کي اها ڳالهه دماغ ۾ آئي ته ڇو نه ڪجهه ايڪڙن تي سارين جي فصل کي اهڙيءَ طرح رکيو وڃي، جو پري کان ڪنهن جي تصوير نظر اچي. هنن 1993ع ۾ پهرين تصوير ان علائقي جي جبل ”اِي واڪيءَ“ جي ٺاهي ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ ان جي سامهون 22 ميٽر اتاهون قلعي نما ٽاور ٺاهيو جنهن تي چڙهي سياح ڏسي سگهن. پهرين سال ايترا ماڻهو نه آيا. پر هاڻ ته هر سال وڌندا رهن ٿا ۽ هو هر سال مختلف شين جون تصويرون ٺاهين ٿا. جيئن: موناليزا، نيپولين، فيوجي جبل، گيشا ۽ مارلن مونرو، مومو تارو، Star Wars، شن گوڊزيلا وغيره.

هر سال اپريل جي مهيني ۾ اناڪاڊاتي ڳوٺ جا ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ٿي فيصلو ڪندا آهن ته ڪهڙي نئين تصوير ٺاهجي ۽ پوءِ سارين جو ٻيجو پوکڻ کان اڳ اها تصوير پهرين ڪمپيوٽر تي ٺاهي وڃي ٿي ۽ پوءِ ڪمپيوٽر جي ان صفحي کي ننڍڙين ننڍڙين چوڪڙين ۾ ورهايو وڃي ٿو. ساڳي وقت زمين جي ٻن ٽن ايڪڙن (جن تي اها سارين جي ٻيجي ذريعي تصوير ٺاهڻي آهي) کي اوترين چوڪڙين ۾ ورهايو وڃي ٿو. پوءِ ڪمپيوٽر مطابق هر چوڪڙيءَ ۾ ان رنگ جي پنن واري ٻيجي کي ان تعداد ۾ ان هنڌ تي پوکيو وڃي ٿو. سال 2007ع ۾ اهو ڪم 700 ماڻهن گڏجي ڪيو هو. اڄ ڪلهه جپان جي هن ڳوٺ ۾ ان تصوير ٺاهڻ لاءِ 1500 چورس ميٽر زمين تيار ڪئي وڃي ٿي، يعني ڊرتيءَ جي فريم جي 450 ميٽر ڊيگهه رکي وڃي ٿي ۽ 35 کن ميٽر ويڪر. اهو ڪو ننڍو فريم نٿو ٿئي. 450 ميٽر اٽڪل اڌ ڪلوميٽر ٿئي ٿو ۽ 1200 کان مٿي هاري ٻيجو هڻن ٿا.

وچ ۾ هن ڳوٺ جي ماڻهن کي اهو به خيال آيو ته ڇو نه تصوير جي هيٺان هڪ وڏيڪ زمين جي پٽي تيار ڪري ان تي سارين جي فصل مان جپان ايئرلائين، ڪنهن مشهور اخبار يا هوٽل جو لوگو ٺاهي، اشتهارن مان به پئسا ڪمايا وڃن. پر پوءِ ڳوٺ جي ميئر ۽ ڪجهه ٻين ماڻهن ان ڳالهه کي پسند نه ڪيو ۽ اشتهار ٺاهڻ جو خيال ڇڏي ڏنو. سارين جي پوک جو آرٽ (تامبو اتو) ڏسڻ لاءِ سياحن جي سهولت لاءِ هن ڳوٺ جي پرسان تامبواتواِڪي (Rice paddy Art station) نالي هڪ ريلوي اسٽيشن ٺاهي وئي آهي. جيڪا سال جا 8 مهينا (اپريل کان نومبر تائين) کليل رهي ٿي ۽ ريل گاڏي هيرو ساڪي شهر کان ڪوروِاشيءَ تائين هلندي سياحن کي هتي لاهي ٿي. ”تامبواتو ريلوي اسٽيشن“ هيرو ساڪيءَ کان 13 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي.

سارين جي رنگين فصل سان هر قسم جي تصوير اهڙي تہ چٽي پٽي ٿاهي وجي ٿي، جو ڏسڻ وارا حيرت ۾ پئجيو وڃن. ڳوٺ جي ميئر ڪويو سوزوڪيءَ چيو تہ، ”ڪيترا سياح تہ اهو پڇندا آهن تہ، ڇا سارين جي پنن کي بعد ۾ رنگ (Spray Paint) ڪيو وڃي ٿو؟!“...... دراصل ان ئي حيرت کي دور ڪرڻ لاءِ سياح هلي، پنهنجين اکين سان ڏسڻ لاءِ هتي اچن ٿا، تہ ڪيئن ٻيجو جيئن جيئن وڌو ٿئي ٿو تيئن ان مان هڪ خوبصورت تصوير نمودار ٿيو وڃي؟!

ڳوٺ جي هڪ ماڻهوءَ ٻڌايو تہ سارين جي پوک جو آرٽ ٺاهڻ ۾ هنن کان پهرين غلطيون بہ ٿيون.

”2003ع ۾ موناليزا جي تصوير لاءِ ٻيجو هنيوسين تہ وچ ۾ ڪجهہ ڳنيون وڏيڪ لڳي ويون ۽ پوءِ جڏهن فصل وڌو ٿيو ۽ موناليزا جي تصوير نمودار ٿي تہ وچ ۾ ٿلهي ٿيڻ ڪري اها پيٽ سان لڳي رهي هئي. ان ڪانپوءِ اڄ ڏينهن تائين اسان ڪمپيوٽر جي مدد سان صحيح رنگ جو ۽ صحيح فاصلي تي ٻيجو لڳايون ٿا ۽ هر قسم جي تصوير اهڙي تہ اصلي لڳي ٿي، ڄڻ ڪپڙي تي آئل پينٽ ٿيل هجي. هي نظارو ڏسڻ لاءِ اسان اڄ ڏينهن تائين ٽڪيٽ نہ رکي آهي. پر ٽوئرسٽ جيڪي Donation ڏين ٿا، اهو ايترو ٿئي ٿو جو. خرچ پکو لاهڻ بعد اسان ڳوٺاڻن لاءِ بہ ڪافي بچت ٿيو پوي“. هُنَ وڌيڪ ٻڌايو شهر جي ميئر مسٽر سوزوڪيءَ ڪلندي چيو:

“We have no sea and no mountains, but what we do have plenty of is rice. We have to create a tourism industry using our own ingenuity”

# جپان جا جڳ جهان کان نرالا پولڙا

جپان تي ڪيترائي سفرناما ۽ مضمون لکي چڪو آهيان. پر هر دفعي هتي جي پولڙن بابت لکڻ وسريو وجي. هتي جا پورا ڏاڙهين وارا پولڙا جڳ جهان کان نرالا آهن. ائين ته پاڪستان کان ڏکڻ اوڀر طرف نڪربو ته انڊيا، سريلنڪا، بنگلاديش کان برما، ٿائيلينڊ، ملائيشيا ۽ ڪمبوڊيا کان ويٽنام ۽ انڊونيشيا، بيهودن ۽ گدلن پولڙن سان ڀريا پيا آهن. جيڪي ماڻهن جي زندگي زهر ڪريو ڇڏين. ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ جتي مون ڏهه سال کن مئريٽائيم اڪيڊميءَ ۾ پڙهايو اها سمنڊ جي ڪناري تي هڪ ڏورانهين ڳوٺ ”ڪوالا سنگائي باروءَ“ ۾ هئي. جتي امن امان جي ايڏي ته سٺي حالت هئي. جو رات جو به ڪارن ۽ گهرن کي ڪنڍيا نه هنياسين. پر ان هوندي به سڄي ڪئمپس کي لوهي ڪوڪن واري لوڙهي سان بچائي رکيو ويو هو. اچڻ وڃڻ جا در هر وقت بند رکيا پئي ويا. شل نه ڪو دروازو ڪڏهن کليل رهجي وڃي.... توهان سمجهندئو ته شايد چور يا ڌاڙيل گهڙي پوندا هوندا.... هرگز نه ! گهر جي ٻاهران رکيل نون بوٽن ۽ ٻارن جي رانديڪن کي به ڪنهن هٿ نه پئي لاتو. دراصل سڄي ملائيشيا ۾ پولڙن جو وڏو آزار آهي ۽ اسان جي پاسي ته جهنگل هجڻ ڪري پولڙن جا ولر، ڪڏهن ته هڪ سئو کان به مٿي، اندر ڏوڪي ايندا هئا ۽ گهرن ۾ ،خاص ڪري بورچيخاني مان ڪاڌي پيتي جو شيون ڪيڏي ڪٻٽن ۽ فرجن کي خالي ڪري ويندا هئا. ڏسڻ ۾ ملائيشيا جا پولڙا هجن يا انڊيا ۽ سريلنڪا جا، هو بيحد گدلا، لالچي ۽ خوفائتا لڳن ٿا. انهن جي مقابلي ۾ جپان جا پولڙا صاف سترا، بهتر شڪل شبيهه وارا ۽ فضيلت وارا مڃيا وڃن ٿا.

هڪ ڏينهن جپان جي شهر ”فڪوا وڪا“ جي هڪ پارڪ ۾ اڪيلو ويٺو هوس. رستي تان لنگهندڙن ۽ پارڪ ۾ ايندڙ ماڻهن ۽ چوڌاري وڻن ٽڻن، ٻوٽن ۽ اڏامندڙ پکين کي پئي ڏٺم. ڪيترا ئي پکي ته پٽ تي اسان جي پيرن اڳيان ڇُڳي رهيا هئا. دل ۾ چيم ته قدرت جپان کي نه صرف سٺا نظارا ڏنا آهن، پر پکي پکڻ پڻ. اسان وٽ ته ڳوٺن ۾ وڃ ته اتي به رڳو غير رومانوي پکي - ڪانگ ۽ ڪٻرون نظر اچن ٿيون. وڏ ۾ وڏ سليٽي رنگ جا پاريهر. پر پوءِ مون کي ياد آيو ته ننڍي هوندي يعني اج کان سٺ ستر سال اڳ 56-1955ع ڌاري پنهنجي انبن جي باغ ۾ ويندو هيس ته ڪيترائي سهڻا پکي: چانهه، ڳيرا، هوڙها، ويندي تتر نظر ايندا هئا. ساوا ڄَتون ته ايترا هوندا هئا، جو انبن جي موسم ۾ انهن کي هڪلڻ لاءِ خاص ماڻهو رکڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجي سيپ کان جهوني هاريءَ کان طوطن جو پڇيم. جواب ۾ وراڻيائين: ”سائين! پاڻ واري پراڻي ڪمدار جي پوٽي سڀ طوطا دبئيءَ موڪلي ڇڏيا. هاڻ ڪو سائو ڪنپ به نظر نٿو اچي“.

مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته هن ٻڌايو ته هن نينگر ۽ سندس ساٿين، وڻن جي پورن ۾ رهندڙ طوطا ته ڇا، انهن جا ٻچا به ڦاسائي، واپارين کي وڪڻي ڇڏيا. جن کان دبئيءَ جا عرب گهرائين ٿا.

واقعي توهان دبئيءَ يا ابو ڌابيءَ وجهه ۾ اتي توهان جو ڪو عرب سڃاڻو توهان کي پنهنجي رهائش وارن علائقن ۾ وٺي هلي، ته توهان کي حيرت ٿيندي، ته ڪيڏي وڏي تعداد ۾ طوطن جهڙا رنگين پکي، ويندي پورا ۽ ڪارا تتر بي خوف ٿي روڊ تي ٽلي رهيا آهن. عرب پاڻ ته اسان جي ملڪ ۾ اڇي تترن، ڪونجن، آڙين جو شڪار ڪري ڳوٺيون ڀريو وڃن پر توهان اتي هڪ تتر به ته جهلي ڏيکاريو يا ان کي پٿر پٽر هڻو جيل سان گڏ ڳرو ڏنڊ سزا طور آهي.

فڪواوڪا (جپان) جي پارڪ ۾ اهي ڳالهيون ويٺي سوچيم ته به ڪانگ اچي لٿا.

”تهيو، چئبو ته جپان ۾ ڪارا ڪانگ به آهن“. مون دل ۾ سوچيو ۽ غور سان ڏٺم ته جپان جا ڪانگ نه فقط ڪارا آهن، پر ڪجهه وڏيڪ ٿي ڪارا آهن. ان سان ملندڙ جلندڙ ڪارا ڪانگ مون ڪاليج جي ڏينهن ۾ ڪوئيٽا ۾ ڏٺا هئا. جپاني ڪانگ پنهنجي چال مطابق ڇپر تي واڪ ڪرڻ لڳا. ڪجهه ٻار به هئا جن جي هٿن ۾ ڪيڪن، بسڪوٽن جون پُڙيون هيون. مون سمجهيو هي ڪانگ ٻارن کان شيون کسيندا. پر ائين نه ٿيو. ڪنهن ٻار ڪا شيءِ کين اڇلي ڏني ٿي، ته هنن کاڌي ٿي، نه ته نه. سو اهڙيءَ طرح مون کي جپان جا پولڙا به لڳا، تڏهن ته مون هنن کي فضيلت وارو لکيو آهي، نه ته جيڪي پولڙن جا نسل مون ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ ڏٺا آهن، ٿائلينڊ ۽ بنگلاديش ۾ ڏٺا آهن، سريلنڪا ۽ انڊيا جي ٻن ٽن شهرن ۾ ڏٺا آهن، اهي ته تونهه زاريءَ جهڙا آهن.

جهاز جي هڪ جهوني همراهه چيو ته سخت سيءَ جي ڪري جپان جا پولڙا گهڻا مستي خور ۽ دانهون ڪرڻ وارا ناهن، جيئن ناروي، سئيڊن، فنلينڊ جهڙن ملڪن ۾ توهان ڪڏهن ماڻهن يا ٻارن کي گهٽو ڳالهائيندي يا رڙيون ڪندي ڏٺو آهي؟ ڪنهن ڪتي کي ڀونڪندي ڏٺو آهي؟ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جپاني پولڙا جن کي برفاني پولڙا يا ”نهان زارو“ (Nihonzaru) سڏجي ٿو جپان جي فقط اُترين ۽ ٿڌن علائقن ۾ نظر اچن ٿا، جتي زمين برف جي تهه سان ڍڪيل رهي ٿي. ”نهان“ جي معنيٰ ”جپان“ يا ”جپاني“ آهي ۽ پولڙي کي جپاني ٻوليءَ ۾ ”سارو“ (Saru) سڏجي ٿو جيڪو لفظ ”نهان“ سان لڳائڻ سان ”زارو“ ٿيو پوي، جيئن نديءَ کي جپانيءَ ۾ ”ڪاوا“ (Kawa) سڏجي ٿو پر سندس اڳيان ڪنهن نديءَ جو نالو لڳائڻ سان اهو لفظ ”گاوا“ (Gawa) ٿيو پوي، جيئن ٽوڪيو مان لنگهندڙ ”سميدا“ نديءَ کي جپاني ”سميدا گاوا“ سڏين ٿا.

جپاني پولڙي جي جسم تي اُنَ جي ڌاس جهڙي پوري ٻَج (Fur) ٿئي ٿي، جيڪا هن کي سيءَ کان بچائي ٿي. سندس منهن ڳاڙهي يا گلابي رنگ جو ۽ پڇ تمام ننڍڙو ٿئي ٿو. نور ۾ نر ساڍا ڏهن ڪلو ۽ مادي ساڍا اٺ ڪلو ٿئي ٿي. نر ماديءَ کان به فُٽ کن قداور ٿيندو. ٻنهي جي جسم جو پٺيون حصو به سندن چهري وانگر ڳاڙهي يا گلابي رنگ جو ٿئي ٿو. عام جانورن لاءِ ٿڌ ۾ رهڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي، پر هي جپاني پولڙا ڪاٿو 20 ڊگريءَ ۾ به آرام سان رهيو وڃن. هي پولڙا وڻن تي به رهن ٿا ته زمين تي به. تارون پڻ سٺا آهن ۽ ٿڌي پاڻيءَ ۾ به هڪ ئي وقت اڌ ڪلوميٽر تريو وڃن.

مادين (پولڙين) کي پنهنجي صحت صفائيءَ جو وڏو خيال رهي ٿو. هو هر وقت پنهنجن وارن کي پيون ڇاهينديون ۽ پنهنجي ۽ ٻئي جي جسم مان جُوئون ڪيڏندي نظر ايندريون. ڪنهن زماني ۾ ٻئنڪاڪ جي ندي ”چائو فاريا“ مان لنگهبو هو ته ڪناري وارن گهرن ۾ رهندڙ ڇوڪريون، گهر جي

درياهہ واري پاسي جي ڊِڪين تي قطار ۾ ويهي هڪ ٻئي جون جُوئون ڪيڏندي نظر اينديون هيون. هي پولڙا ٻہ مون ڪي ٻن يا ٽن جي ٽولين ۾ ويٺل، جوئون ڪيڏندي نظر ايندا آهن.

پولڙو جپاني دنيا ۾ ادب، لوڪ ڪهاڻين، پهاڪن، اصطلاحن، شاعريءَ ۽ مذهب ۾ تمام گهڻو نظر اچي ٿو. ويندي مندرن ۾ پولڙن جا مجسما نظر اچن ٿا.

وچ جپان جي پريفيڪچر توچي گي (Tochigi) جي هڪ شهر نيڪو (Nikko) ۾ جپان جو هڪ آڳاٽو مندر "توشوگو" (Toshogu) آهي، جنهن ۾ توڪو گاوا سلطنت جي پهرين حاڪم جو مقبرو آهي. هي مندر سندس ياد ۾ سندس پٽ 1617ع ۾ ٺهرايو. جپان تي توڪو گاوا گهراڻي جو 1603ع کان 1867ع تائين راڄ رهيو جنهن دؤر ۾ گاديءَ جو شهر "ايدو" رهيو جيڪو هاڻ ٽوڪيو سڏجي ٿو. هن مندر ۾ پنج ماڙ پگوڊا آهي. پنج ماڙيون قدرت جي پنجن شين جي نمائندگي ڪن ٿيون، جيئن: هوا، پاڻي، زمين، باهہ ۽ طوفان. هن مندر ۾ ٽن پولڙن (San Zaru) جو مجسمو آهي. جيڪي "ٽي عقلمند پولڙا" سڏجن ٿا، جن جا نالا آهن، ڪِيڪا زارو، مِي زارو ۽ اِيوا زارو. جن مان هر هڪ "نہ خراب ڳالهہ ٻڌي ٿو نہ خراب ڳالهہ ڪري ٿو ۽ نہ خراب ڳالهہ ڏسي ٿو".

نيڪو شهر جي توشوگو مندر ۾ هي "Hear no evil, See no evil & Speak no evil" وارا پولڙا ڏسي مون کي حيرت ٿي جو انهن پولڙن (Wise Monkeys) جي ان واعظ بابت مون مهاتما گانڌيءَ جي تقريرن ۾ لکڻين ۾ پڙهيو هو. مون سمجهيو اها گانڌيءَ جي چوڻي آهي تہ "برو نہ ٻڌو برو نہ ڏسو ۽ برو نہ ڳالهايو". پر هن مندر ۾ پولڙن جي مجسمي جي ٺهڻ جو سن ڏسي لڳو تہ، مهاتما گانڌي ٿي سگهي ٿو هتي جپان آيو هجي يا هن هنن عقلمند پولڙن جي نصيحت ڪنهن کان ٻڌي هجي، جو هي مندر ۽ پولڙا 400 سال پراڻا آهن ۽ گانڌيءَ جي انهن تقريرن کي 100 سال بہ نہ ٿيا آهن. هونءَ پولڙن جا مندر جپان ۾ ٻيا بہ ڪيترائي آهن. هڪ تہ ٽوڪيو جي جديد علائقي اڪاساڪا ۾ هيئي (Hie) مندر آهي. هي مندر "سان نو" نالي هڪ خيالي پهاڙي بادشاهہ گان گين کي منسوب ٿيل آهي. "سان نو" (Sanno) بادشاهہ جا نياپا پهچائيندڙ پولڙو آهي. ان ڪري هن مندر ۾ پولڙن جا مجسما رکيل آهن ۽ انهن جي مورتين جا ڇپيل Ema (تعويذ) ملن ٿا. جپانين جو چوڻ آهي تہ هنن پولڙن جي پوڄا پاٺ سان شادي پرسڪون رهي ٿي ۽ ويم ۾ بہ آساني رهي ٿي.

جپاني ادب ۾ ڪيترائي شعر ۽ پهاڪا پولڙن تي آهن جيئن تہ: "Saru mo ki kara ochiru" (ويندي پولڙا بہ وڻن تان ڪري سگهن ٿا).

پولڙا سڄو ڏينهن هڪ وڻ کان ٻئي ڏي ٽپ ڏيندا رهن ٿا. انهيءَ ڪم ۾ هو هوشيار آهن، پر هيڙا ماهِرَ بہ ڪڏهن ڪڏهن ٽپ ڏيندي وڻ تان ڪريو پون. يعني غلطي هر هڪ کان ٿي سگهي ٿي. هڪ جپاني چوڻي آهي: "Saru wa keg a sanbon" (پولڙو هڪ ماڻهو ئي آهي بس ان کي ڪٽي تي ڇڳون وارن جون گهٽ آهن).

ڪنهن جي خراب تعلقات لاءِ جپانيءَ ۾ چيو ويندو آهي: "Kenen non naka" (ڪتي ۽ پولڙي وارا تعلق اٿن).

پاڻ وٽ هڪ چوڻي مشهور آهي تہ مينهن چوي ڍڳيءَ کي ”هل ڙي پڇ ڪاري“ يعني پاڻ کي نہ ڏسڻ پر ٻين تان کلڻ. جپانيءَ ۾ ان جهڙي چوڻي آهي تہ: ”Saru no Shiri warai“ (ٻولڙو ٻئي جي پٺ تي کلي رهيو آهي).

دراصل جپاني ٻولڙن، نرن ۽ مادين جي پٺ ڳاڙهي ٿئي ٿي.

جپان جي هڪ مشهور شاعر مئتسو باشوءَ جو هڪ تمام گهڻو مشهور هائيڪو آهي. جيڪو ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي:

Hatsu Shigure
Saru mo komicno
Wo hoshinge Nari

ڦهريون مينهن جو وسڪارو
لڳي ٿو تہ ٻولڙي کي بہ گهرجي
ڪکن جو هڪ ڪوٽ

جپاني ٻارن جي ڪيترين ڪهاڻين ۾ ٻولڙي جو ذڪر اچي ٿو پوءِ ڪتي اهو دوست ۽ مددگار جي حيثيت ۾ آهي، جيئن ”مومو تارو“ ڪهاڻيءَ ۾.... ڪن ۾ ٻولڙو ٻين کي تنگ ٿو ڪري ۽ تڪليف ٿو پهچائي، جيئن ڪيڪڙي جي ڪهاڻي ”Saru kani gassen“ ۾ ٻولڙو پٽ تان ڪيڪڙي سان وڙهي ٿو. ”مومو تارو“ ڪهاڻيءَ واري ڇوڪري جو اوڪاياما ريلوي اسٽيشن اڳيان وڏو مجسمو بہ ٺهيل آهي، جيڪو پنهنجن دوستن: ٻولڙي، ڪتي ۽ ولائتي ڪڪڙ (فيزنٽ) سان گڏ ڏيکاريل آهي.

# ڪمونو - جپان جو روايتي لباس

ڪيترائي ملڪ پنهنجي روايتي لباس سبب مشهور آهن. پر وقت سان گڏ اڄ جي دؤر ۾ ان ۾ بہ تبديلي اچي وئي آهي. پهريون دفعو انڊيا وڃي رهيو هوس تہ مون سمجهيو تہ سڀ نہ. تہ بہ ڪيترائي ماڻهو مرد ڌوتين ۾ نظر ايندا ۽ عورتون ساڙهين ۾. پر اتي پهچي فوٽو ڪڍڻ لاءِ ڌوتين وارن کي ڳوليندو رهيس. ڪو هڪ بہ مندرن وٽ نظر آيو ٿي، نہ تہ سڀ مغربي لباس پتلون ۾ هلي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح انڊيا ۾ عورتون ساڙهين بدران شلوار قميص، اسڪرٽ ۽ پتلون ۾ نظر اچن ٿيون. اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ 1960ع واري ڏهاڪي کان اڳ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جهڙن وڏن شهرن ۾ ڪيترائي مرد پاجامن ۾ ۽ عورتون ساڙهين ۾ نظر ايندڙيون هيون. پر هاڻ مرد توڙي عورتون شلوار قميص ۾ نظر اچن ٿا ۽ نوڪرين وارا مرد پتلونن ۾. ڪي ڪي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙا ملڪ آهن. جتي عورتون پنهنجي قومي لباس ”باجو ڪرونگ“ ۾ نظر اچن ٿيون. يعني مٿان بشرٽ جهڙو بلائوز ۽ هيٺ گوڏ (سرونگ). پر اتي بہ مرد گهڻو ڪري مغربي لباس پتلون ۾ نظر اچن ٿا. اهو آهي، تہ ملائيشيا وارن پنهنجي لباس باجو ڪرونگ کي وقت سان گڏ وڌيڪ ماڊرن، خوبصورت ۽ اوچي ڪپڙي جو ڪيو آهي ۽ ڏسڻ واري کي اها ڊريس سهڻي لڳي ٿي ۽ ٽائيٽ فٽنگ ۾ ملئي ڇوڪريون سمارٽ لڳن ٿيون. نہ تہ 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن پهريون دفعو ملائيشيا آيو هوس، تہ ملئي ڇوڪريون شڪل شبيهہ ۾ بہ ائين هيون ۽ سندن هيءُ لباس، هڪ عام گوڏ ۽ هٿ سان سبيل گنجيءَ جهڙي قميص هيو جيڪو اسان وٽ اڄ بہ ٻهراڙيءَ جا غريب مرد هاري پائين ٿا.

هونئن ڊريس جي معاملي ۾ جپان جي ڇوڪرين جو لباس ”ڪمونو“ دنيا ۾ بهترين مڃيو وڃي ٿو. سهڻن رنگن واري اوچي ڪپڙي جي لباس ۾ هو سيني جي نظرن لاءِ ڪشش رکن ٿيون. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن جپان پئي ويس تہ سوچيو هوم تہ جپاني ڇوڪرين جا سندن هن خوبصورت لباس (ڪمونو) ۾ ڪيترائي فوٽو ڪيندس. پر نگويا، ساسيبو وڪاياما توڙي ٽوڪيو ۽ يوڪوهاما جهڙن وڏن شهرن ۾ بہ ڪمونو پهريل جپاني ڇوڪريون نظر نہ آيون. ڪنهن ڪنهن ڏينهن ڪٿي ورلي ڪا ڇوڪري پري کان گذرندي نظر آئي هوندي، نہ تہ سڀ مرد توڙي عورتون، پوڙها توڙي جوان مغربي لباس قميص پتلون ۽ اسڪرٽ ۾ نظر آيا.

ڪنهن چيو تہ ڪمونو ۾ ملبوس جپاني ڇوڪرين کي ڏسڻو آهي تہ ڪيوٽو شهر وڃجي، ۽ پوءِ منهنجو جڏهن جپان جي هن تاريخي شهر ڪيوٽو ۾ ٽرين رستي وڃڻ ٿيو تہ اتي ٻڌايائون تہ ڪمونو ۾ جپاني ڇوڪرين کي ڏسڻو آهي تہ ان لاءِ هن شهر ڪيوٽو جي ”گيان اسٽريٽ“ تي وڃڻو پوندو.

ڪيوٽو جي گيان اسٽريٽ گيشائن ۽ انهن جي سيڪڙاٽن مائيڪوئن جي ڪري مشهور آهي. پر اتي بہ، توهان جي خوش نصيب آهيو تہ، ان وقت ڪا هڪ بہ ڇهل قدميءَ لاءِ نڪتل گيشا يا مائيڪو نظر اچيو وڃي، جنهن سان توهان تصوير ڪيرائي سگهو ٿا. ها البت ڪڏهن ڪڏهن جپان جي ڪنهن شهر جي هوٽل ۾ شاديءَ جي دعوت ۾ توهان کي ڪمونو واريون جام جپاني

ڇوڪريون ملي سگهن ٿيون يا وري جپان جي ڪن خاص ڏينهن تي هي ڪمونو ۾ نظر اچن ٿيون. يعني جپان جو هيءُ روايتي (Traditional) لباس هاڻ هڪ قسم جو فارمل لباس ٿي پيو آهي، جيڪو هو عيد براد وارن ڏينهن يا شادين مرادين ۾ پائين ٿيون. ان جو سبب اهو ٿي ٻڌايو وڃي ٿو تہ گهڻي ڪپڙي جي ڪري اهو لباس ڳرو ٿئي ٿو ۽ هلڻ واري جي چال سست رهي ٿي. ان ڪان علاوه ڪمونو اڪيلي سر پهرڻ مشڪل ڳالهہ آهي. ان لاءِ ٻئي جي مدد جي بہ ضرورت پوي ٿي ۽ ان تي ڪافي وقت لڳي ٿو. ان ڪان علاوه سياري ۾ تہ صحيح آهي، پر هي ڪمونو ايڏو تہ ڳرو ۽ گهٽن تهن وارو ٿئي ٿو جو گرميءَ ۾ پگهر وڃيو ڪڙيون ڪٽن. ڪمونو جا بہ ڪيترائي قسم آهن ۽ سڀ مهانگا ٿين ٿا. ڪي تہ ڏهہ ڪان ويهہ هزار ڊالرن يعني ڏهہ ڪان ويهہ لکن رپين جي ملهہ جا ٿين. ڪمونو جهڙو هڪ هلڪو ڪمونو بہ ٿئي ٿو جيڪو گهڻو ڪري مرد پائين. اهو يوڪاتا (Yukata) سڏجي ٿو.

ڪمونو تي لکڻ ان ڪري ياد اچي ويو جو گذريل دفعي ڪيوٽو ويس، تہ اهو ڏسي حيرت ٿي، تہ جتي ڪٿي جپاني ڇوڪريون تہ ڇا ڪجهہ يورپي ۽ آمريڪي ڇوڪريون بہ ڪمونو ۾ گهمي رهيون هيون. جنهن مندر، ميوزم يا پارڪ ۾ وڃان تہ ڪيتريون ئي ڇوڪريون ڳرا ڪمونا پائي پسار ڪري رهيون هيون. آخر هڪ مقامي واقفڪار ڪان پڇيم: ”خير تہ آهي. هي انقلاب ڪيئن اچي ويو آهي؟“.

هن ٻڌايو تہ ڪيوٽو شهر جي ميئر ڪمونو پائڻ جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ (جيئن سياح جپاني لباس ڪمونو ڏسي سگهن)، اعلان ڪيو آهي تہ 15 ڏينهن لاءِ جيڪا ڇوڪري ڪمونو پائي شهر ۾ نڪرندي ان لاءِ بس ۽ ٽرين ۾ سفر مفت ۽ ان ڪان علاوه جنهن بہ مندر، پارڪ، چڙيا گهر يا ميوزيم ۾ ويندي تہ هن ڪي ٽڪيٽ جا پئسا نہ ڏيڻا پوندا. سو ان چڪر ۾ نہ فقط جپاني ڇوڪريون پر ڌارين ملڪن جون آيل سياح يا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون بہ ڪمونو پائي سڄي شهر ۾ مفت جا چڪر پيون هڻن. اها آفر ڌارين ڇوڪرين لاءِ بہ رکي وئي آهي.

هڪ فرينچ ڇوڪريءَ کي ڪمونو ۾ ڏسي پڇيومانس: ”اهو ڪمونو ڪٿان هٿ ڪيئہ؟! ضرور ڪنهن جپاني ڪلاس ميٽ يا ساهيڙيءَ ڪان ورتو هوندءِ؟!“.

”نہ. اهو مون ۽ منهنجي انگريز ساهيڙيءَ گڏجي مسواڙ تي ورتو آهي. اڌ ڏينهن هوءَ پائي ڪيوٽو جو سير ڪندي آهي تہ اڌ ڏينهن آئون.“

ڪيوٽو ۾ هر قسم جا ڪمونو بہ مسواڙ تي ملن ٿا. هنن ٻڌايو تہ. جيڪو سادي قسم جو ڪمونو هنن ٽن ڏينهن لاءِ مسواڙ تي ورتو هو ان جي روز جي مسواڙ 3000 يين آهي. ”روز ڏيڍ هزار يين آئون ڏيان ۽ ڏيڍ هزار يين هوءَ. ڏيڍ هزار تہ ٻن مندرن ڏسڻ جي ٽڪيٽ آهي. اسان نہ رڳو بسن ۽ ريل گاڏين ۾، ڪيوٽو ضلعي ۾ مفت جا چڪر ڏئي رهيون آهيون. پر ڪيترائي مندر، ميوزيم ۽ پارڪ بہ ڏسي رهيون آهيون. ٻي بجي تائين هوءَ ٿي پائي، ان بعد هي ڇوغو آئون چاڙهي، رات جو ڏهين تائين چڪر تي ٿي نڪران“.

# جيئڻ به مشڪل ته مرڻ به مشڪل

جپان ۾ سالن کان وجڻ ٿيندو رهيو پر ڪڏهن جپاني ماڻهن جو قبرستان ڏسڻ جو موقعو نه مليو. پهريون دفعو مون فڪوڪا جو قبرستان ڏٺو. فڪوڪا ضلعي جي ڪوڪورا شهر ۾ پنهنجي ڏيءَ وٽ رهيل هوس، ته هڪ ڏينهن هن جي پوڙهي پاڙيسرياڻي پنهنجي پيءُ جي قبر تي وڃي رهي هئي، سو آئون به هن سان روانو ٿيس. جپاني قبرستان به يورپ جي ملڪن جي قبرستانن وانگر لڳن ٿا. صاف سٿرا، گهاٽي وڻڪار، ويهڻ لاءِ اوسي پاسي ۾ رکيل بلاڪ ۽ بينچون. قبرن جي وچ ۾ هلڻ لاءِ پڪويا سرن وارو رستو. اسان جي پاڙيسرياڻيءَ قبرستان کان اڳ واري بس اسٽاپ وٽ دڪانن مان هڪ تان بالٽي ۽ مگ ورتو ۽ بئي تان ڪنهن وڻ جي ٽي فٽ کن ڊگهي ڇڪي. مون سمجهيو ته هن اهو سامان گهر لاءِ ورتو آهي، جيتوڻيڪ مونکي اها حيرت ضرور ٿي، ته پنهنجي پاڙي جي ڪنهن ڊپارٽمينٽل اسٽور تان ونڻ بدران، هن اهو سامان ٽيهه ميل پري هتان ڀراڙيءَ جي هڪ دڪان تان اچي ورتو آهي، جتي قبرستان هيو. پر پوءِ مون ڏٺو ته اهو سامان ڪار ۾ رکڻ بدران قبرستان اندر کڻي هلي. قبرستان جي منهن وٽ لڳل هٿ جي نلڪي مان بالٽيءَ ۾ پاڻي ورتائين. پوءِ اها کڻي پنهنجي پيءُ جي قبر تي آئي، جتي اڳ جو لڳل ٻوٽو (جيڪو پاڻي نه ملڻ ڪري سڪي ويو هو) ڪڍي هي بيو هنيائين. بالٽيءَ مان به چار مگ پري هن نئين ٻوٽي کي ڏنا ۽ باقي پاڻي پٿر جي ٺهيل قبر ۽ ان جي پاسي کان لڳل ڪتبي مٿان هاري ان کي هٿ سان ڌوتائين. ان بعد پاڻ سان آندل ننڍي ٽوال سان آلي ٿي ويل قبر کي سڪايائين. قبر جي مٿان ٺهيل دٻيءَ ۾ ليٽيو پائي ڏنائين، جنهن ۾ فقط سندس ڪارڊ هو جيڪو هن گذريل سال رکيو هو. ڏڪويل ڇهري سان هن اهو مينهن ۾ پسيل ۽ پراڻو ٿي ويل ڪارڊ ڪنيو ۽ ان جي جاءِ تي نئون رکيو.

"Kana Shii desuka?" (تون ڇو غمگين لڳي رهي آهين؟) مون پڇيو.

"بس اهو ئي سوچي رهي آهيان ته سڄو سال گذري ويو. بابا جي قبر تي نه ڪا پيڻ آئي نه پاڻ ۽ نه وري انهن جو اولاد .... نه ته انهن جو ڪارڊ (وزٽنگ/بزنيس ڪارڊ) ضرور هجي ها .... آخر بابي جي قبر ڪنهن کي ته صاف ڪرڻ کپي .... ان تي وڻ جي تازي ٽاري يا ٻوٽو هڻڻ کپي". ۽ پوءِ ٿورو ساهه پٽي چيائين: "حقيقت اها آهي ته پڇي ته مونکان به نٿو".

هر ملڪ، هر مذهب ۾ پنهنجا پنهنجا رواج ۽ رسمون آهن. جپانين وٽ اهو آهي ته هو چاهيندا آهن ته، سندن پيارن جون قبرون صاف سٿريون رهن. آئون پر واريون قبرون ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌيس، تيسين هيءَ مائي پنهنجي پيءُ جي قبر وٽ ويهي پاڻ سان ٿرماس ۾ آندل ڪافي پيئڻ لڳي. آئون قبرن تي لڳل ڪتبا ڏسڻ سان گڏ انهن مٿان رکيل دٻيءَ ۾ هٿ وجهي ڏسڻ لڳس ته ورلي ڪنهن ۾ هڪ يا ٻه ۾ ٻه به ڪارڊ نظر آيا، نه ته اڪثر خالي هيون .... يعني انهن قبرن تي وڃي

عرصي کان، ان ۾ دفن ٿيل جو ڪو مائٽ مٽ يا دوست يار نہ آيو هو. اتي قبرستان جي گيٽ مان هڪ ٽِپ ٽاپ نوجوان عورت داخل ٿي ۽ سڌو ئي سڌو ان قبر تي اچي بيٺي، جنهن تي هوءَ ضرور پهرين بہ ايندي رهندي هوندي. وقت پاس ڪرڻ يا تجسس خاطر يا شايد خبر چار خاطر، جيئن هن مان ڪا اهڙي ڳالهہ نڪري سگهي، جيڪا مونکي لکڻ لاءِ مواد مهيا ڪري.... آئون اڳتي وڌي هن جي ويجهو اچي بيٺس. هن قبر جي مٿان رکيل گلدستي مان پراڻا گل ڪڍي، پاڻ سان آندل گل ۽ پاڻي ان گلدستي ۾ وڌو. ان بعد قبر جي چوڌاري ڦٽي آيل گاهہ کي ڪڍيو ۽ پوءِ پنهنجي ٿيلهي مان اگربتي ڪڍي ان کي ٻاريو. مون سمجهيو تہ هوءَ ان قبر جي پرسان وِهي پنهنجي هن ويجهي عزيز کي ياد ڪندي يا هن جي لاءِ پنهنجي زبان ۽ پنهنجي طريقي موجب دعا گهرندي، پر ڪجهہ بہ نہ!.... هن ٻڌايو تہ هن جي ڇهہ مهينا اڳ دفن ٿيڻ بعد هوءَ هِتي ڇهہ دفعا ڪن حاضري ڀري چڪي آهي. مون سنئون سڌو اهو تہ نہ پڇيومانس، تہ هن ۾ تنهنجو ماءُ پيءُ يا مڙس دفن ٿيل آهي پر ڪجهہ گهبرائيندي فقط اهو سوال ڪيومانس تہ "هن ۾ ڪير آهي؟".

هن پنهنجو چشمو صحيح ڪندي ۽ ٿيلهي کي ڪڇيءَ ۾ لڙڪائي واپس ورڻ جي ڪئي ۽ منهنجي سوال جي جواب ۾ صاف انگريزيءَ ۾ چيو: "مونکي ڪهڙي خبر؟ مونکي تہ اهو بہ اندازو ناهي تہ هن ۾ مرد آهي يا عورت".

مونکي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ مونکي حيرت ڪائيندو ڏسي هن وري پنهنجو ٿيلهو کوليو ۽ ان مان پنهنجو بزنيس ڪارڊ ڪڍي منهنجي حوالي ڪيو. "آئون 'هنا نو سان' ڪمپنيءَ جي ملازما آهيان". اهو چئي هوءَ رواني ٿي وئي.

ڪارڊ ڪجهہ ڪانجي (شڪلين وارن) ۽ ڪجهہ هراگانا (اُچارن وارن) جپاني اکرن ۾ لکيل هو. آئون هراگانا مان فقط ايتري اندازو لڳائي سگهيس تہ هوءَ گلن وڪڻڻ واري هئي، جنهن جو فڪوڪا شهر ۾ دڪان هيو.

ڪارڊ پنهنجي پاڙيسرياڻيءَ کي اچي ڏيکاريم. تنهن ٻڌايو تہ "هي واقعي گل وڪڻڻ واري ڪمپنيءَ جو دڪان آهي، جنهن تي اها عورت نوڪري ڪري ٿي. هي دڪان (يا هيءَ ڪمپني) اجوري تي ماڻهن جي قبرن جي هر مهيني سار سنڀال لهي ٿي. جپان جا ڪيترائي وڏا ماڻهو (آفيسر، واپاري، ڪارخانيدار) ايڏو مشغول آهن، جو هنن کي سال ۾ هڪ دفعو بہ واندڪائي نٿي ملي جو پنهنجي ماءُ، پيءُ يا ڪنهن ويجهي عزيز جي قبر تي اچن. پوءِ هو انهن (هن دنيا مان ڪوچ ڪري ويڄڻ وارن) جي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ هن قسم جي ڪنهن ڪمپنيءَ جون خدمتون حاصل ڪن ٿا".

اهو چئي هن وري ڪارڊ کي غور سان ڏنو ۽ چيو: "آئون بہ سوچيان ٿي تہ ڪٿي هن ڪمپنيءَ کي هائر ڪريان تہ هو بابي جي قبر جي بہ سار سنڀال لهن. باقي مونکان تہ سال ۾ هڪ دفعو اچڻ بہ نہ ٿو پڄي".

"پوءِ تہ هن ڪارڊ واري مائيءَ کي هينئر ئي ڪٿي فون ڪر". چيومانس.

”نہ الطاف سَان (مسٽر)“. هن ڪارڊ مونکي موٽائيندي چيو ”آئون غريب ماڻهو آهيان. هنن جي ان سروس (ڪم) جي في ڏاڍي ڳري آهي“.

”تنهنجي خيال ۾ تہ ڇا هوندي؟“. پڇيومانس.

”هيءَ ايڏي وڏي ڪمپني ناهي تہ بہ هن جهڙيون ڪمپنيون هڪ وزٽ جا ڏهہ هزار يين (اٽڪل ڏهہ هزار رپيا) وٺن ٿا يا پئڪيج جا 120,000 يين (يعني سوا لک رپيا) وٺن ٿا، جنهن ۾ هنن جو ماڻهو سال ۾ چوڏهن دفعا قبر تي حاضري ڀري قبر جي صفائي ڪندو ۽ گلدستي ۾ نئون پاڻي ۽ پلانٽ (گل يا ڪو ٻوٽو) رکندو“.

واپسيءَ تي اهو ئي سوچيندو آيس تہ ڇا زمانو اچي ويو آهي .... بلڪ هن قوم ”جپانين“ سان همدردي محسوس ڪندو رهيس تہ هي ويچارا عجيب ويڙهن ۾ اچي ويا آهن .... هڪ طرف گهڻي کان گهڻو روزگار ڪمائڻ جي چڪر ۾ ايڏو تہ مصروف رهن ٿا، جو ماڻهو هنن کي ”Workholic“ سڏين ٿا .... يعني هنن جي دماغ تي هر وقت ڪم، ڪم ۽ ڪم سوار آهي. هنن جا هفتي جا ست ئي ڏينهن سخت پورهئي ۾ گذرن ٿا. ساڳي وقت هو پراڻيون رسمون رواج ۽ زندگيءَ جا قدر بہ نہ ٿا ڇڏڻ چاهين .... هو مري جهري بہ اهي ساڳ سنوڻ ۽ ريتون رسمون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيڪي هنن جي ابن ڏاڏن کان هلندا اچن.

سچي واٽ مونکي ماٽ ۾ ڏسي گهر وٽ لهڻ وقت منهنجي پاڙيسرياڻيءَ چيو: ”مسٽر الطاف! سچ ٻڌاءِ ڇا پيو سوچين؟.... تون پڪ اڄ جي هن واقعي بابت سوچي رهيو هوندين“.

هن بلڪل صحيح اندازو لڳائي ورتو هو. چيومانس تہ، اهو ئي سوچي رهيو آهيان تہ:

“Your generation is caught between a busy work schedule and a sense of obligation to pay respect to your deceased loved ones.”

جپانين جون اهي ڳالهيون ڏسي، يعني پئسا ڏئي مذهبي رسمون رواج پوريون ڪرائڻ، يا ويندي پنهنجي وڏن لاءِ دعا گهرڻ يا قبرن تي حاضري ڀرڻ لاءِ پنهنجو وقت ڏيڻ، يا پنهنجو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهڻ بدران، پئسو ڏئي ٻين کي Hire ڪرڻ، يعني ٻين کان مزدوري وٺڻ جهڙا ڪم ڏسي، ڪڏهن ڪڏهن مونکي پنهنجا مسلمان بہ ياد ايندا آهن .... ملائيشيا، انڊونيشيا، برونائي يا سعودي عرب، ايران ۽ ڪويت جا مسلمان نہ، پر پنهنجي ملڪ پاڪستان جا .... جيڪي پنهنجي فوت ٿيل عزيز مائٽ کي قرآن جو ختمو بخشڻ لاءِ پاڻ ويهي قرآن جا ٻہ سيپارا بہ نہ پڙهندا .... پر مدرسي جي غريب ٻارن کي ماني کارائڻ جي آسري تي وٺي ايندا تہ ويهي قرآن پڙهن. مدرسي جي وڏي کي هزار ٻہ هزار رپيا روڪَ بہ ڏيندا تہ ٻارن کان گهڻي کان گهڻو پڙهائي .... پوءِ ٿڪل ٻار پيا پاسا ورائيندا، پيا اوٻاسيون ڏيندا ۽ هڪ پنو اٿلائڻ بدران ٻہ ٻہ پيا ورائيندا .... گهر جو مالڪ ان ۾ خوش ۽ پاڙي وارن ۽ مائٽن تي پيو لئہ رکندو تہ هُن بابي مرحوم کي ٽن ختمن جو ثواب بخشرايو. ڪيترن دڪانن تي صبح جي پهر وڃبو تہ دڪان جو مالڪ دڪان کولي پاڻ وينو سگريٽ ڇڪيندو يا فون تي ڪنهن سان ٻڪ ڪندو، ڀڳهار تي رکيل ڪتابي ايندو. جيڪو وڏي ڪنڌ ڌوڻ سان رڪوع قرآن جو پڙهي

هليو ويندو. مالڪ خوش ته هن وڏو نيڪ ڪم ڪيو .... دڪان ۾ ڪيس برائين ڪان پاڪ ڪيو ۽ هاڻ پلي سڄو ڏينهن وينو گراهڪن جي اُبتي ڪل لاهي.

سئيڊن جيڪو ٻين اسڪينڊينيوين ملڪن، ڊئنمارڪ ۽ ناروي وانگر فلاحي ملڪ آهي، جنهن جي رياست/حڪومت، ٻار جي پيٽ ۾ سرجڻ کان قبر ۾ داخل ٿيڻ تائين .... يعني "From Womb to Tomb" پنهنجي شهريءَ جي جوابداري کڻي ٿي، اتي پوڙهن لاءِ (جن جو اولاد پنهنجي عيش عشرت ڪري سخت مشغول ٿو رهي يا هنن جي پنهنجي والدين جي خدمت ڪرڻ تي دل نه ٿي چوي) "اولڊ هائوس" نهرائيا ويا آهن. جتي انهن پوڙهن جي رهائش، کاڌي پيتي ۽ دوا درمل جو بهترين بندوبست رکيو وڃي ٿو. سندن وفات تي سندن ڪو اولاد اچي يا نه، سرڪار طرفان واسطيدار کاتي جا ڏهاڪو کن ڪاري سوٽ ۽ ٽاءِ ۾ ملبوس همراهه فوتيءَ جي ڪفن دفن جو انتظام ڪن ٿا. مذهبي ۽ دنياوي رسمون، رواج ۽ سات سنوڻ پورا ڪن ٿا .... يعني جي عيسائي آهي ته هن کي سندس عقيدي موجب وهنجاري سهنجاري، ڪمپليٽ سوٽ ۽ بوٽ پارائي، ڪاٺ جي تابوت ۾ رکي گرجا گهر جي ٻائي کان دعائون پڙهائي، عيسائين جي قبرستان ۾ دفن ڪن ٿا.

سئيڊن جي ڏاکڻين شهر مالمو ۾ تعليم دوران، آخري سالِ مونکي اهو ڏسي حيرت ٿي ته حڪومت جي ان "ڪفن دفن" واري کاتي ۾ مسلمان به آهن ۽ جڏهن ڪو مسلمان گذاري پئي ويو ته اهي مسلمان سرڪاري پگهاردار ساڳي لباس (ڪاري سوٽ ۽ ڪاري ٽاءِ) ۾ فوتيءَ جي گهر پهچي ويا ۽ هن کي اسلام موجب غسل ۽ ڪفن ڪري جنازي کي مالمو واري مسجد ۾ کڻي پئي آيا. جتي ڪو نمازي فوتيءَ جي جنازي نماز ۾ شريڪ ٿئي يا نه پر سرڪاري کاتي جا هي دفن ڪفن وارا ماڻهو مسجد جي ترڪ امام جي پويان بيهي جنازي نماز پڙهي، جنازي کي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ڪري تي قل پڙهي پئي آيا.

اهڙي جنازي نماز تي پهرين مونکي ڏک ٿيندو هو پر پوءِ اهو ئي سوچيم ته، سئيڊن جهڙي ملڪ ۾ جتي اسانجي ملڪ جا ماڻهو تمام گهٽ آهن ۽ هڪ هنڌ هجڻ بدران ٽڙيا پکڙيا پيا آهن ۽ جتي قبر جي کوٽائيءَ جو اگهه به آسمان سان ڳالهيون ٿو ڪري، اتي هھڙن رفاحي ملڪن جي حڪومتن کي شاباس هجي جو سڄو بندوبست ۽ خرچ پکو پنهنجي مٿي تي کڻن ٿا. نه ته يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ڏسندو آهيان ته ڪنهن جي مائٽ مٽ مرڻ تي هڪ طرف هن جي پونئيرن کي پنهنجي پياري جي وڇڙڻ جو ڏک ٿيندو آهي، ته ٻئي طرف هن جي ڪفن دفن تي هنن کي ڳري خرچ جي ٻڙ لڳندي آهي. جيتوڻيڪ انگليند، فرانس، جرمني، اسپين جهڙن يورپي ملڪن ۾، جتي قبرستان لاءِ تمام گهڻي زمين آهي ۽ اتي ئي دفن ڪرڻ تي ڪو وڏو خرچ نه ٿو اچي ۽ ملائيشيا، ايران کان عراق ۽ موراڪو تائين جا مسلمان پنهنجن پيارن کي اتي ئي دفن ڪري ڇڏين ٿا. جنهن لاءِ هڪ عرب مولوي ٻڌائي رهيو هو ته، اسلام منع نٿو ڪري، پر اسانجي پاڪستاني ڀائرن جي کهڙي ڳالهه ڪجي! ڪو پنهنجي مائٽ عزيز کي اتي پرديس ۾ ئي دفن ڪرڻ جو ارادو به ڏيکاريندو ته ٻيا هم وطني هن کي اهڙي وٺ وٺان ڪندا ۽ اسلام جي نالي تي هن کي اهڙا ته خوف ڏيندا، جو هن کي جنازو کڻي ڳوٺ اچڻو پوندو. ۽ اسان جا ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستاني ڪي امير ته نه

آهن. گهڻي قدر پورهيت ۽ غريب آهن. پوءِ ماڻهن جي چتو ڪرڻ تي هو ويچارا قرض کڻي هوائي جهازن جا ڳرا ڀاڙا ڀري جنازي کي ڳوٺ ۾ دفن لاءِ کڻي ايندا. ان کان اڳ فلائيٽ واري ڏينهن تائين مُردي کي ڪنهن سرد خاني ۾ رکڻ جو ڳرو خرچ الڳ ڏيندا. ڳوٺ پهچڻ تي ڳوٺ جي ماڻهن جي طعنن توڪن کان بچڻ لاءِ ٽيجهن، جماڻن ۽ چاليهن تي پٽ جو خرچ الڳ ڪندا .... جنهن رسم جو جيتوڻيڪ اسلام سان ڪو واسطو ناهي، پر اسان وٽ پنهنجي وڏي لاءِ عزت ۽ پيار ڏيکارڻ لاءِ اهو ڪم ضروري ٿي پيو آهي ۽ سماجي طرح هڪ غريب تي به اهو دٻاءُ وڌو ويجي ٿو ته هو قرض کڻي به ڳوٺ جي ماڻهن کي پٽ کارائي ڇو جو اهو ڪم ڳوٺ جا ماڻهو اهم ۽ عين اسلامي سمجهن ٿا. پوءِ پلي هو نماز جو هڪ وقت به نه پڙهن. ماءُ پيءُ جيئرو هو ته هنن جي علاج جو خيال ته نه ڪيائون، پر ڪڏهن هن جي پرسان ويهي سندن تنگن کي زور به نه ڏنائون. اسان وٽ ڪئين پوڙها ڇيچلائي ڇيچلائي مريو وڃن. اولاد ڪين پڇي به نٿو پر سندن مرڻ بعد ظاهري طرح سندن ٽيجهو ڪرڻ لاءِ (اصل ۾ پنهنجي لئه ڏيکارڻ لاءِ) ڏهه ڏهه ديڳيون برياني ۽ چاشنيءَ جون لاٿيون وينديون.

بهرحال، پرديس کان آيل اسانجو پورهيت ٽيجهن چاليهن جي خرچ ڪرڻ بعد جڏهن واپس پرديس پهچي ٿو ته گهڻا ڏينهن غير حاضر رهڻ ڪري هن کان سندس نوڪري هلي وڃي ٿي ۽ هو پرديس ۾ قرضي ۽ بکيو ٿي گذاري ٿو ۽ نئين نوڪريءَ لاءِ در در (دڪان دڪان) ڀٽڪندو رهي ٿو ته من ڪٿي ڪو کيس نوڪر يا پورهيت ڪري رکي.

سئيڊن جهڙو ملڪ جتي هڪ ڏينهن موڪل ملڻ به ڏکيو آهي، اتي چڱو جو جمڻ ۽ مرڻ جو بار سرڪار تي آهي ۽ چڱو جو هنن جي دماغ ۾ اها ڳالهه اچي وئي آهي ته مُردي کي ٽُلڪائي ٽُلڪائي ڳوٺ پهچائڻ کان بهتر آهي، اتي ئي دفن ڪري ڇڏجي. پر ڳالهه اها آهي ته ڪي ڪي ملڪ ـ بلڪ دنيا جا ڪيترائي ملڪ، يورپ جا سئيڊن، ناروي کان اسپين، پورچوگال تائين، آفريڪا جا تقريبن سيئي ملڪ، ايشيا جا به ڪيترائي ملڪ انڊيا، پاڪستان، ملائيشيا، چين، اهڙا ملڪ آهن، جتي دفن لاءِ ڌرتيءَ جو مسئلو ناهي، پر ڪي ملڪ سنگاپور ۽ جپان جهڙا اهڙا آهن. جن لاءِ ائين کڻي چئجي ته اُتي تِرِ ڇڻڻ جي به جاءِ ناهي. سنگاپور وارو مُردو ته چند قدمن جي فاصلي تي ملائيشيا جي رياست ”جوهور بارو“ ۾ آسانيءَ سان دفن ٿي سگهي ٿو پر وڏو مسئلو انهن ڌارين مسلمانن لاءِ آهي، جيڪي جپان ۾ رهن ٿا. هنن لاءِ جڻ ته ٻٽو غم ٿئي ٿو. هڪ طرف پنهنجي عزيز مائٽ جي وفات جو ته ٻئي طرف مُردي کي جپان ۾ دفن ڪرڻ تي وڏي خرچ جو.... ۽ جيڪڏهن ڪو لاش پنهنجي وطن پاڪستان، انڊيا يا بنگلاديش کڻائي وڃي ته ان تي به تمام گهڻو خرچ آهي.

جپان ۾ زمين جو وڏو مسئلو آهي. سڄو ملڪ جبل ئي جبل آهي، ڪو 15 سيڪڙو ڌرتي رهائش جي قابل آهي، جنهن ۾ گهر، آفيسون، ڪارخانا آهن يا ڪي پٽيون پوک لاءِ آهن .... ملڪ جي آدمشماري تمام گهڻي آهي. جپاني پنهنجن پيارن جي لاش کي دفن ڪرڻ کان اڳ ساڙين ٿا پوءِ انهن جي رَکَ پيالي ۾ وجهي گهر ۾ رکن يا ڪنهن درياهه يا سمنڊ مٿان اڏائين يا پيتيءَ ۾ وجهي زمين اندر دفن ڪن. فقط شهنشاهن ۽ راڻين کي بنا ساڙڻ جي ڌام ڌوم سان دفن ڪن. پر هاڻ ان رسم جو به خاتمو ٿيڻ وارو آهي، جو موجوده شهنشاهه اڪيهتو ۽ سندس راڻيءَ مچيڪو اعلان ڪيو آهي ته

سندن مرڻ تي هنن کي پڻ ساڙيو ويجي. جپان جي ”وزارت صحت“ جي انگن اکرن موجب هر سال، سواءِ ڪنهن هڪ ٻن جي، سؤ سيڪڙو لاش ساڙيا وڃن ٿا. جپان جي Environmental & Cremation سوسائٽيءَ جي ڇوڙ موجب، جپان ۾ ٻه هزار کن اهڙا ساڙڻ جا Crematoriums (ڪورا) آهن، جن ۾ لاش کي اليڪٽرڪ يا پروپين گئس ذريعي ساڙي ڦلهير ڪيو ويجي ٿو. منهنجي خيال ۾ هن وقت فقط هڪ ملڪ انڊيا اهڙو آهي، جتي مُردن کي ڪنهن بند ڪوري ۾ ساڙڻ بدران کليءَ آسمان هيٺ ڪاٺين جي مچ تي ٻاريو ويجي ٿو. هاڻ ته انڊيا جي به ڪجهه شهرن، خاص ڪري بنارس ۾، ڪجهه اليڪٽرڪ ۽ گئس جا ڪورا (Crematoriums) نظر اچن ٿا.

جپان ۾ به چون ٿا ته ڪنهن زماني ۾ مردن کي دفن ڪيو ويندو هيو ۽ اهڙيون آڳاٽيون قبرون اڃ به موجود آهن. پر پوءِ جپان ۾ جيئن ئي ٻڌ ڌرم زور ورتو ته هتي پڻ مُردن کي ساڙڻ شروع ڪيو ويو. هڪ جپاني پروفيسر ٻڌايو ته، ”توهان مسلمان، عيسائي ۽ يهودي مرڻ بعد ٻي زندگيءَ ۾ يقين رکو ٿا، پر اسان ٻڌن جو Reincarnation ۾ اعتبار آهي. يعني ماڻهوءَ جي مرڻ بعد هن جو روح يڪدم اهو جسم ڇڏي نئين جسم جي ڳولا ڪري ٿو“.

هڪ جپاني ٻائي ڪودو متسوناميءَ جي ڪتاب ”Sekai no Soso“ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ”World Funerals“ پڙهيو هوم، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته، ”جپان جو پهريون مُردو سن 700ع ۾ ساڙيو ويو ۽ صحيح طرح ساڙڻ جو رواج ٻي وڏي لڙائيءَ کانپوءِ ٿيو. جپان جا شهر جيئن جيئن جديد ٿيڻ لڳا ۽ مردن ساڙڻ جا ڪورا نئين ٽيڪنالاجيءَ موجب ٺهڻ لڳا، ته مردن کي ساڙڻ عام ٿي ويو. هاڻ جپان ۾ فقط شاهي گهراڻي جا ماڻهو پنهنجن پيارن جي لاشن کي دفن ڪن ٿا يا مسلمان“.

جپان ۾ هن وقت هڪ لک جي لڳ ڀڳ مسلمان رهن ٿا، جن مان 90 سيڪڙو پاڪستان، انڊيا، ترڪيءَ يا عرب ملڪن جا آهن ۽ ڏهه سيڪڙو جپاني عورتن جو آهي، جيڪي ڌارين مسلمانن سان شادي ڪري مسلمان ٿيون آهن ۽ ڪجهه نج جپاني ڪٽنبَ به آهن، جن اسلام اختيار ڪيو آهي. جپان ۾ موجود مسلمانن جا ٻه ادارا ”جپان مسلم ائسوسيئشن“ ۽ ”اسلامڪ سينٽر جپان“ هر وقت ان ڳولا ۾ رهن ٿا، ته مسلمانن جي دفن لاءِ قبرستان جي زمين ملي ويجي. پر جتي ڪٿي مڪاني ماڻهن طرفان مخالفت ٿئي ٿي. جپان ۾ مُردي کي ساڙڻ جو رواج ايترو عام ٿي ويو آهي، جو هتي جا ماڻهو بنا ساڙڻ جي لاش کي زمين ۾ پورڻ جي خيال کان خوف کائين ٿا. سخت ڪوشش جي باوجود مٿيون مسلمان سوسائٽيون مسلمانن لاءِ فقط ٽن هنڌن تي قبرستان حاصل ڪري سگهيون آهن، جتي مسلمان پنهنجي مائٽ يا دوست جي لاش کي بنا ساڙڻ جي دفن ڪري سگهن ٿا. اسلامڪ سينٽر جپان جي ڊائريڪٽر سليم الرحمان (جيڪو جپان جي Chou يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار به آهي) ٻڌايو ته، ”انهن ٽن قبرستانن مان هڪ، جيڪو ٽوڪيو جي اولهه ۾ ڪوشو (Koshu) ۾ آهي، اهو ته تقريباً ڀرجي چڪو آهي. ان قبرستان جي 5000 چورس ميٽر زمين ”مانجوئن ٻڌ مندر“ جي ايراضيءَ ۾ ورتل هئي. ان ۾ 120 قبرن جي جاءِ هئي ۽ هاڻ هڪ قبر لاءِ به نه آهي. انهن قبرن ۾ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ٻين وچ اويرجي عرب ملڪن جا مسلمان دفن ٿيل آهن. سندن قبرن تي اڙدوءَ يا عربيءَ ۾ لکيل ڪتبا لڳل آهن“.

جپان ۾ مسلمانن جو ٻيو قبرستان اوساڪا جي پرسان شهر ڪوبيءَ (Kobe) ۾ آهي. هن قبرستان کي ڪوبيءَ جي شهري حڪومت هلائي ٿي ۽ هن ۾ فقط ڪوبيءَ ۽ اوس پاس جي مسلمانن کي دفن ڪرڻ جي اجازت ملي ٿي.

مسلمانن لاءِ ٽيون قبرستان 'يوئي چيچو' (Yoichicho) ۾ آهي، جيڪو جپان جي اُترين حصي هڪيدو ٻيٽ تي آهي. اهو ٽوڪيو اوساڪا ۽ ڪوبيءَ کان ائين آهي، جيئن ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ نوابشاهه کان گلگت يا هنزا ٿيو.

ويجهڙائيءَ ۾ جپان اسلامڪ ٽرسٽ (JIS) وارن کي اشي ڪاگا (Ashikaga) شهر ۾ اسلامي قبرستان ٺاهڻ ۾ ڪاميابي ٿي آهي. ڪنهن جي مائٽ مٽ مرڻ تي هن جي دفن جي معلومات جپان اسلامڪ ٽرسٽ وارن جي مسجد اوتسوڪا (Otsuka) واري آفيس مان 0339715631 فون نمبر تان حاصل ڪري سگهجي ٿي. هو جپان ۾ دفن ڪرڻ جا سڀ قاعدا قانون ٻڌائين ٿا. ته ان لاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪاغذ پٽ هجڻ ضروري آهن. جيئن، موت جو سرٽيفڪيٽ، پاسپورٽ جي ڪاپي، مڪاني حڪومت جو اجازت نامو.... وغيره.

مون ان مسجد جي هڪ ڪارڪن کان پڇيو ته، "جنازي کي باءِ ايئر ڪراچيءَ، دهليءَ يا جدي موڪلڻ تي اڄ ڪلهه ڪيترو خرچ آهي؟".

"لک يين .... يعني سوا لک رپيا ڪن". هن وراڻيو.

"۽ جي هتي جپان ۾ دفن ڪجي ته ڪيترو خرچ ٿيندو؟".

"پاڪستاني ٻه لک رپيا!" هن چيو.

يعني جپان ۾ ايڏي مهانگائي آهي، جو جيئرو رهڻ ته مشڪل آهي، پر مري وڃڻ تي به پوين لاءِ ڇوٽڪارو ناهي. جپان ۾ قبرن جا اهي اگهه چار پنج سال اڳ جا آهن. مهراڻ يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر (جيڪو هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ جپان کان موٽيو آهي) ٻڌايو ته اڄ ڪلهه في قبر جي قيمت پنج ڇهه لک ٿي وئي آهي.

# جپاني - محنتي ۽ پورهيت قوم

ان ڳالهه جو آمريڪي به اعتراف ڪن ٿا ته جپاني محنتي قوم آهي. توهان چوندؤ ته، ائين ته چيني به پورهيت ۽ جفاڪش آهن. بلڪل آهن، پر اهي هاڻ ٿيا آهن، يعني مائوزي تنگ انقلاب آڻي ڏنڊو ڪنيو ته سڀ سڌا ٿي ويا.... نه ته هو موالي چرسي ۽ سست سڏيا ويندا هيا ـ سوچيان پيو ته اهو ائين آهي جيئن اڄ جي تاريخ ۾ ته دنيا جا ماڻهو اسان کي برابر دهشتگرد، چور، ڌاڙيل، اغواڪار سمجهن ٿا ۽ اسانجي حڪمرانن ۽ حڪومت کي ڪرپٽ، عوام جي خدمت ڪرڻ بدران انهن جو مال ڦٻائڻ وارا، بئڊ گورننس ڪلچر وارا سڏين ٿا، پر اڳتي هلي ٿي سگهي ٿو ته اهڙا حاڪم پيدا ٿين، جيڪي اسان جي ملڪ ۾ امن امان ۽ انصاف آڻين ۽ چورن ڌاڙيلن کي تنگي ملڪ جي پئسي کي عوام جي سک لاءِ استعمال ڪن. آخرڪار مائوزي تنگ، لي ڪئان يو يا مهاتير محمد به ته اهو ئي ڪيو نه ته سنگاپور چورن ۽ ٺڳن جو ”دو نمبري“ ملڪ سڏبو هو.... ملائيشيا جهنگل هو.... اڄ اهي ملڪ ويندي چين، يورپ جو ڏيک ڏين ٿا. سو ٿي سگهي ٿو ته ڪو سياستدان اسان جو به اميج بهتر بڻائي ۽ ملڪ ۽ عوام کي خوشحال بڻائي..... ۽ پوءِ هر هڪ کان اسان جو اڄ وارو خراب اميج وسري وڃي.

جپانين جي محنت جو اندازو مونکي جپان وڃڻ کان اڳ ٿيو. جپان ۽ ڪوريا واري روٽ تي جهاز هلائڻ کان اڳ ٽن سالن تائين منهنجي بدلي گهٽو ڪري انهن جهازن تي ٿيندي رهي، جيڪي آمريڪا، ڪئناڊا ۽ يورپ پاسي هليا پئي. هيءَ 1968ع يا 1969ع جي ڳالهه آهي، جو اسان پهريون دفعو ڪوڪا ڪولا، سيون اپ ۽ فانتا جهڙا شربت ڊبن ۾ ڏٺا نه ته ان کان اڳ آمريڪا توڙي يورپ ۾ اسانجي جهاز جي بانڊ اسٽور (جيڪو دڪان جهاز تي رهندڙن لاءِ ٿئي ٿو ۽ مشروبات کان علاوه سگريٽ، شراب، عطر، چاڪليٽ ۽ ٻيون شيون ڊيوٽي فري يعني فئڪٽريءَ جي اگهه تي وڪامن ٿيون) ۾ ڪوڪا ڪولا ۽ ٻيا مشروب بوتلن ۾ ملندا هئا، پر پوءِ نيويارڪ توڙي نيو اورلينس جي رستن تي لڳل وينڊنگ مشينن توڙي ريسٽورنٽن ۾ اهي مشروب ڊبن ۾ نظر اچڻ لڳا.

انهيءَ ٻيري مون بالٽيمور، هيوسٽن، فلاڊلفيا ۽ آمريڪا جي ٻين شهرن ۾ جپانين کي مئه خانن، هوٽلن ۽ وينڊنگ مشينن اڳيان اهي ڪوڪا ڪولا وغيره جا اڇلايل خالي ڊبا ميڙيندي ڏٺو. اهو ڏسي مونکي حيرت ٿيندي هئي ته جتي ڪٿي هي جپاني اهي خالي ڊبا ڇو ميڙي رهيا آهن؟! خالي بوتلون ميڙڻ ٻي ڳالهه آهي، جو ڏوئي وري استعمال ڪري سگهجن ٿيون. ويندي اسان جهڙن ملڪن ۾ ته عطر جون خالي شيشيون به وڏي اگهه ۾ وڪامن ٿيون، جو انهن ۾ ٺڳ واپاري نقلي عطر ڀري اصليءَ جي نالي ۾ هلائين ٿا. ان ڳالهه تي ان وقت ته حيرت نه ٿي هئي ته اهو ڪچرو چونڊڻ جهڙو نيچ ڪم جپاني ڪري رهيا آهن. اڄ جي دؤر جو ماڻهو اها ڳالهه ضرور سوچيندو جو اڄ جپان جي معيشت (Economy) زور آهي ۽ ڪو ورلي جپاني غريب نظر اچي ٿو. پر هيءَ 1960ع واري

ڍاڪي جي ڳالھ آهي. ٻي وڏي لڙائي، جنھن ۾ جپان ٻُريءَ طرح هارايو ۽ تباھ ٿي ويو ان کي اجان 20 سال کي مس ٿيا هئا. جپان ترقي ڪري رهيو هو پر غربت عام نظر آئي پئي ۽ هونءَ بہ جنگ کان اڳ بہ جپاني ڪي امير نہ هئا. سندن حڪومت زور هئي، سندن فوج کي جنگي جنون هو پر عوام غريب هو. ايتريقدر جو غربت جي چڪيءَ مان نڪرڻ ۽ روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ جپاني هارين ۽ پورهيتن جا جهاز ڀرجي برازيل آيا. جتي جي پورچوگالي زميندارن کي پنھنجي ڪمند جي پوک لاءِ مزدورن جي ضرورت هئي. هي ڪم ائين ئي هو جيئن نندي ڪنڌ جا پورهيت بيروزگاريءَ کان بچڻ لاءِ فجي ۽ موريشش ٻيٽن تي ۽ سري نام ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ ڪمند ۽ پام آئل جي پوک لاءِ پهتا. جن مان ڪيترن جو اولاد اڄ بہ اتي موجود آهي. برازيل ۾ رهندڙ جپانين جو اولاد هاڻ سڪيو نظر اچي ٿو پر سٺ ۽ ستر وارن ڍاڪن ۾ اسان جو جهاز برازيل جي بندرگاهن ۾ ويندو هو تہ ڪيترن جپانين کي هيٺين درجي جون نوڪريون ڪندي ڏسبو هو.

خير! ٻئي دفعي جڏهن آمريڪا آيس تہ سوانا بندرگاھ ۾ اسانجي جهاز جي گاربيج مان هڪ جپانيءَ کي اهي شربتن جا دٻا چونڊيندي ڏسي، پنھنجي مقامي آفيس کان آيل آمريڪن سان مون حيرت جو اظهار ڪيو تہ، ”آمريڪا ۾ نوڪريون ۽ روزگار جام هجڻ جي باوجود، هي جپاني رديءَ جو سامان ڇو چونڊي رهيا آهن؟ ۽ ان ۾ بہ فقط اهي لوھ جا خالي دٻا؟“.

”اهو ان ڪري جو هنن کي لوھ جي ضرورت آهي“. آمريڪن ايجنٽ وراڻيو.

”ڇا مطلب؟“. مون پڇيو.

”جپانين کي لوھ کپي. سو هو هتان هتان ميڙي پنھنجي ملڪ ڏي موڪلين ٿا“. هن وراڻيو.

جپان، ڏٺو وڃي تہ اسانجي ملڪن وانگر خوش نصيب ناهي. جابلو علائقو هجڻ ڪري اتي نہ پوک لاءِ زمين آهي ۽ نہ رهائش لاءِ. جبل تہ گهڻا ئي آهن. پر انهن هيٺ نہ لوھ آهي نہ ٽامو ۽ پتل. ان مٿان موسم جي مصيبت! سڀ کان گهڻا طوفان ۽ ساموندي سوناميون جپان ۾ اچن ٿيون. جپانين کي جتي بہ موقعو لڳي ٿو اتان اهو ڌاتو حاصل ڪري پنھنجي ملڪ پهچائين ٿا. جتي هو ان مان ڪارخانن ۾ مختلف شيون ناهي دنيا کي وڪڻن ٿا ۽ مليل پئسي مان ٻين ملڪن مان کاڌي جون ۽ ٻيون شيون گهرائين ٿا. هتي اهو لکندو هلان تہ هي اهي ڏينهن هئا. جڏهن اسان جا جهاز سنڌ ۽ پنجاب جي ڪپھ سان ڀرجي جپان پهچندا هئا. جتي جپانين ان ڪپھ مان اوچو ڪپڙو ناهي، سعودي عرب ۽ ٻين امير ملڪن کي وڪيو پئي. اسان جي ملڪ کان مڇي ۽ گانگٽ بہ جپان ويا پئي. جن کي جپانين وڏيڪ صاف ڪري سٺي ۽ خوبصورت پئڪنگ ۾ بند ڪري سئيڊن، ناروي جهڙن ملڪن کي وڏي اگهہ تي وڪيو پئي، پر پوءِ آهستي آهستي اسان جي ملڪ جي واپارين سادو ۽ خراب مال سپلاءِ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اسان ان ايڪسپورٽ ۾ پٺتي رهجي وياسين. ڪوڪا ڪولا جهڙن مشروبن جي دٻن مان جپانين شروع شروع ۾ خوب ڪمايو پر پوءِ هنن ڏٺو تہ هاڻ ان ڪاروبار ۾ ڪو فائدو نہ آهي. ڇا ٿيو جو شروع وارا سال اهي لوهي دٻا ٿلهي چادر مان ٺهندا هئا. ايتري قدر جو مون کي ياد آهي تہ اسان ڪوڪا ڪولا يا سيون اپ پيئڻ بعد ان جي دٻي کي چيپاٽڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. ٻن ٽن سان زور ڏيڻ سان تہ خالي دٻو يڪدم چپو ٿي

ويندو هيو پر هڪ هٿ سان وڏو زور ڏيڻو پوندو هيو. اهو ان ڪري جو ان دٻي جي چادر ٿلهي هوندي هئي، يعني ان ۾ لوهه گهڻو هو. ان بعد ٽيڪنالاجي بهتر ٿيڻ تي اهي دٻا تمام سنهين چادرن جا ٺهڻ لڳا، جيڪي اڄ تائين هلي رهيا آهن ۽ جن کي هڪ ٻار به هڪ هٿ سان پڪوڙي سگهي ٿو. نتيجي ۾ جپانين انهن دٻن مان هٿ ڪڍي ڇڏيو. ڇو جو ان وقت وارا ڍهه دٻا اڄ جي سؤ دٻن کان ڳرا هوندا هئا.... سو جپاني لکين دٻا گڏ ڪري، انهن کي هائڊرالڪ مشينن ذريعي چيپاٽي لوهه جا بنڊل پاڪ ٽيءَ جي جهازن ذريعي جپان موڪليندا هيا.

ان ڳالهه ۾ به جپاني داد لائق آهن ته هنن شروع جي ڏينهن ۾، ٻين ملڪن جون ايجاد ڪيل شيون ڪاپي ڪري ناهيون، پر اهي شيون ان ملڪ جي اصل شين کان بهتر ناهيون ۽ سستيون ۽ سهٽيون پڻ! ڪئلڪيوليٽر جيتوڻيڪ آمريڪا وارن ايجاد ڪيو پر جپان وارن ان کان سهٽا ۽ سستا ناهيا. ايئن سئٽزرلئنڊ جي واچن ۽ جرمنيءَ جي ڪئميرائن کان بهتر ۽ سستيون واچون ۽ ڪئميرائون جپانين ناهي دنيا ۾ عام ڪيون.

شروع ۾ ته ڪاپي رائيٽ جو مسئلو نه هو ۽ جنهن کي جيڪا شيءِ وڻي پئي، اها ڪاپي ڪري ناهي پئي. ڪاپي رائيٽ جي قانون جي سختيءَ ڪري هاڻ جپانين کي اصل ايجاد ڪندڙ کي وڏي في ڏيڻي پوي ٿي. پر مون ڏٺو ته اها في ڏيڻ بعد به جپانين جيڪا شيءِ ناهي پئي، اها ايڏي بهترين ۽ سستي ناهي پئي، جو ماڻهن اصل کان وڌيڪ جپاني ٺهيل شيءِ کي پسند پئي ڪيو. ان ڳالهه جو تجربو مون جهڙن مئرين انجنيئرن کي ضرور هوندو. شروع جي ڏينهن ۾، سٺ واري ڏهاڪي ۾، جڏهن اسان جهاز جي نوڪري شروع ڪئي، ته ان وقت سئٽزرلئنڊ وارن پاڪ ٽيءَ جي جهازن کي هلائڻ لاءِ ”سلزر“ نالي هڪ نئين انجڻ ناهي. ان کان اڳ انگلينڊ جي ڊاڪسفورڊ، جرمنيءَ جون M.A.N ۽ B&W هيون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سلزر انجڻ هلائڻ توڙي مرمت ۾ اسانکي بهتر پئي لڳي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اها اهڙي مشهور ٿي وئي، جو ان کي ناهڻ لاءِ ڪيترن يورپي ملڪن لائسنس ورتا. بعد ۾ مون يوگوسلاويا ۾ ٺهيل سلزر انجڻ وارو جهاز به هلايو پر ان ۾ اها ڳالهه نه هئي. ان بعد اسپين ۾ ٺهيل Sulzer انجڻ جو جهاز هلايو. اها انجڻ يوگوسلاويا وارن کان ڪٿي بهتر هئي، پر سئٽزرلئنڊ جي اصلي انجڻ سان مقابلي لائق نه هئي. هي ائين آهي جيئن آمريڪا يا يورپ جي ڪنهن ڪوڪا ڪولا جهڙي ڊرنڪ يا لڪس صابڻ جو ڪراچيءَ ۾ ٺهيل ان ساڳي نالي واري شيءِ سان مقابلو ڪجي.

ڪجهه سالن بعد منهنجي بدلي جپان ۾ ٺهندڙ هڪ اهڙي جهاز تي ٿي جنهن لاءِ ٻڌم ته جپانين سلزر انجڻ ناهڻ جي سئٽزرلئنڊ وارن کان اجازت وٺي ان ۾ فٽ ڪئي آهي. ڪنهن ڪار يا موٽر سائيڪل جي انجڻ ناهڻ ته وري به ٺيڪ آهي، پر پاڪ ٽيءَ جي جهاز جي آفت جيڏي انجڻ ناهڻ اسان لاءِ حيرت جي ڳالهه هئي. منهنجي دل ٻڌڻ ۾ هئي ته ان امتحان ۾ اجايو آئون ڦاسي ويس. پر سائين جڏهن جهاز هلائڻ شروع ڪيو ته حيرت ٿي ته جپانين نه فقط سئٽزرلئنڊ جي اصل انجڻ کان بهتر ناهي هئي، پر ساڳيو هارس پاور حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي سائيز به ننڍي رکي هئي. سائيز ۾ ننڍي

هجڻ ڪري انجڻ روم ۾ هڪ انجنيئر کي ڪم ڪرڻ ۾ آساني پئي رهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ان نئين ماڊل (RND) ۾ اهي خاميون نه هيون جيڪي سٽزرلئنڊ جي RD ماڊل ۾هيون.

جپانين سان گڏ وڏو عرصو رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ دوران مون ڏٺو ته جپاني نه فقط ڪاپي ڪرڻ جا هيڊماستر آهن، پر ان کي بهتر شڪل ڏيڻ يا نئين شيءِ جي ايجاد جا به ماهر آهن. ايئن چئجي ته سندن نقل اصل کان بهتر ثابت ٿيو آهي. جيئن لوهه يا ٻيو ڌاتو سندن ملڪ ۾ ناهي پر ٻين ملڪن مان ڪاٻاڙ حاصل ڪري، ان کي رجهائي منجهائس مختلف ڌاتو ڪڍي ڪارون ۽ جهاز ٺاهين ٿا. سندن ملڪ ۾ نه چراگاهه آهن ۽ نه مينهون ڍڳيون ــ آسٽريليا، نيوزيلئنڊ جهڙن ملڪن جي واڙن مان کير حاصل ڪري، ان کي اتي ئي سڪائي، پوءِ پائوڊر واري حالت ۾ ان کي جپان ۾ آڻي، ان ۾ ٻيون وٽامن ۽ پروٽين وجهي ”ميجي“ ۽ ”مورينا گا“ جهڙا کير ٺاهين ٿا. جيڪي دنيا ۾ ٻارن جي صحت لاءِ سٺا سمجهي خوب وڪرو ٿين ٿا ۽ جن مان جپاني خوب ڪمائين ٿا.

ائين ناهي ته ڪو جپان ۾ نه کير ڏيڻ وارا جانور آهن ۽ نه گاهه چراگاهه! جيڪا ڪجهه ساوڪ آهي، ان مطابق هو جيڪي ڍڳيون پالين ٿا، انهن جي صحت ۽ کاڌي خوراڪ جو ايڏو ته خيال ڪن ٿا، جو انهن جو گوشت ”واگ يو“ (Wagyo) دنيا ۾ مشهور ۽ مهانگو ترين ڳائو گوشت مڃيو وڃي ٿو. ان ۾ چربي Marbling ۽ Oleaginous (ڇڊي چربي) جو بهتر مقدار رهي ٿو. اهو به لکندو هلان ته جپاني ڪارين ڍڳين جو هي ڳائو گوشت ”واگ يو“ جپان ۽ جپان کان ٻاهر ان نالي کان علاوه جپان جي مختلف علائقن جي نالن سان به سڏيو وڃي ٿو. انهن مختلف نالن مان ڪجهه مشهور هي آهن: متسوساڪا بيف، ڪوبي بيف، مشيما بيف، ساندا بيف وغيره. متسوساڪا بيف جپان جي هونشو ٻيٽ جي Mie نالي علائقي جي ’متسوساڪا‘ شهر ۾ پاليل ڍڳين جو گوشت آهي ۽ ڳائي گوشت ۾ سڀ کان مهانگو آهي. سندس قيمي جا سئو گرام مون 5000 يين (يعني اسانجا 4000 روپيه کن) ۾ وڪامندي ڏٺا آهن. يعني هڪ ڪلو جا چاليهه هزار رپيا ٿيا. وڏين هوٽلن ۾ انهن جون چاپون (Steaks) اجان به مهانگيون وڪامن ٿيون. اهو ئي حال ڪوبي شهر جي ڍڳين جي گوشت ”ڪوبي بيف“ جو آهي. جپاني ٻوليءَ ۾ ڳائي گوشت کي بيفو (Bifu) سڏين ٿا. توهان ان مان اندازو لڳايو ته جپان ڪو ڍڳين مينهن جو ملڪ ناهي. هنن وٽ مختلف مڇين ۽ گانگٽن جا ته پنهنجا نالا آهن، پر ڳائي گوشت لاءِ جپاني نالو ”بيفو“ انگريزي لفظ ”بيف“ تان ورتو ويو آهي. جيئن ٽيليويزن کي ”ٽيري بي“ ۽ ڪيڪ کي ”ڪيڪي“، ڪپ (Cup) کي ”ڪوپو“ (Koppu) وغيره سڏين ٿا، جو اهي شيون جپان ۾ نه هيون. بعد ۾ ڌارين ملڪن کان آيون ــ جيئن اسان وٽ پٽاٽا ٽماٽا برازيل کان پورچوگالين آندا ۽ اتي جي ئي نالن سان سڏيا وڃن ٿا. يا جيئن ملائيشيا ۾ صوف انگلينڊ کان آيا ۽ اڄ به ان کي ملئي ٻوليءَ ۾ ايپل (Epal) سڏين ٿا.

# جپانين جو زراعت ۾ انقلاب

جپان ۾ پوک (زراعت) لاءِ ڪٺي ڏرتيءَ جي کوٽ آهي، پر هنن پوک (Agriculture) جي ڄاڻ ۾ بہ وڏي ترقي ڪئي آهي. هنن مختلف ميون ۽ ڀاڄين کي بهتر بنائڻ جا ڪئين تجربا ڪيا آهن. بنا ککڙين جي انگور ۽ موسميون، مون اڄ کان چاليهہ سال اڳ جپان ۾ ڏٺيون. اهو پڻ ڏسي حيرت ٿي تہ جپان ۾ وڪامندڙ صوفن جو چوڌاري هڪ جهڙو ڳاڙهو رنگ آهي، نہ تہ اسان وٽ ڳاڙهي رنگ جا صوف ضرور آهن، پر انهن جو فقط هڪ حصو ڳاڙهو نظر اچي ٿو باقي حصو سائو يا پيلو هوندو آهي. پوءِ هڪ دفعي منهنجو "فوجي ساڪي" شهر وڃڻ ٿيو جتي جا "فوجي" نالي ڳاڙها صوف دنيا ۾ مشهور آهن. اتي جي هڪ باغائيءَ ٻڌايو تہ هي صوف اصل ۾ جپان جا نہ آهن. پر 1930ع ۾ ـ يعني وڏي لڙائيءَ کان بہ گهڻو اڳ، جپان جي "توهُوڪُو ريسرچ سينٽر" ۾ آمريڪا جي صوفن جي ٻن جنسن کي ڪراس ڪري پيدا ڪيا ويا ۽ 1962ع کان مارڪيٽ ۾ آهن. هن ٻڌايو تہ صوف جو اهو حصو جنهن کي اس نٿي لڳي، اهو گهٽ يا بنهہ ڳاڙهو نٿو ٿئي. مون سندس ننڍڙي مختصر باغ ۾ ڏٺو تہ سندس زال ۽ ٻار وڻ جي هڪ هڪ صوف کي ٿورو ٿورو گهمائي رهيا هئا، جيئن ٻئي ڏينهن کان ان حصي تي بہ اس لڳي ۽ سڄي صوف جو رنگ ڳاڙهو ٿي وڃي. سندن ان محنت جو اجورو بہ کين خوب ٿو ملي. سندن پوکيل ميوو تمام گهڻو مهانگو وڪامي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو اسان جو يا ٻين ملڪن جو جيڪو بہ جهاز جپان اچي ٿو اهو ڪاڌي پيتي جو سامان ـ خاص ڪري ميوو پنهنجي ملڪ مان يا جپان ۾ پهچڻ کان اڳ وارن ملڪن: ملائيشيا، چين ۽ فلپين وغيره مان خريد ڪري اچي ٿو. مجبوريءَ جي حالت ۾ يا جپان ۾ وڏو عرصو ترسڻ جي حالت ۾ جڏهن جپان مان جهاز جي عملي لاءِ گوشت، مڇي ۽ ميوي جهڙيون شيون خريد ڪيون وڃن ٿيون تہ جهازن جي مالڪن کي ٽيهڙ تپ چڙهيو وڃي ۽ هنن طرفان اها ئي هدايت رهي ٿي تہ گهٽ کان گهٽ ڏينهن لاءِ جپان مان راشن خريد ڪريو باقي راشن ۽ پاڻي پئسفڪ سمنڊ لتاڙي آمريڪا يا ڪئناڊا مان پلي ڇهن مهينن جو خريد ڪريو.

جپان جي ميوي مارڪيٽن ۾ سڀ کان مهانگو ميوو گدرو آهي. مشڪ جي خوشبوءِ وارو "Musk Melon" تہ سڀ کان مهانگو آهي..... ايتريقدر جو ان جنس جو هڪ ننڍڙو گدرو بہ ڏهہ هزار رپين جو آهي، پر جپان ۾ هڪ عام گدرو بہ ٽي هزار روپين کان گهٽ ناهي. جپانين ۾ عادت آهي تہ مانيءَ جي دعوت تي توهانجو دوست پلي زال ٻدران پنهنجي گرل فرينڊ يا آفيس جي ڪنهن ناهوڪي ڪلارڪ ڇوڪريءَ سان اچي، پر پاڻ سان توهان لاءِ ڪا گفٽ ضرور کڻي ايندو. پهريون دفعو جپان ۾ مون يوڪوهاما بندرگاهہ ۾ پنهنجي مقامي جهازران ڪمپنيءَ جي آفيس مئنيجر کي رات جي مانيءَ تي گهرايو تہ هو ڪا گفٽ ڪنهن خوبصورت دٻي ۾ رنگين قيمتي پنن ۾ ريبنن سان پئڪ ڪري آيو هو. ساڻس گڏ زال تہ نہ هئي پر اسان واري ان مقامي آفيس جي اسٽينو ڇوڪري هئي. اهڙين حساس ڳالهين لاءِ مهمان کان پڇبو ناهي، پر جيئن تہ آئون هن ملڪ ۾ نئون نئون آيل

هوس، سو پڇي ويٺس، بلڪ خوشيءَ جو اظهار ڪيم ته، ”مونکي خبر نه هئي ته آفيس جي هيءَ مس فلاڻي تنهنجي مسز آهي“.

هن ڪان اڳ ٿي سال يورپ ۽ آمريڪا ۾ جهاز هلائڻ دوران ۽ هينئر هن ”ڏور اوڀر“ واري روٽ تي جهاز هلائڻ دوران ڪولمبو ۽ پينانگ بندرگاهه وارين آفيسن ۾ زال مڙس کي ڪم ڪندو ڏسي چڪو هوس. بلڪ پينانگ واري آفيس جا ته مالڪ ئي زال مڙس آهن. زال مئنيجر آهي ته مڙس جهاز تي سامان رسائڻ وارو ”شپ چانڊلر“.... پر هن جپاني همراهه ٺهڪ ڏئي پنهنجن ڦڪن هڏبن ڏندن جي نمائش ڪندي چيو: ”تو صحيح سمجهيو. هيءَ منهنجي زال ناهي“. ۽ پوءِ هُنَ اسٽينوگرافر ڇوڪريءَ جي پرسان ٿي بيهي، زال لاءِ اهڙي انداز ۾ ڳالهايو ته ”ان پوڙهيءَ کي وري ڪير وٺي اچي، جو اسانجو گهر پري آهي. آفيس بعد رستي واري پب تان ٻه پيگ پي سڌو هتي آيا آهيون“.

بعد ۾ سندس گفٽ کولي ڏٺم ته ان ۾ ٻه گدرا هئا. دل ۾ چيم ته، خصيص گدرن جي پئڪنگ تي هيڏو خرچ ڪيو اٿس! پر پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد مارڪيٽن جو واءُ سواءُ لهڻ دوران خبر پئي ته اهو ميوو ۽ اها ڀاڄي (يعني گدرو ۽ واڱڻ) جيڪي اسان وٽ ”اڇوت“ سمجهيا وڃن ٿا، جپان ۾ مهانگا ترين آهن ۽ گدرو اڪثر پنهنجي پياري دوست کي تحفي ۾ ڏنو وڃي ٿو. اهي ٻه گدرا جيتوڻيڪ عام گدرا هئا، ته ٻه گهٽ ۾ گهٽ 6000 ين يعني پاڪستاني 5000 روپين جا هئا. دل ۾ چيم ته، ايترن پئسن ۾ گدرن بدران ٻه ڪئسٽ رڪارڊر تحفي ۾ ڏئي ها. ان ڪان ٻيٺا گدرا، آئون ڪنڊياري يا محرابپور پهچي 20 روپين جا خريد ڪري ڪائي ڇڏيان ها. (هيءَ 74_1973ع جي ڳالهه آهي جڏهن گدرو ٽن يا چئن روپين ۾ ڪراچيءَ ۾ ملندو هو. سڪرنڊ ۽ قاضي احمد ۾ ٻاگڙي پوڪيندا هئا. جتي ڏڙي جي حساب سان اجان ٻه سستو هو ۽ ڪئسٽ رڪارڊر اجان ان وقت نوان نوان ايجاد ٿيا هئا ـ وڊيو يا ڪمپيوٽر جهڙين شين جو ته نالو نشان ئي نه هو).

ڪجهه عرصي کانپوءِ جڏهن مونکي ”هَني ڊيو“ جپاني گدرن جي خبر پئي ته اهو في داڻو ڏهن هزار روپين کان مهانگو ٿو ملي، ته مونکي بيحد حيرت ٿي. پنهنجي جپاني دوست کان پڇيم، ”اهڙا مهانگا گدرا ڪير ٿا خريد ڪن؟“.

”اهي هڪ ته امير جپاني ماڻهو پنهنجين ساهيڙين کي تحفي ۾ ڏين ٿا“، جپاني دوست چيو ”۽ ٻيو روس ايڪسپورٽ ٿئي ٿو“.

”جپاني واپاري ۽ ڪارخانيدار ته واقعي امير ماڻهو آهن. پر روس جا ماڻهو ته غريب آهن. شايد اهي روسي وٺي سگهندا هوندا، جن وٽ نوٽ (Currency) ڇاپڻ جي مشين هجي يا اهي ڪامورا ۽ سياستدان، جن وٽ بنا محنت جي حرام جو پئسو آيو هجي“. مون چيو.

”بلڪل صحيح ٿو چئين“، هن وراڻيو. ”روس جو عوام غريب ضرور آهي پر جتي غربت آهي، اتي ملڪ جو پئسو هميشهه چند ڪرپٽ سياستدانن، ڪامورن، فوجين، وڏيرن، وزيرن جي هٿ ۾ هجي ٿو ۽ اها دولت هنن وٽ ايڏي وڏي انگ ۾ ٿئي ٿي، جو هنن کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اها ڪيئن خرچ ڪجي....“.

”پوءِ هو جپان جا هَني ڊيو گدرا ڪائين ٿا“. مون سندس ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

ان وقت تائين آئون دنيا جا ڪافي ملڪ ڏسي چڪو هوس. آفريڪا جي سڀني ملڪن کي يورپين کان آزادي ملي چڪي هئي. آخري ملڪ موزمبق اسان اڳيان پورچوگالين کان آزادي حاصل ڪئي هئي. هاڻ انهن ملڪن جا حاڪم ”ظالم“ گورا نه پر مقامي ”ڌرتيءَ ڄاوا“ هئا. پر افسوس جو حڪومت هٿ ۾ اچڻ تي ڪيترن ملڪن جا ڌرتيءَ ڄاوا حاڪم انگريزن، فرينچن ۽ پورچوگالين کان به وڌيڪ ظالم ثابت ٿيا ۽ عوام کي سکيو رکڻ بدران پنهنجا ۽ پنهنجي خاندان جا پيٽ ڀرڻ لڳا. اهڙن ملڪن جي عام ماڻهن جي غربت ڏسي چڪو هوس ۽ ساڳي وقت اهڙن غريب ملڪن جي حاڪمن کي يورپ جي ملڪن ۾ عوام جي پئسي تي عياشيون ڪندي به ڏسي چڪو هوس. انهن ڏينهن ۾ ٿائيلينڊ ٽوئرزم جي چڪر ۾ ويو پئي مئه خانا، هوٽلون، مساج گهر ۽ چڪلا ٺهرائيندو. بقول اتي جي معاشي ماهرن جي، ”بابا! عربن کي جيڪو پيٽرول مان گهر ويٺي پئسو ملي ويو آهي يا ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪرپٽ سياستدانن جيڪو عوام جو پئسو لٽيو آهي، اهو آخر ڪٿي ته خرچ ڪندا؟ ان پئسي جي Outlet لاءِ هو هيڏانهن ئي ايندا“.

اڄ ان ڳالهه کي پنجٽيهه چاليهه سال اچي ٿيا آهن. ايران، سنگاپور، ملائيشيا جهڙا ڪجهه ملڪ آهن، جن کي سٺن سياستدانن ۽ حاڪمن يورپ بڻائي ڇڏيو آهي، پر اسان جهڙن ملڪن جو حال هيٺو آهي، جتي بيمار کي پئناڊال جي گوري به نصيب نٿي ٿئي، جتي غريب کي به ويلا دال ماني نه ٿي ملي، جتي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ناهي، جتي ٻار ننڍي عمر ۾ ۽ مائرون ويم دوران ۾ ڦٿڪيو ڦٿڪيو مريو وڃن ۽ حاڪم آهن جيڪي ميٽنگون ڪرڻ يا ويڪ اينڊ ملهائڻ لاءِ به دبئي ۽ لنڊن وڃن ٿا ۽ اتي جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ رهن ٿا. ٿڌ زڪام جهڙين بيمارين لاءِ هو يورپ ۽ آمريڪا جي ڊاڪٽرن کان تپاس ڪرائين ٿا. ڦورو سياستدان ۽ ڪامورا خدمت جي نالي ۾ سرڪاري اسپتالن ۽ اسڪولن جو پئسو به هڙپ ڪريو وڃن ۽ غريب جو ٻار تعليم کان به محروم ٿيو وڃي. سندن ٻار آمريڪا ۽ آسٽريليا ۾ پيا پڙهن. هنن جا حرام جي پئسن سان نه فقط لاڪر ڀريا پيا آهن، پر گدامن ۾ ڊالرن جي ڀريل ٻورين کي باهه لڳيو وڃي. سرڪاري ڪامورن جي گهرن مان ڪروڙين رپين جي روڪ رقم پئي نڪري، جنهن کي ڳڻڻ لاءِ ڇئن ڇئن مشينن جي ضرورت ٿي پوي، اربين رپين جي ٻيڙين رستي مني لانڊرنگ پئي ٿئي. ڪين سمجهه ۾ نٿو اچي ته غريب عوام جي ڪسيل پئسي کي ڪيئن خرچ ڪيون. بقول اسانجي ٿنڊو قيصر جي مرحوم دوست نور احمد نظاماڻيءَ جي ”They are Suffering from Surplus“ مفت ۾ بنا محنت جي آيل حرام جي بي انتها دولت هنن کي چريو ڪري وڌو آهي. هو جنهن بيماريءَ جي عارضي ۾ مبتلا آهن، اها ”پئسي جي گهڻائي“ آهي.

ان بي پناهه دولت جو اظهار هو شادين مرادين ۾ به ڪن ٿا. گهوٽ ۽ ڪنوار لک لک رپيا بيوٽي پارلر تي خرچ ڪن ٿا ۽ ڏهن لکن جو هڪ رات لاءِ عروسي وڳو اوڍين ٿا ۽ شاديءَ جي ماني ملڪ جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ٿئي ٿي.... شايد ايستائين ڳالهه هجي ها ته ان جو ذڪر نه آڻيان ها، پر مونکي حيرت تڏهن ٿي، جڏهن ڪلهه مون ٻڌو ته اسانجي هڪ سياستدان پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ جي فنڪشن جو بندوبست ٿائيلينڊ جي هڪ ٻيٽ تي رکيو آهي، جتي دعوتين کي چارٽرڊ جهاز ذريعي ڪراچيءَ کان ٿائيلينڊ پهچايو ويندو.

# ڪجھ جپاني ڇانهين ۽ ٻصرن بابت

پاڻ جپان جي مٺي گدري جي ڳالھ پئي ڪئي، جيڪو جپان ۾ميون جو بادشاھ ٿيو وينو آهي. ان سان گڏ جپانين جي ڇانهين بابت لکڻ پڻ ضروري ٿو سمجهان، جن جي جپانين شڪل ئي بدلائي ڇڏي آهي.سالن ڪان جپان ۾ لوڊي جي چڪي (Cube) جي شڪل جون ڇانهيون وڪامن ٿيون، جيڪي دٻي ۾ هڪ ٻئي مٿان رکڻ ۾ بہ آسان آهن. ڇانهين اڄ بہ قدرت طرفان اها ئي گول شڪل جي ڦٽي ٿي، پر پوءِ جپاني فارمر ان ڇانهينءَ جي چوڌاري ڪاٺ يا سخت گتي جو چڪو ڏيو ڇڏين، جيئن ڇانهين گول ٿيڻ بدران ڇهن پاسن واري (Cube) ٿئي. ڏنو وڃي تہ ڇانهيون پوکڻ بعد هنن کي هڪ هڪ ڇانهينءَ پنيان وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي. ان کي پهرين ننڍي سانچي ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ پوءِ ڇانهينءَ جي وڌڻ تي سانچا بدلايا وڃن ٿا. هاڻ تہ دل جي شڪل جون بہ ڇانهيون وڪامن ٿيون تہ احرام (Pyramid) شڪل جون بہ! هنن ڇانهين جي قيمت في داڻو 200 ڊالر (يعني ويھ هزار روپين) کان مٿي ٿئي ٿي. بہ سال اڳ ٽوڪيو مارڪيٽ ۾ هڪ ڇانهين 35 هزار ين ۾ بہ نيلام ٿي.

هڪ دفعي جپان جي بندرگاھ ”ڪانا گاوا“ ۾ اسانجي جهاز جي ڳري مرمت هلي رهي هئي. جهاز جي خشڪ گودي (Dry Dock) ۾ هجڻ ڪري جهاز جي بورچيخاني توڙي غسل خانن جا نلڪا بند رکيا ويا هئا. اهڙيءَ صورت ۾ جهاز جي هر ماڻهوءَ جو ڪناري تي رهائش جو بندوبست ڪيو ويندو آهي يا ڪيس ڏهاڙيءَ جي حساب سان ڪافي پئسو ڏنو ويندو آهي تہ پلي هو پاڻ پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪنهن هوٽل ۾ رهي، ماني ٽڪي ڪائي ۽ پاڙو ڪري ڏينهن جو جهاز تي پهچي. مون سان گڏ ان سفر ۾ فئملي نہ هئي ۽ آئون هميشہ وانگر هوٽل بدران هڪ جپاني مسافرخاني (Ryokan) ۾ رهي پيس، جتي رڌ پچاءَ جو بندوبست هو. صبح جو مسافر خاني جي مالڪياڻيءَ طرفان ملندڙ ڀاڄين جو سُوپ (مِسو سوپ) ۽ ڀَتڙو پٽ ڪائي نڪرندو هوس. رستي تي ڪنهن ريسٽورنٽ تان ڪافي يا چانهن جو ڪوپ پيئندو هوس. منجهند جو شپ يارڊ جي ڪئنٽين ۾ ڪارن سوپ يا مڪئي جو اوباريل سنگ ۽ ڪيڪ وٺي کائيندو هوس. شام جو مسافرخاني ۾ موٽڻ وقت ڪنهن ڊپارٽمينٽل اسٽور تان مختلف ڀاڄيون يا ڪنهن مڇيءَ جا ٽُڪرا وٺي ايندو هوس ۽ ڀاڄيون ڪٽي ٻوڙ رڌيندو هوس يا مڇي تري ڊبل روٽي سان کائيندو هوس.

مسافرخاني جي پوڙهي مالڪياڻيءَ چيو: ”جيڪڏهن تون مونکي ٻصر ڪٽي ڏين تہ اهڙو ٻوڙ آئون ئي تولاءِ ٺاهي رکان“.

دل ۾ سوچيم تہ اها واھ جي ڳالھ ٿي. مائيءَ واھ جي آفر ڏني آهي. پر پوءِ ٻي گهڙيءَ سوچيم تہ اهو ٻصر ئي آهي، جيڪو تنگ ٿو ڪري ۽ اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ بند نٿا ٿين. باقي ٻي ڀاڄيءَ کي ڪٽڻ يا سياري جي ٿڌي موسم ۾ چلھ اڳيان بيهي رڌڻ ۾ ڪهڙي تڪليف آهي، جو هن مائيءَ جا

ٽورا ڪٽان، جيڪا روز جي مسواڙ ۾ هڪ ييين به گهٽ نه ٿي ڪري. بهرحال سندس آڇ لاءِ ”اريگاٽو“ (مهرباني) چئي پڇيومانس: ”آخر بصر ڪٽڻ ڪان توکي ڪهڙو عار آهي؟“.

”اسان جپانين جون اکيون ڏاڍيون حساس آهن. بصر مان نڪرندڙ گئس اکين ۾ ڏاڍو چيچي ٿي“. هن چيو.

”جپانين ڀاڄين ۽ ميون تي خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا تجربا ڪري هنن جي شڪل ئي بدلائي ڇڏي آهي“. ڪجهه سنجيدگيءَ سان ۽ ڪجهه چرچي ۾ چيومانس: ”جيئن ٻنان ڪڪڙين وارا انگور ايجاد ڪري ورتا اٿئون، تيئن ٻنان روئارڻ وارو بصر ڇو نٿا ايجاد ڪن؟“.

مائي به ڪا خوش موڊ ۾ هئي. ٺهڪ ڏيندي چيائين: ”اسان جا مرد نه ٿا چاهين ته ڪو اسان کي سک نصيب ٿئي. ڀلي رنون ڀيون ڳوڙها ڳاڙين“.

اها ڳالهه اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ 40 سال اڳ جي آهي. ان عرصي اندر خبر ناهي جپان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون اليڪٽرانڪ ايجادون ٿي چڪيون آهن .... خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا ميوا، ڀاڄيون ۽ اناج (خاص ڪري چانور) ڪراسنگ ڪري بهتر جنسن جي صورت ۾ ايجاد ٿي چڪا آهن. پر بصر کي بهتر بنائڻ جي خبر هاڻ گذريل هفتي ئي پڙهيم ته، ”ايندڙ سرءُ جي موسم کان جپان جي هڪ ڪمپني ڳوڙها نه ڳاڙائيندڙ بصر عوام لاءِ وڪرو شروع ڪندي“.

ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙا چند ملڪ آهن يا وري فجي ڪيوبا جهڙا ٻيٽ، جتي بي انتها ناريل ٿئي ٿو. اتي جا ماڻهو رس وارو ٻوڙ (Curry) ناهڻ لاءِ بصر بدران ناريل جي ڳِرُ (Flesh) جي ڪاتر استعمال ڪن ٿا.... اهڙن ملڪن جي ماڻهن کي بصر جو قدر ناهي، نه ته سڄي دنيا لاءِ بصر دلپسند ڀاڄي آهي، جنهن ٻنان ڪا به ڀاڄي، گوشت، مڇي ايترا سوادي نه ٿا رڌي سگهجن. بصر جي ڪاتر (Chop) ڪرڻ ڪان هرڪو پڇي ٿو. ڪي حجام بورچي ڏٺا اٿم، جيڪي سيرن جا سير بصر يڪساهيءَ ڪٽيو وڃن، نه ته عام ماڻهوءَ کي بصر جي هڪ ڳنڍ به رئاريو ڇڏي.

جيئن هڪ عام انب کي ٻي جنس جي انب سان ڳنڍي (پيوند ڪري) ڪا نئين جنس تيار ڪئي وڃي ٿي، اهڙيءَ طرح ٻين ميون ۽ ڀاڄين جا ميلاپ (Hybird) ڪرڻ هاڻ هڪ پراڻي ڳالهه ٿي چڪي آهي ۽ انهن جي ٻوٽن ۽ ٻجن کي ”ڪراس“ ڪري نيون جنسون پيدا ڪيون ويون آهن.....
بصر کي به بهتر بنائڻ لاءِ جپان ۾ ان تي وڏي عرصي کان تحقيق هلي رهي هئي.”هائوس فڊس گروپ“ جي سائنسدانن اتڪل ويهن سالن جي کوجنا بعد سال 2002ع ۾ اهو ثابت ڪيو ته بصر ۾ موجود Syn-propanethial-s-Oxide نالي انزائيمس (جيڪي اکين ۾ چيچي ڳوڙها پئدا ڪن ٿا) کي جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان گهٽائي ڇڏجي يا ڪمزور بنائي ڇڏجي ته هڪ طرف بصر ميوي وانگر منو ۽ خوشبودار ٿي پوندو ته ٻي طرف ان کي وڍڻ ويل اکين ۾ ڳوڙها به نه ايندا. ان ڳالهه تي هائوس فڊس گروپ وارن کي ”Ig Noble Prize“ به مليو هو. هونءَ انگريزي لفظ ”نوبل“ جي معنيٰ ”عالي مرتبه“ چئي سگهون ٿا، جيتوڻيڪ نوبل پرائيز وارو لفظ سئيڊن جي هڪ سخي مرد ”نوبل الفريد“ جي نالي سان منسوب آهي. نوبل پرائيز ته هر سال انهن کي ملي ٿو جيڪي امن، ادب ۽ سائنس ۾ ڪو ڪارنامو ڪري ڏيکارين ٿا. ان تان هڪ مزاحيه (Parody) پرائيز ”اِگ نوبل“ ناهيو

ويو آهي، جيڪو انهن کي ڏنو ويجي ٿو جيڪي ڪل مسخريءَ جهڙين ايجادن جي ڪوشش ڪن ٿا. بهرحال اڄ مٿين ڪمپنيءَ طرفان "Smile Ball" نالي بصر نه فقط ايجاد ٿي چڪو آهي، پر گذريل سياري ۾ نموني خاطر ٽوڪيو جي هڪ اوچي دڪان ۾ پنج ڇهه ٽن وڪامي چڪو آهي ۽ جنهن رفتار سان اهو بصر خريدارن ورتو ان مان لڳي ٿو ته ايندڙ سياري ۾ جڏهن هي ڳوڙها نه آڻڻ وارو "سمائيل بال" بصر عام طرح هر مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ رکيو ويندو ته ماڻهو ان کي هٿو هٿ خريد ڪندا.

پر يارو! ان بصر جي به چا ته قيمت رکي وئي آهي!

مڃان ٿو ته جپان ۾ کاڌي پيتي جي هر شيءِ مهانگي آهي. ٽن ٽماٽن، ٽن پٽاٽن يا ٽن عام بصرن جي قيمت به 200 روپيه آهي پر ان هوندي به هنن ہن"Smile Ball" بصرن جي قيمت 450 يين ـ (پنهنجا چار سؤ روپيا) رکي وئي. جن خريد ڪيا، انهن جي راءِ آهي ته "اهي صوف وانگر مٺا آهن ۽ ونگيءَ وانگر ڪچا کائي سگهجن ٿا. ڪاٽڻ سان وات ۾ ڏپ به نٿي ٿئي".

# ڪيوٽو سان واسطو رکندڙ مسٽر نير

ڪيوٽو شهر جي ڳالهه ڪندي هتي جي مشهور ۽ مانواري ڪيوٽو يونيورسٽيءَ جو ذڪر نہ ڪرڻ ناانصافي ٿيندي. يونيورسٽيءَ کي جپاني ٻوليءَ ۾ ”دائي گاڪو“ سڏجي ٿو. ”ڪيوٽو دائي گاڪو“ جنهن کي ”ڪيودائي“ بہ سڏجي ٿو جپان جي ٻيو نمبر پراڻي يونيورسٽي آهي، جنهن 1897ع ۾ جنم ورتو. ان کان اڳ 1869ع ۾ اها پر واري شهر اوساڪا ۾ ڪيمسٽري اسڪول جي شڪل ۾ هئي، جِتي فزڪس بہ پڙهائي ويندي هئي. ان بعد 1886ع ۾ اهو ”ٿرڊ هائير اسڪول“ جي نالي سان تعليمي ادارو ٿيو... ان بعد ڪيوٽو يونيورسٽي.

ڪيوٽو يونيورسٽيءَ کان وڏيڪ پراڻي يونيورسٽي ٽوڪيو جي آهي، جيڪا ”ٽوڪيو امپيريل يونيورسٽيءَ“ جي نالي سان آهي ۽ 1877ع ۾ کلي. هن ۾ 35 هزار کن شاگرد آهن، جن ۾ 3000 ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي ملڪن جا ٿيندا. هن يونيورسٽيءَ جا پنج ڪئمپس آهن ۽ پڙهائيءَ جي لحاظ کان ايشيا ۾ پهرين نمبر تي ۽ دنيا ۾ ايڪويهين نمبر تي آهي. گذريل سال جپان مان نڪرندڙ انگريزي اخبار ”جپان ٽائيمس“ ۾ پڙهيو هوم تہ ٽوڪيو جي هن امپيريل يونيورسٽيءَ ۾ بہ هزار پروفيسر آهن، جن ۾ 60 عورتون آهن ... البت اها ڳالهہ عجيب ٿي لڳي تہ پروفيسرن جي هيڏي وڏي تعداد ۾ عورتن جو انگ بنهہ ٿورڙو آهي. پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ جپان ۾ عورتن جو ڪم فقط گهر جي ٻهاري پوچو ڪرڻ سمجهيو وڃي ٿو يا ڪلارڪيءَ جهڙيون ننڍيون نوڪريون ڪرڻ! هن يونيورسٽيءَ ۾ ڏهہ کن اهم فئڪلٽيون آهن. جهڙوڪ: قانون، ميڊيسن، سائنس، آرٽس، فارماسوٽيڪل سائنس، انجنيئرنگ، ايڪانامڪس ۽ ائگريڪلچر وغيره.

پاڻ ڪيوٽو يونيورسٽيءَ جي ڳالهہ ڪري رهيا هئاسين. جنهن جا ٽي ڪئمپس آهن. يوشيدا ڪئمپس هن يونيورسٽيءَ جوخاص ڪئمپس آهي. هن يونيورسٽيءَ جپان جي مختلف ادارن جا ڪيترائي اهم ماڻهو سائنسدان، حسابدان ۽ ڪوجنائون ڪندڙ پيدا ڪيا. اسان جي سڄي ملڪ مان فقط هڪ ماڻهوءَ ڊاڪٽر عبدالسلام کي فزڪس ۾ نوبل انعام مليو. هيڏانهن جپان ۾ فقط هن يونيورسٽيءَ مان ائن ڄڻن کي نوبل انعام مليو آهي. اهي انعام انهن کي فزڪس، ڪيمسٽري، فزيالاجي ۽ ميڊيسن جهڙن سبجيڪٽن ۾ مليا.

ڪيوٽو يونيورسٽيءَ جي Alumni يعني هِتان جي اهم تعليم يافتہ گرئجوئيٽس ڏي نظر ٿي ڪجي تہ انهن ۾ رڳو جپاني ماڻهن جا نالا نظر اچن ٿا ۽ اتي ۾ لوڻ برابر يورپي يا ٻيا آهن. انهن مڙني ۾ هڪ هندوستاني ”آءِ پي نير“ جو نالو نمايان نظر اچي ٿو.

آءِ پي نير جو پورو نالو آهي ’آئي ياپان پِلائي نير‘. پاڻ انڊيا جي ڏکڻ صوبي ڪيرالا جي شهر تري وندرم (جنهن جو هاڻ ’ٿِرو وانا ٿاپورام‘ نالو آهي) جو هو. جِتان هن بنيادي تعليم حاصل ڪئي. ان بعد هن جپان اچي ڪيوٽو يونيورسٽيءَ مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي. هن ڪجهه عرصو انجنيئر تي جپان ۾ ڪم ڪيو. جنهن بعد سباش چندر بوس (جنهن هندستان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ انگريزن خلاف مهم ڇيڙي هلائي) جو ڪارڪن ٿي جپان ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. سباش چندر بوس کي جپانين جي مڪمل حمايت حاصل هئي. ٻي عالمي جنگ دوران نَير جپان ۾ قائم ڪيل ”انڊيپينڊنس ليگ“ ۾ شموليت اختيار ڪئي. نير کي انگريزن خلاف جپانين جي مدد ڪرڻ جي بدلي ۾ جپان جو هڪ وڏو ايوارڊ ”ڪُن زئي هوشو“ (Kun Zuihosho) پڻ مليو. هي ايوارڊ جپان جي بادشاهه شهنشاهه هيرو هتوءَ پنهنجي هٿن سان 1984ع ۾ کيس ڏنو. نير جپان ۾ ”نير سَان“ سڏيو ويو ٿي. جپان جي ڪيترن سفرنامن ۾ لکي چڪو آهيان، ته جپان ۾ عورت توڙي مرد لاءِ ”SAN“ عزتماب لفظ آهي. جيئن پاڻ وٽ محترم، جناب اعليٰ، محترما وغيره. ساڳي وقت انگريزن جي خطاب ”SIR“ وانگر ”SAN“ پڻ آهي. جيئن پاڻ وٽ خانبهادر، راءِ بهادر وغيره.

نير سان (Nair San) بابت هي احوال آئون ڪيوٽو شهر ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ ڪري ”ڪيوٽو يونيورسٽيءَ“ جي حوالي سان لکي ويٺو آهيان. نه ته نير صاحب کان اهي به واقف آهن (خاص ڪري ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو) جيڪي فقط گهمڻ لاءِ ٽوڪيو جو چڪر هڻي موٽن ٿا. منهنجي به نير صاحب سان پهريون دفعو ملاقات ٽوڪيو ۾ پهچڻ سان ٿي هئي. ٽوڪيو ۾ جهاز پهچڻ سان مون وٽ ٽوڪيو ۾ رهندڙ هم وطن هالن جو اشفاق ميمڻ، خيرپور جو ظفر شيخ (جيڪو پوءِ سفير ٿيو) ۽ ٻيا ملڻ آيا. هيءَ ڳالهه سال 1973ع جي آهي يا سال اڳ يا پوءِ جي. مون کين چيو ته، ”توهان هِتي پرديس ۾ رهي پنهنجي ملڪ جي ڳوٺن کي ياد ڪندا هوندؤ سو توهان کي منجهند جو يا رات جو وقت ملي ته اسان جي جهاز تي اچي ماني کائيندا ڪريو. جيستائين اهو هن بندرگاهه ٽوڪيو ۾ يا ٻيو واري بندرگاهه يوڪوهاما ۾ آهي. ٽوڪيو ۽ يوڪوهاما ايئن سمجهو جڻ ڪوٽڙي، ڄامشورو يا روهڙي خيرپور آهن“.

هر جهاز تي بندرگاهه ۾ ماني تڪي گهڻي انداز ۾ نهي ٿي، جيئن جهاز هلائڻ وارن جا دوست يا هوم پورٽ ۾ مائٽ مٽ ملڻ لاءِ اچن، ته مانيءَ بنان نه وڃن. ۽ جهاز جا ماڻهو وري بندرگاهه ۾ پهچڻ تي، جهاز تي ماني کائڻ بدران ٻاهر جي ماني (پلي دال ماني چو نه هجي) کائڻ ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا چو جو جهاز جي ماني، ڀلي ڪڻ ست رڃي چو نه هجي، پر ساڳي ذائقي هجڻ ڪري هو تبديلي چاهين ٿا.

هڪ ڏينهن، منهنجي خيال ۾ سڪرنڊ يا شايد نوابشاهه جو، جان محمد ڪيريو نالي شاگرد (جيڪو اتي ٽوڪيو ۾ پي ايڇ ڊي ڪري رهيو هو) مونکي ماني کارائڻ لاءِ گنزا وٺي آيو. گنزا ٽوڪيو جو شروع کان، هڪ گهماگهميءَ، سونهن ۽ فيشن وارو علائقو رهيو آهي. مون هن کي سختيءَ سان منع ڪئي ته تون شاگرد آهين، تڪليف نه ڪر! پر هو مونکي گنزا جي هِڱاشيءَ واري علائقي ۾ وٺي آيو جِتي ڪبوڪي ٿيٽر جي سامهون هڪ ننڍڙي انڊين ريسٽورنٽ ”The Nair Restaurant“

نالي هئي. هن ٻڌايو تہ هن هوٽل جي ”انڊين ڪري“ ڀوڳ تمام مشهور آهي ۽ پهريون دفعو جيڪو بہ گراهڪ اچي ٿو تہ هن هوٽل جو مدراسي مالڪ ’نير سَان‘ هن کان پئسا نٿو وٺي ۽ هيءَ هوٽل 1949ع جي ٺهيل آهي.

”انڊين ڪري“ جپانين ۾ بلڪل مشهور پئي لڳي. جو هوٽل ۾ جيڪو جپاني آيو پئي، ان انڊين ڪريءَ جو آرڊر پئي ڏنو. اسان کي اها اسان جهڙي ڀوڳ جهڙي نہ لڳي. جنهن ۾ نہ ڳاڙها مرچ هئا ۽ نہ هئڊ، سنڌ يا ٿوم بصر. دراصل هي ڀوڳ هو تہ اسانجي اسٽائيل جو، پر جپانين جي ٽيسٽ مطابق هو. جيئن اسانجي ملڪ جي هوٽلن ۾ چائنيز ڊش اسان جي ٽيسٽ مطابق ٺاهيا وڃن ٿا. ڪڏهن پلجي بہ سنگاپور، ملائيشيا يا چين جهڙن ملڪن جي هوٽلن ۾ ڪنهن چائنيز ڊش جو آرڊر نہ ڏجو..... سخت مايوس ٿيندؤ. بهرحال، ان بعد آئون جڏهن بہ نوڪريءَ دوران پنهنجي جهاز تي يا ذاتي طرح گهمڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ ٽوڪيو آيس تہ ”نير ريسٽورنٽ“ ۾ ضرور ويس ۽ چپاتي، پاچيءَ يا پڪوڙي سنبوسي تي گذر ڪيم. هن ريسٽورنٽ ۾ اچڻ جو مقصد ماني کائڻ نہ پر نير صاحب سان ڪچهري ڪري وقت پاس ڪرڻ هوندو هو جنهن سان 1973ع ۾ جڏهن پهريون دفعو مليس تہ هو 68 سالن جو هو يعني مونکان 40 سال وڏو هو. هن جي جَم جو سال 1905ع هو. سندس جپاني ٽوڙي انگريزي تامل نموني جي هئي. منهنجي ساڻس آخري ملاقات 1980ع ۾ ٽوڪيو جي هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ٿي، جِتي پڻ هن پنهنجي ريسٽورنٽ جي شاخَ کولي هئي. ملائيشيا ۾ هوس تہ 1990ع ۾ سندس وفات جي خبر سنگاپور جي انگريزي اخبار ”نيو اسٽريٽ ٽائيمس“ ۾ پڙهي هيم. سنگاپور جا تامل انڊين اڄ بہ نير صاحب (نير سَان) جي عزت ڪن ٿا. جو هو ٽوڪيو ۾ ايندڙ پنهنجي هم زبان ماڻهن جي تمام گهڻي مدد ڪندو هو.

نير صاحب هڪ بيحد دلچسپ شخصيت هو. هو ڇاڻ جي ڪاڻ هو. ٻڌو اٿم تہ البرٽ انٽوني نالي هڪ اطالوي ڊائريڪٽر نير صاحب تي ”Nairsan“ نالي هڪ انگريزي فلم ٺاهي رهيو آهي.... يا شايد ٺاهي چڪو آهي، جنهن ۾ انڊين تامل فلمن جي مشهور ائڪٽر موهن لعل ۽ چيني اداڪار جئڪي چان اداڪاري ڪئي آهي. نير صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو ڪِتاب پڻ لکيو جنهن جو نالو آهي ”An Indian Freedom fighter in Japan: Memories of A.M Nair (1982)“

اڄ ڪلهہ جپان جي هر وڏي شهر ۾ ڪيترين ئي انڊين ريسٽورنٽون آهن. پر گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ جڏهن پاڻيءَ جي جهازن رستي اسان جپان وڃڻ شروع ڪيو هو تہ ان وقت ٽوڪيو ۾ سڀ کان پراڻي انڊين ريسٽورنٽ ”دي نير ريسٽورنٽ“ هئي ۽ ان کان علاوه بہ ٻيون بہ انڊين ريسٽورنٽون هيون. هڪ ”اجنتا“ نالي هئي، جنهن جو مالڪ پڻ مسٽر نير وانگر ”نيتاجيءَ“ جو.... يعني سڀاش چندر بوس جو پوئلڳ هو ۽ ٻي هوٽل ”اشوڪا“ هوندي هئي جنهن جي شاخ ڪوبي يا شايد اوساڪا ۾ پڻ آهي، جيڪا ”ڪيم چو مزا ما چو“ ڳالهائڻ وارن گجراتين جي آهي. پر هي انڊين هوٽلون چاهي جپان ۾ هجن يا انگلينڊ ۾، هانگ ڪانگ ۾ هجن يا آمريڪا ۾، بيحد مهانگيون ٿين ٿيون.... هڪ سنهي ڦلڪي جهڙي مانيءَ (چپاتيءَ) جي قيمت ئي ڊالر ڪن ٿيو وڃي.... يعني سؤ رپيا.... پوءِ پنهنجي ملڪ جي ڀوڳ مانين وارين هوٽلن جي مهانگائيءَ جي ڪري مجبورن

اسان جهڙا پرديسي مئڪڊونالڊ جهڙي جنڪ فوڊ ڏي رخ رکن ٿا. جيڪو انڊين يا پاڪستاني هوٽلن ۾ ملندڙ ٻوڙ مانيءَ يا دال پٽ کان گهٽو گهٽو سستو ٿئي ٿو.... تڏهن ته مون آمريڪا ۽ جپان جي شروع وارن سفرنامن ۾ (جڏهن آئون هڪ جونئر انجنيئر هوس) مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي (KFC) جي مالڪن لاءِ لکيو آهي ته اهي جنت ۾ ويندا، جن جي ڪري ولايت ۾ اسان کي، گهٽ پئسو هجڻ جي باوجود، پيٽ پري کائڻ لاءِ مليو وڃي. پر ڏسان پيو ته اسان جي ملڪ ۾ نه فقط اهي مٿيان فاسٽ فوڊ مهانگا آهن، پر انهن جا کائڻ وارا پاڻ کي اهم ماڻهو سمجهن ٿا. اسانجي ملڪ ۾ اهڙين ولايتي ريسٽورنٽن ۾ وڃڻ Status Symbol سمجهيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اسان وٽ نان يا چپاتي مهانگي هجڻ جي باوجود، اڄ به انهن برگرن ۽ پيزائن کان سستي آهي.

اسان مسٽر نير جي ٽوڪيو واري انڊين ريسٽورنٽ جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين. مسٽر نير جي ان ريسٽورنٽ کان وڌيڪ مشهور، هن جو ٺهيل ”اِندرا ڪري پائوڊر“ هو. جيڪو ايئن هو جيئن اڄ ڪلهه اسان وٽ ”شان“، ”مهراڻ“ ۽ ”نئشنل“ جا مصالحا آهن. جپانين ان کي ڏاڍو پسند ڪيو ٿي. هڪ ٻه دٻا مسٽر نير مونکي گفٽ طور ڏنا هئا. اهو پائوڊر گول دٻي ۾ هوندو هو. جنهن جي چوڌاري جيڪو ليبل طور پنو چنبڙيل هو ان تي انگريزيءَ ۾ ”Indira Pure Curry Powder“ لکيل هو ۽ ان جي هيٺان ساڳيو انگريزي نالو جپانيءَ جي ’ڪاٽا ڪانا‘ لکٽيءَ ۾ هو. ان جي هيٺان لکيل هوندو هو:

“Prepared by A.M. Nair Co. Ltd”

هڪ ڏينهن مون کِلي مسٽر نير کي چيو: ”سر! توهان جي ريسٽورنٽ جو ٻوڙ ماني جپانين کي ته بيحد پسند آهي، پر مونکي هرگز نه.... شايد ان ڪري جو آئون جهاز جو ماڻهو هجڻ ڪري جپان ۾ هوندي به پاڪستان ۾ رهان ٿو ۽ اسانجي جهاز تي منجهند ۽ رات جي ماني تي، هر قسم جو ٻوڙ ۽ ماني، نان ۽ اڦراٽا ٺهن ٿا“.

”پوءِ ته توکي منهنجي ريسٽورنٽ ۾ اچي پئسو خرچ نه ڪرڻ کپي“. مسٽر نير چيو.

”آئون هفتي ۾ هڪ دفعو توهانجي ريسٽورنٽ ۾ هڪ هزار ڪن يين، خبر اَٿوَ ڇو ٿو خرچ ڪيان؟“. مون چيو.

”ڇو؟“.

“Because meeting with you “Nair San” is sheer delight and listening your stories is quite a treat”.

مسٽر نير جيڪو جپان ۾ “Nair San” ۽ “Mr. A.M Nair” جي نالن سان مشهور آهي، سندس سچو نالو “Aiyappan Pillai Madhavan Nair” آهي. پاڻ 1923ع ۾ ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ ڪيوٽو (جپان) ۾ پڙهڻ لاءِ آيو ته هن اچڻ سان پهرين ڇڳيءَ طرح جپاني ڳالهائڻ سکي. ڪيوٽو يونيورسٽيءَ مان گرئجوئيشن ڪرڻ بعد هو ”نيتاجي سڀاش چندر بوس“ جو پوئلڳ ٿي هندستان جي آزاديءَ خاطر ڪم ڪرڻ لڳو. نيتاجي جڏهن به جپان آيو ته هو ساڻس گڏ گڏ رهيو ۽ سندس لاءِ ترجميڪار جا فرض ادا ڪيا. هِتي مان اڄ جي نوجوانن کي هڪ دفعو وري اها نصيحت ڪندس، ته هو جنهن ملڪ ۾ به تعليم يا نوڪريءَ لاءِ، ٽي سال يا ان کان مٿي عرصو وڃن ٿا، يا اتي رهڻ جو پروگرام رکن ٿا، ته هنن کي کپي ته هو پهريون ڪم ان ملڪ جي زبان جپاني، عربي،

هسپانوي، ملئي (يا جيڪا بہ هجي) يڪدم سکي وٺن .... ٿوري محنت لڳي ٿي، پر پوءِ ان ملڪ ۾ باقي ڏينهن رهڻ ۾ هو آساني ۽ پنهنجائپ محسوس ڪندا. مون ان جو پهريون مثال ٽوڪيو ۾ ڏٺو جڏهن خيرپور جو هڪ CSS پاس نوجوان ظفر شيخ فارين سروس ۾ چونڊجي، ٽوڪيو ۾ پاڪستان ايمبيسيءَ ۾ ٿرڊ سيڪريٽري مقرر ٿيو. اسانجي جهاز بہ ان سال کان جپان وڃڻ شروع ڪيو هو. مون ڏٺو تہ ظفر شيخ ڪم ٽپائڻ خاطر جهڙي تهڙي جپاني ٻولي سکڻ بدران ”نير سان“ وانگر محنت ۽ دل لڳائي اهڙي تہ سٺي جپاني سکي جو خود اهل زبان هن جي تعريف ڪرڻ لڳا ۽ جڏهن بہ ڪٿي ترجميڪار جي ضرورت پوندي هئي تہ ظفر کي رکيو ويندو هو. پاڪستان کان ان وقت جو صدر جنرل ضياء الحق تہ جڏهن بہ جپان ايندو هو تہ، هُو ظفر شيخ کي پاڻ سان رکندو هو. انهن ڏينهن ۾ ٽوڪيو ۾ پاڪستان جو سفير جنرل ضياء الحق جو ڳوٺائي (يعني جالنڌر جو) قمر اسلام هو. ننڍي کنڊ جي آزاديءَ کان اڳ (مرڻ گهڙيءَ تائين) جيئن ته سڀاش چندر ٻوس جپان جي سرزمين تي پير رکندو هو تہ هو پهريون ڪم نير کي پاڻ وٽ گهرائي رکڻ جو ڪندو هو. ان ڪري جڏهن سڀاش چندر ٻوس جي اڏام ملائيشيا جي هوائي جهاز وانگر Mystery ٿي پئي تہ آيا هو تائيوان بعد جپان پهتو يا نہ. تہ نير جي ان ڳالهہ ۾ وزن آهي، تہ هُو جپان هرگز نہ پهتو جو پهچي ها تہ هميشہ وانگر هن سان ضرور رابطو رکي ها. سڀاش جو موت 1945ع ۾ ٿيو ۽ ٻن سالن بعد هندستان آزاد ٿيو. نير کي ”نيتاجي سڀاش“ جي موت جو وڏو صدمو رسيو. هن انڊيا وڃي مادر وطن لاءِ ڪجهہ ڪرڻ ٿي چاهيو پر انڊيا پهچي وزير اعظم نهروءَ سان ڪيل ملاقات هن جي مايوسيءَ جو ئي سبب بڻي ۽ هو موٽي جپان آيو ۽ اچي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيائين.... يعني ان وقت هن اها انڊين ريسٽورنٽ اچي کولي ۽ باقي زندگي جپان ۾ ئي گذارڻ چاهي. بعد ۾ نهروءَ طرفان نير کي سفارتڪاريءَ جي آڇ ڪئي وئي. نير سمجهيو تہ هن جي خدمتن جي عيوض کيس گهٽ ۾ گهٽ جپان جو سفير بنائيندا، پر جڏهن هن کي ڪوبي شهر ۾ موجود انڊين قونصل خاني جي قونصل جنرل طور ڪم ڪرڻ جو ليٽر مليو تہ هن انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڌنڌي ۾ مگن رهيو.

نير صاحب ڪيوٽو اچي تعليم دوران هڪ جپاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن جو نالو هُنَ ”جَناڪي امان“ رکيو. هن چاهيو ٿي تہ هن جا پٽ پنهنجي ديس، يعني پنهنجي رياست ڪيرالا مان ڪنهن هندستاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪن. سندس وڏي پٽ واسوديو جپاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. نير هن کي عاق ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ملڪيت مان ٽڪو بہ نہ ڏنائينس. ٻئي پٽ گوپالن کي بہ نير ساڳيو الٽيميٽم ڏيندو رهيو پر منهنجي خيال ۾ هن بہ پنهنجي پيءُ جي نهيل ”گري پاوڊر“ واري سلطنت کي ڇڏي، پنهنجي پسند جي وڃي شادي ڪئي.

سڀاش چندر ٻوس لاءِ پهرين بہ جپان جي ڪنهن سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان، سو هِتي هن لاءِ فقط بہ ٽي سٽون لکڻ چاهيان ٿو تہ سڀاش بنگال ۾ ڄائو. قوم پرست هو. جنهن هندستان کي انگريزن کان آزاد ڪرائڻ پئي چاهيو. ان سلسلي ۾ هُنَ جرمنن ۽ جپانين سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهيو. هن شادي بہ جرمن ڇوڪريءَ سان ڪئي. جرمنيءَ ۾ هجڻ دوران اتي موجود انڊين سپاهين کيس ”نيتاجي“ جو لقب ڏنو.... هو شاگرديءَ واري دؤر ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس جي يوٿ برانچ جو

1920ع ڌاري اڳواڻ ٿيو ۽ 1938ع ڌاري ڪانگريس جو صدر ٿيو. پڙهائيءَ ۾ ٻه هوشيار هو. گرئجوئيشن بعد انڊين سول سروس ۾ چونڊجي ويو پر انگريزن جي ماتحت نوڪري ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. پاڻ چوڏهن ڀائرن ڀينرن ۾ نائين نمبر تي هو ۽ جانڪي ناٿ بوس نالي وڪيل جو پٽ هو.

# جپان ۾ امپور ٽيڊ پاڻي

سوچيان پيو ته گذريل سٺ ستر سالن ۾ اسان جي پيئڻ جي پاڻيءَ کي ڇا ٿي ويو آهي؟! ننڍي هوندي ته اسان ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ڪو پاڻي به پئسن سان خريد ڪبو. البت ڪير لاءِ اسان جا وڏا چوندا هئا ته، ڪهڙو ته زمانو اچي ويو آهي، جو ڪير پيير جهڙي شيءِ مارڪيٽ ۾ پئي وڪامي! پئسن تي ڪير وڪڻڻ مجبوري يا ڏک جهڙي ڳالهه سمجهي ويندي هئي. ڪير اڪثر ڪنهن اهڙي مائٽ کان مفت ۾ ملي ويندو هيو، جنهن وٽ مينهن، ڍڳي يا ٻڪري هوندي هئي. هن پاڻ کي خوش نصيب سمجهيو ٿي ته هو مال وٽاڻ وارو آهي. ٿورا وڏا ٿياسين ته پنهنجي ڳوٺ جي مارڪيٽ ۾ ڪجهه ڀهراڙيءَ جي ماڻهن کي ڪير وڪڻندي ڏٺوسين، جيڪي چونئرين ۾ ڪير کڻي گڏهن تي چڙهي ايندا هيا. پائوڊر واري ڪير جو ته تصور ئي ڪو نه هو جيڪو هاڻ نت نون نالن سان دنيا ۾ بند ٿي مختلف ملڪن مان اسان وٽ ٻارن کي پيارڻ لاءِ پهچي ٿو. انهن ڏينهن ۾ مائرون پنهنجن ٻارن کي ٿڃ پياري صحتمند رکنديون هيون.

اهو ئي حال پاڻيءَ جو هو. پاڻيءَ جي بوتل خريد ڪرڻ جو ته خواب خيال ۾ به نه هو. هر گهر ۾ پاڻيءَ جا دلا ءِ مٽ هوندا هئا، جن مان پاڻي پري پيئبو هو. ڪو به بيمار نه ٿيندو هو! انهن ڏينهن ۾ ته ريفريجريٽر به نه هوندو هو. مسجدن توڙي اسڪولن ۾ دلن مان پاڻي پري پيتوسين. 1958ع تائين هالا ۾ رهيس، ان بعد ڪيڊٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتم. اتي به 1963ع تائين اهي مٽ ڏٺم، جن مان نه فقط اسان شاگرد پر هاسٽل ءِ ميس جا ڪم ڪندڙ نوڪر چاڪر، بئرا ءِ اسان جو انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومسس ءِ ان سان گڏ رهندڙ ٽي انگريز استادَ پاڻي پيئندا هئا. ڪيڏانهن پڪنڪ تي وڃبو هو ته بس ۾ هڪ يا به دلا ڪٽي هلبا ها يا وري لوهه جي گهالي ۾ پاڻي کڻبو هو. پيٽاري ۾ ته سال ڏيڍ لاءِ مون کي اهڙي هنڌ تي ڪمرو مليو، جنهن جي ٻاهران گهڙا منجيءَ تي چار کن دلا رکيل هئا. راندين يا پي ٽيءَ بعد سڀ اوڏانهن ڊوڙندا هئا. جونيئر ڪيڊٽ ايڏي لبڙ سبڙ ڪندا هئا، جو مون کي ياد آهي ته مان ءِ منهنجا روم ميٽ ڪموڊور اشفاق بيگ ءِ شوڪت جماڻي کين سمجهائيندا رهندا هئاسين، ته ڪليل مٽ کان پري بيهي پاڻي پيو. پر ڪو به نه ٻڌندو هو. پر ان هوندي به ڪو بيمار نه ٿيندو هو.

1963ع ۾ چٽگانگ وڃڻ ٿيو. مون کي حيرت ٿي ته بنگال ۾ به پاڻي پيئڻ لاءِ مَٽ نظر آيا، جن ۾ ڏيڏن ءِ ٽيوب ويلن مان پاڻي پريو ويندو هيو. اهو پاڻي پي به سڀ ڇاق چڱا ڀلا هئاسين. تعليم بعد 1968ع ۾ جهاز جي نوڪري شروع ڪئيسين ته اتي نلڪن مان پاڻي ايندو هيو. ڊائننگ روم، انجڻ روم ءِ بين ڪجهه هنڌن تي لوهي ڪولر به هئا، جن مان گلاس ۾ پاڻي پري پيئندا هياسين. گلاس نه هجڻ تي ڪولر جي نلڪي ۾ منهن وجهي به پاڻي پيتوسين ءِ اهو پاڻي ڪو منرل واٽر يا ڪنهن چشمي جو پاڻي نه هوندو هو. اهو ئي پاڻي هوندو هو جيڪو ڪراچيءَ، ڪولمبو يا

ڪلڪتي مان ٽئنڪرن ذريعي گهرائي جهاز جي زنگ لڳل ٽانڪين ۾ پربو هو سچي ڳالهه ته اها آهي ته رڳو جهاز جي ٽانڪين ۾ لوهي ڪٽ (Rust) نه هوندي هئي، توهان سال ٻن بعد پنهنجي گهر جي واٽر ٽئنڪ (Under Ground) خالي ڪري صاف ته ڪري ڏسو. ته ان ۾ ڪيتري مٽي ۽ ٻيو گند ڪچرو نظر ايندو. ان جهازن جي ٽئنڪن ۾ ته ڦاٽل جوتا، گريز لڳل اگهڙيون ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا به هوندو هو. پر ڪمال آهي ته، نه فقط اسان، پر مختلف ملڪن مان جيڪي ڪم وارا مزور ۽ مهمان ايندا هيا، اهي به اهو پاڻي پيئندا رهندا هيا. نه فقط اسان جي جهاز تي پر هر جهاز جي پاڻيءَ جي ٽانڪين جو اهو حال هوندو هيو. جپانين به اهو پاڻي پيتو پئي، ته انگريزن، فرينچن ۽ آمريڪين به.....

جنهن به ملڪ جي بندرگاهه ۾ وڃبو هو ته گهڻو ڪري نلڪي جو پاڻي (Tap Water) هائجينڪ ۽ صحتمند سمجهيو ويندو هيو ۽ رستي تي جتي اڃ لڳندي هئي ته ڪنهن پارڪ يا گهٽيءَ جي موڙ وٽ لڳل ميونسپالٽيءَ جي نلڪي اڳيان ٻڪ جهلي پاڻي پيئبو هو. بئنڪاڪ مان لنگهندڙ چائوفريا نديءَ ۾ ٻيڙين ۽ ڪچري جي پرمار ڏسي، اهو پاڻي سو نه پيتوسين، پر چٽگانگ جي ڪرناڦلي ندي هجي، برما جي اراوا ندي، آمريڪا جي مسي سپي ندي هجي يا ٽوڪيو مان لنگهندڙ سميدا ندي ــ انهن جي ڪنارن تي واڪ ڪندي، اڃ لڳندي هئي ته ان نديءَ مان ئي پاڻي پي ڇڏبو هو. هڪ ته درياهه جو وهڪرو تيز هوندو هو ۽ ٻيو ته پاڻي صاف نظر ايندو هو. خاص ڪري جپان جي صفائيءَ سترائيءَ جي ڇا ڳالهه ڪجي. منهنجي خيال ۾ ته 1980ع تائين به مون ڪي جپان جهڙي ملڪ ۾ بوتل ۾ پاڻي وڪامجندي نظر نه آيو. ٽوڪيو جي گنزا واري مڪڊونالڊ ۾ به گهڙي وڃبو هو ته پاڻي مفت ۾ هوندو هو. اوساڪا، ڪوبي، نگويا، يوڪوهاما جي هر دڪان ۾ پاڻي مفت ۾ هوندو هو. ڪو انڊين سک يا سنڌي هندو واپاري چانهه يا ڪوڪا ڪولا پيئاريندو هو ته ان سان گڏ جڳ مان پاڻيءَ جو گلاس به ڀري رکندو هو.

اڄ ڪلهه ته هر ملڪ ۾ باٽلڊ واٽر اهڙو عام ٿي ويو آهي، جو لڳي ٿو ته ڇُڙيو پاڻي زهر برابر آهي. پر يارو! 1995ع تائين به سوچيان ٿو ته مون ڪي ڪٿي به بوتلن ۾ پاڻي وڪامجندي نظر نه آيو. هڪ هڪ ملڪ جو هڪ هڪ بندرگاهه ٿو ياد ڪريان.... بلغاريا، رومانيا، ايسٽونيا ۽ روس کان چليءَ، برازيل، چين، ڪوريا تائين. دنيا ۾ جتي ڪٿي پاڻي مفت ۾ مليو. ملاڪا ۽ ممباسا جي فائيو اسٽار هوٽلن کان وٺي سنگاپور ۽ سيول جي جيم خانن/ ڪلبن تائين. جڏهن بئرو آرڊر وٺڻ لاءِ ايندو هو ته اسان ڪنهن ڪوڪا ڪولا، سيون اپ يا جوس جو آرڊر ڏيندا هئاسين. پاڻي پاڻ هُرتو مفت ۾ گلاس ۾ ڪٽي ايندا هيا. پر هاڻ ويندي ٽنڊي آدم ۽ شهدادپور ۾ پناڻ جي هوٽل تائين بئرو ڊرنڪ جو پڇي ٿو ۽ توهان هن کي فقط پاڻيءَ لاءِ چئو ٿا ته هو پاڻيءَ جي بوتل رکي ان جا ٽيهه رپيا توهان جي بل ۾ ٿو هڻي! يقين ڪريو 1991ع تائين به سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾، جتي آئون رهندو هوس، پاڻي مفت ۾ ڏنو ويندو هيو. آرڊر وٺڻ واري بئري جي خواهش ضرور هوندي هئي ته گراهڪ مانيءَ سان گڏ ڪنهن مشروب، جوس، ڪافي يا چانهه جو آرڊر ڏئي، جيئن ڪيس بل وٺڻ تي گهٽي ڪميشن ملي، پر مون جهڙي (جنهن کي مانيءَ تي فقط پاڻي وٽي) کان " آئر سهاجا (فقط پاڻي کپي)"

جو ٻڌي ٻئرو شڪل ناهي/ يا ٿوڪ طور چوندو هو: ”اواڪ ماهُو مِنيوم اسڪاءِ جيوس“. (توهان فقط آسماني جوس پيئڻ ٿا چاهيو؟).

”آسماني جوس“ مان هن جو مطلب مينهن جو پاڻي يعني عام مفت جو پاڻي هوندو هو. هاڻي ته ميڊيڪل سائنس به اهو ئي ٿي چوي ته مانيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن به قسم جي ڪولا هرگز نه پيئجي.

هاڻ ته سچي ملائيشيا ۾ باٽلڊ واٽر عام ٿي ويو آهي... بلڪ فئشن ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ ملائيشيا ۾ گهڻي ڀاڱي ٽئپ واٽر (نلڪن جو پاڻي) پيئڻ جوڳو آهي. ماريپور جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ جڏهن نوڪريءَ جا آخري سال پڙهائيندو هوس ته اتي جي ڪئڊٽن کي ٻين فئڪٽرين سان گڏ هڪ دفعو ڪولڊ ڊرنڪ جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ پڻ وٺي ويس. مين گيٽ وٽ پراڻين بوتلن کي، ڊرنڪ وجهڻ کان اڳ، جنهن نموني سان صاف ڪيو پئي ويو، اهو ڏيان ۾ اچڻ سان اڄ به دل چوندي آهي ته ڪراچيءَ جي انهن ڪولائن يا منرل واٽر جي بوتلن کان ويٽنام ۽ ڪمبوڊيا جهڙن ملڪن جي نلڪن جو پاڻي به سٺو جو اتي ڪاڏي پيتي جي شين تي نظر رکڻ وارا ادارا ايماندار ۽ قاعدي قانون جا سخت آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو اهڙن مينهوڳين وارن ملڪن ۾ به ماڻهو دستن، ڪالرا، ٽائفائيڊ جهڙين بيمارين جا مريض نه ٿا ٿين. ٻئي طرف اسان جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ بيمارن جي قطار لڳي پئي آهي! سچ ته جن ملڪن ۾ گندو پاڻي ۽ پاليوشن ناهي، اتي جون سرڪاري اسپتالون به مريضن کان خالي رهن ٿيون. اسان وٽ رڳو ڳالهيون ۽ ڊرامي بازيون آهن ته ڳوٺ ڳوٺ کي آر او پلانٽن ذريعي پاڻي مهيا ٿي رهيو آهي... بس رڳو انهن جي افتتاح جي خبر اخبار ۾ پڙهجي ٿي.... ٻيو مڙيئي خير.

ڏنو وڃي ته ڪيترن ملڪن ۾ خاص ڪري اسان جهڙن ملڪن ۾ پاڻيءَ جي ڇا حالت ٿي وئي آهي. غريب ماڻهوءَ لاءِ اهو پاڻي ئي هڪ مفت جي شيءِ وڃي رهي هئي. پر هاڻ اهو به هٿن مان نڪرندو وڃي. اسان جو پاڻي ڪارخانن مان نڪرندڙ زهريات ۽ جانورن ۽ انسانن جي ڪرفتيءَ سان ملي، پيئڻ لائق نه رهيو آهي ۽ هيپاٽائٽس ۽ ٻين بيمارين جو سبب بڻجي رهيو آهي. اسان وٽ جن جو ڪم عوام جي صحت ۽ پاڻي صحيح رکڻ جو آهي، انهن واسطيدار ماڻهن جي دل ايڏي سخت آهي، جو هنن کي فڪر ئي ناهي. هو جتي وڃن ٿا، پاڻ سان باٽلڊ پاڻي کڻي نڪرن ٿا. هاڻ ته ڏسان پيو ته اهو فئشن ٿي رهيو آهي ته پنهنجي ملڪ جي منرل واٽر بدران فرانس ۽ ٻين ملڪن مان گهرايل پاڻي پيئن ٿا.

شاباس ٿو ڏيان جپان، سئيڊن، ناروي، فنلينڊ جهڙن ڪيترن ئي يورپي ملڪن کي، جيڪي پنهنجي عوام جي لاءِ ٻين شين سان گڏ صاف پاڻيءَ جو به بندوبست ڪن ٿا. اسان وٽ ڳوٺ ته ڇا ڪراچيءَ جهڙي شهر کي ئي ڏسجي ته اتي انهن ٽانڪين ۾ ڇا ته گندگي آهي، جن ۾ پاڻي گڏ ڪري شهر جي مختلف علائقن ۾ پمپ ڪيو وڃي ٿو ۽ پئسو ڪائڻ وارن پاڻيءَ جي پائيپن کي به نه بخشيو آهي. ڪميشن ۽ مال ڪائڻ جي چڪر ۾ جنهن سادي مٽيريل جا پائيپ لڳايا ويا آهن اهڙا دنيا جي ڪنهن پنتي پيل ملڪ ۾ به نظر نه ايندا. توهان ڀلي ويٽنام، ڪمبوڊيا يا ڪو آفريڪا جو ملڪ

گھمي ڏسو. اسان وٽ اهي پائيپ جلد ئي زنگجيو ۽ سوراخجيو پون. انهن سوراخن ذريعي، ٻاهر وهندڙ گٽر جو پاڻي پائيپن ۾ اچي وڃي ٿو ۽ جتي ڪٿي اهو پاڻي پيتو وڃي ٿو ۽ ننڍا وڏا بيمار ٿين ٿا.

جپان ۾ هونءَ پاڻيءَ جي بوتلن جي وڪامڻ جو فئشن نہ هو. ٽوٽي جو اتي جي نلڪن جو پاڻي اسان جي بوتلن واري پاڻيءَ کان بہ بهتر آهي. هڪ دفعي بيپو شهر جي هِلِ اسٽيشن تي هڪ هوٽل جي ٻاهران ڏٺم تہ هڪ آمريڪن ٽوئرسٽ ڪنهن سافٽ ڊرنڪ (ڪوڪا ڪولا وغيره) جي اڄلايل بوتل کڻي پير ۾ لڳل نلڪي تان ان کي ڌوئي، پاڻيءَ سان ڀري وڃي پنهنجي ٽوئرسٽ بس ۾ ويٺو ۽ ڏاڍي مزي سان پيئڻ لڳو. دل ۾ چيم تہ صحيح ٿو ڪري. سستي سستي تڏهن بہ پاڻيءَ جي هڪ بوتل هڪ سئو يين (رپين) جي آهي. هڪ ٽوئرسٽ کي اجايو پئسو چو وڃائڻ کپي، جڏهن ان ئي جهڙو صاف پاڻي ميونسپل جي نلڪن مان مفت ملي پيو. پر سڀ تہ ان آمريڪن ٽوئرسٽ يا اسان جهاز هلائڻ وارن جهڙا سياڻا نہ آهن. ڪيترا پنهنجي لئي ۽ ٽون ڦان رکڻ لاءِ وڏو خرچ ڪري نہ فقط جپان ۾ پئڪ ٿيل پاڻيءَ جون بوتلون خريد ڪن ٿا، پر هنن جي زبان تي هر وقت امپورٽيڊ پاڻيءَ جو نالو رهي ٿو.

ٽوڪيو جي مرڪزي علائقي پرسان ايبيسو (Ebisu) نالي ريلوي اسٽيشن آهي، اتي هوٽلن، ريسٽورنٽن ۽ مئخانن پرسان"Yebisu Garden Place" نالي هڪ علائقو آهي، جتي هڪ بار "R-Gath" آهي، جيڪو مختلف شرابن نہ پر دنيا جي مختلف پاڻيءَ جي بوتلن سبب مشهور آهي. جتي دنيا جا امير ۽ شوقين سياح پنهنجي ٽيسٽ جو پاڻي پيئڻ يا خريد ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. منهنجي جپاني دوست ٻڌايو تہ هتي سڀ کان گهٽو مصافي (Masafi) برانڊ جو پاڻي هلي ٿو. جيڪو عرب امارات کان امپورٽ ڪيو وڃي ٿو ۽ هتي "Water From the desert" سڏيو وڃي ٿو. ان جي بوتل 210 يين ۾ ملي ٿي.

ٽوڪيو جي هن واٽر بار جي مالڪ يوشي هيرو مطابق اڄ ڪلهہ مصافيءَ کان وڌيڪ پاڻيءَ جا ٻيا برانڊ ٽوڪيو ۾ مشهور ٿي رهيا آهن. جيئن تہ اٽليءَ جي "Filette" جي قيمت 270 يين آهي، ڪئناڊا جي "Ice Age" جي 260 يين، فرانس جي Vals جي 270 يين ۽ "Swiss Water" جي قيمت 290 يين آهي.

مون هن پاڻيءَ جي بار جي مالڪ کان پڇيو: "آخر انهن مختلف برانڊن جي پاڻيءَ ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي؟ جڏهن تہ پاڻي تہ مڙئي پاڻي آهي؟".

"بس مڙئي شوقينن جا ٽيسٽ ۽ فئشن آهن". هن ٻڌايو.

"اٽليءَ کان ايندڙ پاڻي "Filette" لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو پاڻي ان وقت کان مشهور آهي، جڏهن روم تي جوليس سيزر جي حڪومت هئي. ڪئناڊا کان ايندڙ "Ice Age" برانڊ نالي پاڻيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو پاڻي اولهہ ڪئناڊا جي اتاهن جبلن تي 4500 ميٽر بلنديءَ تي موجود گلئشر تان آندو وڃي ٿو. "Vals" برانڊ جو پاڻي يورپ جو سڀ کان آڳاٽو مِنرل واٽر آهي، جنهن ۾ قدرتي طور

”باءِ ڪاربونيٽ“ وڏيڪ مليل آهي، جنهن ڪري پيئڻ واري جو جيرو صحيح ڪم ڪري ٿو ۽ هي پاڻي کاڌي هضم ڪرڻ ۾ به مدد ڪري ٿو...“. بار جي مالڪ تفصيل سان ٻڌايو.

بس سائين وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون! اهو ملڪ جپان جنهن جي نلڪن جو هار وير وارو پاڻي به سئو سيڪڙو صاف سٿرو نج ۽ پيئڻ لائق آهي، ان ملڪ جي ٽوڪيو شهر ۾ مفت جو پاڻي ڇڏي، به سئو کان ٽي سئو رپين جي قيمت واري امپورٽيڊ پاڻيءَ جي بوتل خريد ڪري پيئڻ واقعي انهن جو ڪم ٿي سگهي ٿو. جن وٽ پئسو اڻ ميو هجي يا حرام جو هجي. بقول اسان جي پيٽاري جي مرحوم دوست رئيس نور احمد نظاماڻيءَ جي، اهڙا خرچ ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته ”They are suffering from surplus!“

ٽوڪيو جي هن Water Bar ريسٽورنٽ ”R-Gath“ ۾ ٽيهن کن برانڊن جا پاڻي وڪامن ٿا. بار مالڪ ٻڌايو ته پاڻيءَ جا اهي قسم اٽليءَ، اسپين، انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ، سئٽزرلئنڊ، عرب امارات، جرمنيءَ، ناروي، پورچوگال، فرانس، ڪئناڊا ۽ ويندي جپان جي مختلف ٻيٽن ۽ چشمن کان اچن ٿا.

واٽر بار جي مالڪ مرڪندي ٻڌايو ته: ”اسان جا جپاني جپان جو پاڻي پي خوش هئا، پر هاڻ انهن لاءِ به ڌارين ملڪن جو امپورٽيڊ پاڻي پيئڻ فيشن وانگر ٿي ويو آهي“.

# مندرن ۽ گيشائن جو شهر ”ڪيوٽو“

جپان جو تاريخي شهر ”ڪيوٽو“ به انڊيا جي آڳاٽي شهر بنارس وانگر مندرن جو شهر آهي. توهانکي سڄي شهر توڙي پسگرادائيءَ ۾ ٻڌ ڌرم، شنتو ڌرم ۽ زين مت جا مندر نظر ايندا. توهانکي جي ڪيوٽو گهمڻ لاءِ وقت گهٽ آهي ۽ گيشا عورتن جا پاڙا ۽ خوبصورت پارڪ به ڏسڻ چاهيو ٿا ۽ جي سرءُ جي موسم آهي ته وڻن ۾ پيلا، ناسي ڳاڙها پن يا بهار جي موسم ۾ سڪورا گلابي گلن سان پريل وڻ به ڏسڻ چاهيو ٿا، ته پوءِ هن شهر ۾ موجود به سؤ کن مندرن مان هڪ به ضرور ڏسو... پر جي توهان هڪ به ئي مندر ڏسڻ چاهيو ٿا ته انهن مان هڪ ”ڪِنڪا ڪُوجي“ مندر ضرور ڏسو جنهن کي انگريزيءَ ۾ ”Temple of Golden Pavilion“ سڏين ٿا ۽ جنهن جو زين (Zen) مت سان واسطو آهي. مندر ۾ ڪٿي گوتم ٻڌ جي مورتي هجي يا رام ڪرشن جي يا هولي ميريءَ جي.... توهان کي عبادت لاءِ ته ڪو نه ٿا وڃو. توهان ته ان مندر جي عمارتي بناوت ۽ اوسي پاسي جي نظاري کي پسڻ ۽ ان جي پس منظر ۾ فوٽو ڪيرائڻ ٿا وڃو... سو ان لاءِ ”ڪِن ڪا ڪُوجي“ مندر سڀني کان بهتر آهي. هِتي پاڻ ان مندر جو جپاني نالو ”ڪِنڪا ڪُوجي“ ئي استعمال ٿا ڪريون. جنهن مان توهان سمجهي ويجهو ته هي ”سوني پويلين“ وارو مندر آهي. جپانيءَ ۾ ”ڪِن“ جي معنيٰ ”سون“ آهي ۽ ان ”ڪِن“ جي ڪانجي..... يعني جپاني شڪلين واري لکٽيءَ جي شڪل ڪجهه تنبوءَ جهڙي آهي. اهو ان ڪري لکي رهيو آهيان، جو شهر جي ٻي ڪنڌ تي ان سان ملندڙ شڪل ۽ ملندڙ جلندڙ نالي وارو مندر ”گِن ڪا ڪُوجي“ به آهي. انگريزيءَ ۾ اهو ”Silver Pavilion“ مندر سڏجي ٿو جو ”گِن“ معنيٰ ”چاندي“ آهي.

سونو مندر (ڪنڪا ڪُوجي) هڪ ڍنڍ جي پنيان آهي، جنهن جي پاڻيءَ ۾ مندر جو پاڇو پوڻ تي ۽ چوڌاري باغيچا هجڻ ڪري، هڪ حسين نظارو نهي ٿو. ان اڳيان، تاج محل وانگر سياح يادگار تصويرون ڪيرائين ٿا. تاج محل هن ڪيوٽو واري مندر کان ضرور وڏو ۽ قيمتي آهي، پر ڏيکَ ۽ سونهن ۾ هن مندر جو جواب ناهي. هي مندر هڪ ساموريءَ ڇهه صديون اڳ 1397ع ۾ ”ڪيتا ياما“ نالي هڪ رهائشي محل يعني ”وِلا“ طور نهرايو هو. بعد ۾ اهو هڪ شوگن خريد ڪيو. ان (ڪاموري يا رياستي عملدار) جو نالو لکڻ غير ضروري ٿو سمجهان. جو گهڻا نالا توهان کي منجهائي رکندا. شوگن، سمورائي ۽ ٻيا اهڙن عهدن وارا ماڻهو توهان کي جپاني تاريخ ۽ ڪلچر ۾ ڪيترائي ملندا، جن جي ڪمن ۽ عهدن بابت ڪٿي ٻئي هنڌ ضرورت پئي ته الڳ تفصيل سان مضمون لکبو. هِتي توهانجي ذهن تي وڏيڪ بار وجهڻ بدران فقط ايترو لکندس ته شوگن سمجهو ته ملڪ جو خاص فوجي، جنگجو رئيس، وڏيرو يا پوتار آهي.

مٿئين شوگن جي وفات بعد سندس پٽ سندس وصيت مطابق هي گهر زين مندر ۾ تبديل ڪيو. توهان جو جيڪڏهن ڪيوٽو اچڻ ٿئي ٿو ته هن مندر تائين پهچڻ لاءِ بهترين طريقو اهو آهي

تہ توهان ڪيوٽو اسٽيشن تي پهچي اتان بس نمبر 101 يا 205 ذريعي هن مندر تائين پهچي سگهو ٿا. بس 230 يين ڀاڙو وٺي ٿي ۽ 40 ڪن منٽن ۾ پهچائي ٿي. رستي تي توهان کي ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا وڏا مندر، باغ باغيچا، شاپنگ سينٽر ۽ پراڻيون عمارتون ڏسڻ جو موقعو ملي ويندو.

هن مندر تي پهچڻ جو هڪ ٻيو آسان ۽ جلد پهچڻ وارو بہ رستو آهي. ٽوڪيو اوساڪا، ڪوبيءَ وانگر هِتي ڪيوٽو ۾ بہ ڪيتريون ئي پرائيويٽ ريل گاڏيون هلن ٿيون. توهان ڪارا سوما سب وي ريل ۾ ڪيوٽو جي ”ڪيتا اوجي“ (Kita Oji) سب وي اسٽيشن تي لهو جنهن جو ڀاڙو 260 يين آهي. ڪيتا اوجي اسٽيشن تان ٽئڪسي وٺنداؤ تہ اها ڏهن منٽن ۾ اوهان کي ”ڪِنڪا ڪُوجي“ مندر تي اچي ڇڏيندي، جنهن لاءِ ميٽر تي 1200 يين ڀاڙو ٿيندو. بسون بہ ايترو ئي وقت وٺن ٿيون جن جو ڀاڙو 230 يين آهي ۽ بس نمبر 101، 102، 204 ۽ 205 هلن ٿيون. اندر ڏسڻ وارن لاءِ هي مندر صبح جو 9 ڪان شامَ جو 5 تائين کليل رهي ٿو. مندر آچر ڏينهن بہ کليل رهي ٿو. داخلا في 400 يين آهي.

هونءَ ڏاڍي شوگن يوشيمتسو جي هن مندر ”ڪِنڪاڪُوجيءَ“ مان متاثر ٿي سندس پوٽي يوشي ماسا ان مندر سان ملندڙ جلندڙ (پر سون بدران چانديءَ جي ورقن وارو) مندر ”گِنڪا ڪُوجي“ شهر جي ٻي ڪنڌ تي 1482ع ۾ ٺهرايو. هن چانديءَ واري مندر ۾ پهچڻ لاءِ توهان کي ڪيوٽو اسٽيشن کان بس نمبر 5، 17 يا 100 وٺڻي پوندي، جنهن جو ڀاڙو 230 يين آهي ۽ پهچڻ ۾ منو ڪلاڪ لڳيو وڃي.

پاڻ ڪيوٽو جي سوني مندر ”ڪِنڪا ڪُوجيءَ“ جي ڳالهہ ڪري رهيا هئاسين، جنهن جي عمارت 1408ع ۾ مندر جي حيثيت اختيار ڪئي. جپان ۾ خاص ڪري پراڻي زماني ۾ باهہ لڳڻ جا واقعا ڏاڍا ٿيندا هيا. جو گهر گهاٽ ڪاٺ جا ٺاهيا ويندا هيا. هن مندر کي بہ مختلف دؤرن ۾ باهيون لڳنديون رهيون.... هِتان هُتان آيل ڪنهن محمود غزنويءَ سو تباهي ڪانہ پئي مچائي، باقي ڪيترائي مندر باهہ ۾ سڙندا رهيا ۽ وري ٺهندا رهيا. جڏهن جديد دؤر ۾ قدرتي يا اپاڪي (اتفاقي) لڳندڙ باهين تي ضابطو آندو ويو تہ گذريل صديءَ ۾ 2 جولاءِ 1950ع تي هياشي يوڪين نالي هڪ مٿي ڦريل 22 سالن جي نوجوان ٻائي، رات جو ٻي بجي ڌاري هن سوني مندر کي ڪٽي باهہ ڏني. ان بعد هن خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بچي ويو ۽ پوليس جهلي ورتس. هن ٻکشو ٻائي کي ست سال قيد جي سزا ملي، پر پوءِ ذهني مريض ثابت ٿيڻ تي ڪيس آزاد ڪيو ويو. چون ٿا تہ هن کي ”شيزوفرينيا“ ۽ ”Persecution Complex“ بيماريون هيون. بهرحال ان هوندي بہ هن 5 سال ڪن جيل ڪاٽيو. ان بعد هو ٽي بيءَ جي مرض ۾ سگهو ئي گذاري ويو.

اها ڪهاڻي جپان جي مشهور ناول نويس ”مشيما يوڪيو“ پنهنجي ناول ”The Temple of the Golden Pavilion“ ۾ افسانوي رنگ ۾ پيش ڪئي آهي. دراصل ڪيوٽو جو هي مندر ”ڪِنڪا ڪُوجي“ ڏسڻ کان اڳ.... بلڪ جپان اچڻ کان اڳ، مون کي مشيما يوڪيو جي ڪجهہ ناولن کي يورپ جي اُترين ملڪن (ناروي ۽ ڊئنمارڪ) ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو هو. ان وقت کان مونکي هي مندر ڏسڻ جو شوق هو.... ۽ پوءِ ڪيوٽو پهچي خبر پئي تہ هي لاهور، بنارس، اصفهان،

دهليءَ ۽ بلخ بخارا جهڙو تاريخي شهر آهي، جنهن ۾ ڏسڻ لاءِ نہ فقط هي مندر آهي پر ٻيا بہ ڪيترائي مندر، آڳاٽيون عمارتون، پراڻي ثقافت، وڻندي قديمي ويس وڳن ۽ ڪلچر کان واقف گيشائون، مائيڪوءِ ماما سانَ موجود آهن.

# جپان ۾ لوڻ جي اهميت

جپان ۾ روز مرهہ جي زندگيءَ ۾ نظر ايندڙ ڪجهہ عام وهمن ۽ وسوسن جي ڳالهہ ڪبي تہ انهن مان ڪجهہ هن ريت آهن.... جپاني ماڻهو ڪنهن جي جنازي تان موٽڻ مهل پنهنجي گهر جي چائنٽ ٽپڻ کان اڳ ڪجهہ چپٽيون لوڻ جون پنهنجي مٿان ضرور ڀُرڪيندو. ائين ڪرڻ سان هو پنهنجو پاڻ کي لڳت يا بدورحن کان بچائي ٿو.... نہ رڳو پنهنجو پاڻ کي پاڪ پوتر بنائي ٿو پر بد روح کي پنهنجي گهر ۾ گهڙڻ کان روڪي ٿو.

اسان مسلمان سمهڻ وقت اولهہ ڏي پير ڪري نہ سگهندا آهيون. جو اولهہ طرف ڪعبة الله آهي. اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن ۾ بہ ان ڳالهہ جو خيال رکيو وڃي ٿو. ڏارئي ملڪ ۾ پهچڻ سان اسان مسلمان پهرين اهو معلوم ڪندا آهيون تہ سعودي عرب جو شهر مڪو ان ملڪ جي ڪهڙي طرف آهي، جيئن ان طرف ڏي منهن ڪري نماز پڙهون ۽ رات جو سمهڻ مهل کٽ يا پلنگ جي پيراندي ان طرف نہ هجي. بهرحال ان ڳالهہ سان اسانجو مذهبي واسطو آهي ۽ ان پويان اسان جي نيت الله جي گهر کي عزت ۽ احترام ڏيڻ آهي. سمهڻ مهل جپاني ماڻهو بہ طرفن جو خيال ڪن ٿا. ڪيترا جپاني (خاص ڪري عورتون) سمهڻ مهل اهو خيال رکن ٿيون تہ سندن سيراندي اتر طرف نہ هجي، يعني هنن جا پير ڏکڻ طرف نہ هجن. جپان ۾ جنازي کي هميشہ ان ريت رکندا آهن.... يعني هن جو مٿو اتر طرف رکيو وڃي ٿو. جپانين ۾ اهو وهم عام آهي تہ جيڪو ماڻهو اتر ڏي مٿو ڪري سمهندو، اهو ننڍي عمر ۾ مري ويندو. جپانين جي دلين ۾ اهو وهم اهڙو تہ ويٺل آهي، جو ڪيترين هوٽلن توڙي مسافر خانن ۾ توهان کي ڪو بہ اهڙو بستر نظر نہ ايندو جنهن جو وهاڻي وارو پاسو اتر طرف هجي.

مٿي لوڻ بابت لکي چڪو آهيان. جپان ۾ لوڻ کي مڙيئي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. ڳالهہ اها آهي تہ اسان وٽ لوڻ جي ايڏي اهميت ناهي جو اسانجي ملڪ ۾ لوڻ نہ فقط جام آهي، پر سستو پڻ. لوڻ ڪاڻين ۽ جبلن مان ملي ٿو تہ سمنڊ مان بہ. ڪراچيءَ جي ڏاکڻي علائقي 'ماريپور' ۽ 'سئنڊس پِٽ' ڏي ويندؤ تہ توهان کي سمنڊ جي ڪناري تي ڪيترائي ماڻهو لوڻ ٺاهيندي نظر ايندا. سمنڊ جي ڪناري تي ٻنا ڏئي، سمنڊ جي پاڻيءَ کي اس جي گرميءَ ذريعي سُڪايو وڃي ٿو.... ڪجهہ ڏينهن بعد پاڻي سڪيو وڃي ۽ پٺيان لوڻ رهجيو وڃي. دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ کاڌي جي سواد بدلائڻ لاءِ هنن وٽ پنهنجو لوڻ ناهي. هو ٻين ملڪن مان گهرائين ٿا. اسان وٽ فقط سمنڊ مان ايترو تہ لوڻ ٺاهيو وڃي ٿو جو ٽئنريز (جانورن جون کلون سڪائڻ وارا ڪارخانا) تنن جي حِساب سان لوڻ استعمال ڪن ٿا. ان کان علاوه اسان وٽ جابلو لوڻ پڻ آهي.

لوڻ جي اهميت جي اسان کي بہ تڏهن خبر پئي، جڏهن سنڌ مان انتر ڪري بنگال جي شهر چٽگانگ ۾ مئرين انجنيئرنگ پڙهڻ لاءِ وياسين. جِتي لوڻ ڪراچيءَ کان امپورٽ پئي ڪيو ويو ۽ ڪافي مهانگو پئي مليو. پهرين تہ اسان اهو چيو تہ ايسٽ پاڪستان (اج واري بنگلاديش) ۾ جي لوڻ

جا جبل نہ آهن تہ پوءِ سمنڊ مان چو نہ ٿا ناهين. پر پوءِ سگھوئي احساس ٿيو تہ اتي يا ان جھڙن ملڪن ۾ سمنڊ جو پاڻي سڪائي لوڻ ناهي نٿو سگھجي.... ڇو جو ٻني ٻڌل سمنڊ جي پاڻيءَ کي مڪمل طرح سڪڻ ۾ ٻہ ٽي هفتا لڳن ٿا ۽ هتي هر وقت بارش لڳي پئي آهي. جيڪا سمنڊ جي کاري پاڻيءَ کي ويٽر Dilute ڪريو ڇڏي.... ۽ اهو ئي حال جپان جو آهي.

اڄ ڪلھ آمدرفت جا طريقا تيز هجڻ ڪري سائوٿ آمريڪا جھڙن ڏورانهن ملڪن کان روزانو تازي ڀاڄي ۽ ميوا بہ جپان پهچيو وڃن. پر پراڻي زماني ۾ جپان ۾ لوڻ اهڙي ئي اهم ”جِنس“ هئي، جيئن جاوا ۽ سماترا جا لونگ، ڦوٽا ۽ دال چيني وغيره يورپ جي ملڪن لاءِ هئا. جپان ۾ لوڻ هڪ قيمتي شيءِ هجڻ ڪري آڳاٽي زماني کان هتي جا ماڻهو ديوتائن ۽ درگاهن اڳيان نذر يا نياز طور لوڻ ئي رکن ٿا .... جيڪا ڪِرت اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي. جيئن پاڻ وٽ اَنُ نُور آهي، ڪڪڪ جا داڻا پٽ تي ڪري پوندا آهن تہ انهن کي کڻي اکين تي رکي چمندا آهيون يا اسان جي سنڌي کنڊ جا ماڻهو هندو توڙي مسلمان، کير کي اهميت ڏين ٿا. اسان کير کي پير سڏيون ٿا، تيئن جپانين لاءِ لوڻ پاڪائيءَ ۽ صاف سٿري هجڻ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. برائيءَ (نِپاڳ) کي پڇاڙڻ لاءِ گهرن ۽ دڪانن اڳيان لوڻ ٻُرڪيو وڃي ٿو. جيئن اسان وٽ اگربتيون ٻاريون وڃن ٿيون يا واس (لوبان) جي دونهين ڏني وڃي ٿي.

منهنجو ذاتي طور جپان ۾ لوڻ سان واسطو تڏهن پيو جڏهن منهنجو هڪ جنازي ۾ وڃڻ ٿيو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ سريلنڪا ۽ ملائيشيا ۾ منهنجو ڪافي اچڻ وڃڻ ٿي چڪو هو جتي پڻ ڪيترائي ٻوڌي (ٻُڌ ڌرم جا) رهن ٿا ... خاص ڪري ڪولمبو تہ ٻڌن سان پريو پيو آهي. پر جپان ۾ جنهن بندرگاهہ ۾ منهنجو جهاز بيٺو هو ان جي ڪرين آپريٽر جي ڪنهن مائٽ جي جنازي تي، هن جي وڃڻ تي، مون بہ ساڻس هلڻ جي خواهش ڏيکاري.

اتي ٿيندڙ ڪجھ رسمن بعد اسان حاظرين (ڪانڌين) کي هڪ هڪ لفافو ڏنو ويو. ڪرين آپريٽر مونکي ٻڌايو تہ ان ۾ لوڻ آهي، جيڪو جهاز تي پهچڻ تي پنهنجي ڪئبن ۾ گهڙڻ کان اڳ ان جي دروازي ٻاهر ڇڻڪار ڪري ڇڏجانءِ، جيئن هِتي جي ”شمشان گهاٽ“ جا بد روح تنهنجي ڪئبن جي چائنٽ ٽپي نہ سگهن. ان بعد ـ گهڻو گهڻو پوءِ ـ جڏهن آئون هڪ جپاني ڪُٽنب سان گڏ رهيل هوس، تڏهن بہ مونکي هنن سان گڏ هڪ جنازي ۾ وڃڻ جو موقعو مليو هو. ان وقت لفافن ۾ مليل لوڻ، پنهنجي ميزبانن سان گڏ سندن گهر جي ٻاهران، مون بہ اچي ٻُرڪيو هو. باقي پهرين دفعي جڏهن جهاز ۾ چڙهڻ سان پنهنجي ڪئبن ۾ گهڙڻ کان اڳ ڊيوٽي ميس ۾ ماني کائڻ لاءِ گهڙيو هوس تہ هٿ ۾ لفافو ڏسي، ٻين انجنيئرن پڇيو هو تہ ان ۾ ڇاهي؟..... مون کين لوڻَ جو ٻُڌايو. ان وقت سڀ گريپ فروٽ کائي رهيا هئا. مون وارو لوڻ ان مٿان ٻُرڪي چٽ ڪري ويا.... لوڻ پنهنجي ڪئبن جي چائنٽ وٽ ٻُرڪڻ جي نوبت ئي نہ آئي هئي.

توهان جي فقط ڏينهن ٻن لاءِ جپان ايندؤ تہ بہ لوڻ جي ڇٽڪار توهان ڪجھ دڪانن اڳيان ڏسي سگھو ٿا. ڪيترا دڪاندار پنهنجو دڪان کولڻ کان اڳ ان جي چائنٽ وٽ لوڻ جي ڇٽڪار ڪن ٿا. ڪجھ دڪانن ۽ گهرن اڳيان توهان کي ساسر تي Cone جي شڪل ۾ لوڻ رکيل نظر

ايندو... يعني انهيءَ گهر يا دڪان ڪي بد روحن جي اچڻ کان پاڪ رکيو ويو هوندو آهي ۽ هنن جي چوڻ مطابق اهي لوڻ جون ڍِڳڙيون گراهڪن جي اچڻ لاءِ ڪشش پيدا ڪن ٿيون. اهي لوڻ جا ٿهيل ٽڪندا (Cone) گهٽو ڪري ريسٽورنٽن جي ٻاهران نه فقط جپان ۾، پر انهن ملڪن ۾ به نظر اچن ٿا، جِتي جپانين جون ريسٽورنٽون آهن.

جپان ۾ لوڻ راندين دوران به استعمال ٿئي ٿو خاص ڪري سومو ڪشتي (ملهه) ۾. آکاڙي ۾ گهڙڻ تي سومو پهلوان پاڻ کي براين ۽ بدروحن کان بچائڻ لاءِ لوڻ جي مُٺ پري آکاڙي ۾ اڇلائي ٿو. هونءَ اهو نظارو به ڏسڻ وٽان ٿئي ٿو جو هر سومو پنهنجي خاص اسٽائيل سان مُٺ ۾ ڪنيل لوڻ کي Ring ۾ اڇلائي ٿو. اهو گول دائرو (Ring) جنهن ۾ سومو پهلوان ملهه جو مقابلو ڪن ٿا، جپانيءَ ۾ ”دوهيو“ (Dohyou) سڏجي ٿو.

گهرن ۽ دڪانن اڳيان لوڻ جي ڍِڳڙين کي جپانيءَ ۾ ”مورِي شِي او“ (Mori Shio) سڏين ٿا. ”شِي او“ معنيٰ ”لوڻ“. جپانين جو چوڻ آهي ته پراڻي زماني ۾ ريسٽورنٽن ۽ مسافرخانن اڳيان ”مَوري شِيئو“ امير گراهڪن کي پاڻ ڏي ڇڪڻ لاءِ هوندو هو. جيڪي گهوڙن تي چڙهي ايندا هئا ۽ گهوڙا لوڻ جا شوقين هجڻ ڪري انهن ريسٽورنٽن ۽ مسافر خانن اڳيان اچي بيهندا هئا. جِتي هنن کي چَٽڻ لاءِ لوڻ نظر ايندو هو.

”موري شِيئو“ رکڻ جي هڪ ٻي به روايت ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن جو بنياد هڪ چيني ڪهاڻيءَ سان آهي، ته چين جي هڪ شهنشاهه جون ڪيترِيون ئي زالون هيون، جن وٽ هو واري وٽيءَ سان رات گذارڻ ويندو هيو. انهن مان هڪ شهنشاهه زالَ، کي پاڻ ڏي گهٽو ڇڪڻ لاءِ چا ڪيو جو پنهنجي گهر جي ٻاهران لوڻ جا ٻُڪَ هاري ڇڏيا.... جيئن شهنشاهه جي ڍڳين سان جوٽيل گاڏيءَ جون ڍڳيون، لوڻ چٽڻ لاءِ هن جي گهر اڳيان لنگهڻ وقت بيهي رهن ۽ شهنشاهه ڍڳين جي اڳيان وڌڻ جو انتظار ڪرڻ بدران، اتي ئي لهي پئي. اهڙيءَ طرح ريسٽورنٽ هلائڻ وارن لاءِ به اهو چيو ٿو وڃي ته هنن چاهيو پئي ته شاهي گهراڻي جا يا امير ماڻهو سندن گراهڪ ٿين. انهيءَ لاءِ هنن پنهنجي ريسٽورنٽ اڳيان لوڻ جي چٽڪار ڪئي جيئن انهن جا گهوڙا لوڻ چٽڻ جي شوق ۾ ان ريسٽورنٽ وٽ ترسي پون ۽ اڳتي هلڻ کان پڙ ڪيڏي بيهڻ تي سوار مجبور ٿي اتي ئي لهي پون.

جيئن لوڻ جي دَڙِي (Cone) ناهي رکڻ کي جپانيءَ ۾ ”مَوري شِيئو“ سڏجي ٿو، تيئن لوڻ جي چٽڪار کي ”مَاڪِي شيئو“ سڏجي ٿو. هونءَ ڪيترا جپاني خاص ڪري ٻهراڙيءَ جا، مهيني جي هر پهرين تاريخ پنهنجي گهر جي چوڏاري ”ماڪي شيئو“ (Maki Shio) ڪن ٿا، جيئن پليد روح گهر اندر داخل نه ٿين. نئين گهر ۾ شفٽ ٿيڻ کان اڳ جپاني گهر جي چئني ڪنڊن تي لوڻ جون دڙيون ناهي رکن ٿا. ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي عقيدي موجب گهر کي پوتر بنائين ٿا. اهو عمل ڪنهن خالي پلاٽ تي گهر شروع ڪرڻ وقت به ڪيو وڃي ٿو.

آئون ننڍو هوس ته پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ مون هڪ اوطاق تي (جِتي سوسي ۽ ڪاڏي ڪپڙو اٽڻ جا آڏاٽا هئا) ڏٺو ته هڪ آيل مهمان جي وڃڻ تي ان اوطاق جي مالڪ هن جي پيرن جي نشانن تي چلهه مان برندڙ ڪاني ڪيڏي ڏنپ ڏنا. بعد ۾ ان اوطاق جي مالڪ جي پٽ (جيڪو منهنجو هم

ڪلاسي هو) ڪان پڇيم، تہ هن ٻڌايو تہ ”هن آيل ماڻهوءَ جي نظر خراب آهي ۽ اسانجو هلندڙ ڪاروبار کي نظريو وڃي. سو ان جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ويو“.

خير! آئون نٿو سمجهان تہ هالا ۾ اهو وهم يا وسوسو اڄ هن سائنس ۽ ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ واري دؤر ۾ موجود هوندو ۽ نہ وري ڪو جپان جي هالا جيڏي ڳوٺ هاچي نوحي ۾! پر يقين ڪريو 1974ع ۾ جڏهن اسان جي جهاز تي ڳري مرمت هلڻ ڪري اسان کي ’هاچي نوحي‘ بندرگاهہ جي هڪ مسافر خاني (ريوڪان) ۾ ٽِڪايو ويو هو، تہ هڪ ڏينهن ان مسافر خاني جي مالڪ هن وٽ آيل هڪ همراهہ جي وڃڻ بعد هن جي قدمن واري جاءِ تي در تائين زمين تي لوڻ ٻرڪيو هو. مسافر خاني جي مالڪ ان آيل همراهہ کي بدبخت ٿي سمجهيو ۽ هن نہ ٿي چاهيو تہ هن جي اچڻ ڪري سندس مسافرخاني ۾ بدبختي رهي ۽ ان بدبختيءَ يا نڀاڳ مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هن اهو عمل ڪيو.

هونءَ جپاني ڪلچر توڙي ڌرم ۾ سفيد شين (جيئن لوڻ وغيره) کي پوتر سمجهيو وڃي ٿو. جپاني ماڻهو پنهنجن مندرن (جن کي جپاني ٻوليءَ ۾ جنجا ۽ اوتيرا سڏيو وڃي ٿو) توڙي گهرن ۾ پوڄا پاٺ لاءِ ڪنڊ پاسي ۾ ٺهيل ننڍڙي مندر (Altar) ۾ نذر نياز لاءِ سفيد رنگ جون شيون رکن ٿا.... جيئن لوڻ، چانور، پاڻي، ساڪي شراب (چانورن مان ٺهيل شراب) ۽ ڪڏهن ڪڏهن سفيد يا شفاف (transparent) پني جون ڪتريل سنهيون پٽيون... ويندي ٿانوَ جن ۾ اهي شيون رکيون وڃن ٿيون، سفيد رنگ جا ٿين ٿا. گهر ۾ ٺهيل اِن ننڍڙي مندر يا قربان گاهہ کي جپاني ٻوليءَ ۾ ”ڪامي دانا“ سڏجي ٿو. هونءَ ”ڪامي“ لفظ کان جپاني ٻچو ٻار واقف آهي، جيڪو ديوتائن لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو تہ روحن ۽ جن ڀوتن لاءِ بہ.

جپانين وٽ لوڻ جي پاڪائيءَ واري اهميت تان هڪ دفعو وري جپاني عورتن جي جپاني مذهب، ڪلچر توڙي سوسائِٽيءَ ۾ هيناهين درجي جي حيثيت جو ويچار ٿو اچي.... جنهن جو احوال ڪيترن ئي هنڌن تي ڪري چڪو آهيان تہ جپاني مرد هر عورت کي پاڻ جهڙو پاڪ نٿو سمجهي. جپان هڪ ماڊرن ملڪ آهي، جنهن ۾ هونءَ تہ جيتوڻيڪ عورت کي هر ڳالهہ جي اجازت آهي، تہ هوءَ پڙهي لکي هر اهو ڪم ۽ نوڪري ڪري سگهي ٿي، جيڪا جپاني مرد ڪري ٿو... ڊاڪٽري، انجنيريءَ کان ڪار، ٽرڪ يا هوائي جهاز هلائڻ تائين. هن کي ظاهري طرح اهي ئي حق مليل آهن، جيڪي مرد کي، پر جڏهن سماجي يا مذهبي نقطي جي ڳالهہ تي نڪري تہ جپاني مرد جو ذهن هن کي پاڻ جهڙو نٿو سمجهي. هن کي هميشہ هيٺائون، نيچ ۽ ناپاڪ سمجهي ٿو.... ايتريقدر جو هڪ وڏي عرصي تائين جپاني عورتن کي گرم پاڻيءَ جي چشمن ۾ وهنجڻ جي بہ اجازت نہ هوندي هئي. فيوجي جبل، جنهن کي جپاني ماڻهو وڏي عزت ڏين ٿا، ان تي جپاني عورتن کي چڙهڻ کان روڪيو ويندو هيو.... هاڻ مڙيئي ڪجهہ سالن کان انهن ٻنهي شين تان عورتن لاءِ جهل لاٿي وئي آهي ۽ هو چشمن توڙي فيوجي جبل تي مردن وانگر نظر اچن ٿيون. پر اڄ بہ اجان تائين ڪيتريون شيون آهن، جن کي جپاني پاڪ سمجهن ٿا ۽ جيئن تہ جپاني مردن جي نظرن ۾ عورت ناپاڪ شيءِ آهي، ان ڪري هن کي اوڏانهن وڃڻ کان روڪيو وڃي ٿو. انهن مان هڪ سومو پهلوانن جي ملهہ جو گول آکاڙو (ring) بہ آهي، جيڪو لوڻ جي ڇنڪار ڪري پوتر ڪيو وڃي ٿو ۽ ان اندر عورتن جي اچڻ

تي سخت پابندي آهي. هيءَ فقط سال ٻه اڳ جي ڳالهه آهي، جيڪا جپان جي اخبارن ۾ به آئي هئي، ته سومو ملهه جي ريجنل مقابلي ۾ پرائمري اسڪولن جي ٻارن جو مقابلو ڪرايو ويو هو. ڪٽيندڙ ٻارن کي هڪ مشهور سومو پهلوان هٿان انعام ڏياريا ويا. انهن ڪٽيندڙن ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري به هئي، جنهن کي آڪاڙي (Dohyou) ۾ اندر داخل ٿي سومو پهلوان کان انعام وٺڻ کان روڪيو ويو.

جپان ۾ به ڌرم عام آهن.... ٻڌ ڌرم ۽ شنتو ڌرم. شنتو ڌرم جي مئٿالاجيءَ مطابق دنيا پاڻيءَ جو گولو هئي ... يعني هر طرف سمنڊ ئي سمنڊ هو. جنهن تي پهريون ڌرتيءَ جو ٽڪرو ”اونوگورو شيما“ بيٽ ان وقت ظاهر ٿيو. جڏهن آسمان جي جوڙي ايزاناگي ۽ ايزانامي هيرن واري ڀالي سان سمنڊ ۾ مانڌاڻ مچائي، ته سمنڊ جي پاڻيءَ مان ڪجهه لوڻ الڳ ٿي هن بيٽ جي شڪل اختيار ڪئي. سو پڙهندڙ جپاني ديوتائن جي انهن ڏنڌن مان به لوڻ جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهن ٿا.

# ٻَتَ ۽ جپان تي هڪ وڏيڪ مضمون

هن عنوان تي ڪجهه سال اڳ به لکي چڪو آهيان. ورجاءَ جي خيالَ جي باوجود، ڪجهه نيون ڳالهيون هجڻ ڪري، هن کي پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو پيو وڃي.

اسان جپان جي لوڪ ڪهاڻين، ڌرمي عقيدن، وهمن، وسوسن، ريتن رسمن ۽ سماجي ڪمن ۾ ڪتب ايندڙ لوڻ جي ڳالهه پئي ڪئي. جپان ۾ لوڻ کان به وڌيڪ جنهن شيءِ جي اهميت ۽ قدر آهي، اهي آهن چانور..... يعني 'ٻت'- جنهن کي جپاني ٻوليءَ ۾ "گوهان" ۽ "ميشي" (Gohan/Meshi) سڏجي ٿو. اسان وٽ به چانور کاڌا وڃن ٿا، پر ساڳي وقت ڪڻڪ، جُوئر ۽ ٻاجهر به هلي ٿي. بلڪ ڪڻڪ گهڻي کاڌي وڃي ٿي. اسان وٽ جيئن ڪڻڪ "Staple Food" آهي، تيئن جپانين وٽ چانور آهن. اسان وٽ ڪيڪ، بسڪيٽ، سَيُون، ڪڻڪ جي اٽي مان ٺهن ٿا. جپان ۾ انهن شين لاءِ ڪڻڪ بدران چانورن جو اٽو استعمال ٿئي ٿو. جپان ۾ جيتوڻيڪ ڪو اعليٰ قسمَ جو چانور نٿو ٿئي، بلڪ اسان جي باسمتيءَ يا ٻئي چانور جي مقابلي ۾ سادو ٿئي ٿو پر هو ان کي حاصل ڪرڻ ۾ به خوش نصيبي سمجهن ٿا. جو جپان جي جيتري آدمشماري آهي، ان جي حساب سان پوک لاءِ زمين گهٽ آهي، ويتر جابلو هجڻ ڪري ان جو ڪو ويهه سيڪڙو مس رهائش ۽ ٻنيءَ ٻاري لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جپاني ماڻهو وڏي مشڪل ۽ محنت سان هِتي هُتي زمين جو ڪو سنوت وارو ٽڪرو ڳولي، ان تي چانور پوکيو وٺن. جن مان هنن جو گذارو ٿيو وڃي. گذريل صديءَ کان جڏهن جپان اليڪٽرڪ ۽ اليڪٽرانڪ جي شين مان پئسو ڪمايو آهي ۽ دنيا جي ٽرانسپورٽ .... خاص ڪري هوائي سروس عام ۽ سستي ٿي آهي، ته هنن ڌارين ملڪن مان مختلف ڀاڃيون ۽ گوشت گهرائڻ شروع ڪيا آهن. نه ته هو صدين تائين ڀاڄيءَ پُسيو جهڙو تهڙو ڦڪرو ٻت رڌي، ان تي گذارو ڪيو ويندا هئا. وڏي عياشي هنن لاءِ اها ئي هوندي هئي، ته ڪڏهن ڪڏهن مڇيءَ جي ڳڀي (Sushi) سان يا سامونڊي گاهه (Nori) سان اهو لئي ۽ پيڻ جهڙو ٻت هنن کاڌو ٿي، نه ته هنن لاءِ رُکو ٻت به وڏي غنيمت هو.

اڳاٽي دؤر جون جپاني ڪهاڻيون، افسانا ۽ ناول ٿو پڙهان ته انهن ۾ ٻَتَ جو ذڪر ضرور اچي ٿو.... ويندي ٻارن جي آکاڻين ۽ لوڪ ڪهاڻين ۾ به .... جيئن هڪ غريب ڳوٺاڻو سچو ڏينهن ڪکن مان ٽوپلا ٺاهي شامَ جو پر واري شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ ويو جيئن رات جي کاڌي لاءِ هو چانور خريد ڪري اچي. ٽوپلا نه وڪامڻ تي هو ڏکويل دل سان گهر موٽي ٿو جِتي سندس زال ۽ ٻار هن جي انتظار ۾ نظرون در تي ڄمائي ويٺا آهن. خالي هٿين موٽڻ تي هن جي زالَ گُنديءَ جي ڪنڊ پاسي ۾ بچيل چانورن جي لپ ميڙي چوندي ڪٽي تي اچي ۽ مڙس کي ٿي چوي ته ٻارڻ کي ته پيٽ خالي سمهڻو پوندو باقي هي چانورن جا ايترا ڪڻا آهن، جن ۾ گلاس به پاڻيءَ جا وجهي ٻارن کي ڇڊڙي رب رڌي

تي ڏيان.... سو ان قسمَ جون انيڪ ڪهاڻيون ۽ ناول آهن، جن ۾ جپاني ماڻهن جي زندگي چانورن/پت (Gohan) جي چوڌاري ڦرندي نظر اچي ٿي.

جپان ۾ پت (Gohan) امير توڙي غريب جو کاڌو آهي. جپاني، بنگالي ۽ ملئي ماڻهن وانگر صبح جو بہ پت کائڻ پسند ڪن ٿا. جپاني سماج جي اها ڳالهہ پنهنجي اڙدوءَ جي سفرنامي ”گيشائون ڪي ديس ۾“ بہ لکي چڪو آهيان تہ جپاني مردانگي ان ۾ بہ سمجهي وڃي ٿي تہ هو صبح جو نيرن تي بہ پت کائڻ پسند ڪري. ڪيترا مردَ تہ شاديءَ بعد پهرين صبح جو ئي پنهنجو اهو شوق پورو ڪرڻ لاءِ يا زال کي خاموش نياپو يا چتاءُ ڏيڻ لاءِ پاڙي جي ريسٽورنٽ مان “Asa gohan Shiromeshi no” گهرائي کائين ٿا. جيئن زال سمجهي وڃي تہ في الحال هوءَ نئين نويلي ڪنوار تي هن جي گهر ۾ آئي آهي، سو پهرين ڏينهن تہ هن کي معافي آهي باقي ٻي ڏينهن کان هن کي سڌو تي، سوير اٿي مڙس لاءِ پت رڌڻو آهي.... ۽ پوءِ جيڪڏهن اڳتي هلي ڪنهن جپاني گهر ۾ نيرن تي عورت پنهنجي ”سرتاج“ لاءِ پت نہ رڌي تہ معنيٰ زال مڙس جا تعلقات ٻُڏتر ۾ آهن - تعلقات جي خرابيءَ جي نتيجي ۾ ”In-Home Separation“ (جنهن کي جپاني ٻوليءَ ۾ Kateinai Bekky سڏجي ٿو) جي پڪ مڙس جي ”پان شوڪو“ (ڊبل روٽي) کائڻ مان لڳائي سگهجي ٿي.

ڪيترن کي شايد اهو معلوم نہ هجي تہ جپان کي چانورن جي فصل ڪري آڳاٽي زماني ۾ “Mizu ho no kuni” يعني ”پاڻيءَ جي تيلن واري فصل جي ڌرتي“ سڏيو ويندو هيو. تيلن مان مراد سارين جي فصل جا “Stalks” آهن. يعني هن ملڪ ۾ چوڌاري ۽ هر هنڌ چانورن جي پوک نظر آئي ٿي.

ڏکڻ هندوستان ۾ فصل لهڻ تي ” پُونگل“ نالي هڪ جشن ملهايو وڃي ٿو جنهن ۾ ڊِگي کي سينگاري شهر جي سرڪس ڪرائي وڃي ٿي. سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ ڏکڻ هندستانين جو تعداد گهڻو هجڻ ڪري اتي پڻ اهو جشن ملهايو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح جپان ۾ چانورن جي فصل تي ڪيترائي شنتو ڌرم جا جشن ٿين ٿا. خاص ڪري رونبي وقت ۽ سارين جي تيار ٿيڻ وقت .... جن جو آشيرواد جپان جو شهنشاهہ ڏئي ٿو ۽ اهو ئي ”Priest-King“ سمجهيو وڃي ٿو. اهڙن موقعن تي چانورن مان ٺهيل شيون ساڪي (شراب) ۽ موچي (ڪيڪ) ورهايا وڃن ٿا. مختلف ڪاڇن، ڌرمي جلسن ۽ ثقافتي ميلن ۾ عام طرح چانورن جا ڪيڪ ورهايا وڃن ٿا، جيڪي ”Mochi“ سڏجن ٿا.

جپان جو اڳيون شهنشاهہ هيرو هيتو هن کان اڳ وارن شهنشاهن وانگر ٽوڪيو واري محل ۾ شوق خاطر هڪ ٻاريءَ ۾ چانور پوکيندو رهيو. آخري ڏينهن ۾ جڏهن سخت بيمار ٿي پيو تہ پوءِ اهو شوق ڇڏي ڏنائين. تنهن هوندي بہ هر وقت ملڪ جي آبادگارن بابت ۽ چانورن جي فصل بابت پڇندو رهندو هيو. ان بعد وارو شهنشاهہ اڪيهتو پڻ چانورن سان واسطو رکندڙ ڌرمي ريتن رسمن ۾ حصو وٺندو رهي ٿو.

اسان وٽ اَن (ڪڻڪ) بابت ڪيترائي محاورا ۽ پهاڪا آهن... جيئن: ”ان آهي تہ ايمان آهي“ ، ”جنهن جي گهر ۾ داڻا ، ان جا چريا بہ سياڻا“، ”ان نور آهي“ ، ”ڪم جو نہ ڪاج جو دشمن اناج جو....“ وغيره. تيئن جپاني زبان ۾ چانورن ۽ پت لاءِ ڪيترين ئي چوڻين ۽ پهاڪا آهن،

جيڪي آئون پنهنجي ڪِتابن ”رُني آهي گهوٽ سان“ ۽ انگريزي ڪِتاب “Proverbs of Far East” ۾ ڏئي چڪو آهيان.

چينين لاءِ چوندا آهن تہ هو ڪڪڙ جي هر شيءِ.... کنڀن، رت، چنبن، آنڊن، گجين کان گوشت تائين استعمال ڪن ٿا .... هو چوندا آهن تہ ڪڪڙ تي ڇُري ڦيرڻ مهل فقط هن جي رڙ ضايع ٿئي ٿي. تيئن جپان ۾ سارين جي فصل جي هڪ هڪ شيءِ استعمال ۾ آندي وڃي ٿي. چانورن جي اٽي مان ڪيڪ، پيسٽريون ۽ نوڊل ٺاهيون وڃن ٿيون .... ڪِتابن لاءِ لئي (ڪونئر) ٺاهيو وڃي ٿو. چانورن جا تهہ (Husks) جنهن کي اسان وٽ ”توتر“ بہ سڏين ٿا، ان مان چهري لاءِ “Face Scrub” يعني ميڪ اپ جو سامان ٺاهيو وڃي ٿو جنهن سان منهن تي ايئن ليپ ڏنو وڃي ٿو جيئن اسان وٽ اٽي، هيڊ ۽ بيضي وغيره سان. چانورن جي اٽي جو هي ليپ ٿائليند ۽ برما جي عورتن ۾ بہ عام آهي. اهي وهنجڻ کان اڳ پنهنجي منهن تي هٽي ڪلاڪ بہ ائين گهر ۾ يا گهٽيءَ ۾ ڦرنديون رهن ٿيون. اسان وٽ هاڻ بلڪل ناهي، پر مونکي ياد آهي تہ ننڍي هوندي 1940ع ۾ پنجاهہ وارن ڏهاڪن تائين بہ ڳوٺن ۾ وهنجڻ کان اڳ پنهنجي جسم تي ميٽ هڻڻ جو رواج هو.

بهرحال، جپاني ماڻهو چانورن جي پوک جي هڪ هڪ شيءِ استعمال ڪن ٿا. سارين جي تيلن (Stalks) کي پلال طور رکيو وڃي ٿو ۽ ڪتر ڪري جانورن کي بہ کارايو وڃي ٿو تہ ان مان رسا پڻ ٺاهيا وڃن ٿا. منهنجي خيال ۾ اهي رسا عام طرح اهڙا مضبوط نٿا ٿين جهڙا سِڻيءَ (Jute) مان يا ڪپهہ (Cotton) مان ٺهيل ٿين ٿا. اسان وٽ اتر سنڌ ۾ جِتي ساريون پوکيون وڃن ٿيون، اتي جا هاري ناري پڻ سارين جي تيلن مان سنهيون رسيون وٽين ٿا، جيڪي هو انهن تيلن جون ڀنڊيون ٻڌڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. جپان ۾ سنهيون رسيون ٺاهڻ سان گڏ تلها.... ٻانهن جي ٿولهہ جهڙا رسا پڻ ٺاهين ٿا، جيڪي مندرن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ جپان ۾ توهان ڪنهن بہ شنتو يا ٻڌ ڌرم جي مندر ۾ ويندؤ تہ توهان کي ڇت ۾ لڙڪيل نظر ايندا.....

جپان تي هميشہ چين جي تهذيب ۽ تمدن جو اثر رهيو آهي. ايتريقدر جو جپاني شڪلين واري لکٽي جنهن کي جپاني ’ڪانجي‘ سڏين ٿا، اها بہ چين کان حاصل ڪئي وئي. چانورن جي فصل لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اڄ کان پنج هزار سال اڳ چين ۾ پوکيو ويو ان بعد ڪوريا مان ٿيندو جپان ۾ آيو. جپان جو ڏاکڻو حصو ڪوريا جي ائين ويجهو آهي، جيئن سري لنڪا ڏکڻ هندستان کي. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ ڪڻڪ، جَوَ ٻاجهري ۽ سويابين جپان ۾ ٿورو گهڻو پوکيا پئي ويا ۽ اهي ئي جپان جا اهم فصل هئا، پر چانورن جي پوک بعد  جپان جي زراعت جو نقشو ئي بدلجي ويو .... ايتريقدر جو چانور جپان جي ٻنهي ڌرمن شنتو ۽ ٻڌ ۾ پڻ شامل ٿي ويا. اڄ بہ سُڪا ڏيٽي آهي، قرباني ڏيٽي آهي، ڪنهن مندر ۾ مورتي اڳيان پرساد رکڻو آهي، تہ اوليت چانورن کي ڏني وڃي ٿي.

صدين تائين جپان ۾ چانور وقت جو رائج سڪو (Currency) سمجهيو ويو. ملڪ جي هر شيءِ ويندي سون، چاندي، ٽامي پتل جو اگهہ چانورن جي اگهہ سان جڙيل هو جيئن اڄ ڪلهہ اسان وٽ هر شيءِ آمريڪن ڊالر جي چوڌاري ڦري ٿي. نوڪرن توڙي فوجين کي پگهار ۾ چانورن جا ٿيلها ڏنا ويندا هيا. ٽئڪس يا ڊِل چانورن جي صورت ۾ ڏني وئي ٿي. گهر لاءِ سيڙو سامان يا ٽانوَ ٽپو وٺڻ

لاءِ چانور ڏنا ويندا هيا. ڪنهن جي اميريءَ جي ڄاڻ هن جي گهر ۾ موجود چانورن جي ڳوٽين مان پوندي هئي. وڏيرو يا رئيس اهو هوندو هو جنهن ڪي گهڻا ايڪڙ چانورن جي پوک جا هوندا هئا. اڄ بہ جپان جي حڪومت چانورن کي پوتر سمجهي ٿي ۽ خاطري ڪري ٿي تہ ملڪ جا گدام چانورن سان هر وقت ڀريل رهن. جو جپان جي موسم جو ڪو ڀروسو ناهي، ڪنهن وقت بہ ڏڪار جي حالت پيدا ٿي پوي تہ ان کي منهن ڏئي سگهجي. جپان انهن چند ملڪن مان آهي، جنهن جي ٽپال ڪاٽي جي ٽڪلين، نوٽن ۽ سڪن تي چانورن جي پوک ڏيکاريل آهي. جپان ۾ توهان کي چانورن جي فصل جون جِتي ڪٿي تصويرون نظر اينديون. چانور، پٽ، ساريون، فصل .... توهان کي جپاني شاعريءَ ۽ پهاڪن ۾ پڻ نظر ايندا. هڪ جپاني شعر هن وقت ڏيان ۾ پيو اچي:

Nani to Naku
Urangan Shiki wa
Waga Kado no
Inaba Soyogeru
Aki no Yukaze

(اها هڪ غمگين شيءِ آهي .... سارين جي پنن جو لڏڻ .... منهنجي جهوپڙيءَ اڳيان، شامَ جي وقت، سرءَ جي موسم ۾).

هن ڪان اڳ جنهن سارين جي تيلن مان ٺهيل رسيءَ جي ڳالهہ ڪئي، اها ”شِيمَي ناوا“ (Shimenawa) سڏجي ٿي. هاري ناري نئين سال تي پنهنجي گهر جي صفائي ڪري ٿو. اها رسي بدلائي ٿو. نئين لاٿل فصل جا چانور خريد ڪري پٽ رڌي ٿو ۽ نئون ڀريل پاٽي پيئي ٿو.... ان رسم کي ”وڪاميزو“ (Wakamizu) سڏجي ٿو.... ماڻهو ان پهرين ڏينهن تي مندر ۾ وڃن ٿا، جنهن کي هو هتسو مودي (Hatsumode) سڏين ٿا.... ان بعد هو ٻنين جو چڪر ڏين ٿا، جنهن کي هُو ”وازا هاجي مَي“ (Wazahajime) سڏين ٿا ۽ علامتي طور هو چانورن جو سلو يا ان جو سڪل تيلو زمين ۾ يا برف باري ٿيل آهي تہ برف ۾ ٽنبين ٿا. جيڪا رسم ”نِيوا تايي“ (Niwa-Taue) سڏجي ٿي. چانورن جو ڪاڄ (فنڪشن) جنهن کي جپاني ”متسوري“ سڏين ٿا، سالَ ۾ بہ دفعا ملهايو وڃي ٿو. هڪ بهار جي موسم ۾ جيڪو ”هارو متسوري“ (Haru Matsuri) سڏجي ٿو ۽ ٻيو سرءُ جي موسم ۾ جنهن کي ”آڪي مَتسوري“ (Aki Matsuri) سڏجي ٿو. چانورن جي پوک ۾ پنج مرحلا اچن ٿا. جهڙوڪ: ٻج پوکڻ، رونبو ڪرڻ، سلي جو وڍڻ، سلي ۾ داڻو اچڻ ۽ پنجون لابارو. انهن مِڙني مرحلن جي موقعن تي ڌار ڌار ريتون رسمون ادا ڪيون وڃن ٿيون.

اسان وٽ مختلف جنسن جا چانور ٿين ٿا، جن جو پنهنجو سواد، سائيز ۽ شڪل آهي. جيئن، باسمتي، سڳڏاسي، ڪرنيل، اِري 6، اِري 8 وغيره. اِري چانورن جي کوجنا شايد منيلا فلپين ۾ ٿي، جيڪي في ايڪڙ تمام گهڻي اپت ڏين ٿا. جيتوڻيڪ سواد ۽ خوشبوءِ ۾ باسمتي ۽ سڳداسي چانور سڄي دنيا ۾ اعليٰ سمجهيا وڃن ٿا. اري (IRRI) شارٽ فارم آهي ”انٽرنيشنل رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ“ جو.پاڻ وٽ اهو نالو بگڙجي ”ايري“ ٻڌجي ويو آهي. اِري چانورن جون بہ ٽي جنسون آهن، جيڪي پنجاهہ سٺ رپئي ڪلو ملن ٿيون .... هي اگهہ لاڙڪاڻي جي شهر باڍهہ جو اڄ جو آهي،

جيڪو اتي منهنجي پڙهندڙن اياز ساريي ۽ سندس گهر واري مهر النساءِ فون تي ٻڌايو آهي. ڪرنيل چانورن جو في ڪِلو ستر اسي رپئي ملي ٿو ۽ باسمتي ۽ سگداسي 120 روپيين جي لڳ ڀڳ آهن. اڄ ڪلهه لاڙڪاڻي پاسي چين جون مختلف جنسون پوکڻ جو تجربو ٿي رهيو آهي، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تـ اِريءَ کان بـ وڌيڪ اپت ڏين ٿيون.

جپاني چانور، جن کي انگريزيءَ ۾ اسان "Japonica Rice" سڏيون ٿا، انهن جو داڻو ننڍو ٿئي ٿو ۽ انهن کي ٻن اهم پاڻن ۾ ورهائي سگهون ٿا.... هڪ عام جنس جيڪا "اُرو چيمائي" سڏجي ٿي ۽ ٻي ڪونئر جهڙي (Glutinous) آهي، جيڪا موچي گومي (Mochigome) سڏجي ٿي.

اروچيمائي جنس، يعني عام چانور وڏي پئماني تي پوکيا وڃن ٿا ۽ جپانين جي روز مرهہ جو کاڌو سمجهيا وڃن ٿا. ان جو داڻو translucent (ڏنڏلي شيشي جهڙو) آهي. رڌڻ بعد اسان جي چانورن وانگر هڪ هڪ ڪڻو الڳ هجڻ بدران هي چانور ڪونئر وانگر ڳنڍيل ٿين ٿا ۽ چاپ اسٽڪ سان کائي سگهجن ٿا. جپان کان ٻاهر هي چانور "سوشي" چانور سڏجن ٿا.... ڇو جو هنن چانورن جي پٽ سان سوشي (مڇي) کاڌي وڃي ٿي. ساڪي (جپان جو مشهور شراب) پڻ هنن چانورن مان ٺاهيو وڃي ٿو.

موچي گومي چانورن جو ڪڻو ننڍو ٿئي ٿو ۽ اهو جيتوڻيڪ اسانجي چانور وانگر کير جهڙو اڇو ۽ opaque ٿئي ٿو پر رڌجڻ بعد تمام گهڻو چنبڙيل (Sticky) ٿئي ٿو. ان کان علاوه جپان ۾ ٻيون بـ ڪيتريون ئي جنسون، اِريءَ جهڙيون پوکيون وڃن ٿيون. ڪوشي هِڪاري (Koshihikari) جنس گهڻو پسند ڪئي وڃي ٿي ۽ وڏي مقدار ۾ پوکي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح ساسا نيشڪي ۽ يامادانيشڪي پڻ چانورن جون چڱيون مشهور جنسون آهن. ان قسم جا نالا جپان جي مشهور شين هِڪاري (ريل گاڏي) ۽ ماڻهن جي نالن ۽ ذاتين مطابق آهن. جيئن جپاني ڪارون سوزوڪي، ٽويوٽا، ڊائهٽسو، متسوبشي وغيره جپان جي ماڻهن ۽ انهن جي ذاتين جا نالا آهن، جن اهي گاڏيون ٺاهيون... تڏهن تـ منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿيندي آهي تـ جپان وانگر اسانجي ملڪ جي ماڻهن ۾ بـ ايڏي قابليت اچي ۽ جپان بدران اهي ڪارون اسان جي ملڪ ۾ ٺهن ۽ انهن جا نالا، نظاماڻي، خاصخيلي، جوکيو ۽ جتوئي جهڙا هجن ها. ٻيو نـ تـ اِري ۽ ٻين نَيُن پوکيل چانورن جي جنسن جا نالا حميرا چنا يا عابده پروين جهڙين ڳائڻين جا رکيا وڃن ها. يا سحر امداد ۽ پروين شاڪر جهڙين شاعرائن جا..... جيئن جپان جي هڪ چانورن جي جنس جو نالو "اڪيتا ڪوماچي" آهي. چانورن جي هيءَ جنس ڪافي سوادي آهي، جنهن لاءِ جپانين جو چوڻ آهي تـ هنن چانورن جي سواد جو عادي ٿيڻ وارو ٻئي ڪنهن قسم جا چانور هرگز پسند نـ ڪندو.

هي چانور جپان جي علائقي اڪيتا جي هڪ بيحد خوبصورت، حسن جي علامت مئدم ڪوماچيءَ جي نالي آهن. مائي ڪوماچيءَ جي جپاني شاعريءَ جو انگريزي ترجمو مون بـ جوانيءَ جي ڏينهن ۾ يعني 1970ع واري ڏهاڪي ۾، وڏي شوق سان پڙهيو هو ۽ مون انهن ڏينهن ۾ شمشير الحيدريءَ، قمر شهباز ۽ تاج بلوچ جهڙن اديب دوستن کي بـ پڙهايو هو. ڪوماچيءَ جو هڪ شعر آهي تـ:

تون اڇين ٽٽو (Hito ni awan)
ھھڙي بنان چنڊ واري رات جو (Tsuki no naki ni wa)
انتظار پئي ڪريان تو لاءِ (Omoikite)
منهنجيون ڇاتيون اڏما پيون ڪائين (Mune hashiribi ni)
دل منهنجي ٻري پئي (Kokoro Yakeori)

انهيءَ مفهوم جو شعر تاج بلوچ بہ ڻاهيو هو. جيڪو آئون پنهنجي ڪِتاب ”پکي اڏاڻا پنهنجي ديس“ ۾ پڻ ڏئي چڪو آهيان:

چنڊ ناهي ۽ نہ آهي زندگي
تون ڪٿي آهين او منهنجي روشني!؟
رات ساري مون اکين ۾ آ ڪٽي
منهنجي ڇاتي سمنڊ جيئن ڇلڪي پئي
هجر ۾ دل ڪامي ۽ تڙپي پئي.......

مائي ”ڪوماچي“ (سڄو نالو: اونو نو ڪوماچي) جيڪا اڄ کان ٻارنهن صديون اڳ سن 825ع ۾ جائي، جپان جي مشهور ”وڪا“ (Waka) شاعره آهي، جيڪا پيار، محبت، وڇوڙي ۽ شهوت انگيز (Erotic) قسم جي شاعريءَ کان اڄ تائين مشهور آهي. ”وڪا“ جپاني شعر جو قسم آهي، جنهن ۾ پنج سٽون بہ ٽين تہ ست بہ..... جيئن هائڪو ۾ فقط ٽي ٽين ٽيون... مثال طور ڪوماچيءَ جو هڪ ٻيو ”وڪا“ آهي:

Hana no iro wa
Utsurinikeri na
Itazura Ni
Wag a mi yoni furu
Nagame seshi ma ni

(گلن جا رنگ + مرجهائي ويا + ۽ آئون بنا مقصد جي + هن دنيا ۾ تڳندي رهيس + ۽ مينهن وسندو رهيو).

ڪوماچي پنهنجي زماني جي بيحد سهڻي عورت مڃي وڃي ٿي.... شايد اهو ئي سبب آهي جو جپان جي سهڻي شڪل، سڳنڌ ۽ سواد واري چانور جو نالو ”ڪوماچي“ رکيو ويو آهي. هن سهڻي شاعره لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هوءَ انهن ڏينهن جي شهنشاهہ نن مِيو (جنهن جپان تي 833ع کان 850ع تائين حڪومت ڪئي) جي هيٺين درجي جي ڪنيز ۽ خدمتگار پڻ هئي. هِتي اهو لکندو هلان تہ، هي اهو زمانو هو جڏهن عباسي گهراڻي جو خاتمو ٿيو هو يعني جپاني شهنشاهہ ’نن ميو‘ جي وفات کان 17 سال بعد 867ع ۾... جپاني شهنشاهہ نِن مِيو (جنهن جي ڪوچامي ڪنيز سمجهي وئي ٿي)، جي دورِ حڪومت ۾ اڃان عباسي حڪومت قائم هئي ۽ هي اهي ڏينهن هئا. جڏهن عراق جي

خليفي المتوڪل طرفان عمر الحباريءَ کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ مشهور عرب تاريخدان المسعودي سنڌ جي دوري تي آيو هو.

جپان جي هيءَ شاعره جنهن جا عَشقيه ۽ جذبات اياريندڙ شعر امداد حسينيءَ جي شعرن وانگر اڄ به جپان جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جون ڇوڪريون Quote ڪن ٿيون ته ائين لڳي ٿو ته هن کي وفات ڪئي جڻ ڪجهه سالَ مس ٿيا آهن... پر ڪوماچيءَ 75 سالن جي ڄمار ۾ سن 900ع ۾ وفات ڪئي ....سمجهو ته هن جي حياتيءَ دوران اسان جي امام شافعي (820ع ۾) ۽ امام حنبليءَ پڻ (855ع ۾) وفات ڪئي. سن 711ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي ۽ 715ع ۾ عربن اسپين تي قبضو ڪيو. انهن واقعن کي جي ڏيان ۾ تو رکجي ته اٽڪل سؤ سالن بعد سن 825ع ۾، هيءَ مائي ڪوماچي جپان ۾ ڄائي هئي. هن دلين تي راڄ ڪندڙ شاعره بابت ڪيترائي سچا ڪوڙا ۽ هٿ ٺوڪيا پيار محبت ۽ عشق جا داستان آهن. انهن ۾ هڪ قصو ”فڪو ڪوسا“ نالي هڪ اعليٰ آفيسر جو تمام مشهور آهي، جنهن سان ڪوماچيءَ وعدو ڪيو ته جيڪڏهن هو هڪ سؤ راتين تائين لڳاتار هن سان همبستري ڪندو ته هوءَ ٻين سڀني عاشقن کي ٺڏي ڇڏيندي... ۽ هوءَ هميشه لاءِ فقط هن جي محبوبا ٿي رهندي.

فڪو ڪوسا صاحب هر رات ڪوماچيءَ وٽ حاضري ڀريندو رهيو پر اڃا اچي آخري راتين ۾ هڪ دفعو هو همت ساري نه سگهيو... ان ڏک ۽ صدمي ۾ هو بيمار ٿي پيو ۽ بستر تان وري اٿي نه سگهيو. بيماريءَ هن کي موت تائين پهچائي ڇڏيو. چون ٿا ته ڪوماچيءَ کي پنهنجي هھڙي عاشق جي موت تي ڏاڍو ڏک ٿيو... يعني فقط ڏک ٿيس ... باقي ٻيو مڙيئي خير.... ريزڪي ڪم نه ڇڏيائين.

جپان جا ماڻهو ڳالهه ٿا ڪن ته ڪوماچيءَ جي پيريءَ وارا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا. جڏهن هن جي سونهن سوڀيا ختم ٿي وئي ۽ ڪيس ڪو پاڻي پري پيارڻ وارو به نه رهيو. سندس سمورن سابق عاشقن ڪيس نڏٽڪو ڪري ڇڏيو. پئسو ڏوڪڙ سڀ ختم ٿي ويس ۽ هن پنهنجي ماضيءَ جي زندگيءَ تي سخت احساسِ جرم ۽ افسوس محسوس ڪيو. هوءَ هڪ بي گهر (Homeless) فقيرياڻيءَ وانگر گهٽين ۾ ڀٽڪندي رهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته عاشق مزاج ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هن جي شاعريءَ کي بيحد پسند ڪندا رهيا. ڪوماچيءَ جي مرڻ بعد هن جي شاعريءَ کي اڄ تائين قومي ليول تي مڃتا ڏني وڃي ٿي. جپانيءَ ۾ مٿس ڪيترائي اسٽيج ڊراما ۽ فلمون ٺهي چڪيون آهن. سندس زندگيءَ تي ويجهڙائيءَ ۾ هڪ انگريزي ٽيلي فلم ”ڪال مي ڪوماچي“ ٺهي آهي، جنهن ۾ ڪوماچيءَ جو پارٽ جپان جي مشهور خوبصورت ائڪٽريس ”ڪائوري هاما موٽو“ ادا ڪيو آهي.

اڪيتا ضلعي جي هن ڄائيءَ نالي نه فقط چانورن کي منسوب ڪيو ويو آهي، پر ”اڪيتا شنڪان سين“ بليٽ ٽرين کي پڻ ”ڪوماچي“ سڏيو وڃي ٿو. هيءَ تيز رفتار ريل گاڏي ايسٽ جپان ريلوي ڪمپني (JR) وارن جي آهي ۽ 1997ع کان ٽوڪيو کان اڪيتا هلي رهي آهي.

# جپان بابت ننديون ننديون ڳالهيون...

**ياڪوزا**

”ياڪوزا“ جپان جو ائين بدنام ٽولو آهي، جيئن آمريڪا يا اٽليءَ جو ”مافيا“. سڄي جپان ۾ ياڪوزا (Yakuza) جا هڪ لک کان مٿي ميمبر آهن، جيڪي بيحد منظم آهن ۽ سرڪاري نوڪرين کان وٺي ميڊيا تائين ڇانيل آهن. هو ڏوهن ذريعي پئسو ڪمائين ٿا. هڪ طرف هنن جو مئه خانن، چڪلن، مساج گهرن ۽ جوا خانن تي ڪنٽرول آهي، جن کان ۽ وڏن ڪارخانيدارن ۽ جاگيردارن کان ڀتو ۽ ڪميشن وٺن ٿا، انڪار جي صورت ۾ انهن جي قتل يا اغوا کان به گريز نٿا ڪن. ٻئي طرف غريب ٻارن کي گهيتاري، کين ڏوهه ڪرڻ جو ماهر بڻائين ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو غريبن جي به دل کولي مدد ڪن ٿا. ان ڪري جپان ۾ ڪيترا ماڻهو ياڪوزا جي ميمبرن جي تعريف ڪن ٿا. ڀتي ۾ گهٽ پئسو ملڻ تي مالڪن جي دڪانن، آفيسن ۽ فئڪٽرين کي باهيون به ڏيو ڇڏين. ڪيترائي ادارا، ويندي پوليس، ميڊيا ۽ جوڊيشريءَ جهڙا به هنن کان ڊڄن ٿا، ڇو جو ڳالهه نه مڃڻ تي وڏن پوليس آفيسرن، ججن ۽ اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن جي مالڪن کي گم ڪريو ڇڏين. ظاهري طرح هو وڏا شريف ٿي هلن ٿا ۽ هر صاف سٿري ڪاروبار ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ حصو وٺن ٿا ۽ عوام جي خدمت ڪري پاڻ کي سماج سڌارڪ سڏرائين ٿا. هنن جي خاص نشاني اها آهي ته هنن جي سڄي جسم تي ٽئٽو (Tattoos) ٺهيل رهن ٿا. هنن جو هڪ دفعو هن گروپ ۾ شامل ٿيڻ بعد ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيو پوي، هڪ ته هو پاڻ به نڪرڻ نه چاهيندا آهن، جو هو هن گروپ جي ميمبر هجڻ جي حيثيت ۾ پاور جو ماٽيل مزو ڇڏڻ نه چاهيندا آهن ۽ ٻي ڳالهه ته هنن کي هر وقت خوف رهندو اچي ته ڪٿي سندن پوتار کين ڪوڙن سچن ڪيسن ۾ نه ڦاسائين يا کين زهر ڏئي ماري نه ڇڏين.

آمريڪا جي ”مافيا“ وانگر جپان جي ”ياڪوزا“ بابت به ڪيترائي ”God Father“ جهڙا ناول لکيل ۽ فلمون ۽ ٽي وي سيريل ٺهيل آهن. انگريزيءَ جون به فلمون جيڪي ياڪوزا جي زندگيءَ جي سٺي عڪاسي ڪن ٿيون، اهي آهن: ”Battles without Honour & Humanity“ ۽ ”Dead or Alive“ . ياڪوزا وارن جون جپان ۾ خيراتي ادارن، اسڪولن، اسپتالن، مسافر خانن جهڙيون به شيون آهن، هو غريب ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪن ٿا. ماڻهو منجهيل رهن ٿا ته آيا ياڪوزا همدرد ماڻهن جو ٽولو آهي يا وحشي صفت انسانن جو! هِتي هڪ چوٽي مشهور آهي ته ”Yakuza: Kind hearted or monsters in suits?“.

**قصو هڪ جپاني امام جو...**

بري صحبت ۾ ڦاسڻ بعد ان مان نڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه ٿيو پوي, پر جنهن کي رب پاڪ هدايت بخشي ٿو ته هو سڀ برايون ڇڏي هڪ نيڪ انسان بڻجيو وڃي.

عبدالله تقي تاڪازاوا (Takazawa) نالي هڪ جپاني نو مسلم جي به اهائي ڪهاڻي آهي. هن جي جپان ۾ رهندڙ هڪ ترڪ داعي شيخ نعمت الله سان ملڻ بعد زندگيءَ ۾ اهڙي تبديلي آئي جو هو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو. جپان جي وڏي شهر ٽوڪيو جي هڪ مسجد ۾ امام هجڻ ڪري هن کان ڪيترائي لوڪل جپاني ۽ مون جهڙا ڌاريا واقف آهن ۽ هن سان هر انهيءَ سياحَ جي به ملاقات ٿيو وڃي, جيڪو فقط ٻن ٽن ڏينهن لاءِ به ٽوڪيو ۾ رهي ٿو.

توهان کي حيرت ٿيندي ته عبدالله تقي تاڪازاوا ”ياڪوزا“ ٽولي جو ميمبر هو ۽ هو ٽئٽو (Tattoo) ٺاهڻ جو آرٽسٽ هو. هُو ياڪوزا جي ميمبرن جي جسم تي مشين ذريعي گل گلڪاريون ٺاهيندو هيو. ڪاري ۽ مختلف رنگن جي مس سان جسم تي ٺاهيل هي گل گلڪاريون هميشه لاءِ رهن ٿا ۽ ياڪوزا جي قانون موجب ياڪوزا جي هر ميمبر لاءِ پنهنجي جسم تي اهي tattoo ٺهرائڻ ضروري ٿين ٿا. مولانا صاحب جو پنهنجو جسم به انهن گل گلڪارين سان پريل آهي, جيڪي هن ياڪوزا جو ميمبر هجڻ ڪري ٺهرايا هئا ۽ هاڻ هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ هن کي اهي بيحد خراب لڳن ٿا, پر هو مجبور آهي, جو اهي ڊهي نٿا سگهن. ان ڪري امام صاحب هر وقت ڊگهين ٻانهن واريون قميصون يا پهراڻ پائي ٿو. وضو ڪرڻ وقت هن جي ٻانهن جي چترڪاري ٻين کي اڪثر نظر اچيو وڃي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به اسان جهڙن سياحن کي پنهنجين ٻانهن جا ڪف کنجي ڏيکاريندو آهي, ته ڏسو الله جا مون تي ڪرم آهن, جنهن مون کي سڌي راهه تي آندو نه ته آئون سالن کان هڪ بدنام ٽولي جو ميمبر هوس. هو ڳالهين ڳالهين ۾ جهور پوڙهي نعمت الله کي به دعائون ڏيندو آهي, جنهن جي ليڪچرن هن جي اندر ۾ تبديلي آندي ۽ هو مسلمان ٿيو.

تاڪازاوا (جنهن جو مسلمان ٿيڻ بعد ”عبدالله تقي“ نالو ٿيو ۽ ”تاڪازاوا“سندس ذات آهي) 1971ع ۾ ٽوڪيو ۾ ڄائو. 35 سالن جي ڄمار ۾ هو 2006ع ۾ مسلمان ٿيو ۽ 2008ع ۾ حج ڪيائين. عبدالله تاڪازاوا اڄ ڪلهه ٽوڪيو جي هڪ علائقي ڪابو ڪيچو جي هڪ ننڍڙي مسجد جو امام آهي.

جپاني نو مسلم عبدالله تاڪازاوا کان هڪ دفعي جڏهن ڪنهن پڇيو ته ”تون ڪيئن مسلمان ٿئين؟“..... ته هن وراڻيو: ”آئون مسلمان ٿيس ڪو نه. هر انسان وانگر آئون به مسلمان ڄايس, پر آئون اگهور ننڊ ۾ هوس. 12 سال اڳ منهنجي اک کلي. جيئن توهان جي صبح جو ڪڏهن ڪڏهن بنا الارم جي اک کلي وڃي ٿي ۽ آئون سجاڳيءَ ۾ اچي اسلام ڏي موٽي آيس“.

“I was not converted to Islam but I was reverted back to Islam. It is the gradual process, something happened, I became Muslim”.

**جپانيءَ ۾ واعظ ڪندڙ ترڪ مولوي**

ياڪوزا جي جپاني ميمبر عبدالله تاڪازاوا کي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جي ترغيب ڏيڻ وارو ڪراڙو مڙس شيخ نعمت جيڪو ٽيهن سالن کان جپان جي مختلف شهرن ۾ مسلمان ۽ غير مسلم جپانين کي اسلام بابت ليڪچر ڏيندو رهي ٿو ۽ جپانين جهڙي فر فر (Fluent) جپاني ڳالهائي ٿو ڪير آهي؟

اڇي وڏي ڏاڙهيءَ سان، يورپين جهڙو گورو ۽ صحتمند، هي ديندار انسان شيخ نعمت الله (نعمت الله خليل ابراهيم يرت Yurt) هڪ ترڪ مسلمان آهي. شيخ نعمت الله پنهنجي نالي جي اسپيلنگ Nimetullah لکي ٿو. هُو ترڪيءَ جي اترين صوبي اماسيا جي شهر تاشووا (Tasova) ۾ 1932ع ۾ ڄائو. مون سان گڏ مختلف جهازن تي Sail ڪرڻ وارا منهنجا ڪليگ هن شهر تاشووا ۽ صوبي اماسيا کان چڱيءَ طرح واقف هوندا، جو اهو ترڪيءَ جي ان حصي ۾ آهي، جيڪو بحرِ اسود (Black Sea) کي ڇهي ٿو. منهنجي ساموندي نوڪريءَ وارن ڏينهن ۾ اسان مختلف جهازن تي ڪيترائي سفر هن ڪاري سمنڊ جا ڪيا، جنهن ۾ ڪيترائي بندرگاهه ترڪي، رومانيا، بلغاريا، جارجيا ۽ يوڪرين (اڳوڻي سوويت روس) جا آهن.

مشرقي عشق جي مشهور ڪهاڻي ”شيرين فرهاد“ جو واسطو ترڪ روايتن موجب، هن صوبي ”اماسيا“ سان ڇيو وڃي ٿو. تاشووا ساوڪ ۽ گل گلزاريءَ سبب بيحد خوبصورت آهي. هي شهر يشيل ايرماڪ نديءَ (سائي رنگ جي نديءَ) جي ڪناري تي آهي. هيءَ ندي بحرِاسود (Black Sea) ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. شيخ نعمت ننڍو هو ته هن کي هن جو والد مختلف مولوين جا واعظ ٻڌڻ لاءِ موڪليندو رهيو. اهڙيءَ طرح هن اسلام جي تعليم حاصل ڪئي ۽ 1955ع ۾ هو استنبول جي ”سلطان احمد مسجد“ (جيڪا ”بِلو مسجد“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ استنبول ۾ ايندڙ سياحن جو مرڪز رهي ٿي). جو ٻانگو ٿي رهيو. هيءَ مسجد 1609ع ۽ 1616ع جي وچ واري عرصي ۾ ٺهي ۽ ”آيا صوفيا“ (Hagia Sophia) جي پر ۾ آهي. آيا صوفيا عيسائين جو گرجا گهر (Church) 537ع ۾ ٺهيو جيڪو سلطنت عثمانيه جي ڏينهن ۾، 1453ع ۾ مسجد ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ان کي ”مسجدِ عثمانيه“ سڏيو ويو. 1935ع کان پوءِ هيءَ عمارت ميوزيم ۾ تبديل ٿي. اسانجو هر ماڻهو جيڪو استنبول گهمڻ اچي ٿو اهو هن عمارت ”آيا صوفيا“ ۽ ”بلو مسجد“ جو ديدار ضرور ڪري ٿو. مٿي ذڪر هيٺ ايندڙ شيخ نعمت الله (جنهن عبدالله تڪازاوا ياڪوزائيءَ سميت ڪيترن ئي نوجوانن توڙي وڏي عمر جي جپانين کي اسلام جي راهه تي آندو) 1955ع ۾ هن مسجد جو ٻانگو ٿي رهيو. ان بعد هو ٻين به ڪيترين مسجدن ۾ ٻانگو ٿيو ۽ انهن ۾ واعظ پڻ ڪيائين. نه فقط ترڪيءَ جي مسجدن ۾ پر مڪي، مديني، جپان ۽ ٻين ملڪن جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پڻ! ڪائنس هر دفعي اهو پڇڻ وسري ويو پر پڪ اٿم ته هو پاڪستان ۽ انڊيا ۾ به ڪافي عرصو رهيو هوندو، جنهن ڪري هو اردوءَ کان به واقف آهي. پنهنجي مادري ٻولي ترڪي، انگريزي ۽ اردوءَ کان علاوه هو عربي، فارسي، جپاني، ويندي چيني ٻوليءَ کان به واقف آهي. پنهنجي زندگيءَ جي آخري سالن ۾ هن جپان ۾ رهڻ جو ارادو ڪيو ۽ گذريل ٽيهن سالن کان پنهنجي ڪٽنب سان جپان ۾ رهي ٿو. هو جپان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾

اسلام بابت ليڪچر ڏيندو رهي ٿو ۽ چندو گڏ ڪري مسجدون ۽ انهن ۾ مدرسا ٺهرائيندو رهي ٿو. هيستائين جپان جا سوين، بلڪ هزارين ماڻهو حاجي شيخ نعمت الله جي واعظن ۽ شخصيت مان متاثر ٿي اسلام قبول ڪري چڪا آهن. هو سڄو سڄو ڏينهن مسجدن ۾ گذاري ٿو ۽ ماڻهن کي اسلام بابت سوالن جا جواب ڏئي ٿو ۽ سندن مونجهارن جا اسلام جي روشنيءَ ۾ حل ٻڌائي ٿو. وڏي عمر (اٽڪل 85 سالن) جو هوندي به، هو اڄ به مختلف شهرن جا دورا ڪري اسلام جي تبليغ ڪندو رهي ٿو. شيخ نعمت الله جي زبان تي هر وقت اها دعا رهي ٿي:

"يارب! اسلام جي دشمنن کي هدايت عطا فرماءِ، جيئن هنن جي دشمني پيار ۾ بدلجي وڃي ۽ هو اسلام جي راهه تي اچن، جيئن تو حضرت عمر رضه، حضرت خالد رضه ۽ حضرت اڪرمه رضه جن کي هدايت عطا فرمائي".

**جنجاءِ او تيراءِ فرق**

جپانين جا ڪي پوڄا گهر مندر (Temples) سڏجن ٿا، ته ڪي "Shrines". جنهن لاءِ پاڻ وٽ سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ درگاهه، مقبري، مزار، آستاني، خانقاهه جهڙا لفظ آهن. جپان ۾ عام طرح ٻه ڌرم آهن. شنتو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم.

شنتو ڌرم جا عبادتگاهه درگاهون (Shrines) سڏجن ٿيون ۽ ٻڌ ڌرم جا پوڄا گهر مندر (Temples) سڏجن ٿا. هونءَ ڌرمي طرح منجهن ڪو خاص فرق ناهي، ٻئي مندر (Jinja) به سڏجن ٿا پر Shrine ۽ Temple سڏڻ تي وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي ته هن عبادت گهر جو واسطو شنتو ڌرم سان آهي يا ٻڌ ڌرم سان. ٻڌ ڌرم جي مندر جو واسطو گهڻو ڪري ٻئي جهان سان وڌيڪ تصور ڪيو وڃي ٿو. دفن، ڪفن ۽ مري ويل عزيز دوستن جي روحن کي ثواب پهچائڻ لاءِ ماڻهو اڪثر ٻڌ مندرن (Temples) ۾ وڃن ٿا. شنتو ڌرم جي Shrines جو واسطو هن جهان سان تصور ڪيو وڃي ٿو ۽ ماڻهو زندگيءَ سان واسطو رکندڙ شين، جهڙوڪ، شادين مرادين ۽ صحت جي دعائن لاءِ هنن شنتو مندرن ۾ وڃن ٿا، جيڪي مندر درگاهون سڏجن ٿا. شنتو ڌرم جي مندرن يعني درگاهن (Shrines) کي جپانيءَ ۾ جنجا (Jinja) سڏين ٿا ۽ ٻڌ ڌرم جي مندرن (Temples) کي جپانيءَ ۾ تيرا (Tera) سڏين ٿا يا "Otera". معنيٰ عزت ماب مندر. پر سچ اهو آهي ته ڪيترن جپانين کي به مندر (Otera) ۽ درگاهه (Jinja) جي فرق جي خبر ناهي. هو اڪثر چوندا آهن ته درگاهون (Jinja) هتي جا آهن. مندر (Otera) انڊيا کان آيا آهن. جو گوتم ٻڌ اتي جو هو ۽ ٻڌ ڌرم انڊيا کان آيو. هونءَ اسانجي ماڻهن جي آسانيءَ لاءِ لکندو هلان ته جيڪي جنجا (درگاهون) آهن، تن جي اڳيان ڳاڙهي رنگ جا ونگن وارا دروازا ٿين، جن کي جپاني "Torii" سڏين ٿا. ٻڌ ڌرم جي مندرن (Otera) جا دروازا اسان جي مندرن جهڙا ٿين ٿا، جن تي ڪاٺ جو ڪم ٿئي ٿو. هنن مندرن جي اها به نشاني آهي ته هنن جي پرسان قبرستان به ٿئي ٿو.

پوڄا جو جيتوڻيڪ طريقو هڪ ٻئي سان ڪافي ملي ٿو پر تڏهن به مندر (Temple) ۽ درگاهه (Shrine) ۾ ڪجهه فرق آهي. مندر ۾ گهڙڻ کان اڳ پنهنجو سر جهڪائجي ٿو. ان بعد اندر

پهچي وضو ڪجي ٿو. هٿ ڌوئجن ٿا ۽ گرڙيون ڪجن ٿيون. ان بعد اگربتين مان نڪرندڙ دونهين کي هٿن سان ڇهجي ٿو. دونهين لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته اهو جسم جون بيماريون دور ڪري ٿو. ان بعد مندر اندر داخل ٿي دعا گهرجي ٿي.

درگاهن (جنجائن) ۾ پوڄا جو طريقو جيتوڻيڪ ساڳيو آهي، پر ڪي ڳالهيون مختلف ضرور آهن.

جنجا (Shrine) ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ داخلا واري در وٽ جُهڪجي، ان بعد ڪو سڪو (ننڍو يا وڏو) نذراني جي پيتيءَ ۾ وجهجي ٿو. ان بعد ٻه دفعا جهڪي ٻه دفعا تاڙي وڄائجي ٿي. ان بعد هڪ دفعو تمام گهڻو هيٺ جهڪي پوءِ مندر ۾ داخل ٿي دعا گهرجي ٿي.

نئين سال جي شام جنهن کي جپاني ”شوگاتسو“ (Shogatsu) سڏين ٿا، اڌ رات جو ٻڌ ڌرم جي مندرن ۾ 108 دفعا گهنڊ وڄايا وڃن ٿا. جپانين جو عقيدو آهي ته ائين ڪرڻ سان هو 108 ناپاڪ خواهشن کي پڃائين ٿا، جن جو انسان سڄو سال شڪار ٿئي ٿو. نئين سال جي شروع ٿيڻ جي موقعي تي گهنڊ وڄائڻ واري رسم کي جپانيءَ ۾ ”جويا نو ڪاني“ (Joya No Kane) سڏين ٿا.

## جپان ۾ پهرين مرد گيشائون هئا

جپانيءَ ۾ لفظ ”گيشا“ جي معنيٰ اهو شخص آهي، جيڪو مختلف آرٽ جي شين کان واقف هجي. گيشائن بابت آئون ڪيترائي مضمون لکي چڪو آهيان، ته هنن کي مردن کي وندرائڻ لاءِ ڪيترائي هنر سکڻا پون ٿا. جيئن ڳالهائڻ جو طريقو ڳائڻ، وڄائڻ، ويس وڳا پهرڻ کان وٺي اعليٰ ميڪ اپ جي طريقي جي ڄاڻ تائين ۽ پڻ جنرل نالج، سياست، شعر و شاعري ۽ مهمانن کي شراب کان وٺي ڪاڏو پيش ڪرڻ جو طريقو وغيره..... جنهن لاءِ هنن کي سارسنڀال لهڻ واري (ماما سان) وٽ رهي سالن جا سال سکيا وٺڻي پوي ٿي. گيشائون مهمانن جي جنسي خواهشن جي پوئواري ڪرڻ بدران انهن کي رد ڪن ٿيون. گيشائن کي اعليٰ قسم جون فنڪار (آرٽسٽ) چئي سگهون ٿا پر رنڍيون هرگز نه.

ڪاليج وارن ڏينهن ۾، 1960ع ۾، جيري ليوس جي هڪ انگريزي فلم ”The Geisha boy“ ڏٺي هئيسين ۽ اسان سيني کي اهو ڌيان ۾ رهيو ته گيشا مرد ٿين ٿا. چوجو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ جپان ۾ رهي مون جڏهن اتي جي گيشائن (عورتن) بابت لکيو ۽ هڪ جپاني ناول ”ٽوڪيو جي گيشا گرل- مس سدا بهار“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ته منهنجي همعمرن جن جيري ليوس جي فلم ڏٺي هئي، اهي حيرت مان پڇڻ لڳا ته ڇا گيشائون عورتون به ٿين ٿيون؟

جي ها، اڄ ڪلهه سڄي جپان ۾ گيشائون عورتون آهن پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته شروع ۾ گيشائون مرد هوندا هئا، جيڪي ”تائي ڪوموچي“ سڏبا هئا.

اهي مرد گيشائون جيڪي تائي ڪوموچي (Taikomochi) يا هوڪان (Hokan) سڏبا هئا، جپاني جاگيردارن ۽ نوابن (Daimyo) جي اوطاقن ۽ درٻارن ۾ صديءَ کان خدمتگار يا مسخري طور

پنهنجي مالڪ ۽ ان جي مهمانن کي وندرائيندا هئا. انهن جو گهڻو زور زنانا ڪپڙا پائي ناچ تي هوندو هو. هنن چرچا ڀوڳ ڪري نه فقط محفل ۾ آيل مهمانن کي وندرايو ٿي، پر پنهنجي وڏيري/ رئيس کي سٺيون صلاحون به ڏنيون ٿي. جن کي دوبوشو (Doboshu) جهڙي عزت واري لفظ سان پڻ سڏيو ويو ٿي. جنهن جي معنيٰ سمجهو ته ”سنگتي“ يا ”ڪامريڊ“ ئي آهي. هو چانهه ٺاهڻ جا به ماهر هئا. هي سلسلو تيرهين صديءَ کان شروع ٿيو هو. اڳتي هلي هو ”ڪوموچي“ يا ”مرد گيشا“ بدران اوتو گِيشو (Otogishu) يا هانا شيشو (Hanashishu) سڏجڻ لڳا ـ معنيٰ قصا خوان! ڇو جو هو هاڻ مالڪن کي چانهه ٺاهي پيارڻ بدران، وڏي ادب آداب سان قصا، ڪهاڻيون ۽ چرچا ڀوڳ ٻڌائي، سندن دل وندرائڻ لڳا. هو دشمنن سان مقابلو ڪرڻ جون اٽڪلون پڻ پنهنجي مالڪن کي ٻڌائڻ سان گڏ هنن سان گڏ گڏ ويڙهه ۾ به حصو وٺڻ لڳا. پوءِ وقت گذرڻ تي سترهين صديءَ ۾ جڏهن جپان ۾ ٺاپر ۽ امن جو واءُ لڳو ته هنن اوتو گيشو ۽ هانا شيشوئن جي ضرورت گهٽجڻ لڳي. 1751ع ۾ پهرين گيشا عورت (Onna Geisha) هڪ پارٽيءَ ۾ آئي، جنهن پنهنجي آرٽ ۽ هنر سان مهمانن جي دلين ۾ مانڌاڻ پيدا ڪري ڇڏي. هوءَ ”گيئيڪو“ (Geiko) سڏجڻ لڳي، جيڪو لفظ اڄ تائين گهٽ ۾ گهٽ ڪيوتو ۾ گيشا لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ارڙهين صديءَ جي آخر تائين هنن گيشا عورتن جو تعداد مرد گيشائن (Taikomochi) کان گهڻو گهڻو وڌي ويو.

انگريزيءَ جو ليکڪ ليسلي ڊائونر پنهنجي ڪتاب “Geisha: The Secret History of a Vanishing World” ۾ لکي ٿو ته، 1770ع ۾ ٽوڪيو جي هيرامنڊي يوشيوارا (Yoshiwara) ۾ 16 گيشا عورتون هيون ۽ 31 گيشا مرد. 1775ع ۾ عورتن جو تعداد 33 تي ويو ۽ 1800ع ۾ عورتن جو 143 ۽ مرد گيشائن جو 45 رهيو.

# نندي ڪنڌ جي ماڻهن جي جپان آمد

جپان ۾ اڄ تعليمي درسگاهن جي گهڻائيءَ، ٽيڪنالاجيءَ ۽ پئسي دولت جي ڪري، دنيا جي هر ملڪ جو ماڻهو جپان وڃڻ جي خواهش رکي ٿو. اڄ ڪلهه هوائي جهازن، پاڻيءَ جي مسافر جهازن ۽ فيرين جي ڪري، جپان جهڙي هڪ ٻيٽ تي پهچڻ آسان ٿي پيو آهي. اسان جي نندي ڪنڌ، اسانجي ملڪ، ويندي اسان جي صوبي جا سنڌي مسلمان، جيڪي سفر جي معاملي ۾ ماضيءَ ۾ سست سڏيا ويا ٿي، اهي به جپان ۾ نظر اچن ٿا. سنڌي هندو ته ڪافي نظر اچن ٿا. خاص ڪري ڪوبي ۽ يوڪوهاما جهڙن شهرن ۾ هنن جا دڪان به آهن. مون کان پڙهندڙ اڪثر پڇندا آهن ته جپان ۾ به اسان جا سنڌي، پنجابي يا پناڻ صدين کان رهندا هوندا؟! پر جپان ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. اسان جا سنڌي هندو ته ڇا، پر سڄي نندي ڪنڌ مان ڪي تامل يا بنگالي به جپان ۾ پراڻي دؤر کان رهيل نه هئا، جيئن هو ٻين ملڪن ۾ هئا. ان معاملي ۾ اسان جا سنڌي هندو واپاري انڊونيشيا، چين يا ٻئي پاسي عرب ملڪن ۽ وچ ايشيا ۾ صدين کان واپار جي سلسلي ۾ ضرور ايندا ويندا پئي رهيا. ٻيو نه ته اهو ته ڇئي سگهجي ٿو ته انڊونيشيا جي ٻيٽن تي ته هو گهٽ ۾ گهٽ ٽن چئن صدين کان آباد هئا، تڏهن ته هنن جي واپار، ڌنڌن ۽ خوشحاليءَ ڪي ڏسي شاهه لطيف چيو ته، ”جيڪي جاوا ويا سي ساوا ٿي آيا“. هو ان کان به گهڻو گهڻو اڳ عدن، بصري، بخارا، مصر ۽ وچ ايشيا جي ڏورانهن ملڪن ۾ وڃي نڪتا هئا، جو اوڏانهن وڃڻ لاءِ خشڪيءَ جو آسان سفر ڪرڻو پئي پيو. سامونڊي مضبوط جهاز پوءِ پيدا ٿيا ۽ انجڻ تي هلڻ وارا آگبوٽ ته اڃان به گهڻو گهڻو پوءِ! ٻڌ ڌرم به انڊيا کان ملايا، فلپين واري روٽ کان چين نه پهتو پر وچ ايشيا جي ملڪن کان سِلڪ رُوٽ ذريعي چين پهتو.

جيستائين جپان جو سوال آهي ته اهو هڪ گمنام ۽ ڌارين جي دلچسپيءَ کان خالي ملڪ يا ٻيٽن جو جهڳٽو رهندو آيو. اهو ته اڄ اسان جپان مان مرعوب آهيون، نه ته آڳاٽي زماني ۾ جپان پئسي دولت يا تهذيب تمدن ۾ اهڙو ڪو نه هو يا گهٽ ۾ گهٽ دنيا ڪانئس واقف نه هئي، جو جپان مان متاثر ٿئي. چين جي تهذيب مشهور هئي. ايتري قدر جو جپانين پنهنجي لکڻي ۽ ڪيترين رسمون رواج چين مان ڪاپي ڪيا. جپان ”نانيءَ ڪُنڙو“ ڪري پنهنجي ليڪي اندر ئي قيد ٿيو وينو هو. هن نه ڪنهن ڌارئي کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ پئي چيو ۽ نه پاڻ ان ليڪي مان ٻاهر پئي نڪتو. توهان آڳاٽي زماني ۾ جتي ڪٿي- عرب ملڪن توڙي ايشيا ۽ آفريڪا جي بندرگاهن ۾، چيني ٻيڙن جي ڳالهه ته پڙهندؤ پر جپانين جي ڪجهه به نه! جپانين وٽ هونءَ به شروع کان نه ٻوڪ لاءِ ڏرتي رهي آهي ۽ نه اتي جي جبلن اندر ڏاتو. وڌ ۾ وڌ سادا ڇانور پوکي هڪ پاڻيءَ پسيو يت رڏي گذر ڪيو وينا هئا. ڍڳين، ٻڪرين، رڍن وغيره جو نالو نشان نه هو. سنڌن سڄو زور چوڌاري پکڙيل سمنڊ مان سامونڊي ساهوارا جهلي کائڻ هو ۽ انهن ۾ نه رڳو مڇي، گانگٽ، ڪيڪڙا هئا، پر هر قسم جي شيءِ جيڪا چار ۾ ڦاٿي ٿي اها کاڌائون ٿي. طوفاني موسم ۽ خراب سمنڊ ڪري سنڌن پئي ٻيڙيون ٻڏيون،

پئي ماڻهو مئا. پر پوءِ بہ سندن رخ سمنڊ ڏي هو جو ڪاڏو ڪٿان آڻين؟ سمنڊ ڏي نہ پئي نِڪتا تہ ٻچا پئي بک مئن.

ڏاريا ماڻهو ويندي اسان جا سنڌي هندو. جيڪي جتي ڪٿي پهچي پئي ويا ۽ سنڌ جون ٿهيل شيون ڪٽي ڏارين ملڪن ۾ وڪٽي پئسو ڪمائي پنهنجي وطن ۾ خوشحاليءَ جي زندگي پئي گذاريائون. انهن بہ جپان ڏي وڃڻ ۾ دلچسپي نہ ٿي ورتي. آخر وجن بہ ڇو؟ جپان وارن ڏارين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي قدم رکڻ کان دلشڪستو ٿي ڪيو. جيڪا ڳالهہ ڪٽي ٻين بہ ڪيترن ملڪن ۾ هئي، پر ان هوندي بہ انهن ملڪن ۾، خوار خراب ٿي بہ، اسان جا سوداگر اتي پهچي پئي ويا. جو اهي خوشحال ملڪ هئا ۽ اسان جي واپارين خوب ناڻو پئي ڪمايو ۽ ڏارين ملڪن جي ماڻهن اسان جي سوداگرن کان خوب شيون خريد پئي ڪيون. ان مقابلي ۾ جپان ڪنگلو ملڪ هو جتي جا ماڻهو بہ ويلا حاصل ڪرڻ لاءِ بہ سخت پريشان هئا. اتي اسان جا ماڻهو ڪهڙي شيءِ وڪرو ڪري سگهيا ٿي؟

اسان جي ننيدي ڪنڊ جا ماڻهو خاص ڪري سنڌي، جپان ۾ ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ وڃڻ شروع ٿيا. جڏهن آمريڪي فوجي جپان ۾ اچي رهي پيا ۽ انهن جي خريداريءَ لاءِ دڪان ۽ ڪاروباري ڪوٺيون کولڻ لاءِ اسانجا سنڌي واپاري پهرين هانگ ڪانگ ۽ جاوا سماترا کان اوڪيناوا ۽ ٻين هنڌن تي آيا. جتي آمريڪن بيس هئا ۽ پوءِ سڌو سنئون شڪارپور، خدا آباد، حيدرآباد، ڪوٽڙيءَ کان پهتا ۽ پوءِ جيئن ئي ڏهن ويهن سالن بعد آمريڪين لڏو پٽيو تہ اسانجي ايشين دڪاندارن بہ جپان ڇڏي انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ رهڻ اختيار ڪيو. پر ڪجهہ واپاري جپان ۾ رهي پيا، جو 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جپاني سلڪ مشهور ٿيڻ لڳي، جنهن جي دنيا ۾ کپت وڌي رهي هئي. اسان جي ماڻهن اهو ئي سوچيو تہ هونءَ تہ جپاني ڪتل ۽ ڪنجوس آهن ۽ ڪا شيءِ خريد ڪري پئسو خرچ ڪرڻ کان ونءُ وڃن ٿا، پر اهو آهي تہ اسان سندن سلڪ جو اوچو ڪپڙو خريد ڪري ڏارين ملڪن ۾ مهانگو وڪٽي پئسو ڪمائي سگهون ٿا. هندو سنڌين جا دنيا جي ڏورانهن ملڪن برمودا، ترينيداڊ، جبرالٽر ۽ يورپ ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ واسطا هئا، جتي پنهنجي جاتيءَ ۽ زبان جي سوداگرن کي اهو ڪپڙو ۽ بعد ۾ ٻيون بہ جپاني شيون موڪلي پئسو ڪمايائون. ان هوندي بہ آئون ڏسان پيو تہ سنڌي هندو واپاري جيترو ٻين ملڪن ۾ وڌي رهيو آهي، اوترو جپان ۾ هرگز نہ! 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ جپان ۾ جن پوڙهن پوڙهن سنڌين سان آئون ملندو هوس، انهن جي وفات بعد سندن اولاد انگلينڊ يا آمريڪا روانو ٿي ويو ۽ ان اولاد جو اولاد تہ هاڻ هتي جپان توڙي ولايت جي ملڪن ۾، ڏسان ٿو تہ، پنهنجي شناخت ئي مٽائي چُڪو آهي. پٽن پوٽن تہ وري بہ جهڙي تهڙي سنڌي ڳالهائي پئي، پر انهن جي اولاد يعني پڙ پوٽن تڙ پوٽن مان تہ ڪيترن کي اها بہ خبر ناهي تہ سندن وڏا سئو ڏيڍ سئو سال اڳ سنڌ جي ڪهڙن شهرن مان جپان، اسپين، پورچوگال، لاس پاماس، ڪيپ وردي يا بهاما کان اچي نڪتا؟ انهن جون مائرون تہ ڇا ڏاڏيون نانيون چيني، فلپيني، اسپيني، فرينچ، انگريز موراڪن ۽ ٻين ملڪن جون هجڻ ڪري، هاڻ انهن جون ۽ مڪاني ٻوليون ڳالهائين ٿيون.

سو اهڙي منظرنامي ۾ جڏهن ڪو اسانجو اديب مون سان پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندو آهي تہ هو جپان، هانگ ڪانگ، جبرالٽر، سوٽا يا لاس پاماس جهڙين بندرگاهن ۾ رهندڙ سنڌين سان خبر چار ڪرڻ ٿو چاهي تہ مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ هن کي ڪنهن سان ملائجي؟

اهو بہ 1960ع جو ڏهاڪو هو جڏهن بيروت، ممباسا، زئنزبار، ڪولمبو سورباِئي جهڙن بندرگاهن ۾ ڪي پوڙها (يا اهي جوان سنڌي جيڪي ورهاڱي وقت لڏي آيا ۽ ڪين اچان چند سال ٿيا هئا) اسان سان سنڌي ڳالهائيندا هئا ۽ سنڌ جي سک ۾ اتي جون خبرون پڇندا هئا. ان وقت بہ اهي سنڌي جيڪي ٻي جنگ عظيم کان بہ گهٽو گهٽو اڳ واپار جي سلسلي ۾ ولايت جي شهرن ۾ آيا (يعني اوڻهين صديءَ جي آخري يا ويهين صديءَ جي شروعات وارن سالن ۾) انهن جو اسان جيڏو اولاد جيڪو ان وقت ئي يعني 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ئي (جڏهن مون جهازن تي سفر شروع ڪيو) مڪاني ڪلچر ۽ ثقافت ۾ رنگيل نظر آيو جن لاءِ لاس پاماس واري سفر ۾ لکيو هوم تہ اتي رهندڙ پوڙهن تہ سنڌي ڳالهائي، پٽي پر اسان جي عمر جي جوانن اسان جي سنڌي ٿوري گهڻي سمجهي پئي، پر جواب اسپينش ۾ يا ٽٽل ڦٽل انگريزيءَ ۾ پئي ڏنو.

هاڻ جڏهن ورهاڱي کي 70 سالن کان مٿي ٿي ويا آهن تہ اهي سنڌي جيڪي ورهاڱي بعد بارسلونا، روم، بيروت، سُوٽا، مئڊرڊ وغيره اچي رهيا، انهن جا پوٽا ڏوهٽا اڄ ڪٿي ٿا سنڌي ڳالهائين؟ هنن جو بہ ڏوهہ ڪونهي. اوڙي پاڙي جي ٻارن کان توڙي اسڪول جي ٻارن کان ۽ ٽي ويءَ تي مڪاني ٻولي فرينچ، پورچوگالي، اسپينش، عربي ٻڌي ٻڌي اهائي ڳالهائين ٿا. وڌ ۾ وڌ انگريزي سکڻ ضروري ٿا سمجهن، جو بين الاقوامي زبان آهي، جنهن بنا ڌارين ملڪ ۾ ڪم نٿو هلي. يورپ، آمريڪا يا جپان ۽ چين ۾ رهندڙ سنڌين کي ڇڏيو ويندي اهي سنڌي جيڪي انڊيا ۾ رهن ٿا.... ويندي اديبن شاعرن جا پوٽا ڏوهٽا، ڏسان ٿو تہ هو مرهٽي، گجراتي، تامل، مليالم ڳالهائين ٿا. دادا جشن تقريبن هر وڏي ننڍي گڏجاڻيءَ ۾ اها تلقين ڪندي وفات ڪري ويو تہ. بابا! پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻوليءَ کي نہ وساريو. ٻيو نہ تہ گهر ۾ تہ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو..... اسان وٽ تہ سنڌ ۾ وري بہ سنڌي هڪ ٻئي سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ٿا. پر پوني ۾ هڪ سنڌين جي گڏجاڻيءَ ۾ هفتو کن رهيس، سڀ هنديءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. ويندي اهي اديب ۽ شاعر بہ، جن جو اسان وٽ وڏو نالو آهي. اهو ئي حال ممبئيءَ ۾ ڏٺم. جتي سواءِ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ ۽ هڪ ٻن ٻين ڪٽنبن جي سڀ هنديءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

**هندستاني ٻائي جي جپان آمد**

جپان ۾ ننڍي کنڊ جا جيڪي ماڻهو نمايان طور نظر اچن ٿا، انهن ۾ سنڌي، بنگالي، تامل، پنجابي ۽ ڪيرالا جا ئي آهن. جيڪي سمجهو تہ گذريل 130 سالن ۾ وڏي 23 هزار کن ٿيا آهن ۽ اهي مختلف ڌنڌن ۽ پورهين سان واسطو رکن ٿا. جائداد ۽ اليڪٽرونڪ جي ڪم کان وٺي، سيڪنڊ هئنڊ ڪارن ۽ ڪپڙي جي ڪاروبار ۽ درس ۽ تدريس ۾ آهن. اهي سڀ ماڻهو ڏنو وڃي تہ ويجهي ماضيءَ ۾ آيا آهن. جيئن چين ۾ ابنِ بطوطا يا مارڪو پولو جهڙي سياح جو ٻڌجي ٿو ائين

ڪنهن ننڍي ڪنڊ جي ماڻهوءَ جو نٿو ٻڌجي ته هو ٽي صديون يا چار صديون اڳ جپان مان گهمي ويو يا اتي رهي پيو. پر توهان ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل، يعني ڪنهن تاريخ يا ٻڌ ڌرم جي عالم کان ان بابت پڇندؤ ته هو هڪ انڊين شخص جو ضرور ٻڌائيندو ته 736ع ۾ ننڍي ڪنڊ جو ”ٻوڌي سينا“ نالي هڪ ٻڌ اسڪالر جپان ۾ آيو هو. ٻوڌي سينا ان وقت جي جپاني شهنشاهه شومُو (Shomu) جي دعوت تي جپان ۾ ٻڌ ڌرم بابت پرچار ڪرڻ ۽ سنسڪرت سيکارڻ لاءِ آيو هو. ٻوڌي سينا تامل نادو جي هڪ وڏي شهر ماڌوراءِ ۾ 704ع ۾ ڄائو هو. هي شهر واءِ گاءِ درياهه (جيڪو مدراس پاسي خليج بنگال ۾ چوڙ ڪري ٿو) جي ڪناري تي آهي. هن درياهه واءِ گاءِ (Vaigai) جون به دلچسپ ڳالهيون آهن، جيڪي پاڻ انڊيا واري سفر ۾ ٿي تفصيل سان ڪنداسين. جپاني ڪلچر ۽ ادب ۾ هن انڊين ٻوڌي ڀائي ٻوڌي سينا بابت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون آهن. چون ٿا ته ٻوڌي سينا جي اچڻ کان اڳ نارا ۾ موجود فوشومي پهاڙين تي هڪ بزرگ شخص رهيو ٿي، جنهن ڪنهن سان به نه ٿي ڳالهايو. ماڻهن هن کي گونگو ٿي سمجهيو. پوءِ جڏهن هن ٻوڌي سينا کي ڏٺو ته يڪدم وات کوليائين ۽ چيائين: ”اهو وقت هاڻ اچي ويو“.... ۽ پوءِ هو خوشيءَ وچان نچڻ لڳو. ”ٻوڌي سينا“ نارا علائقي جي ”هيئي جوڪيو“ شهر ۾ رهيو. انهن ڏينهن ۾ نارا سلطنت جو 710ع کان 784ع تائين گاديءَ جو شهر رهيو. جيڪو ان وقت جي 43 هين راڻي جين ميئي (Genmei) جي حڪم سان قائم ٿيو هو. جين ميئي 715ع تائين حڪومت ڪئي، ان بعد 724ع تائين هن جي ڌيءَ راڻي گينشوءَ (Gensho) 44 هين تخت نشين جي حيثيت ۾ حڪومت ڪئي. ان بعد جپان جي تختِ گل داؤدي (Chrysanthemum) تي جپان جو 45 هون حاڪم شهنشاهه شومو (Shomu) ويٺو. هن جي ڏينهن ۾ بلڪ هن جي گهرائڻ تي 736ع ۾ ٻوڌي سينا جپان ۾ آيو. شهنشاهه شوموءَ 55 سالن جي ڄمار ۾ سن 756ع ۾ وفات ڪئي، پر هن ان کان اڳ 749ع ۾ حڪومت جون واڳون پنهنجي ڌيءَ شهزادي ڪوڪين (Koken) حوالي ڪري ڇڏيون. جيڪا جپان جي 46 هين تخت ڌياڻي ٿي.

شهنشاهه شومو جي وفات کان چار سال پوءِ 760ع ۾ ٻوڌي سينا گذاري ويو ۽ کيس نارا شهر جي پرسان Ryoujusen جبل تي دفن ڪيو ويو. ٻوڌي سينا جپان ۾ 24 سال رهيو. هن جي ڌرمي خدمتن ۽ سنسڪرت ٻولي سيکارڻ جي خدمتن جو جپاني به اعتراف ڪن ٿا. چيو وڃي ٿو ته جپاني مشهور ڌرمي عالم ڪوڪائي (ڄم 774ع وفات 835ع) ٻڌ ڌرم جي تعليم سنسڪرت ذريعي حاصل ڪئي. چين ۾ جيڪو ٻڌ ڌرم جو ”هئايان“ نالي مڪتب فڪر قائم هو. ان جو ٻوڌي سينا جپان ۾ ڪيگان (Kegon) نالي بنياد رکيو. ٻوڌي سينا ڀائي جي جپان ۾ اچڻ ۽ هن جي خدمتن جو احوال شوڪو نهان گي (Shoku Nihongi) ڪتاب ۾ آهي جيڪو جپاني تاريخ جو آفيشل رڪارڊ آهي. جيڪو 797ع ۾ مڪمل ڪيو ويو هو. هن ۾ ٻوڌي سينا جو نالو ”بودائي سين نا“ (Bodai Senna) ڏنو ويو آهي.

هن تاريخي ڪتاب مطابق جپان ۾ ٻڌ ڌرم سرڪاري طرح 552ع کان ڪوريا جي سلطنت بائيڪجي (Baekje) کان ايندڙ ٻاون ذريعن قائم ٿي چڪو هو. جنهن کي ٻوڌي سينا تفصيل سان سڌاريو ۽ سنواريو ۽ ان پيٽرن کي ٻڌ ڌرم جو ”ڪيگان ٻڌ“ مڪتبِ فڪر سڏجي ٿو.

ٻڌ ڌرم جو باني سڌارٿ گوتم جيڪو 480 ق م ڌاري ڪوسالا ۾ ڄائو (جيڪو ان وقت تہ انڊيا جو حصو هو، هاڻ اهو علائقو نيپال ۾ اچي ٿو). ٻڌ ڌرم جي پرچار، گوتم ٻڌ زندگيءَ جا باقي 45 سال گنگا نديءَ ۽ ان جي شاخن تي ٺهيل شهرن، ڳوٺن ۾ ڪندو رهيو. هن پنهنجا پوئلڳ، ٻڌ ڌرم پکيڙڻ لاءِ ان وقت جي انڊيا جي ڏورانهن شهرن ڏي موڪليا. هن جي وفات (400 ق م) تائين هن جا هزارين پوئلڳ ٿي چڪا هئا. سندس مرڻ بعد 400 سالن اندر ٻڌ ڌرم انڊيا جي ڪيترن ئي پروارن ملڪن تائين ڪجھ تبديلين ۽ مختلف نالن سان قائم ٿي ويو. جيئن نيڪايا ٻڌ ڌرم، جنهن جي هڪ شاخ ٿيرا وادا اڄ بہ قائم آهي. ان کان علاوہ هن ڌرم ڪتي مهايانا جو روپ اختيار ڪيو تہ ڪٿي وجريانا جو. ڏٺو وڃي تہ گوتم ٻڌ جو جنم حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان بہ چار پنج سئو سال اڳ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ انڊيا ۾ هندو ۽ جين ڌرم هئا. جين ڌرم، ٻڌ ڌرم کان بہ چار پنج سئو سال اڳ قائم ٿيو. دراصل ٻڌ ڌرم صحيح معنيٰ ۾ موريا سلطنت جي بادشاھ اشوڪا جي ڏينهن ۾ زور ورتو. (اشوڪا 273 ق م ۾ جنم ورتو ۽ 232 ق م ۾ وفات ڪئي). موريا سلطنت اسان جي ننڍي کنڊ جي هڪ بيحد اهم سلطنت چئي سگهجي ٿي، جيڪا سڀ کان وڏي علائقي تي رهي. خبر ناهي اڄ ڪلھ اسڪولن ۾ موريا سلطنت بابت پڙهائين ٿا يا نہ. پر اسان انڊوپاڪ جي تاريخ ۾ ستين ڪلاس يا ان کان هڪ ڪلاس هيٺ ۾ پڙهي هئيسين، چو جو مون کي ياد آهي تہ موريا سلطنت جي حاڪمن جا نالا ۽ انهن جا سن مون پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ ياد ڪيا ۽ هالا ۾ آئون ستين ڪلاس تائين پڙهيس. گهڻو گهڻو پوءِ جڏهن آئون سامونڊي نوڪري ڪري رهيو هوس تہ مون ٻڌو تہ ”موريا گهراڻي/ سلطنت“ جو باب تاريخ مان ڪڍيو ويو آهي، جو ان ۾ هندن جي تعريف پئي ٿي. تاريخ جي شروعات محمد بن قاسم کان ڪئي وئي آهي. اميد تہ اها غلط ڳالھ هوندي. تاريخ تاريخ آهي ۽ ماضيءَ جي ڳالهين کان اسان کي واقفيت هجڻ کپي ۽ انهن مان سبق حاصل ڪرڻ کپي. ٻي ڳالھ تہ موريا سلطنت اسلام تہ ڇا پر عيسائيت کان بہ اڳ ۾ رهي. مزي جي ڳالھ اها تہ نہ ان جو باني چندر گپت هندو هو ۽ نہ آخري ۽ سڀ کان طاقتور حاڪم اشوڪا هندو هو. چندر گپت جو واسطو جين ڌرم سان هو. اشوڪا پاڻ بہ گوتم ٻڌ جو پوئلڳ ٿيو ۽ عوام کي بہ ٻڌ ڌرم ۾ داخل ٿيڻ جي پرچار ڪيائين. اشوڪا ٻوڌي ڀاون جو جماعتون ٻڌ ڌرم کي پکيڙڻ لاءِ هڪ طرف سريلنڪا، سيام، ڪمبوڊيا، برما پاسي موڪليون تہ ٻئي پاسي ايران افغانستان، اتر آفريڪا ۽ ميڊيٽرينين سمنڊ جي ڪناري وارن يورپي ملڪن ڏي موڪليون.

موريا سلطنت (322 ق م کان 180 ق م) اٽڪل ڏيڍ سئو سال رهي، جنهن مان چندر گپت 24 سال (321 ق م کان 297 ق م تائين) بادشاھ رهيو. چندر گپت جي حڪومت کان ڪجھ سال اڳ سڪندر اعظم ايران ۽ اتر اولھ انڊيا جي وڏي حصي تي چڙهائي ڪئي، پر پوءِ بيماريءَ ۽ لشڪر ۾ ڦوٽ پوڻ سبب 326 ق م ۾ پويان پير ڪيائين. سڪندراعظم جي اچڻ کان اڳ هي علائقو دارا کان ورتل (يعني 550 ق م کان) سڪندر جي سوڀ (330 ق م تائين) هخامنشي سلطنت (achaemenid Emp) جي حوالي هو. سڪندراعظم پاڻ تہ ايران (پرشيا) فتح ڪري هليو ويو، پنيان ايران تي حڪومت لاءِ پنهنجن يوناني سپاهين کي مقرر ڪري ويو. سلوقي سلطنت ۽ موريا سلطنت جي وچ

۾ لڳل مشهور لڙائيءَ ۾ چندر گپت جي سوڀ ٿي. اهڙيءَ طرح موريا سلطنت اڄ واري بنگلاديش کان افغانستان تائين وڌي وئي. جنهن ۾ اسان جي سنڌ واري علائقي کان ننڍي کنڊ جو وڏو حصو اچي پئي ويو. اڳتي هلي سندس پوٽي اشوڪا جي حڪومت ۾ ته موريا سلطنت ايڏي وڌي وئي، جو ان جو مثال اڄ تائين انڊيا جي تاريخ ۾ نه ٿو ملي. اشوڪا کي ”اعظم“ ۽ انگريزيءَ ۾ “Ashoka the Great” به سڏجي ٿو. هن 268 ق م کان 232 ق م تائين 36 سال حڪومت ڪئي. اشوڪا جي ڏينهن ۾ موريا سلطنت ۾ تامل ناڊو، ڪرناٽڪ ۽ ڪيرالا سميت سڄو ننڍو کنڊ اچي پئي ويو. اشوڪا ٻڌ ڌرم کي پکيڙڻ جا وڏا جتن ڪيا ۽ ٻڌ ڌرم کي سريلنڪا کان وٺي ايشيا جي ملڪن تائين مشهور ڪيو. هن گوتم ٻڌ جي ياد ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي گوتم جا مجسما ۽ سندس قولن سان لکيل ٿنڀا لڳرايا.

آخر ۾ ڪجهه سٽون جپان جي بادشاهه شهنشاهه شومو تي جنهن انڊين ٻوڌي ڀائي ”ٻوڌي سينا“ کي جپان ۾ گهرايو ۽ ڪجهه ”جپاني ،شهنشاهي سسٽم“ تي لکندو هلان.

جپان جو شهنشاهي سسٽم دنيا جي آڳاٽن راڄن مان آهي، جيڪو برطانيا جي بادشاهت وانگر موروثي سمجهيو وڃي ٿو. ائين ته ايران ۾ به سائرس ۽ دارا کان شهنشاهه ايران تائين هر بادشاهه جو رڪارڊ موجود آهي، پر اتي ڪڏهن مڪاني بادشاهن پئي حڪومت ڪئي، ته ڪڏهن عربن ۽ يونانين، پر جپان ۾ پهرين بادشاهه بعد ۾ سندس پٽ يا ڌيءَ تختِ گل دائوديءَ تي وهندا رهيا ۽ هاڻوڪو موجوده بادشاهه اڪيهتو ان سلسلي جي 125 هين ڪڙي آهي. شهنشاهه جيمو (Jimmu) جپان جو پهريون بادشاهه هو جنهن 660 ق م کان585 ق م تائين حڪومت ڪئي. سڪندراعظم ايران ۽ ننڍي کنڊ تي 330 ق م ڌاري فتح حاصل ڪئي، يعني سڪندراعظم جي شهنشاهه ٿيڻ کان 310 سال اڳ پهريون جپاني شهنشاهه جپان جي تختِ گلِ دائوديءَ (Chrysanthemum throne) تي ويٺو هو جنهن لاءِ جپانين جي اعتقاد موجب چيو وڃي ٿو ته شهنشاهه جيمو جپانين جي سج جي ديوي اماتيراسُو ۽ طوفانن جي ديوتا سُوسانو جي پوٽي نينيگي (Ninigi) جو اولاد آهي. شهنشاهه جيموءَ جي تخت تي وهڻ وارو ڏينهن جپان ۾ نئشنل فائونڊيشن ڊي طور 11 فيبروريءَ تي ملهايو وڃي ٿو. جيئن برطانيا جي راڻي ايلزبيٿ جي تخت کي ”تختِ انگلينڊ“ سڏيو وڃي ٿو، ڪوريا جي بادشاهن جي تخت کي “Phoenix Throne” يعني ”تخت ققنوس“ (هنديءَ ۾ ”تخت اڇميا“ ۽ فارسيءَ ۾ ”تخت عرش العنقا“) سڏيو وڃي ٿو. مغلن جي تخت کي “Peacock Throne” (تختِ طائوس) ۽ پرشن (ايراني) سلطنت جي تخت کي “Sun Throne” يعني ”تختِ خورشيد“ سڏيو وڃي ٿو تيئن جپاني شهنشاهن جي تخت جي نالي گل دائوديءَ جي انگريزي ”ڪرسن تيمم“ آهي. ملئي ۾ ان گل کي ”ڪيڪوا“ سڏين ٿا. ٻي جنگ عظيم دوران جپانين ملايا (ملائيشيا) تي چار سال حڪومت ڪئي، ان ڪري ملائيشيا جا ماڻهو جپان جي سلطنت جي ڳالهه ڪرڻ دوران ”تختِ بنگا ڪيڪوا“ جي ڳالهه ڪندا آهن. ملئي ٻوليءَ ۾ ”بُنگا“ معنيٰ ”گل“.

جپان جو شهنشاهه شومو (جنهن ٻوڌي سينا کي انڊيا مان گهرايو ته جپان ۾ اچي ٻڌ ڌرم تي واعظ ڪري ۽ ماڻهن کي سنسڪرت جي ڄاڻ ڏئي) جپان جو 45 هون شهنشاهه هو جنهن 724ع کان 749ع تائين حڪومت ڪئي. ان بعد سندس ڌيءَ ابي (Abe) ٻه دفعا تخت تي ويٺي. پهرين دفعي راڻي ڪوڪين جي نالي سان 749ع کان 758ع تائين ڇاهيتاليهين نمبر تي ۽ ٻيو دفعو سنتاليهين نمبر "شهنشاهه جونين" بعد انيتاليهين نمبر تي راڻي شوتوڪُو (Shotoku) جي نالي سان 764ع کان 770ع تائين. هتي اهو به لکندو هلان ته جپاني بادشاهن ۽ راڻين جا اصل نالا هڪڙا ٿين ٿا ۽ تخت تي وهڻ تي هو ٻين نالن سان سڏرائين ٿا. جيئن ابي (Abe) پاڻ کي هڪ دفعو راڻي ڪوڪين سڏرايو ۽ ٻئي دفعي راڻي شوتوڪو.

جپان جي هيءَ راڻي معاشقن يا دل پشوريءَ جي ڪري به تاريخ ۾ مشهور آهي. هونءَ ته جپاني بادشاهه ۽ راڻيون آسماني مخلوق سمجهيا وڃن ٿا. جو هو جپاني ديوين ۽ ديوتائن جو اولاد تصور ڪيا وڃن ٿا. ايتري قدر جو ٻي جنگِ عظيم جي ڏينهن ۾ به شهنشاهه هيرو هتو جڏهن عوام کي پنهنجو ديدار ڪرائيندو هو ته ماڻهو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندا هئا. اهو ئي حال هر بادشاهه ۽ راڻيءَ جي دور ۾ رهيو. هنن عوام کي پنهنجي برابر نٿي سمجهيو. شاديون به شاهي خاندان مان ڪيائون. ڪنهن بادشاهه مڙيئي عوام مان ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي به ته اها ڇوڪري ڇاهي اعليٰ رتبي واري ۽ حسن جمال واري هجي، پر هن کي شاهي خاندان جي حيثيت کان نيچ سمجهي، رهائش لاءِ به محلات کان الڳ بندوبست ڪيو ويو. اهڙي تناظر ۾ راڻي ڪوڪين جو ٻوڪيو نالي هڪ ٻائي سان عشق ٿي پيو. عشق به اهڙو جو راڻي ڪوڪين هن کي 764ع ۾ اعليٰ وزير (گرانڊ منسٽر) جي عهدي تي رکيو ۽ سال ڏيڍ کان پوءِ ترقي ڏئي 766ع ۾ هن کي هوئو (Hoo) يعني شهزادو ٻائو بڻايو ويو. هي ٻائو هر وقت راڻي صاحبه سان گڏ رهيو ۽ هن عوام جي غصي ۽ غم جي به پرواهه نه پئي ڪئي. 770ع ۾ هُنَ پنهنجو پاڻ کي بادشاهه سڏرائي تخت تي زوريءَ وهڻ جون رٿائون پئي رٿيون، ته راڻي صاحبا گذاري ويئي. ان بعد درٻارين ۽ اعليٰ عهديدارن ٻوڪيو ٻائي صاحب جي دماغ مان عشق جو ڀوت ڪڍي ڇڏيو ۽ نه فقط ڪيس نارا شهر مان نيڪالي ڏئي ڇڏي پر ڳاديءَ جو شهر به شفٽ ڪري ڇڏيو.

ٻائي ٻوڪيو جي جپان جي راڻي ڪوڪين سان هن ريت ملاقات ٿي جو 761ع ۾ هوءَ بيمار ٿي پئي، جنهن جو هن ٻائي ڪجهه جڙين ٻوٽين ۽ ڪجهه ڦيڻن ٽوڻن سان علاج ڪيو. بس پوءِ ائين ئي قصو ٿيو جيئن روس جي راڻي زرينا (اليگزينڊريا) جو اتي جي پاڳل ٻائي گريگوري راسپوٽين سان ٿيو هو. اهو معاشقو ايڏو وڏي ويو جو راسپوٽين راڻيءَ جي محل ۾ سمهڻ لڳو. ملڪ جي اعليٰ عملدارن ۽ ڪورٽ جي درٻارين کي اها ڳالهه نه وڻي. هڪ ڏينهن هنن گڏجي راسپوٽين کي قتل ڪري ڇڏيو.

اهڙا مثال تاريخ ۾ ڪيترائي ملن ٿا. راڻي ڪلوپيٽرا جي معاشقن کان وٺي سنڌ جي آخري ٻوڌي حاڪم راءِ سهاسيءَ جي زال راڻي سهنديءَ تائين، جنهن درٻار جي هڪ ڪشميري هندو ڪلارڪ سان اهڙا ته جنسي تعلقات رکيا جو مڙس کي راهه تان هٽائڻ لاءِ هن چچ سان گڏجي هن

جو قتل ڪيو ۽ سندس پائرن ۽ ويجهن مائٽن کي ماريو يا جيل حوالي ڪيو. ان بعد ڇَڇُ سرڪاري طرح راڻي سُهنديءَ سان شادي ڪري سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ برهمڻ گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو. اهڙن شاهي عشقن ۽ جنسي تعلقاتن مان دنيا جي مهاراڻي وڪٽوريا پڻ هڪ آهي، جنهن جو عشق هڪ هندوستاني بٽري عبدالڪريم سان ٿي پيو هو. جنهن کان اڳ هوءَ پنهنجي انگريز بٽلر سان Native بہ ٺهيل رهي.

**جيڪي ويا جاوا ۽ جپان.....**

تازو هڪ نوجوان سرڪاري ڪاموري سان ملاقات ٿي. هو پنهنجي اداري طرفان ٽي چار مهينا، ڪنهن ڪورس جي سلسلي ۾ جپان ۾ رهي آيو هو. هن جي اتي ڪنهن هڪ ٻن سنڌي هندن سان ملاقات ٿي، جن کان اهو معلوم ڪري حيرت ٿيس تہ جپان ۾ وڏي عرصي کان ڪيترائي سنڌي واپاري رهن ٿا.

هن مون کي فون ڪري ٻڌايو تہ هو هنن بابت لکڻ چاهي ٿو سو ان سلسلي ۾ هو مون کان پڇڻ لڳو تہ اهي ڪهڙن شهرن ۾ رهن ٿا ۽ هنن جون رسمون رواج ڇا آهن. هنن جون شاديون مراديون پنهنجن ۾ ٿين ٿيون يا ڌارين ۾؟!.... وغيره وغيره.

مون کيس سمجهايو تہ آئون تہ هڪ مسافر ماڻهو رهيو آهيان ۽ منهنجو واسطو پنهنجي ڪم، يعني جهاز هلائڻ سان رهيو آهي. ان دوران ڪنهن بندرگاهہ ۾ گهمڻ ڦرڻ دوران ڪنهن سنڌيءَ يا ڪنهن ٻئي سان ملاقات ٿي آهي يا ڪا اهڙي نئين شيءِ ڏٺي آهي تہ ان بابت ان وقت لکيو آهي ۽ اها لکڻي توڙي مشاهدا متاچري سطح وارا رهيا آهن. مون ڪو ريسرچ ورڪ نہ ڪيو آهي. مون کي ڪنهن ڳالهہ مزو ڏنو آهي يا متاثر ڪيو آهي تہ سمنڊ تي جهاز هلڻ مهل خاص ڪري ڊگهن سفرن تي، وقت پاس ڪرڻ لاءِ اهي ڳالهيون پڙهندڙن لاءِ لکيون آهن. جيئن ڏٺيون ٻڌيون يا محسوس ڪيم. اها بہ تڪليف ونئي مون لکيو آهي نہ تہ منهنجي ٻين ساٿين اهڙيون ڳالهيون لکڻ تي ڌيان نہ ڏنو. هنن لاءِ ۽ مون لاءِ اهم ڳالهہ جهاز هلائڻ رهندو هو. جهاز جون مشينون ٺيڪ رکڻ ۽ خراب ٿيڻ تي انهن جي مرمت ڪرڻي هئي، جنهن جو علم ڪتابن، شپ ياردن (جهازن جي مرمت جي ڪارخانن) ۽ تجربي مان سکندا رهياسين. جهاز جي ڪم مان واندو ٿيڻ تي نندون ڪيون سين يا پنهنجي پسند جي وندر جا ڪم ڪيائين، جيئن پتي راند، ڪچهري، گانا ٻڌڻ وغيره. مون کي پڙهڻ لکڻ جو شوق هو سو بندرگاهہ ۾ ٿيل ڳالهين، واقعن ۽ مشاهدن کي سمنڊ تي پنهنجي حساب سان لکيو..... فقط وقت پاس ڪرڻ لاءِ. ڪن ڳالهين ۾ مونجهارو ٿيو تہ ان جي تصديق ڪري درست ڪرڻ جي بہ ضرورت نہ پئي محسوس ڪيم. صحيح ڄاڻ ۽ معلومات فقط جهاز جي انجڻ جي رکي، جو سمنڊ تي ڊيوٽيءَ دوران اڪيلي سر مشڪلن کي ۽ هر پروموشن لاءِ امتحان کي منهن ڏيڻو پيو. سو مون کي جپان جي شهر ڪوبي يا يوڪوهاما ۾ ڪو سنڌي دڪاندر مليو يا ڪا مسجد نظر آئي تہ مون ان تي ريسرچ ڪرڻ نہ چاهي ۽ نہ ان لاءِ وقت هو. جيتوڻيڪ اڄ اهو ضرور سوچي رهيو

آهيان تہ سنگاپور، هانگ ڪانگ، جپان جهڙن ملڪن ۾ فلمون ڏسڻ، پارڪن ۾ رلڻ، شاپنگ مالن ۾ ونڊو شاپنگ ڪري وقت وڃائڻ بدران ان وقت مان ڪجهہ وقت ڪڍي اهڙن جهونن ماڻهن سان ملڻ ۾ لڳايان ها. جيتوڻيڪ اهو بہ سنو جو وري بہ مون ڪجهہ وقت اهڙين شين ڪي ڏنو ۽ اخبارن ۾ ڪالم لکيا. باقي سچ اهو آهي تہ چڱيءَ طرح تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ يا تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ تہ ڪوجنا جي ضرورت آهي ۽ ڪنهن يونيورسٽيءَ جو شاگرد ان ۾ تي چار سال لڳائي پي ايچ ڊي ڪري سگهي ٿو. جيئن هڪ شاگردياڻي مامتا سچن ڪمار (جنهن جي ماءُ لڳي ٿو تہ جپاني آهي ۽ پيءُ سنڌي هندو) ڪجهہ سال اڳ سنگاپور جي نئشنل يونيورسٽيءَ جي سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ مان ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا ٿيسز لکي ان جو عنوان آهي ”جپان ۾ سنڌي واپاري“.(Trade of time: The Sindhi merchants in Japan)

هيستائين اها ٿيسز ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪي هوندي. ليڪچر ڏيڻ خاطر جڏهن منهنجو گذريل دفعي سنگاپور ۽ ملائيشيا وڃڻ ٿيو هو تہ اها 200 ڪن A4 سائيز جي پنن تي مشتمل ٿيسز جي فوٽو ڪاپي مون کي بہ ڏني وئي هئي.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻي عورت ميگها واڌوا کي سڃاڻان، جيڪا ٽوڪيو جپان جي صوفيا يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايشين، آفريڪن اينڊ مڊل ايسٽ اسٽڊيز جي پروفيسر آهي. هن جو هڪ پيپر پڙهيو هوم جنهن جو عنوان هو:

“Exploring the Working Experiences of Indian Immigrants in Japan.”

ان ۾ پڻ هن سنڌي هندو واپارين جو احوال لکيو آهي، جيڪي هانگ ڪانگ، جاوا سماترا ۽ ورهاڱي بعد سنڌ کان لڏي جپان آيا.... وغيره.

اهڙن عنوانن تي تفصيل سان لکڻ لاءِ وقت، محنت، سرڪاري طرح مدد ۽ پئسو ڏوڪڙ ٿو کپي. جيئن ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي، مالمو سئيڊن ۾ اسان ماسٽرس تي ڪئي تہ مئرين انجنيئرنگ تي پڙهڻ لاءِ لئبريرين هڪ طرف هيون تہ مختلف ملڪن ناروي ڊينمارڪ، فنلينڊ، بيلجم، جرمني ۽ هالينڊ ۾ وڃي اتي ٺهندڙ جهازن کي ڏسڻ لاءِ UNO ۽ اسان جي يونيورسٽيءَ پاڙا پيتا ۽ رهائش جا خرچ پڪا ٿي ڏنا. جيئن هر شيءِ چڱيءَ طرح ڏسي، پرکي پروڙي، معلومات حاصل ڪري پوءِ لکون. باقي اڻين مسافر جي حيثيت ۾ هر مسافر کي هر ڪا شيءِ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ نظر ايندي. دراصل ان جو ئي نالو ”سفرنامون“ آهي. مون کي حيرت ٿيندي آهي، جڏهن اسان جو نقاد مون تي چڙون ڪندو آهي تہ هيءَ شيءِ هيئن نہ پر هيئن هئڻ کپي. ڳالهہ اها آهي تہ آئون تاريخ نويس، سائنسدان يا مفتي مولوي نہ آهيان، آئون هڪ مئرين انجنيئر آهيان. هڪ مئرين انجنيئر جي حيثيت ۾ آئون مئرين انجنيئرنگ تي غلط لکان يا شاگردن کي غلط پڙهايان يا غلط جهاز هلايان تہ ان لاءِ آئون سزا جو حقدار آهيان. باقي تي ڏينهن ٽوڪيو جو سير ڪري جيڪو ڪجهہ لکندس، اهو اهڙو ئي هوندو جهڙو امداد حسيني، اياز گل يا زيب سنڌي ڏهہ ڏينهن پاڻيءَ جي جهاز ۾ سير ڪري ان جهاز جي انجڻ بابت لکندا. بنا ڪنهن شڪ جي اها لکڻي دلچسپ ضرور هوندي ۽

ان لاءِ هنن کي شاباش ڏيڻ کپي، پر اها توقع هرگز نہ ڪجي تہ ان ۾ هنن هر ٽيڪنيڪل ڳالهہ صحيح لکي هوندي.

سو مون سوال پڇندڙ کي اهائي صلاح ڏني تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ هو ان ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٽي سال وڃي رهي ۽ هڪ ئي موضوع تي پُورو ڌيان ڏري.

## آٽِئو اکا ڏين، ڪٿوري سمونڊ کي

هونءَ اها ڳالهہ واقعي حيرت واري آهي تہ چينين وانگر اسان جا سنڌي واپاري واپار خاطر پري کان پري تائين وڃي نڪتا ۽ سو بہ ان دؤر کان، جنهن دؤر ۾ اجان يورپي بہ نہ نڪتا هئا. پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ "سنڌ ورڪي" نالو تہ انگريزن جي اچڻ بعد مشهور ٿيو پر اسان جي سنڌي توڙي مدراسي ماڻهن رگ ويدن جي زماني کان ڏيساور ۾ وڻج واپار ڪيو ٿي. آڳاٽي زماني جا ڪاٺ جي تختن ۽ سڙهن وارا جهاز اهڙا نہ هئا، جو چؤماسي (Monsoon) واري موسم ۾ ڪيڏانهن ٻاهر وڃي سگهن. چؤماسي ۾ جڏهن اسان جا لوهي ۽ طاقتور جهاز بہ چيچاٽ ٽا ڪن ۽ اسان "سامونڊي تَپ" (Sea Sickness) جي حالت ۾ التيون ڪندي، عربي سمنڊ ۽ خليج بنگال ٽا لتاڙيون، اتي ان وقت جا ڪاٺ جي تختن جا جهاز چؤماسي ۾ سمنڊ جي لهرن جي سٽ سهي نہ پئي سگهيا. انهيءَ ڪري اهي هر موسم ۾ ٻاهر نہ پئي نڪتا. پوءِ جڏهن سمنڊ ماٺو ٿيندو هو تڏهن خوشيون ملهائيندا هئا. اهو خوشيءَ جو ڏينهن "ناريل پورنما" سڏجي ٿو جو انهيءَ ڏينهن تي سمنڊ ۾ ناريل، مصري، اکا وغيره وجهندا آهن. اهو ڏينهن "ناريل پورنما" اڄ بہ هندو مهاڻا (جيڪي ممبئي ۽ انڊيا جي اولهہ ڪناري (Konka Coast) تي رهن ٿا) ملهائين ٿا. اهو هندن جي پنجين مهيني سراونا ۾ ان ڏينهن ملهايو وڃي ٿو جڏهن سڄو چنڊ (چوڏهينءَ جو چنڊ) هوندو آهي. گذريل دفعي هنن ڏينهن ۾ ممبئيءَ ۾ هوس، جتي مالابارهل ۽ ڪولابا جي وچ واري سامونڊي پٽيءَ تي ڪيترائي ماڻهو ناريلن ۽ گلن جي هارن سان اچي گڏ ٿيا هئا، جيڪي هنن سمنڊ حوالي ڪيا. بقول ممبئي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر جي: "It is celeberated towards the end of monsoon and marked the beginning of calmer sea and safe sailing".

سو هي ڪم هاڻ کان نہ پر صدين کان پيو هلي. شاهہ لطيف جي سر سامونڊيءَ ۾ هڪ بيت آهي:

اپيون تڙ پوڄين، وَهون وڻجارَن جيُون
آٽِئو اکا ڏين، ڪٿوري سمونڊ کي

(وڻجارن جون (سِڪايل) گهر واريون سمنڊ تي اچي تڙ پوڄا پيون ڪن. اهي پاڻ سان آکا (ان جا داڻا ۽ بيون خوشبوءِ واريون شيون) کڻي آيون آهن تہ جيئن سمنڊ کي پيٽا ڏين تہ جيئن سندن پيتار سلامتيءَ سان ماڳ اچي پهچن).

برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي انگريز آرمي آفيسر، سياستدان ۽ اوير جي ڄاڻ جي ماهر سر هينري رالنسن (1810ع، 1895ع) ۽ ٻين عالمن جي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ هندستان ۽ مغرب جي ملڪن ۾ جيڪو واپار جو ذڪر آهي، ان مطابق سنڌو ماٿر جا رهاڪو بئبلونيا، ميسوپوٽيميا ۽ ايرندي آفريڪا طرف وڻج واپار ڪرڻ ويندا هئا. اولهه ۾ سنڌ جو نالو گهڻو مشهور هوندو هو. سنڌ جي سپيتا ۽ شاهوڪاريءَ جون ساکون ٻڌي، عيسوي سن کان 516 ورهيه اڳ ايران (پرشيا) جو بادشاهه "دارا پهريون" پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهي آيو هو.

ڪارٽر ته سنڌ جي تاريخ ۾ لکيو آهي ته روم وارن جا جهاز سنڌ ۾ ايندا هئا. اسان جا سنڌي ماڻهو روم ڏي وڻج واپار لاءِ ويندا هئا. آخر هي صديون پراڻيون چوڻيون ۽ پهاڪا ائين ته نه ٺهيا، چوڻي آهي ته: "توڙي وڃي روم، ته به ڏوڏو ۽ ٿوم، لکيو لوح قلم ۾".

ان پهاڪي مان لڳي ٿو ته اسان جا ماڻهو صدين کان روم ويندا هيا ۽ اتي سادي زندگي گذاري، پنهنجي وطن جهجهو ڌن ڪٽي ايندا هيا.

پيريپلس جهازرانيءَ جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته، عيسوي پهرين صديءَ ۾ سنڌ جا واپاري چين ڏي ويا هئا. اتي جي حاڪم کي ڏاڍيون سوغاتون ۽ تحفا ڏنا هئائون. عيسوي ٽين صديءَ ۾ هنن جون ٻيڙيون سوڪترا ٻيٽ ۾ هونديون هيون ۽ سنڌن جهاز آفريڪا جي ايرندي ڪناري ۽ ايران جي بندرگاهن تي ڏسڻ ۾ ايندا هئا. پنجين ۽ ڇهين صديءَ ۾ سنڌ ۽ گجرات پاسي جهاز راني نهايت زور هئي. حمزي نالي هڪ ايراني سياح لکي ٿو ته، پنجين صديءَ ۾ ڪوفي جي ويجهو فرات نديءَ وٽ هندن جا گهڻا جهاز ڏسبا هئا. ڪامر نالي هڪ ليکڪ لکي ٿو ته، عيسوي ڇهين صديءَ ۾ سلون (لنڪا) ٻيٽ سان ديبل ۽ ويراوال بندرگاهه (جنهن جي پرسان سومنات مندر آهي) جو گهڻو واپار هلندو هو. تن ڏينهن ۾ سنڌ ۽ گجرات جي ماڻهن بحري نار ۾ ٻيٽ هٿ ڪيا هئا ۽ ٻيڙيون وڌيون هئائون. عيسوي پهرين صديءَ کان وٺي اسانجي نبدي ڪنڌ جا ماڻهو سيام، ملايا، انڊونيشيا پاسي جاوا، سوماترا، بالي، ڏور اوير جي ڪيترن ئي بندرگاهن تي ويا پئي ۽ پوءِ به ويندا رهيا. گجرات جو پاسو ڪيترا ورهيه سنڌ جي حدن اندر هو. پيرومل مهر چند ٻڌائي ٿو ته، سنڌ جا هندو هڪ طرف بصري ۽ بخارا هليا پئي ويا، ته ٻئي طرف ساموبدي سفر ذريعي جاوا، بالي ۽ سورباٿيءَ کان وڃي نڪتا، جتان هو جهجهو ناڻو ڪمائي پئي آيا، جنهن بابت هڪ بيت جڙيل آهي، جيڪو 1920ع جي ڏينهن جي سنڌي پنجين ڪتاب ۾ به ڏنل آهي، جيڪي ڪتاب اسان جي والدين جي ڏينهن ۾ پڙهايا ويا:

سودي خاطر سنبهي، جيڪي ويا جاوا
ڪري وڻج واپار سي، سگهو ٿيا ساوا

اڻ ميو ڌن اتان، سو جو ڪمائين
پاڻ ته کائن تن جا، پويان پڻ کائين

ڪاڪو پيرومل لکي ٿو تہ، هاٿوڪن عاملن ۽ ڀائي بندن مان ڪيترن جا وڏا ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان بہ اڳ ڏيساور ڏي ويندا پئي رهيا. جن جو احوال شاهہ لطيف پنهنجي رسالي جي سر ”سريراڳ“ ۽ ”سامونڊيءَ“ ۾ ڏنو آهي. شاهہ جي هڪ بيت جي سٽ آهي: ”قرقل، قوتا، پارچا، پاٽيٽ پاتائون“.

قرقل (لونگ) ۽ قوتا يا ڪارا مرچ ۽ دال چيني وغيره سنڌ جي پيداوار نہ آهن. اهي مصالحا ملبار ڪناري يا جاوا سماترا کان آڻيندا هئا ۽ پارچا يعني ڪپڙا (ريشم) چين ولايت ۽ بنگال کان آڻيندا هئا. اهي تاريخي حقيقتون آهن ۽ شاهہ جي رسالي ۾ انهن ڳالهين جا اهڃاڻ آهن:

سودي ڪارڻ سنيري، ويهون وڻجارن
ويا چين بنگال ڏي، ماڻڪ رکي من
(شاهہ)

پاٽيٽ يا آبدار موتي (Pearls) ٻين هنڌان (ايراني نار وغيره) کان آڻيندا هئا.

لنڪا لنڪا ڪن، لڏ لنڪا جي اورهيا
سٽي سون لنڪا جو سک نہ سامونڊن

اسان جا اهي وڻجارا (سنڌي هندو) درياهہ پنٿي هوندا هئا، تنهن ڪري سندن گهر واريون سمنڊ ۾ اڪا ۽ ٻحرانا وجهنديون هيون. لطيف چيو:

جاجر جاتون نہ ڏئي، ڏيئا نہ موهي
سَڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون؟

هن مان ظاهر آهي تہ وڻجارن جون وهون (زالون) سمنڊ جي ياترا تي ويندين هيون ۽ اتي جا ڏيئا ٻاري سمنڊ ۾ تاريندي هيون. يعني هي سڀ ڳالهيون اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ تي چار سئو سال تہ پراڻيون هونديون، جيڪي ڏسي ۽ ٻڌي شاهہ لطيف پنهنجن بيتن ۾ ذڪر ڪيو آهي. پر آئون تہ اهو چوندس تہ اڄ کان ڪجهہ سال اڳ يعني 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن مون جهازن جي نوڪري شروع ڪئي، ڏورانهن ڏيهن ڏي سفر ڪيا، ان وقت تائين بہ اها حيرت جي ڳالهہ هئي، جڏهن اسان کي لاس پاماس، برمودا، ڪيپ وردي، فجي، ترنيداد، سورباڻي ۽ سنگاپور جهڙن ويجهن توڙي ڏورانهن ٻيٽن تي اسان جي ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌ جي حيدرآباد، شڪارپور، مانجهند، ڪوٽڙيءَ جهڙن وڏن توڙي ننڍن شهرن جا ماڻهو جميل واپار سان نظر ايندا هئا. مون سان گڏ اسان جي جهاز تي منهنجا پنجابي، بنگالي، پناڻ دوست مون اڪيلي سنڌيءَ کي سامونڊي نوڪريءَ ۾ ڏسي جتي حيرت ڪائيندا هئا تہ توهان سنڌي مسلمان گهر کان پري چو نٿا نڪرو، اتي ان ڳالهہ تي بہ حيرت کائي مون کي چوندا هئا تہ، ”يار! ڪمال آهي توهان جا هندو سنڌي وڏي دل گردي وارا آهن، جيڪي پراڻي جڳ جي ڪمزور ٻيڙن ۾ چڙهي نہ فقط هنن ڏورانهن بندرگاهن کان اچي نڪتا، پر واپار جهڙي شيءِ ۾ پئسو لڳائڻ جو جوکو کنيائون“.

سچ آهي تہ ڪامياب واپار لاءِ رڳو پئسو بہ نٿو ڪپي، همت ۽ ياڳ بہ ضروري آهي. وڏن وڏن هندو سيٺين ڪي مون قرضي ٿيندي بہ ڏٺو. پر وڏي همت سان هنن پنهنجو بچاءُ بہ ڪيو ٿي ۽ وري آسودا ٿي ويا ٿي.

سامونڊي نوڪريءَ جي شروع توڙي آخر وارن سالن ۾ اهو ڏيان ۾ نہ آيو تہ انهن ڏورانهن ملڪن ۾ واپار تي حاوي رهڻ وارن سنڌين جو انٽرويو وٺجي، خبر چار وٺجي ۽ سندن زندگيءَ جو تفصيلي احوال لکجي تہ هو يا هنن جا ابا ڏاڏا هتي ڪيئن پهتا ۽ ڏاري ڌرتيءَ تي ڪيئن ڏنڊو ڄمايائون؟ آفريڪا جي وڏن توڙي ننڍن بندرگاهن ۽ ٻيٽن تي، جبرالٽر، مالٽا، سوٽا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ڏورانهن بندرگاهن تي سنڌي ذاتين وارا دڪان ڏسي، حيرت ضرور ٿيندي هئي. سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ وسيامل آسومل ۽ چوئٿرمل وارن جا اسٽور، جاوا، هانگ ڪانگ، انڊونيشيا پاسي مکي هوتچند کيمچند ۽ ٻين سوين سنڌين جون ڪوٺيون ۽ اسٽور، فلپائين ۾ ڏنامل چيلا رام، مولچند، چوئٿرام هاٿيراماڻي، ميشرس پوهومل برادرس، منيلا ۾ پائي گيهي مل رامنداس جا دڪان نظر آيا ٿي. هڪ طرف اوپر جي ملڪن ۾ ڪي اين ڏنامل ۽ ٻين سنڌين جون فرمون تہ ٻئي طرف هونولولو (هوائي ٻيٽ) تي ميشرس واٽومل برادرس جهڙا نالا هڪ قسم جا چڻ برانڊ نالا هئا، جن جي دڪانن تان خريداري ڪرڻ فئشن ۾ شامل هو. جاوا ۾ تہ سنڌ ورڪين ايترو نالو ڪمايو. جو چوڻي مشهور ٿي تہ: ”جو وڃي جاوي، سو ڦر نہ آوي، جي آوي تہ پٽ پوٽا کاوي“.

يعني ايڏو ڪمائي اچي جو هن جون ست پيڙهيون پيون کائين. جبرالٽر ۽ مالٽا ۾ تہ سنڌين جا ڪيئي ڪارخانا نظر پئي آيا ۽ ميشرس پوهومل جو نالو تہ سائوٿ آمريڪا جي ڏکڻ ۾ فاڪلينڊ ٻيٽ تي بہ ٻڌڻ ۾ آيو ٿي. ان کان علاوه برازيل، ڪولمبيا توڙي ڪوروسائو جهڙن ٻيٽن تي تہ بولچند وارن جو چڻ راڄ هو ۽ اڄ بہ آهي، جنهن جو تفصيلي احوال پنهنجي ڏکڻ آمريڪا واري سفرنامي ”بروناءِ کان بيرازيل“ ۾ ڪري چڪو آهيان. جبرالٽر ۽ اولهہ آفريڪا جي ملڪن ۾ بہ اڄ تائين جي ٽي چئنراءِ، ڪشچند چيلا رام، مينارام، جسومل، ايم ڏيئلداس ۽ ٻين سنڌي واپارين جي هاڪ ۽ نالو آهي. هڪ جهاز هلائيندڙ جي حيثيت ۾ اسان کي انهن واپارين جي ڄاڻ رکڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي. بس سندن منا ٻول ٻڌي ٺري پئي پياسين ۽ سندن دڪانن تي سهڻيون سهڻيون ۽ برانڊيڊ شيون ڏسي هِرڪجي پئي پياسين ۽ جيستائين کيسي ۾ پئسو رهيو پئي، خريداريءَ ۾ مشغول رهياسين ۽ حيرت لڳي ٿي تہ هي سنڌي اهڙيون سهڻيون سوکڙيون ڪٿان آڻين ٿا، جن جي اڳهہ جو مقابلو ٻيا مقامي دڪاندار ڪريو نٿا سگهن ۽ اڄ اها حيرت لڳي ٿي تہ اهي پاڻ انهن ڏور ڏيساور بندرگاهن ۾ ڪيئن پهتا ۽ ڪيئن ڪاروبار شروع ڪيائون؟!

مٿي بيان ڪيل ٻن ڇوڪرين (شاگرديائڻين) جي ٿيسز ۽ ٻين مضمون مان سنڌي هندو واپارين جي جپان ۾ آمد ۽ واپار بابت ڄاڻ ملي ٿي. انهن ۾ هڪ مامتا سچن ڪمار آهي، جنهن سنگاپور جي نئشنل يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ڪئي، جنهن جي ٿيسز جو عنوان ”جپان ۾ سنڌي واپاري“ آهي ۽ ٻي ميگها واڌوا ٽوڪيو (جپان) جي صوفيا يونيورسٽيءَ جي پوسٽ ڊاڪٽوريل فيلو

آهي، جنهن جي پيپر جو عنوان آهي “Exploring the Working Experiences of Indian Immigrants in Japan”.

اسانجي ننڍي کنڊ مان ڪيترائي ماڻهو انگريزن جي راڄ ۾، ۽ ان کان اڳ ۾ پوءِ دنيا جي مختلف ملڪن ڏي ويندا رهيا ۽ ڪيترا اتي ئي شاديون ڪري، يا پنهنجي وطن مان شادي ڪري، ولايت ۾ مستقل طور رهي پيا. ولايت ۾ رهندڙ واپاري ”انڊين“ جي جڏهن بہ ڳالهہ ٿي نڪري، تہ انهن ۾ گهڻائي سنڌين جي آهي. هونءَ تعداد ۾ ڪٽي بنگالي، مدراسي، تامل، پنجابي، پٺاڻ ۽ سک گهڻا هجن، پر واپارين ۾ گهڻا ناليوارا سنڌي هندو رهيا آهن. جيئن ملائيشيا توڙي سنگاپور ۽ پينانگ ۾ ريلوي لائين جي ڪم ۽ پوک لاءِ انگريز سرڪار تامل ۽ ٻين سائوٿ انڊينس سان جهاز ڀري آئي. چوڪيداري، فوج ۽ پوليس سسٽم لاءِ گورکا، سک، پنجابي مسلمان ۽ پٺاڻ وٺي آيا، پر واپار ۽ دڪانداريءَ لاءِ سنڌي هندو جتي ڪٿي پهچي پئي ويا. نہ رڳو ملايا، ڪينيا، عدن، نائيجيريا، يوگنڊا، برمودا جهڙن هنڌن تي، جتي انگريزن جو راڄ هو پر انهن ملڪن ۾ ٻين تي بہ جن تي ڊچ، فرينچن، پورچوگالين جو راڄ هو. جيئن انڊونيشيا، فلپين، موزمبق، سينيگال، برازيل، ڪيپ وردي، لاس پاماس وغيره وغيره.

ميگها پنهنجي مٿئين پيپر ۾ جيتوٽيڪ جپان ۾ رهندڙ 108 ڪن انڊين واپارين جو احوال لکيو آهي تہ هو جپان ۾ ڪڏهن، ڇو، ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ آيا؟! پر ڏٺو وڃي تہ ان ٽيسز ۾ گهڻائيءَ ۾ سنڌي هندو واپارين جو احوال آهي.

مٿين ليڪڪائن ۽ ٻين مطابق جپان ۾ پهريان ننڍي کنڊ جا هندو (سنڌي) واپاري 1870ع جي شروع وارن سالن ۾ آيا. ان وقت جپان ۾ ٻي ڪا خاص شيءِ تہ نہ پئي ٿهي ۽ نہ وري ڪو اناج، ڀاڄي يا ميوا ايڪسپورٽ ڪرڻ لاءِ هئا، نہ وري ڪو ڌاتو هو جيئن انڊيا ۽ ٻين ملڪن مان پٽل ۽ ٽامي جا برتن ويا ٿي. ان ڪري وڏي عرصي تائين ڌارين کي جپان ۾ دلچسپي نہ پئي رهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جپان پاڻ بہ دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿيو وينو هو. هنن نہ ڪنهن ڌرائي جو پنهنجي ملڪ ۾ آڌر ڀاءُ پئي ڪيو ۽ نہ پنهنجا ماڻهو ٻين ملڪن ڏي موڪليا پئي.

ننڍي کنڊ جي ماڻهن جو جڏهن 1870ع جي شروعاتي سالن ۾ جپان ۾ اچڻ ٿيو تہ هنن کي جپاني سِلڪ هڪ اهڙي شيءِ لڳي، جيڪا هنن سمجهيو تہ اها انڊيا، يورپ ۽ جاوا، ملايا ۽ آفريڪا موڪلبي تہ چار پئسا ڪمائي سگهبا. ان وقت جپاني ڪي امير نہ هئا، پر اسان جي واپارين جائزو ورتو تہ پورهيت آهن ۽ هنن کي ڪپهہ، جانورن جي کلن ۽ ٽين (Tin) جي سخت ضرورت آهي، جنهن مان هو ڪجهہ ناهي چار پئسا ڪمائي سگهن ٿا. ان ڪري اسان جي واپارين اهو سامان انڊيا کان جپان موڪلڻ شروع ڪيو. سلڪ جا ڪارخانا يوڪوهاما ۾ گهڻا هئا، ان ڪري اسان جا تاجر يوڪوهاما ۾ اچي رهيا. پر ممبئيءَ سامان موڪلڻ لاءِ هنن کي ڪوبيءَ ۾ پڻ رهڻو پيو. يوڪوهاما جيتوٽيڪ بندرگاهہ آهي، پر ممبئيءَ لاءِ لڳاتار جهاز ڪوبيءَ کان ويا ٿي. اها ڪوبيءَ ۽ ممبئيءَ جي وچ ۾ سِڌي شپنگ 1893ع کان شروع ٿي. مون کي حيرت آهي تہ جپان کي ڪاٽن جي ايتري تہ ضرورت رهي آهي جو 1980ع تائين تہ ڪراچيءَ کان بہ سٽ، ڪپهہ ۽ سادي ڪپڙي سان جهاز

پرجي ڪوبيءَ ويندا هيا ۽ جپان جي مختلف شهرن جي فئڪٽرين ۾ اهو سامان، Process تي اعليٰ معيار جو ڪپڙي جي صورت ۾ عرب ملڪن ڏي موڪليو ويندو هيو.

ڪوبيءَ جي ميونسپالٽيءَ مطابق 1901ع ۾ ڪوبيءَ ۾ رهندڙ انڊين (سنڌي هندو) واپارين جو تعداد 26 هو جيڪو پوءِ ٽيهن سالن بعد 59 تائين پهتو. يعني ٻيڻو ٿي ويو. اهو تعداد اوڻهين صديءَ جي آخري ٻن ڏهاڪن ۾ تمام گهٽو وڌي ويو جو جپان ۽ انڊيا جي وچ ۾ جهاز راني به وڌي وئي. 1910ع ۾ ڪلڪتي کان جپان جهاز هلڻ لڳا ۽ 1936ع ۾ مدراس بندرگاهه کان به جهاز راني شروع ٿي وئي. تعليم لاءِ به شاگرد جپان ۾ـ خاص ڪري ٽوڪيو شهر ۾ اچڻ لڳا.

## سنڌي چيلارام جا جهاز، خيراتي اسڪول ۽ اسپتالون

1902ع ۾ ٽوڪيو ۾ رهندڙ شاگردن ”هندستان ايسوسيئيشن“ ناهي ۽ ڪوبيءَ ۾ ”دي اورينٽل ينگ مين ڪلب“ 1904ع ۾ ٺهيو. جيڪو بعد ۾ ”انڊيا ڪلب“ سڏجڻ لڳو. 1921ع ۾ ”انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن“ يوڪوهاما ۾ ناهي وئي، جنهن ۾ وڌو تعداد سنڌي هندن جو هو ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ سک ۽ گجراتي هئا. 1923ع ۾ جپان ۾ جيڪو ”گريٽ ڪانٽو“ زلزلو آيو ان ۾ يوڪوهاما سڄو تباهه ٿي ويو ۽ انڊين سوداگر دربدر ٿي ويا. هو سڀ ڪجهه وڃائي ويهي رهيا. ان بعد يوڪوهاما مان انڊينس ڪي ڪوبيءَ لڏڻو پيو. 1923ع کان 1939ع تائين انڊينس جا فرم 120 مان وڌي 200 ٿي ويا. ان بعد ٻي جنگِ عظيم انڊين واپارين لاءِ وري پريشاني پيدا ڪئي، جو انڊيا تي انگريزن جو راڄ هو ۽ هن جنگ ۾ جپاني انگريزن جي پٺيان هئا. ان ڪري انڊين واپاري پنهنجي جان ۽ پئسو بچائڻ لڳا. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ هو جپان ڪي ڇڏي سنگاپور، بئنڪاڪ ۽ رنگون جو رخ ڪرڻ لڳا. ان بعد هن نئين صديءَ ۾ اسان جي ننڍي کنڊ جي ماڻهن جو جپان ڏي رخ وڌي رهيو آهي. واپارين کان وڌيڪ پروفيشنل ماڻهن جو خاص ڪري انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي ماهرن جو. ان سان گڏ سنڌي هندو واپاري جيڪي اڄ ڪلهه انڊيا ۾ رهن ٿا، پنهنجي واپار ڪي مختلف طرفن ڏي ڦهلائي رهيا آهن. ڪپڙي جا واپاري اڄڪلهه اليڪٽرانڪ کان وٺي جهازن تائين جو واپار ڪن ٿا. خير جي ڪمن ۾ پڻ سنڌن جواب ناهي. جتي ڪاروبار ڪن ٿا اتي جي غريب ماڻهن جي تعليم، رهائش جو پڻ خيال ڪن ٿا. نموني خاطر هتي فقط هڪ اهڙي سنڌي هندوءَ ”چيلارام“ جي خاندان جو ذڪر ڪندس ته هنن جو هانگ ڪانگ جپان کان انڊيا تائين ۽ ٻئي طرف آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا تائين شپنگ جو ڪاروبار هلي ٿو جيڪو حيدرآباد سنڌ جي ڪپڙي جي واپاري چيلارام گيانچند جي پٽ ڪشن چند چيلارام شروع ڪيو. ڪشنچند چيلا رام 1880ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ 71 ورهين جي ڄمار ۾ 1951ع ۾ ممبئيءَ ۾ وفات ڪيائين. اڄ ڪلهه مختلف ملڪن ۾ سندس پيءُ جي نالي سان جُڙيل ڪمپني ”چيلا رام“ جو ڪاروبار سندس پٽ تاهلرام ۽ آهلرام ۽ پوٽا مرلي وغيره هلائي رهيا آهن. مون کي ته حيرت ٿيندي آهي ته جتي اڄ ڪلهه شپنگ جو ڪاروبار گهٽجي رهيو آهي، اتي اڄ به ”چيلارام“ وارن جي چيل شپ

(Chellship) نالي ڪمپني خوب ڪمائي رهي آهي. ”چيلارام“ وارن کي هن وقت به پندرهن ڪن جهاز آهن، جيڪي دنيا جي مختلف سمنڊن ۽ بندرگاهن ۾ نظر اچن ٿا ۽ پنهنجي نالي ”درياهه“ مان سڃاتا وڃن ٿا. جيئن بنگلاديش شپنگ ڪارپوريشن جي هر جهاز ۾ ”بنگلار“ اچي ٿو: بنگلار مُک، بنگلار مامتا، بنگلار غوراب، بنگلار جيوتي، بنگلار مايا، بنگلار رُبي، بنگلار اُرمي .... وغيره.

اهڙيءَ طرح ملائيشيا جي ”MISC“ جهاز ران ڪمپنيءَ جي هر جهاز جو نالو ملائيشيا جي ڪنهن گل تي آهي. جيئن، ايم وي بنگا رايا..... دنيا جي هر جهاز جي نالي جي اڳيان ”m.v“، ”s.s“ يا ”tss“ جهڙا اکر ان جهاز بابت ٻڌائين ٿا ته اهو جهاز ڪهڙيءَ طرح هلي ٿو؟! جيئن ”m.v“ معنيٰ ”موٽر ويسل“ يعني ڊيزل جهاز...... ڊيزل انجڻ تي هلندڙ ”s.s“ اڳئين دؤر جا ”اسٽيم شپ“ آهن، جيڪي ٻاڦ جي انجڻين تي هلن ٿا، اهڙي طرح ”t.s.s“ ”ٽربو اسٽيم شپ“ جيڪي ٽربائين انجڻ تي هلن ٿا، وغيره. ملائيشيا جي جهازن تي انهن جي نالي اڳيان لکيل ساڳيو لفظ ”بُنگا“ جي معنيٰ آهي ”گل“. جيئن ”بنگارايا“ جيڪو ملائيشيا جو قومي گل آهي. اهڙيءَ طرح بُنگا ڪستوري، بُنگاماس، بنگا تيراتائي، بنگا بِدارا، بنگا سروجا، بنگا پيلانگي وغيره.

مٿين جهازن جا نالا حيدرآباد سنڌ جي هندو سيٺ چيلا رام جي ”ChellShip“ جهاز ران ڪمپنيءَ جي جهازن جي نالن تان ياد آيا_ جيڪي هن ريت آهن: ايم وي درياهه برهما، درياهه مهيش، درياهه لڪشمي، درياهه جيوتي، درياهه موتي، درياهه ڪِيرتي، درياهه گنگا، درياهه تاپتي، درياهه شانتي، درياهه جمنا، درياهه راما، درياهه منئن، درياهه ڪنچن. ”Trailing Suction Hopper Bredger“ اهي جهاز آهن، جيڪي پنهنجي ملڪ جا يا ٻين ملڪن جا بندرگاهه صاف ڪري اونها ڪن، جيئن سامان ڪٽي ايندڙ جهاز سولائيءَ سان بندرگاهه ۾ گهڙي سگهن.

بنا شڪ جي ”چيلا رام“ وارا وڏا امير واپاري آهن، جن وٽ هڪ نه، ٻه نه، پر ڏيڍ درجن جهاز آهن، جن ۾ ايم وي درياهه گنگا ۽ ايم وي درياهه ڪرشنا جهڙا ”بَلڪ ڪئريئر“ ڪافي نوان ۽ مهانگا جهاز آهن. ”چيلا رام“ فئمليءَ وارن جو ممبئيءَ ۾ ”ڪشنچند چيلا رام“ نالي ڪاليج (K.C.College) پڻ آهي، جتي سائنس، آرٽس ۽ ڪامرس جي ڊگرين سان گڏ انفارميشن ٽيڪنالاجي، ماس ميڊيا، ڪمپيوٽر، اڪائونٽس، بئنڪنگ، انشورنس ۽ فائننس ۾ به ڊگريون ملن ٿيون. هيءَ ڪاليج اعليٰ تعليمي معيار جي ڪري انڊيا ۾ مشهور آهي. پروفيسر ڊاڪٽر جگديش لچاڻيءَ ٻڌايو ته هن ڪاليج کي مٿاهين درجي تي آڻڻ ۾ پرنسپال ڪي ايم (خوشيرام موتيرام) ڪندناڻيءَ ۽ بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ جو وڏو هٿ آهي. هن ڪاليج مان انڊيا جي اهم شخصيتن تعليم حاصل ڪئي، جن مان ڪجهه جا نالا ممبئي يونيورسٽيءَ جي، لاڙڪاڻي جي پروفيسر ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ هن ريت ٻڌايا: انيل امباڻي (انڊيا جو امير ترين ماڻهو)، راجيش کنا (ڪنهن دؤر ۾ اسان جو دلپسند ايڪٽر)، جيتندار (ايڪٽر)، ميگهن جاڏو (ايڪٽر)، ڪاجل اگروال (ايڪٽريس)، ذاڪر نائڪ (پيس چئنل وارو)، شلپنا شندي (ٽي وي ايڪٽريس ۽ بگ باس 11 واري)، پراتي رانوڙ (ٽي وي ايڪٽريس) وغيره وغيره.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ هي سنڌي هندو سيٺ انڊيا توڙي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ خير خيرات ڪرڻ سبب بہ مشهور آهن. چيلا رام وارا تہ شروع کان پنهنجي ڪمائيءَ جو هڪ حصو غريبن جي ڀلي لاءِ استعمال ڪن ٿا. جيڪو پئسو "چيلا رام فائونڊيشن" ذريعي تعليم ۽ صحت لاءِ خرچ ڪيو وڃي ٿو. ممبئيءَ ۽ پوني ۾ ان قسم جون ننڍيون ننڍيون خيراتي اسپتالون تہ تمام گهڻيون آهن. پر سڀ ۾ اعليٰ ۽ مشهور "چيلا رام ڊائبٽيز انسٽيٽيوٽ اينڊ هاسپيٽل" آهي، جنهن جو مرڪز پوني ۾ آهي ۽ ڪشن چند ڪاليج ممبئيءَ ۾ چرچ گيٽ ريلوي اسٽيشن وٽ آهي.

هونءَ "چيلا رام" دنيا ۾ سنڌي هندن جي ڪمپني تمام مشهور آهي. 1970ع جي شروع وارن سالن ۾ يورپ يا آمريڪا وينديڙ اسان سئيز ڪئنال مان لنگهڻ بدران سڄي آفريڪا کنڊ جو ڦيرو ڪندا هئاسين ۽ آفريڪا کنڊ جي ٻنهي ڪنارن وارن ملڪن جي بندرگاهن ۾ ڪارگو لاءِ يا جهاز جي لاءِ تيل پاڻي ۽ عملي لاءِ راشن کڻڻ لاءِ ترسندا هئاسين. آفريڪا جا ملڪ يورپين جي چنبي مان تازا تازا آزاد ٿيا هئا. رهيل يورپي ۽ اسان جهاز وارا اتي رهندڙ گجراتين، آغا خانين ۽ سنڌي هندن جي دڪانن تان خريداري ڪندا هئاسين، جو انهن جي اسٽورن ۾ وڏي ورائٽي هوندي هئي ۽ سستي اگهہ تي شيون ملنديون هيون. انهن ۾ بہ وري اسان جي سنڌ جا هندو وڌيڪ مشهور هئا. انهن جي ڪمپنين ۾ حيدرآباد جي واپارين چيلا رام وارن جا بہ اسٽور هئا. نائيجيريا ۾ تہ چيلا رام وارن جا اڄ بہ اسٽور آهن، جن جي شروعات هنن 1920ع کان ڪئي ۽ اڄ جا مالڪ ڏي چيلا رام (ڏنومل چيلا رام) جو اولاد آهن. جيڪي ڪشنچند چيلا رام جا ئي سؤٽَ آهن. ڏنومل چيلا رام اهو واپاري آهي، جنهن قاهره (مصر) ۾ 1860ع ۾ پنهنجي واپاري فرم کولي. اڳتي هلي هن چيلا رام ڪمپنيءَ جو دنيا جي مختلف شهرن ۾ ٻيتن تي 99 شاخون قائم ٿيون. ايتريقدر جو "چيلا رام" ڪمپنيءَ جي دڪانن لاءِ انگريزن جي راڄ واري چوڻي مشهور ٿي: "The sun never sets on Chellarams"

چوجو دنيا جي هڪ حصي ۾ چيلا رام وارن جو دڪان بند پئي ٿيو تہ ٻئي پاسي صبح ٿيڻ تي ڪٿي نہ ڪٿي چيلا رام وارن جي دڪان جي کلڻ جو وقت پئي ٿيو.

جبرالٽر جي مقامي اخبار "El- Calpense" جي 14 مئي 1894ع (اڻويهين ڏينهن) واري پرچي ۾ چيلا رام وارن جي دڪانن جو اشتهار مشهور آهي، جنهن ۾ چيلا رام وارن جي ڪاميابيءَ بابت لکيل آهي تہ، هنن 34 سالن اندر هانگ ڪانگ، شنگهائي، منيلا (فلپين) ۽ مالٽا ۾ امپورٽ ايڪسپورٽ جون آفيسون قائم ڪري ورتيون آهن. چيلا رام وارن جي ڪاروبار بابت تفصيلي احوال مارڪووٽس جي ڪتاب "The Global World of Indian Merchants" ۾ پڙهي سگهو ٿا.

هن موضوع تي پنهنجي پڙهندڙن کي ڪجهہ ٻيا ڪتاب بہ تجويز ڪري سگهان ٿو جن جي مون کي ڄاڻ آهي ۽ انهن مان ڪجهہ پڙهيا پڻ اٿم. انهن مان ڪيترا تہ نيٽ تي موجود آهن ۽ پڙهي سگهجن ٿا. ٻيا دنيا جي وڏين لئبريرين ۽ سنگاپور، دبئيءَ، ڪولمبو دهليءَ ۽ ممبئيءَ جهڙن شهرن جي دڪانن تي دستياب آهن.

* جپاني ليکڪ ماسڪوا ازوما جو ڪتاب "Indians in Tokyo and its vicinity"

* جي اي چندرو جو ڪتاب "The History of Indians in Japan" هن ڪِتاب ۾ ليڪڪ چندرو گهنشام داس آڏواڻي لکي ٿو ته، هن جي پيءُ ڪي 1917ع ۾ يوڪوهاما جپان موڪليو ويو هو. جتي هن جي پيءُ (يعني چندرو جي ڏاڏي) جي "تاراچند پرسرام" نالي ڪمپني هئي. چندرو 1924ع ۾ سنڌ ۾ ڄائو ۽ 29 سالن جي ڄمار ۾ 1953ع ۾ يوڪوهاما آيو. هن پنجاهه سالن کان مٿي عرصو جپان جي شهرن يوڪوهاما، اوساڪا ۽ ڪوبيءَ ۾ رهي پنهنجي ڪاروبار ڄمائڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي. هن جپان ۾ گذاريل پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکيو آهي. چندرو آڏواڻيءَ جون بيون به ڪيتريون ئي لکڻيون آهن. جيڪي بيحد دلچسپ آهن ۽ پڙهڻ جوڳيون آهن.

* انيتا چڱاڻيءَ جو پيپر "Indians in japan: A case Study of the Sindhis in Kobe".

* ائنٿوني ڊي ڪوسٽا جو 2013ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Positioning Indian emigration to japan"

* ميمي بينرجي ڏر جو 2004ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Indians in japan: History of Relations"

* آرپتا مٽر جو 2012 ع ۾ ڇپيل ڪتاب "India- japan Relations"

* هڪ جپاني هيروشي شيميزو جو ڪتاب: "The Indian Merchants of Kobe & Japans's Trade…"

* مارڪو وٽ (Claude Markovits) جي ڪتاب جو مٿي به حوالو ڏئي چڪو آهيان. 350 کن صفحن جو هي ڪتاب سال 2000ع ۾ ڇپيو ۽ پڙهڻ وٽان آهي. سندس سڄو نالو آهي:
"The Global World of Indian Marchans, 1750-1947 Traders of Sindh From Bukhara to Panama"

* اسواني (Nisha Jaikishin Aswani) جو 1995ع ۾ ڇپيل ڪتاب "The Sindhi Merchant: A Heritage of the Textle Trade"

* پرڪاش پارادواج جو 1990ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Sindhis through the Ages"

* رام بخشاڻيءَ جو 2007ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Sindhis: God's Gift to Global: A Reflection"

* وڪاس ڪشنچند چانديراماڻي جو 1993ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Sindhi Kinship & Marriage in Singapore"

* هارشا منوهر دادلاڻيءَ جو 2002ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Similar Roots, Different Experience: the Sindhis in Singapore & Manila"

* ملائيشيا جي يونيورسٽي ملايا جي پروفيسر مايا ڪيملاڻي ڊئوڊ جو 2001ع ۾ ڇپيل ڪتاب"The Sindhis of Malayasia: A Sociolinguistic Studay"

* ڪويتا ڏاسواڻيءَ جو 1998ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Kishinchand Chellaram: Sindhi path finder"

# جپان ۾ اسلام جي آمد...

مون 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ جپان وڃڻ شروع ڪيو ته مون کان دوست ۽ مائٽ پڇڻ لڳا ته، جپان ۾ مسلمان آهن؟ دراصل جپان ۾ اسلام جي تاريخ تمام مختصر آهي. دنيا جي ٻين ملڪن ۾ خاص ڪري ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ ۾ ته جتي ڪٿي مسلمان ملن ٿا ۽ عيسائي ته انهن کان به وڌيڪ. اسان محمد بن قاسم جي فتح بعد سنڌ کي "باب الاسلام" سڏيون ٿا ۽ ننڍي هوندي آئون اهو ئي سوچيندو هوس ته اسلام سنڌ ۾ اچڻ بعد انڊيا، بنگلاديش ۽ اڳتي چين طرف وڌيو. پر ڏٺو وڃي ته سنڌ تي محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ ئي عرب مسلمان، بلڪ اصحابي به رهيا پئي. اهڙيءَ طرح انڊيا جي ٻين شهرن ۾ پڻ. تڏهن ته ڪڊنگلور (انڊيا جي رياست ڪيرالا) ۾ 629ع جي ٺهيل مسجد آهي. اهڙيءَ طرح چين جي شهر ڪئنٽن ۾ "هئا ئي شينگ مسجد" آهي، جيڪا اڄ کان 1400 سال اڳ 620ع ۾ عربن ٺهرائي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ اصحابي سڳورو سعد ابن ابي وقاص به اتي واپار توڙي سفارتڪاريءَ لاءِ ايندو رهيو. اهڙيءَ طرح اٿوپيا جي ڳوٺ نجاش (Negash) ۾ "نجاش اميدين مسجد" آهي، جيڪا 620ع ۽ 630ع جي وچ ۾ ٺهي ۽ ان کان به پراڻي مسجد "مسجد الصحابه" آهي، جيڪا اريٽيريا جي بندرگاهه واري شهر مصوع (Massawa) ۾ آهي، جيڪا 620ع ۾ حضور صلعم جن جي ساٿين ٺهرائي.

اهڙيءَ طرح عيسائي مذهب ٿو ڏسجي، ته اهو به آفريڪا، ايشيا ۽ ٻين کنڊن جي ملڪن ۾ نظر ايندو، جتي پهرين ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم، يا جين ڌرم جهڙا پراڻا ڌرم هئا. جپان جيتوڻيڪ هر شيءِ، ٻولي، ڪلچر، رسمون، رواج، چين کان ئي امپورٽ ڪندو رهيو جو اهو سندس در وٽ ملڪ آهي، پر جپان وارن جي ٻي ڪنهن مذهب ۾ ڪڏهن به دلچسپي نه رهي. اهو ٻڌ ڌرم الائي ڪيئن اچي ويو جنهن سان ۽ پنهنجي شنتو ڌرم سان ئي هو هلندا اچن. ڏٺو وڃي ته هنن جو پنهنجي مذهب يا ڌرم سان اهو جوش جنون وارو ناتو ناهي، بس سمجهو ته هڪ ثقافتي رسم رواج وارو آهي. عيسائين ته وڏي عرصي کان ۽ مسلمانن منهنجي وڃڻ وارن ڏينهن کان ڪافي واعظ ۽ تقريرون ڪري جپانين کي عيسائي يا مسلمان بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، پر نتيجو بنهه نه برابر معمولي نڪتو. مان هاڻ ٻن ٽن ڏهاڪن کان ڏسي رهيو آهيان ته جپانين ۾ اسلام قبول ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي ۽ جپان ۾ مسلمان به ڪافي نظر اچن ٿا.... پر انهن ۾ به گهڻا اميگرنٽ، يعني اسلامي ملڪن کان لڏي آيل آهن يا جپان ۾ نوڪري ۽ واپار ڪندڙ عربن، ايرانين، پاڪستانين ۽ بنگالين جون مقامي زالون آهن، جيڪي ساڻن شادي ڪرڻ لاءِ مسلمان ٿيون. ان کان علاوه هاڻ مڙيئي ڪجهه جپاني نوجوان نظر اچن ٿا، جيڪي اسلام کان متاثر ٿي مسلمان ٿيا آهن.

پراڻي زماني ۾ جڏهن هوائي جهاز ريل گاڏيون يا ڪارون نه هيون، تڏهن عربستان ، هند، سنڌ يا وچ ايشيا جا ماڻهو پيرين پنڌ يا گهوڙن گڏهن، خچرن ۽ اٺن ذريعي هڪ طرف استنبول (قسطنطنيا)، البانيا، بلغاريا تائين وڃي نڪتا ٿي، ته ٻي طرف چين جي الهندي ڇيڙي تائين ـ بلڪ

روس ۽ ڪوريا تائين به آيا ويا پئي. هنن لاءِ فقط جپان پهچڻ ڏکيو هو جو هڪ ته سڄو جپان ٻيٽن جو ڍير آهي، جيڪي چين جي سرزمين کان ڪافي پري آهن، رهيو سوال سمنڊ رستي جپان پهچڻ جو ته اهو ان ڪري مشڪل هو جو هڪ ته جپان جي سرزمين ٻارهوئي طوفانن، سائڪلونن ۽ سونامين ۾ گهيريل پئي رهي ۽ ان وقت جي سڙهن ذريعي هلندڙ ڪاٺ جي ٻيڙين لاءِ سخت جوکي جي ڳالهه هئي، جڏهن ته گذريل صديءَ تائين به جپان ويندي ڪيترائي ڪل تي هلندڙ جهاز به ٻڏي ويا. جيڪي جپان جي ڪناري تائين پهتا، انهن جهازن ٽوڙي جهازن ۾ سوار ماڻهن کي جپان ۾ اندر اچڻ نه تي ڏنو ويو. جپان پنهنجو پاڻ کي وڏو عرصو (اٽڪل 220 سال) دنيا کان ڪٽيل رکيو. اڄ جي دؤر ۾ به هو ڌارين کان ٿهن ٿا. هو پنهنجو پاڻ ۾ رهڻ چاهين ٿا. هو نٿا چاهين ته ڪو ڌاريو سندن مذهب، ٻوليءَ، رسمن، رواجن، ڪلچر سان هٿ چراند ڪري. اڄ به هڪ ڌارئي کي جپان پهچي يڪدم احساس ٿئي ٿو ته هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين هيءَ هڪ هوموجينس قوم آهي. يعني هن ۾ هڪجهڙائي آهي.

توهان ڪٿي ڪيترين به پراڻين تاريخون يا سفرناما پڙهو. انهن ۾ چين، روس، انڊيا، ملايا جا ته احوال ملندا، پر جپان جا هرگز نه. ۽ نه وري هو يونانين، رومن، عربن ۽ وائڪنگ وانگر ٻين ملڪن ۾ پئي ويا. پوءِ ڪيئن ٻين ملڪن ۽ قومن جي دين ڌرم کان هنن کي واقفيت ٿئي ها.

مون جيڪي ڪجهه پڙهيو آهي ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کان پڇ ڳاڇ ڪئي آهي، ان موجب مسلمانن جو جيڪو پهريون رڪارڊ ملي ٿو اهو نائين صدي عيسويءَ جي مشهور ليکڪ، جاگرافي دان، تاريخ نويس، موسيقي شناس ۽ traveller (گهمڻ جي شوقين) هڪ ايراني (خراسان جي رهندڙ) مسلمان ابن خردادبه (Ibn khordadbeh) جي عربي سفرنامي "ڪتاب المسالڪ والممالڪ" مان ملي ٿو جيڪو هن 846ع ۾ لکيو، جڏهن هو 26 سالن جو هو. هي ڪتاب فارسيءَ ۽ ٻين ٻولين سان گڏ انگريزيءَ ۾"The Book of Roads and Kingdoms" جي نالي سان اڄ به موجود آهي. مون کي ته ابن بطوطا ۽ مارڪو پولو کان به وڌيڪ هن شخص خردادبه تي حيرت ٿيندي آهي ته ڪيئن هن ننڍي عمر ۾، ان وقت جي دنيا ۾ سير ڪيو! ظاهر آهي ان وقت تائين ته سائيڪل به ايجاد نه ٿي هئي. هن پيرين پنڌ يا گڏهن خچرن تي سفر ڪيو هوندو.... بيابان ۽ جبل لتاڙيا هوندائين ۽ ان بعد هن برهمترا نديءَ وارن شهرن، آنڊامان ۽ نِڪوبار ٻيٽن (جن کي ڏهه صديون بعد ۾ انگريزن "ڪاري پاڻيءَ" جو نالو ڏئي ننڍي کنڊ جي خطرناڪ ڏوهارين ۽ سندن حڪومت جي مخالفت ڪندڙ سياستدانن کي سزا خاطر اوڏانهن موڪليو ٿي)، ملايا، جاوا، چين ۽ منگوليا جو احوال لکيو آهي! هو ڪوريا تائين ويو آهي. هو جپان جي ٻيٽن تي وڃي نه سگهيو آهي، پر حاصل ڪيل معلومات مطابق جپان لاءِ لکي ٿو ته ايڏانهن چين ۽ ڪوريا جي اوڀر ڏي "وق وق" جي سرزمين آهي. دراصل جپان مختلف نالن سان سڏبو رهيو آهي. جن مان ڪجهه نالا جپانين پنهنجي ملڪ لاءِ پئي رکيا آهن. جيئن اڄ به هو جپان کي "نِپان" يا "نِهان" سڏين ٿا ۽ ڪجهه نالا اسان ڌاريا استعمال ڪريون ٿا. جيئن "گڏين جو ملڪ"، "گيشائن جو ديس"، "اڀرندڙ سج جي ڌرتي" وغيره. تيئن خردادبه ممڪن آهي ته ان الڳ ٿلڳ ۽ ڏورانهين ٻيٽ جو اهو وق وق نالو يا ان سان ملندڙ جلندڙ نالو چين يا ڪوريا

جي ماڻهن کان ٻڌو هجي. يا ٻڌو هڪڙو هجي پر پنهنجي ٻولي فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ مختلف نموني سان اچاريو هجي. بهرحال هو پنهنجي مٿين سفرنامي ۾ جپان (وق وق جي ڌرتيءَ) جو ٻن هنڌن تي ذڪر ڪري ٿو. هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "چين جي اوڀر ۾ وق وق جا ٻيٽ آهن. جيڪي ايڏو ته خوشحال ۽ امير آهن. جو اتي جا رهواسي پنهنجن ڪتن لاءِ سون جا پٽا ٺهرائين ٿا ۽ ان ڏاتوءَ مان هو پنهنجن پولڙن جي ڳچيءَ جا ڪالر پڻ. هو پنهنجو لباس سوني ڌاڳي سان سبرائين ٿا، هتي بهترين ايبوني ڪاٺ به ملي ٿو....".

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته، "هنن وق وق جي ٻيٽن لاءِ اهو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته هنن وٽ سون ۽ ايبوني جنس جو ڪاٺ ايترو آهي، جو هو ٻين ملڪن ڏي ايڪسپورٽ ڪن ٿا.....".

ابن خردادبه جاگرافي دان ۽ نقشا ناهڻ جو ماهر هو. هن ان وقت جي دنيا جي نقشي ۾ "شاهراهِ ريشم" ڏيکاريو آهي ۽ جپان (وق وق) کي نقشي جي بلڪل اوير واري چيڙي ۾ ڏنو آهي. هي پهريون مسلمان آهي جنهن جپان جي ڌرتيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي. هونءَ اسلامي دنيا جي، ابن خردادبه هڪ قابل ۽ دلچسپ شخصيت آهي. سندس سچو نالو "ابوالقاسم عبيدالله ابن عبدالله ابن خردادبه" آهي. پاڻ ايران جو رهاڪو هو. سن 820ع ۾ ايران ۾ ڄائو ۽ 92 ورهين جي ڄمار ۾ 912ع ۾ وفات ڪيائين. سندس نالو ابوالقاسم عبيدالله هو. "خردادبه" سندس ذات سندس ڏاڏي جي نالي جي ڪري آهي، جيڪو آتش پرست (زرتشتي) هو ۽ بعد ۾ مسلمان ٿيو هو. ابوالقاسم عبيدالله جو پيءُ عبدالله ابن خردادبه عباسي گهراڻي جو مشهور جرنيل ٿي رهيو. ابن خردادبه (يعني ابوالقاسم عبيدالله) پاڻ به عباسي دؤر جي خليفي ابوالعباس احمدِ ابن جعفر (جيڪو 842ع ۾ ڄائو ۽ 870ع کان 892ع تائين حڪومت ڪيائين) وٽ پوسٽ ماسٽر ٿيڻ سان گڏ هن جو اهم جاسوس ٿي رهيو. هن پنهنجي ڪتاب "ڪتاب المسالڪ والممالڪ" ۾ عباسي دؤر جي مختلف ماڻهن ۽ صوبن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. ابن خردادبه ان ڪتاب کان علاوه مختلف عنوانن تي ٻيا به اٺ نَو ڪتاب لکيا آهن.

شروع جي يورپي ڊاڪومينٽس ۾ پورچوگالين مڙيئي مسلمانن جي جپان ۾ آمد بابت لکيو آهي. پورچوگالي هونءَ چندا سمجهڻ ڪپن، پر ڊائري يا تاريخ لکڻ جا ماهر ۽ عادي هئا. ويندي واسڪو ڊاگاما سان به تاريخدان گڏ هليا پئي، جن هن جي تعريف جوڳن ڪمن سان گڏ ڪجهه خراب ڪمن جو به ذڪر ڪيو آهي. جيئن هن حاجين جو جهاز ساڙيو ته ان ظلم جو احوال سندس ئي تاريخدانن ٻين تائين پهچايو. ٻي ڳالهه ته جپانين ڪنهن به ڌارئي کي پنهنجي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ نه پئي ڏنو. پنهنجي پاڙيسري ڪورين ۽ چينين کي به سوچي سوچي اچڻ پئي ڏنو ۽ هنن تي نظر پئي رکي ته واپار وڙي جو ڪم لهڻ تي هو واپس روانا ٿي ويا يا نه. يورپين ۽ ٻين لاءِ ته اجان به وڌيڪ سختي هئي - سواءِ پورچوگالين جي، جيڪي جيئن انڊيا ۾ سڀ کان اڳ ۾ پهتا، تيئن جپان ۾ پڻ پهچي ويا ۽ هنن کي اهڙو رام ڪيائون جو جپانين هنن کي مڙيئي ڪن ڪن بندرگاهن جي ڌورانهن پوچڙن وٽ پنهنجا جهاز لنگر انداز ڪرڻ جي اجازت ڏني. اهو سلسلو 1500ع بعد شروع ٿيو جڏهن پورچوگالي "ڪيپ آف گڊ هوپ" سمنڊ ٽپي هندي وڏي سمنڊ ۾ پهتا، جتي انڊيا جي مالابار ۽ ڪرومنڊل ڪنارن وارن بندرگاهن، سريلنڪا ۽ ملايا (اڄ واري مغربي ملائيشيا) جي

بندرگاهن ملاڪا وغيره تي قبضو ڪري پوءِ واپار خاطر ڏکڻ چيني سمنڊ ۽ پئسفڪ سمنڊ ۾ جپان به اچڻ وڃڻ لڳا. انهن جي لکيل احوالن مان هڪ ۾ آهي ته، هنن جي جهاز تي هڪ عرب مسلمان به هو جيڪو جيترا ڏينهن جپان ۾ جهاز لنگر انداز هو جپاني ماڻهن کي اسلام بابت ليڪچر ڏيندو رهيو. واپسيءَ تي هو ملاڪا بندرگاهه ۾ لهي پيو. اها 1555ع جي ڳالهه آهي.

ان بعد جديد دؤر ۾- يعني اوڻيهين صديءَ ۾ جڏهن ٻاڦ تي هلندڙ ڪل (انجڻ) وارا جهاز (جن کي اسان جا ماڻهو "آگبوٽ" سڏيندا هئا. جيئن ٻاڦ تي هلندڙ ريل گاڏين کي ملئي ماڻهو "ڪيريتا آپي". يعني "باهه واري ڪار" سڏيندا هئا) هلڻ شروع ٿيا هئا. مسلمان جن سان جپانين جو واسطو پيو اهي انڊونيشي هئا. جن جو اوڻيهين صديءَ جي آخري ٻن ٽن ڏهاڪن ۾ ڊچن ۽ انگريزن جي جهازن تي خلاصين طور نوڪري ڪرڻ دوران جپان جي بندرگاهن ۾ اچڻ ٿيو هو. انهن ڏينهن ۾ (سمجهو ته 1870ع واري ڏهاڪي ۾) حضور صلعم جن جي بايو گرافي جپاني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي. جنهن سان تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ جپانين کي ٿوري گهڻي اسلام جي ڄاڻ ٿي.

جپانين جو مسلمانن سان صحيح طرح واسطو 1890ع ۾ ٿيو. ان کان ڪجهه سال اڳ جپان جي شهزادي ڪوماتسوا اڪيهتو قسطنطنيه اچي ترڪ سلطان جي حاضري ڀري هئي. ترڪيءَ جي "سلطنت عثمانيه" جي خليفي ، ان جي جواب ۾ ترڪ سلطنت طرفان پنهنجي نيويءَ جو جهاز "ارطغزل" (Ertugrul) جپان موڪليو. افسوس جو هي جهاز وڪاياما بندرگاهه جي آسپاس 16 سيپٽمبر 1890ع تي سخت طوفان جي سَٽَ نه جهلي تباهه ٿي ويو. هن جهاز ۾ سوار ماڻهن مان 500 کان مٿي خلاصي ۽ آفيسر ٻڏي ويا. جن ۾ ائڊمرل علي عثمان پاشا به هو. فقط 69 خلاصي ۽ آفيسر بچي سگهيا. جيڪي ٻن جپاني جهازن ذريعي پنهنجي ملڪ پهتا. هي حادثو اڄ به جپان ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ جپان ۽ ترڪيءَ جي دوستيءَ جو مثال سمجهيو وڃي ٿو. پاڻيءَ جا جهاز هلائيندڙ دوستن لاءِ لکندو هلان ته هي اڍائي هزار ٽن جو فريگيٽ جهاز هو ڊيگهه ۾ 260 فوٽ (80 کن ميٽر) ۽ ويڪر ۾ 50 فوٽ هو. سنڌس ڊرافٽ (يعني سطح سمنڊ کان هيٺ حصو) 26 فوٽ هو. ڪيس 600 هارس پاور جي ٻن Horizontal انجڻ هلايو پئي. ان وقت جي حساب سان هي چڱو خاصو ڪاٺ جو جهاز هو. اڃان ويلڊنگ وارا لوهي جسم وارا جهاز نه ٺهيا هئا. هن جهاز جو نالو "ارطغرل" سلطان عثمان غازيءَ جي والد جي نالي تي رکيو ويو هو. سلطان عثمان غازيءَ (سلطان عثمان اول) سلطنت عثمانيه جو بنياد 1299ع ۾ رکيو. جنهن جو پاڻ مرڻ (1323ع) تائين سلطان رهيو. سلطنت عثمانيه 1922ع تائين. يعني ڇهه صديون قائم رهي.

هن جهاز 14 جولاءِ 1889ع تي قسطنطنيه (جيڪو هاڻ استنبول سڏجي ٿو) بندرگاهه ڇڏيو. ترڪي ڇڏڻ کان اڳ 25 سال پراڻي هن جهاز جي چڱيءَ طرح مرمت ڪئي وئي هئي. وينڊي سنڌس Hull يعني ٻاهرين باڊيءَ جا ڪيترا ڪاٺاٽا تختا بدلايا ويا هئا. جهاز پورٽ سعيد بعد سئيز ڪئنال مان ٿيندو عدن ۾ آيو. جتي ڏينهن به ترسي پوءِ سوماليا آيو جتان وري واپس جدي ۾ ترسيو. جيئن جهاز وارا عمرو ڪري سگهن. ان بعد ڪجهه پنهنجي انجڻ جي زور تي، ڪجهه موسمي هوائن جي رخ جو فائدو وٺي، جهاز انڊيا جي بندرگاهه پانڊيچيري ۽ ڪلڪتي ڏي آيو ۽ ڪجهه

ڏينهن اتي ترسي سنگاپور آيو. رستي تي ملاڪا ۾ به ترسيو هو جوا تان هن جو لنگهه ٿيو هو. ان بعد سائگون ۾ هانگ ڪانگ ۾ ڪجهه ڏينهن ترسيو ۽ آخرڪار جپان جي بندرگاهه ناگاساڪيءَ ۾ اچي لنگرانداز ٿيو. ان ڪان پوءِ ترڪيءَ جو هي جنگي جهاز يوڪوهاما جي بندرگاهه ۾ آيو جتي جهاز جي اڳواڻ ائڊمرل علي عثمان پاشا ۽ هن جي آفيسرن سان جپان جو شهنشاهه ميجي (جيڪو “ميجي دي گريٽ” به سڏجي ٿو) هنن جهاز وارن سان مليو جن ڪيس سلطنت عثمانيه جي انهن ڏينهن جي سلطان عبدالحميد دوم طرفان ڏنل تحفا پيش ڪيا. ٻئي ڏينهن 14 جون 1890ع تي ترڪيءَ وارن سان نوجوان شهزادو يوشي هِتو هارو (Yoshihito Haru) پڻ مليو. هي شهزادو شهنشاهه ميجيءَ جي وفات بعد جپان جو 123 هون بادشاهه ٿيو ۽ 1879ع کان مرڻ (1926ع) تائين، شهنشاهه تائيشو تينوءَ (Taisho Tenno) جي نالي سان حڪومت ڪيائين. ان بعد هن جو پٽ شهنشاهه هيروهتو 1989ع تائين بادشاهه ٿيو. ان بعد هن جو پٽ اڪي هتو ٿيو. سال 2019ع ۾ هن پاڻ تخت ڇڏيو ۽ هاڻ سندس پٽ نارو هتو (Naruhito) جپان جو 126 هون شهنشاهه ٿيو آهي.

ترڪن جي جهاز ٻڏڻ ۽ هيترن ماڻهن جي مرڻ تي جپانين جي دل ۾ ترڪن لاءِ تمام گهڻي همدردي پيدا ٿي، جيڪي هنن جي بادشاهه سان ملڻ ۽ ڪيس تحفا ڏيڻ لاءِ ڏورانهين ڏيهه کان هلي جپان آيا هئا. ٻڏندڙن مان جيڪي ڏيڍ سئو کن لاش سمنڊ مان ملي سگهيا، انهن لاءِ وڪاياما ضلعي جي شهر “ڪوشي موتو” ۾ خاص اسلامي نموني جو قبرستان ٺاهي انهن کي دفنايو ويو. 1929ع ۾ شهنشاهه هيرو هِتو پڻ هن قبرستان جي زيارت ڪئي ۽ ان کي وڌائي سهڻو بنايو ۽ 1974ع ۾ جپان حڪومت هتي ترڪش ميوزيم به ٺهرايو جنهن ۾ ٻڏي ويل ان جهاز “ارطغرل” جو ماڊل ۽ ڪجهه خلاصين جا مجسما به رکيا آهن. هن حادثي تي جپاني ۽ ترڪ فلمسازن “125 years Memory” نالي هڪ فلم 2015ع ۾ ٺاهي، جيڪا 132 منٽن جي آهي. اها فلم جپاني، ترڪ ۽ انگريزي ٻولين ۾ آهي، جنهن ۾ ترڪ ۽ جپاني اداڪارن حصو ورتو آهي.

جپانين جو مسلمانن سان سڀ کان گهڻو واسطو روس جي آڪٽوبر واري انقلاب دوران ٿيو. روس ۾ آيل هي انقلاب “October Coup”، “بولشيوڪ انقلاب” ۽ “Red October” به سڏجي ٿو جيڪو ولاديميرلينن جي بولشيوڪ پارٽيءَ آندو. هن آڪٽوبر 1917ع واري انقلاب بعد روس ۾ پهرين ڪميونسٽ حڪومت ٺهي ۽ روس دنيا جي تاريخ ۾ پهرين سوشلسٽ رياست ٺهيو. لينن جي هن ڪميونسٽ پارٽيءَ ملڪ ۾ مذهب تي به بندش وڌي، جنهن ڪري ڪيترا مسلمان هيڏانهن هوڏانهن جي ملڪن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. هن انقلاب جي وٺ پڪڙ کان بچڻ ۽ آزاد زندگي گذارڻ لاءِ روس ۽ پرپاسي وارين ترڪمنستان، تاجڪستان وغيره جهڙين رياستن جا ترڪ تاتاري نسل جا سوين مسلمان رفيوجي به جپان اچي نڪتا، جتي هنن کي پناهه ڏني وئي ۽ هو جپان جي مختلف وڏن شهرن ۾ ٽولا ٽولا ٿي رهڻ لڳا. هنن کي ڏسي ڪيترائي سندن پاڙيسري ۽ واسطي ۾ ايندڙ جپاني اسلام مان متاثر ٿيا ۽ مسلمان ٿيڻ شروع ٿيا. ٽوڪيو ۾ مسجد به ٺهي.

ان ڳالهه سان سڀ متفق آهن ته سائيبيريا (روس) کان جپان ۾ آيل عبدالرشيد ابراهيم نالي جو تاتاري عالم، صحافي ۽ سياح پهريون مسلمان آهي، جيڪو هڪ مقامي جپانيءَ کي مسلمان

بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. عبدالرشيد ابراهيم جو اصل روسي نالو "Adbdrashit Gumerovich Ibragimov" هو. هي نالو ان ڪري به لکيو اٿم ته پڙهندڙن کي اندازو ٿئي ته روس پاسي مسلمانن جا ڪهڙي قسم جا اسلامي نالا ٿين ٿا. جيئن. اسماعيل، ابراهيم ۽ خليل وغيره. پر انهن جي آخر ۾ "وچ" ۽ "موو" جهڙا لفظ به ڳنڍيا وڃن ٿا، جن ڪي هو جڏهن اچارين ٿا ته اسان کي عجيب لڳن ٿا. اهو ئي حال ترڪن جي نالن سان آهي. هي صاحب عبدالرشيد (يعني عبدر رشيت) 1857ع ۾ پنهنجي روسي شهر "تارا" ۾ ڄائو ۽ 87 سالن جي ڄمار ۾ 1944ع ۾ ٽوڪيو ۾ گذاري ويو.

هتي اهو به لکندو هلان ته مولوي عبدالرشيد جو پڙ ڏاڏو (Gabdrashit) روس جي شهر تارا جي پٿرن واري مسجد ٺهرائڻ ۾ اڳ اڳ رهيو ۽ پاڻ اتان جو "آخوند" يعني مولوي، قرآن پڙهائڻ وارو ۽ مسجد جو امام سڏيو ويندو هيو. مولوي عبدالرشيد به وڏو عالم ۽ قابل ماڻهو هو. سندس جيونَ ڪٿا پڙهڻ وٽان آهي. هن ننڍپڻ کان اسلامي تعليم حاصل ڪئي. وينديءَ مديني، مڪي ۽ استنبول جي مدرسن ۾ هو ڇهه سال رهيو. ٽوڪيو ۾ اچڻ کان اڳ هو پنهنجي روسي شهر تارا جي مسجد جو امام هو جنهن مسجد لاءِ مٿي لکي چڪو آهيان ته هن جي پڙ ڏاڏي ارڙهين صديءَ جي آخر وارن سالن ۾ ٺهرائي هئي. هن ڪوتارو ياماآوڪا (Kotaro yamaoka) نالي جپانيءَ کي 1909ع ۾ ممبئيءَ ۾ مسلمان بڻايو. جنهن پنهنجو اسلامي نالو "عمر" رکيو. يعني عمر ياما اوڪا. ياما اوڪا سندس ذات هئي. عمر ياما اوڪا پهريون جپاني هو جنهن حج ڪيو. ٽوڪيو واري مسجد لاءِ دراصل عمر ياما اوڪا ڪافي ڀڄ ڊڪ ڪئي، جيڪا ترڪيءَ جي سلطان ۽ هڪ جپاني امير ماڻهوءَ جي مدد سان 12 مئي 1938ع تي ٺهي راس ٿي.

هن مسجد جو پهريون امام عبدالرشيد ابراهيم ۽ هڪ ترڪ باشندو عبدالحئي قربان علي ٿيو. هي عبدالحئي ترڪ اهو آهي، جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ 1922ع ۾ ترڪن ٽوڪيو ۾ مسلمانن جي جماعت ناهي. ٽوڪيو جي هن مسجد جي سارَ سنڀالَ ٽوڪيو ۾ رهندڙ ترڪ ڪري رهيا آهن. هونءَ جپان جي پهرين مسجد ڪوبيءَ واري آهي، جيڪا ڪوبيءَ ۾ رهندڙ ترڪ تاتارين جي واپاري برادري 1935ع ۾ ٺهرائي.

مٿي بيان ڪيل ٽوڪيو جي مسجد جي سارسنڀال لهندڙ ۽ مولوي عبدالرشيد سان گڏ مسجد جي امامت ڪندڙ مولوي عبدالحئي قربان علي "باشقير" هو ۽ روس کان آيو هو. سندس خانداني نالو "Gobdulkhay Kurbangaliev Muhammad" هو . باشقير روس جي هڪ خودمختيار صوبي باشقيرستان (Bashkortostan) جا رهاڪو ٿين ٿا. هو ترڪ نسل جا آهن ۽ هنن جي باشقير ٻولي به ترڪي ٻوليءَ سان ملي ٿي. باشقيرستان جو هي روسي صوبو وولگا نديءَ ۽ ڪوهه اورال (Ural) جي وچ ۾ آهي ۽ سندس گاديءَ وارو شهر اوفا (Ufa) روس جو يارهون نمبر وڏو شهر آهي، جنهن بابت "آرڪٽڪ جي آسپاس" نالي سفرنامي ۾ تفصيل سان لکي چڪو آهيان. ته هتي ڪيترائي مسلمان رهن ٿا ۽ مسجدون ۽ يونيورسٽيون آهن. جتي اسان جا شاگرد اسلامي تعليم به حاصل ڪن ٿا. مولوي عبدالحئي 1889ع ۾ روس جي هڪ باشقير مذهبي گهراڻي ۾ ڄائو. سندس والد پنهنجي علائقي جو امام، خطيب ۽ دين جو استاد هو. جنهن جا اڄ تائين باشقيرستان ۾

ڪيترائي مريد آهن. مولانا عبدالحئي بہ پنهنجي والد جي مدرسي مان بنيادي ديني تعليم حاصل ڪئي. 1916ع ۾ هو روس جو مفتي اعظم ٿيڻ جي تياري ڪري رهيو هو تہ روسي انقلابي جي ڪري سڀ ڪجهہ اتي رهجي ويو ۽ نئين ڪميونسٽ حڪومت مذهب، مدرسن ۽ مسجدن تي پابندي هڻي ڇڏي. مسلمانن لاءِ حالتون ناسازگار ڏسي، هو 1920ع ۾ منچوريا (چين جي اتر اوڀر واري علائقي) ۾ لڏي آيو جتي هن ٻين ترڪ ۽ باشقير رفيوجين (پناهگيرن) کي گڏ ڪيو ۽ امام ٿيو. ان بعد هو جپان ۾ آيو ۽ 1924ع ۾ ٽوڪيو ۾ رهندڙ ترڪ تاتارين ۽ باشقيرن جو محلو ٺاهيو ۽ پاڻ هنن جو مذهبي اڳواڻ ٿي رهيو. 1927ع ۾ هن ٽوڪيو ۾ رهندڙ مسلمانن جي ٻارن لاءِ اسڪول ٺاهيو ۽ 1928ع ۾ هن ”آل جپان مسلم ڪانگريس“ ٺاهي ۽ عربي ڪتاب ڇاپڻ لاءِ پريس لڳرائي، جنهن ۾ هن ترڪن ۽ انهن جي تاريخ جا ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. هن ڪوريا ۽ منچوريا جي واپاري ۽ امير شخصيتن سان تعلقات قائم ڪيا ۽ جپان جي فوجي اڳواڻن، جهڙوڪ اوگاساوارا ناگاناري، ٽوياما متسورو ۽ ٻين سان دوستي پيدا ڪئي، جن ڪان هن کي مالي مدد بہ ملي پئي، جيڪا هن ديني ڪمن ۾ استعمال پئي ڪئي. 1938ع ۾ ٽوڪيو ۾ مسجد ٺهڻ تي هو جپان جو پهريون مفتي ٿي رهيو.

مولوي عبدالحئي قربان علي جپان ۾ اسلام کي ٻين ڌرمن جيتري برابري ڏيارڻ لاءِ وڪالت ڪندو رهيو. 1939ع ۾ جپان جي وزيراعظم هيرا نُوما ڪچيرو اعلان ڪيو تہ جپان ۾ اسلام کي جپان جي ٻين ڌرمن، ٻڌ ڌرم، شنتو ۽ عيسائيت جي برابر حق ۽ سهولتون ڏنيون وينديون. 1945ع ۾ ٻي جنگ عظيم جي خاتمي تي روس جي سيڪريٽ پوليس مولوي عبدالحئيءَ کي ٽوڪيو مان جهلي وئي ۽ مٿس بغاوت جو ڪيس مڙهي ڪيس روس جي بدنام قيدخاني ”ولاديمير سينٽرل پرزن“ ۾ ڏهہ سال (1955ع تائين) قيد ۾ رکيو. ان بعد هو پنهنجي اصل ڳوٺ ۾ اچي رهيو جتي هن 1972ع ۾ وفات ڪئي.

ٽوڪيو جي مسجد بابت مٿي لکي چڪو آهيان تہ اها ”آڪٽوبر انقلاب“ بعد روس کان لڏي آيل ترڪ تاتارين ۽ باشقير مسلمانن 1938ع ۾ ٺهرائي راس ڪئي. اها مسجد مولانا عبدالرشيد ابراهيم ۽ مولانا عبدالحئي قربان عليءَ جي رهنمائيءَ ۾ ٺهرائي وئي، جنهن جو هو پهريون امام ٿيو. هيءَ مسجد ٽوڪيو جي شيبويا علائقي ۾ آهي. زلزلن جي ڪري هن مسجد ۾ ڪيترائي ڏار پئجي ويا. ان ڪري 1986ع ۾ هن کي ڊهرائي وري نئين سنئين انداز ۾ ٺهرايو ويو جنهن تي هڪ ارب ين خرچ اچي ويو. هن مسجد جي ٺاهہ جوڙ ۽ رونق لاءِ ترڪيءَ مان بہ 70 ترڪ ڪاريگر گهرايا ويا هئا. مسجد جي اڏاوت لاءِ اعليٰ قسم جو پٿر (ماربل) ترڪيءَ مان گهرايو ويو. ٽوڪيو جي مسجد، جنهن کي ترڪ ٻوليءَ ۾ ”Tokyo Camii“ لکيو وڃي ٿو ايراضيءَ ۾ 734 چورس ميٽر آهي، ڪيس هڪ بيسمينٽ آهي ۽ مٿي ٽماڙ آهي، سندس قبو (Dome) 23 ميٽر ۽ اڪيلو منارو 42 ڪن ميٽر آهي. ”Camii“ ترڪ لفظ ”جامي“ ۽ عربيءَ جي ”جامع“ مان نڪتل آهي. معنيٰ جامع مسجد. هيءَ نئين مسجد 2000ع ۾ ٺهي راس ٿي.

**احمد آريگاءِ ڪوبيءَ واري مسجد....**

شروع جي ڏينهن ۾ جيڪي جپاني مسلمان ٿيا، بُونپاچيرو آريگا (Bunpachiro Ariga) پڻ انهن مان هڪ هو جيڪو پڻ ياما اوڪا وارن ڏينهن ۾، واپار لاءِ انڊيا ويو هو جتي جي مقامي مسلمانن جي اثر هيٺ هن اسلام قبول ڪيو۽ پنهنجو نالو ”احمد آريگا“ رکيو.

ميجي انقلاب (Meiji Restoration) بعد (يعني 1868ع ڌاري) جپان ۾ هاءِ بوتسو ڪِشاڪو (Haibutsu Kishaku) نالي هڪ مهم هلي هئي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، ”ٻڌ ڌرم ۽ شاڪيا موني (Shakya muni) کي ختم ڪريو ۽ ان کي جپان مان تڙي ڪڍو“. هتي ان لفظ ”شاڪيا مونيءَ“ جي سمجهاڻي ڏيندو هلان. عيسوي سن کان هزار کن سال اڳ تائين اڄ جي نيپال ۽ انڊيا واري بارڊر وٽ شاڪيا (Shakya) نالي هڪ قوم رهي پئي، جنهن جا رهاڪو به ان نالي سان سڏيا پئي ويا. انهن ۾ سڌارٿا گوتم نالي هڪ بهترين شاڪيا، يعني شخص پيدا ٿيو جيڪو ”گوتم ٻڌ“ ۽ ”شاڪيا موني ٻڌ“ جي نالن سان سڏجڻ لڳو. جپاني گوتم ٻڌ کي شاڪيا موني نالي سان سڏين ٿا. سو هن ”Haibatsu Kishaku“ مهم ۾ ڪيترائي مندر ۽ گوتم ٻڌ جا مجسما (Statue) پٽيا ويا ۽ ڪتاب ساڙيا ويا هئا. ان مهم ۾ هڪ ٻه نه پر چاليهه هزار مندرن کي نقصان رسايو ويو هو.

مٿي ذڪر ڪيل جپاني مسلمان احمد آريگا 1868ع ۾ ڄائو هو ۽ هن مهم ۾ هن هڪ ٻار جي حيثيت ۾ حصو ورتو هو. هن تجربي ۾، هن ڏٺو ته جن ديوتائن، يعني گوتم ٻڌ جي بتن کي پٽيو ويو انهن ته ڪجهه به نه ڪيو. جپاني انهن بتن توڙي شنتو ڌرم جي هر ديوتا کي ڪامي (Kami) سڏين ٿا. بهرحال احمد آريگا اهو ڏٺو ته سندن ابن ڏاڏن جي شنتوڌرم توڙي ٻڌ ڌرم جي چڱي مڙس شاڪيا موني جي ”ڪامين“ (ديوتائن) ۾ ته ڪو حال افعال ئي ناهي، جو ڪٺي انسانن کي نقصان پهچائين. ”اسان آهيون جو انهن اڳيان پيا نياز ۽ پرساد رکون ۽ سجدا ڪريون“. هن سوچيو هو.

وڏو ٿي احمد آريگا ڪنهن اهڙي مذهب جي ڳولا ۾ مشغول رهيو جنهن ۾ هڪ خدا کي مڃيو وڃي. هن ڏٺو ته ٻڌ ڌرم، شنتو ڌرم ۽ ڪنفيوسينزم جي تقريرن جو ماڻهن تي ڪو اثر نه پئي ٿيو. اجان به ”عيسائيت“ تي ماڻهن تقريرون ٻڌيون پئي. اهو سوچي هو عيسائي ٿيو ۽ 1889ع ۾ نوڪري ڇڏي عيسائيت (Christianity) جي پرچار ڪرڻ لڳو. پر پوءِ جلد ئي هن کي مونجهارو ٿيو ته عيسائيت ۾ پادري هڪ اڪيلي خدا جي ڳالهه ڪرڻ بدران فادر، پٽ (ڪرائسٽ) ۽ هولي اسپرٽ، يعني ٽن ٽن خدائن جي ڳالهه ڪن ٿا. اهو سوچي هو آهستي آهستي ٿڌو ٿي ويو۽ تبليغ جو ڪم ڇڏي، واپار سانگي انڊيا روانو ٿيو جتي هن جي هڪ انڊين مسلمان واپاري حيدر عليءَ سان ملاقات ٿي. هيءَ 1892ع جي ڳالهه آهي. احمد آريگا حيدر عليءَ ۽ هن جي مذهب اسلام مان بيحد گهڻو متاثر ٿيو. هن کي پهريون دفعو اسلام بابت ڄاڻ ٿي ۽ پوءِ اڳتي هلي 1932ع ۾ آريگا جڏهن 65 سالن جو ٿيو ۽ ڌنڌي مان رٽائرمينٽ اختيار ڪيائين ته هن مسلمان ٿيڻ جو ارادو ڪيو. انهن ڏينهن ۾ هن جي ملاقات روسي ترڪ مولوي عبدالحئي قربان عليءَ سان ٽوڪيو ۾ ٿي، جنهن هن کي شاگرديءَ ۾ ملايو. جيڪو ڪوبيءَ جي مسلمانن جو اڳواڻ هو. سيپٽمبر 1932ع تي آريگا ان

جاءِ تي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو جيڪا جاءِ ڪوبيءَ واري مسجد لاءِ مقرر ٿي چڪي هئي. هن پنهنجو نالو احمد رکيو. ٽن سالن بعد 1935ع ۾ ڪوبيءَ واري هيءَ مسجد ٺهي راس ٿي.

هيءَ مسجد جپان جي پهرين مسجد آهي ۽ اها ڪوبيءَ جي تاريخي ۽ ڪمرشل علائقي ڪتانو (Kitano- cho) ۾ آهي. هيءَ مسجد ائين آهي، جيئن ڪراچيءَ جي ”ميمڻ مسجد“، جنهن جي اردگرد بولٽن مارڪيٽ، موتن داس مارڪيٽ، کوڙي گارڊن جهڙيون مارڪيٽون آهن، جن ۾ سڄو ڏينهن گراهڪن جي پيهه پيهان رهي ٿي. اسانجو جهاز ڪوبيءَ جي بندرگاهه ۾ لنگر انداز ٿيندو هو ته اسان خريداريءَ لاءِ سڌو هن مسجد واري علائقي ۾ ايندا هئاسين. مسسجد جي ويجهڙائيءَ ۾ ئي ٻڌن جي اڪوتا درگاهه ۽ ڪوبي وومين يونيورسٽي آهي. ”سنوميان“ ريلوي اسٽيشن به اتي ئي آهي. هونءَ مسجد جي پوسٽل ائڊريس هن ريت آهي:

2-24-14, Nakayamate Dori, Chuo- Ku, Kobi- Shi, Japan 650-0004

مضبوط عمارت سازيءَ ۽ بيسمينٽ جي ڪري هيءَ مسجد ٻي مهاياري جنگ ۾ ٿيندڙ هوائي حملن ۾ به بچي وئي. بلڪ ڪيترن ئي ماڻهن هن مسجد جي بيسمينٽ ۾ اچي پناهه ورتي هئي. 1995ع ۾ جيڪو هتي خطرناڪ زلزلو آيو (جنهن ۾ ڪوبي شهر جو وڏو حصو هن مسجد واري علائقي سميت تباهه ٿي ويو)، ان زلزلي ۾ به هيءَ ”ڪوبي مسجد“ ڏاهه ڏوهه کان بچي وئي. هي زلزلو جيڪو جپاني ٻوليءَ ۾ ”هان شِن اواجي دائي شن سائي“ (The Great Hanshin Earthquake) نالي سان مشهور آهي 17 جنوري 1995ع تي ويهه سيڪنڊن لاءِ هليو. اهو Moment Magnitude Scale يعني ماپ جي حساب سان 7 درجي جو هو. هن زلزلي جو مرڪز (Epicentre) ڪوبيءَ کان فقط 20 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي اواجي ٻيٽ هو. هن زلزلي ۾ فقط ڪوبي شهر مان 6000 کان مٿي ماڻهو مري ويا هئا. هن کان وڏيڪ طاقتور ڪانٽو زلزلو هو جيڪو 1923ع ۾ آيو هو ۽ جنهن ۾ هڪ لک کان مٿي ماڻهو مري ويا هئا. ان جو درجو (گريڊ) 8 هو. جپان جي مشهور ليکڪ ”ياسُوناري ڪاوا باتا“ جي ناول ”The Scarlet Gang of Asakusa“ جي ڪيترن ئي بابن ۾ هن زلزلي جو احوال آهي.

هن زلزلي ۾ هن شهر جي مسجد ته بچي وئي، پر ٻيون چار لک کن عمارتون ڊهي ويون يا انهن ۾ وڏا ڏار پئجي ويا. ايتري قدر جو ڪوبي بندرگاهه جي 150 ڏڪن (Jetties) مان 120 هيٺ ڊهجي ويون. وڏا وڏا روڊ، ويندي بندرگاهه وٽان لنگهندڙ”Hanshin Expressway Route 43“ ۽ پليون اکڙجي ويون ۽ اٽڪل 300 هنڌن تي باهه لڳي هئي.

ٽن مهينن بعد آئون پنهنجي ڏيءَ سان ملڻ لاءِ اوساڪا آيس ته اتان ڪوبيءَ پڻ آيس. هن شهر جي ڊنل حالت ڏسي حيرت ٿي ته هيڙو جديد ۽ مهانگو شهر ڪنڊر ٿي ويو هو. پر شاباس هجي جپاني حڪومت کي، سال ڏيڍ بعد وري آيس ته ڪوبي شهر اهڙو ئي جرڪندڙ ۽ خوشحال نظر آيو. جهڙو 1972ع کان ڏسندو آيو هوس. بلڪ پهرين کان به سهڻو ۽ جديد نظر آيو. هونءَ هن زلزلي جي تباهيءَ جو اندازو ان مان لڳايو ته هر زلزلي بعد هڪ به ٻيا به جهٽڪا لڳندا آهن. جيڪي پڻ ڪافي

خطرناڪ هوندا آهن. هن ڪوبيءَ واري زلزلي کان پوءِ ڪيترائي ڏينهن اٽڪل 74 جهٽڪا لڳا. ايتريقدر جو ماڻهو ڪيترائي هفتا پنهنجي گهرن اندر داخل ٿيڻ کان ڊڄڻ لڳا هئا.

هن زلزلي ۾ ڪوبي مسجد جي ڳالهه جپاني مسلمان احمد آريگا تان نڪتي، جيڪو هن ڪوبي مسجد جي ٺهڻ کان ٽي سال اڳ، ان مسجد واري جاءِ تي 1932ع ۾ مولوي عبدالحئي قربان عليءَ ۾ ڪوبيءَ جي مسلمانن جي اڳواڻ شام گونيءَ جي معرفت مسلمان ٿيو هو. مسلمان ٿيڻ بعد احمد آريگا هر وقت اسلام جي تبليغ ڪندو رهيو. پهرين هو جپان جي اولهه واري حصي، ڪوبي، ڪيوٽو ۽ اوساڪا جي جپانين کي اسلام بابت ٻڌائيندو رهيو. 1933ع ۾ هو ٽوڪيو آيو جتي هن اسلام جي پرچار ۾ ٻين ڪمن لاءِ هڪ آفيس قائم ڪئي ۽ پوءِ در در ۾ محفلن ۾ وڃي اسلام بابت ٻڌائڻ بدران هن ڇپائيءَ ذريعي ماڻهن تائين اسلام جي ڄاڻ پهچائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. 1934ع ۾ هن قرآن شريف جو جپاني ترجمو ڇپرائي گهٽ قيمت تي ماڻهن کي ڏنو. ڇو جو ان کان اڳ وارو پهريون ڇاپو جپانين کي تمام مهانگو ٿي لڳو. 1935ع ۾ هن حضور صلعم جن جي سوانح حيات به جپاني ٻوليءَ ۾ ڇپرائي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي سموري قوت دين جي ڪمن تي لڳائي رکي. 78 ورهين جي ڄمار ۾ هِنَ جپاني احمد (بونپاچيرو) آريگا، 1946ع ۾ ٽوڪيو ۾ وفات ڪئي.

**جپان جا اهم شروعاتي مسلمان....**

اوڻهين صديءَ ۾، ميجي انقلاب بعد، ڪيترائي جپاني واپار ۽ مختلف ڪمن لاءِ انڊيا، ترڪي ۽ ٻين ملڪن ۾ وڃڻ لڳا. ترڪيءَ لاءِ مشهور آهي ته ڪيترائي جپاني اوڏانهن ٿوري ٿوري عرصي لاءِ ايندا ويندا رهيا، پر ٽي اهڙا جپاني هئا، جيڪي استنبول (ترڪيءَ) ۾ وڏو عرصو رهي پيا، جن جو ذڪر ترڪيءَ ۾، جپان سان دوستيءَ جي سلسلي ۾، اخبارن ۾ هن عنوان سان ايندو رهي ٿو:

“Sun & Crescent-3 Japanese in Istanbul”

سج جپان جي نشاني آهي ۽ هلال (چنڊ) ترڪيءَ جي. اهي ٽي جپاني جيڪي ترڪيءَ ۾ وڏو عرصو رهي ڪاروبار، پورهيي ۽ درس تدريس جهڙا ڪم ڪندا رهيا، تقريبن همعمر هئا: يامادا (1866ع_1957ع)، اِتو (1867ع_ 1954ع) ۽ اوتاني (1876ع_1948ع). ٽنهي سلطنت عثمانيه ۽ ريپبلڪ ترڪيءَ ۾ دلچسپي پئي رکي، ان ڪري هو استنبول ۾ وڏو عرصو رهيا.

اِتو (Itu Chuta) آرڪيٽيڪٽ ۾ پروفيسر هو. هن جو ترڪيءَ بابت تفصيلي سفرنامو آهي. خاص ڪري عمارت سازيءَ بابت. ٻيو اوتاني (Otani Kozui) جيڪو ٻڌ ڌرم جو عالم ۽ محقق هو. هن اتاترڪ سان ملي ”انقره ائگرو انڊسٽري“ ڪمپنيءَ جو بنياد رکيو ۽ بعد ۾ هڪ ٻئي ترڪ سان ملي ريشم جو ڪپڙو اڻڻ جي فئڪٽري ترڪيءَ جي هڪ ٻئي شهر برسا (Bursa) ۾ کولي.

جپان جي اسلامي تاريخ ۾ ترڪيءَ ۾ رهندڙ ٽنهي جپانين ۾ پهريون يامادا (Yamada Torajiro) اهم شخصيت آهي. هڪ ڪامياب واپاري ۽ چانهه پيئڻ جي رسم جو ماهر يامادا تورا جيرو هڪ سٺو ليکڪ به آهي، جنهن ويهه سال ترڪيءَ ۾ رهڻ دوران ترڪيءَ تي جپانيءَ ۾ ڪتاب لکيو جنهن جو انگريزي ترجمو “Turkey An Official Look” آهي.

ياماڊا 1892ع کان وٺي 1912ع تائين استنبول ۾ ويهه سال رهيو جتي هو غير سرڪاري طرح جپان جي سفارتخاني لاءِ قونصل جنرل جا فرض به ادا ڪندو رهيو. ترڪيءَ ۾ رهڻ دوران هن اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجو نالو عبدالخليل رکيو. واپس جپان موٽڻ وقت هو حج به ڪندو آيو.

جپان جي شروعاتي مسلمانن ۾ هڪ بيحد اهم شخصيت اوڪاوا (Shumei Okawa) هڪ سرڪاري آفيسر ۽ اعليٰ تعليم يافته جپاني ٿي گذريو آهي. هي اسلامي معلومات جو به وڏو عالم هو. جيئن مولانا مودوديءَ جيل ۾ قرآن مجيد جو تفسير لکيو. تيئن ٻي جنگ عظيم بعد آمريڪي فوج طرفان هن کي مليل سزا موجب جيل ۾ رهڻ دوران هن قرآن مجيد جو ترجمو مڪمل ڪيو جيڪو هو ٻيهرين کان شروع ڪري چڪو هو.

شوميئي اوڪاوا هڪ جپاني قوم پرست ۽ پئن - ايشين ليکڪ هو. جپان پاسي هيءَ "Pan Asian" تحريڪ وقت بوقت عام ٿيندي رهي آهي، جنهن مطابق جپانين جي اهائي سوچ آهي ته "اسين ايشيا جا ماڻهو يورپ کان الڳ آهيون. يورپ جي آمريت اسان کي غلام سمجهي ٿي، جنهن جي خلاف اسان ايشيائين کي هڪ ٿي وڃڻ کپي ۽ احتجاج ڪرڻ کپي". اوڪاوا جپاني تاريخ، مذهب جي فلسفي، انڊين فلسفي ۽ سامراجيات بابت ڪتاب ڇپرائي عام ڪرڻ سبب مشهور هو. هو جپان جي ياماگاتا ضلعي جي ساڪاتا شهر ۾ 1886ع ۾ ڄائو ۽ 1911ع ۾ ٽوڪيو امپيريل يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪيائين. جتي هن انڊين فلسفي ۽ ويدڪ ادب بابت تعليم حاصل ڪئي. ان بعد هن جپاني فوج ۾ ترجميڪار جي نوڪري ڪئي. هن وٽ جرمن، فرينچ، انگريزي، پالي ۽ سنسڪرت ٻولين جي سٺي ڄاڻ هئي ۽ چئني ويدن: رِگ ويد، سَماويد، يجُور ويد ۽ اَٿر ويد کي چڱيءَ طرح پڙهيو هيائين. هن تي اناگاريڪا ۽ مولوي برڪت الله جي لکڻين وڏو اثر ڪيو هو، جيڪي جپاني مئگزين "Michi" ۾ ايندي رهنديون هيون.

انگاريڪا (Anagarika Dharampala) سريلنڪا جو سنهالي ٻولي ڳالهائيندڙ ٻڌ ليکڪ ٿي گذريو آهي، جيڪو 1864ع ۾ ڪولمبو ۾ ڄائو (يعني اوڪاوا کان 22 سال وڏو هو) ۽ 1933ع ۾ سريلنڪا ۾ ئي گذاري ويو. هي بيحد مشهور ٻوڌي ليکڪ ٿي گذريو آهي، جنهن جا لکيل ڪيترائي ڪتاب اڄ به سريلنڪا جو تعليمَ کاتو سنهالي ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپرائيندو رهي ٿو. 2014ع ۾ هن جي 150 هين جنم ڏينهن تي انڊيا ۽ سريلنڪا هن جي ياد ۾ ٽپال جي ٽڪلي به جاري ڪئي هئي. ڪولمبو ۾ هن جي نالي "انگاريڪا ڌرم پالا ماوٿا" اسٽريٽ به آهي. سنهالي ٻوليءَ ۾ ماوٿا معنيٰ روڊ، رستو جيئن فارسيءَ ۾ شاهراهه، هنديءَ ۾ مارگ ۽ ملئي ۾ جالان لفظ رستي يا گهٽيءَ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ڌرم پالا جو هڪ ڪتاب بيحد مشهور آهي "Return to Righteousness: Collection of Speeches Essays & Letters"

مولانا برڪت الله (عبدالحفيظ محمد برڪت الله) هن جپاني مسلمان اوڪاوا کان ٽيهارو کن سال وڏو هو ۽ 1854ع ۾ مڌيا پرديش جي شهر ڀوپال ۾ ڄائو هو. هو انڊيا جي آزاديءَ لاءِ ملڪ کان ٻاهر رهي پنهنجين پرجوش تقريرن ۽ انقلابي لکڻين ذريعي جنگ جوٽيندو رهيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هي ايترو وقت جيئرو نه رهي سگهيو جو ملڪ کي آزاد ڏسي سگهي. 1927ع ۾ گذاري ويو.

1988ع ۾ انڊيا جي حڪومت مولانا برڪت الله کي عزت بخشڻ لاءِ ”ڀوپال يونيورسٽيءَ“ جو نالو بدلائي ”برڪت الله يونيورسٽي“ رکيو. انڊيا جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ انڊينس، ملڪ کان ٻاهر رهي جيڪا پهرين Provisional حڪومت ٺاهي، ان جو مولانا برڪت الله کي وزيراعظم بڻايو ويو هو. هيءَ عارضي حڪومت 1915ع ۾ ڪابل (افغانستان) ۾ ٺاهي وئي هئي. ان کان اڳ 1913ع ۾ سئن فرانسسڪو (آمريڪا) ۾ جنهن غدر پارٽيءَ جو بنياد رکيو ويو مولانا برڪت الله ان جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو. 1910ع ۾ مولانا صاحب جپان وڃي رهيو جتي هن اسلامي برادري ٺاهي. 1911ع ۾ هن ٽن جپاني ماڻهن کي مسلمان ڪيو. هڪ سنڌس اسسٽنٽ حسن هتاناڪو ٻي هن جي زال ۽ ٽيون زال جو پيءُ ڪينتارو هِڪي. ڪي اهو ٿي چون ٿا ته هي پهريان جپاني آهن، جيڪي مسلمان ٿيا. مولانا صاحب جپان ۾ رهي اسلام تي ۽ انڊيا جي آزاديءَ تي لکندو رهيو. 1914ع ۾ جپان حڪومت مولانا صاحب جي هڪ پمفليٽ ”The Sword is the last Resort“ تي بندش هنئين، ان بعد هن اردوءَ ۾ هڪ پمفليٽ ”فرنگي ڪا فريب“ عام ڪيو. جپاني اوڪاوا مولانا برڪت جي لکڻين مان به مرعوب هو. 1926ع ۾ اوڪاوا جي هڪ بااثر ڪتاب ”جپان ائنڊ دي وي آف دي جپانيز“ (جپاني نالو Nihon Oyobi Nihonjin no michi) جپان ۾ وڏو تَرٿلو مچايو. ايتري قدر جو هي ڪتاب ايڏو مشهور ٿيو جو ٻي جنگ عظيم جي خاتمي تائين هي ڪتاب 46 دفعا ڇپيو. ٻي جنگ عظيم ۾ آخرڪار گڏيل قومن جي سوپ تي هُنن ٻين جپانين سان گڏ اوڪاوا تي به ڪيس هلايو. اوڪاوا سان گڏ جيڪي 28 ڄڻا هئا، انهن کي ته ڦاهي ڏني وئي. اوڪاوا جي دماغي حالت صحيح نه هجڻ ڪري هن کي فقط قيد جي سزا ڏني وئي. ڪجهه عرصو جيل ۾ رکي هن کي ٽوڪيو جي چرين جي اسپتال ”Matsuzawa Hospital“ ۾ رکيو ويو. جتي هن قرآن شريف جو جپانيءَ ۾ ٽيون ترجمو مڪمل ڪيو. 1948ع ۾ هن کي هن اسپتال مان به آزاد ڪيو ويو. هو زندگيءَ جي آخري سالن ۾ پنهنجي زندگيءَ جون يادگيريون (Memoirs) لکندو رهيو. هن ان جپاني ڪتاب: ”Anraku no Mon“ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٻن ڄڻن ڪيو آهي، جن ڪتابن جا نالا آهن ”Gate to Comfort“ ۽ ”The Gate to Peace of Mind“. هن ڪتاب ۾ اوڪاوا چرين جي اسپتال وارن ڏينهن لاءِ لکي ٿو ته، اهي ڏينهن هن لاءِ پُرسُڪون هئا.

آڪٽوبر 1957ع ۾ انڊيا جو وزيراعظم جواهر لعل نهرو هڪ مختصر ٽرپ لاءِ جپان آيو ته هن اوڪاوا سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. نهروءَ جي هٿ سان لکيل دعوت، ٽوڪيو ۾ انڊيا جي سفارتخاني جو آفيسر، اوڪاوا کي ڏيڻ لاءِ هن جي گهر پهتو ته هن ڏٺو ته اوڪاوا بلڪل مرڻينگ حالت ۾ هو ۽ هن لاءِ ٻاهر نڪري جواهر لعل نهروءَ وٽ پهچڻ ناممڪن ڳالهه هئي. هندو ويدن ۽ قرآن جو ڄاڻو مسٽر اوڪاوا ان واقعي کانپوءِ پورا به مهينا نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهي 24 ڊسمبر 1957ع تي گذاري ويو.

1970ع واري ڏهاڪي ۾ اوڪاوا جو يادگيرين جو جپانيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”انراڪو نو مون“ مون ٽوڪيو ۾ پنهنجي سفارتخاني ۾ ڏٺو هو جڏهن قمرالاسلام صاحب جپان ۾ پاڪستان جو سفير هو. ڪافي ٿلهو ڪتاب هو جنهن جي ان وقت به قيمت 6000 ييِن هئي، يعني اڄ جا اسان جا ست

هزار روپيا. جپاني لفظ ”انراڪو“ جي معنا آهي ”سُڪون“ ۽ جپاني لفظ ”No“ معنيٰ ”جو“ ۽ ”Mon“ معنيٰ ”دروازو“. جپاني جملا انگريزيءَ وانگر نہ پر هوبهو سنڌي اردو گرامر جي پوئواري ڪن ٿا. يعني ”انراڪو نو مون“ جو سنئون سڌو ترجمو ”سڪون جو دروازو“ ٿيندو ۽ نہ انگريزي حساب سان “Comfort of Gate” ايئن. سنڌيءَ جي جملي ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ جو جپانيءَ ۾ ترجمو ان ئي بيهڪ ۾ ٿيندو. يعني: ”اناتانو (تنهنجو). نومائي وا (نالو). نان (ڇا). ڊيسڪا (آهي)“.

پر انگريزيءَ ۾ ائين ناهي. انگريزيءَ ۾ ٿيندو: ”ڇا آهي تنهنجو نالو؟“ (What is your Name?)

ان ڪري اسان سنڌي يا اردو ڳالهائڻ وارن لاءِ انگريزيءَ جي مقابلي ۾ جپاني سکڻ سولو ڪم آهي. جنهن ۾ فقط جپانيءَ جا لفظ ياد ڪرڻ سان. جملا پنهنجي سنڌيءَ يا اردوءَ واري بيهڪ موجب ڳالهائي سگهون ٿا.

هتي جپاني مسلمان اوڪاوا لاءِ اهو بہ لکندو هلان تہ هو مرڻ وقت تائين اِها ڳالهہ ڪندو رهيو تہ هن کي خواب ۾ هڪ دفعو حضور صلعم جن جو ديدار نصيب ٿيو هو.

**جپانين جو مسلمانن سان واسطو (عمر ياما اوڪا ۽ عمر ميتا)**

اسلام چين ۾ تہ شروع وارين صدين ۾ ئي آيو. پنهنجي چين واري ۽ ٻين سفرنامن ۾ لکي چڪو آهيان تہ عرب جهاز رانيءَ جا ماهر هئا. هو واپار وڙي لاءِ چين ڏي هڪ تہ خشڪيءَ واري سلڪ روٽ (ريشم روڊ) ذريعي پئي آيا ۽ ٻيو سمنڊ رستي. چين جي اوبر واري چيڙي ڪئنٽن ڪان اچي پئي نڪتا. اهو ڪم اسلام جي آمد کان بہ گهڻو اڳ کان پئي هليو. ايتري قدر جو انهن عرب سوداگرن مان جيئن ئي مسلمان ٿيندا ويا تہ هنن اسلام جي تعليم نہ فقط چين ۾ رهندڙ عربن تائين پهچائي پر انهن جي پاڙيسري مقامي چينين کي بہ مسلمان بنايو. چين جي ڪئنٽن شهر جي مسجد انهن ڏينهن جي آهي ۽ دنيا جي آڳاٽين مسجدن مان هڪ آهي. ڏنو وڃي تہ هند سنڌ ۾ اسلام چين کان پوءِ آيو.

بهرحال چين ۾ اسلام اچڻ بعد انڊيا ۽ انڊونيشيا ۾ آيو. متي اتر ڏي يعني جپان ڏي يڪدم نہ آيو جو وچ تي فلپين ٿو اچي. جتي اسپين وارن جو قبضو هو ۽ جيڪي اسلام جي سخت خلاف هئا. جو مسلمانن هنن جي ملڪ (اسپين) ۽ پورچوگال تي سوين سال حڪومت ڪئي هئي. جپان وارن اسلام توڙي ان کان آڳاٽي مذهب عيسائيت کي قبول ڪرڻ ۾ دلچسپي نہ ٿي ورتي جو هو ٻڌ ڌرم ۾ چڱيءَ طرح رڱيل هئا. سو هنن مذهب جي باري ۾ ٻي ڪنهن جي ڳالهہ نہ پئي ٻڌي. جپانين پنهنجو پاڻ کي دنيا کان اهڙو تہ الڳ ٿلڳ ڪري رکيو هو. جو نَڪي هو ٻاهر پئي نڪتا نہ وري هنن ڪنهن کي پنهنجي ملڪ ۾ گهڙڻ پئي ڏنو. سندن ملڪ پاڪستان. افغانستان چين يا ملائيشيا وانگر بہ نہ آهي. جو پاڙي وارا ملڪ بارڊر ٽپي هنن جي ملڪ ۾ داخل ٿي سگهن. جپان جو سڄو ملڪ ٻيٽن جو جهڳٽو آهي. جنهن جا ڪنارا سخت ڪاڏل آهن ۽ جپان جي اردگرد شروع کان لڳندڙ سخت طوفانن ۽ سونامين. ڏارين کي تيستائين همت نہ پئي ڏياري جيسين اڳيان هلي دنيا ايڏي ترقي ڪئي جو

پاڻيءَ جا جهاز لوهہ جا ٿيا ۽ ڪَلَ (انجڻ) تي هلڻ لڳا. پوءِ جپان ۾ پهريان مسلمان ملئي خلاصي هئا، جيڪي انگريزن ۽ ڊچن جي جهازن تي آيا. ملايا (اڄ واري مغربي ملائيشيا) تي انگريزن جو قبضو هو ۽ جاوا سماترا (انڊونيشيا) تي ڊچن جي حڪومت هئي. انهن ٻنهي ملڪن جا ماڻهو دراصل ملئي نسل جا مسلمان آهن، جيڪي ملئي ٻولي ڳالهائين ٿا. پوءِ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انڊونيشيا جا ماڻهو ان کي "ٻهاسا انڊونيشيا" سڏين ٿا تہ ملائيشيا جا ماڻهو "ٻهاسا ملائيشيا". سو اهي شروع جا ملئي ماڻهو جيڪي جپان آيا پئي، اهي ملائيشيا جا بہ هئا تہ انڊونيشيا جا بہ ۽ اهي اوڻهين صديءَ جي بہ آخري سالن ۾ آيا، جڏهن جپان وارن ڌارين جي اچڻ تان پابندي هٽائي.

جهازن تي ايندڙ ملئي خلاصين بعد، جپانين جو جن ٻين مسلمانن سان واسطو پيو، اهي ترڪ هئا. 1890ع ۾ ترڪيءَ جي سلطنت عثمانيہ وارن جپان سان سنا تعلقات ٺاهڻ لاءِ پنهنجي نيويءَ جو "ارطغرل" نالي جهاز جپان موڪليو جيڪو واپسيءَ تي سخت طوفان لڳڻ ڪري 16 سيپٽمبر 1890ع تي جپان جي ڪناري وٽ ٻڏي ويو. ان جهاز ۾ 609 جي لڳ ڀڳ ماڻهو هئا، جن مان 540 ٻڏي ويا.

پهريون جپاني، جيڪو جپان کان حج تي ويو اهو "ڪوتارو ياما اوڪا" هو جنهن جي ممبئيءَ ۾ 1909ع ۾ روس ۾ جنمر وٺندڙ ليکڪ عبدالرشيد ابراهيم سان دوستي ٿي هئي ۽ هن جي رهنمائيءَ ۾ اسلام قبول ڪيو هيائين ۽ پنهنجو نالو "عمر ياما اوڪا" رکرايائين. هن کي ترڪيءَ جي "سلطان عبدالحميد (ٻئي)" طرفان ٽوڪيو ۾ مسجد ٺهرائڻ جي اجازت ۽ مدد ملي. اهڙيءَ طرح 1938ع ۾ ٽوڪيو ۾ مسجد ٺهي راس ٿي.

هونءَ جپان ۾ صحيح طرح مسلمانن جي ڪميونٽي لائيف ان وقت کان شروع ٿي، جڏهن پهرين جنگ عظيم دوران روس ۾ آيل بولشيوڪ انقلاب ۾ سوين مسلمان ترڪ، ازبڪ، تاجڪ، ڪرغز ۽ ڪذاخ پناهگيرن روس ڇڏي اچي جپان ۾ پناهہ (Asylum) ورتي ۽ جپان جي مختلف شهرن ۾ رهي پيا. انهن سان ميل ملاقاتن ڪري ڪيترا ئي مقامي جپاني مسلمان بہ ٿيا. پوءِ جڏهن مسلمانن جو تعداد وڌيو تہ ڪيتريون مسجدون ٺهي ويون. سڀ کان اول ۽ اهم مسجد ڪوبيءَ واري آهي، جيڪا 1935ع ۾ ٺهي ۽ اڄان تائين قائم دائم آهي. ڪيس ڪوبيءَ واري خطرناڪ زلزلي ۾ بہ نقصان نہ رسيو. اڄ ڪلهہ جپان ۾ ٽيهہ چاليهہ کن هڪ ماڙ مسجدون آهن ۽ اهڙيون سئو کن يا ان کان بہ مٿي هڪ ڪمري جون ننڍيون مسجدون آهن، جيڪي هتي "مصلا" سڏجن ٿيون.

پهرين جنگ عظيم دوران (جنهن ۾ جپانين چين ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا تي حملو ڪيو) ڪيترائي جپاني انهن ملڪن جي مقامي ماڻهن جي اثر هيٺ مسلمان ٿيا. هو جڏهن جپان واپس موٽيا تہ جپان ۾ هنن پهرين "جپانيز مسلم آرگنائيزيشن" ٺاهي، جنهن جو پهريون باني "صادق امائي زومي" ٿيو. بعد ۾ هن جپاني مسلم ايسوسيئيشن جو صدر عمر ميتا (Umar Mita) ٿيو.

قرآن جو عربيءَ مان باقاعده ترجمو 1972ع ۾ عمر ميتا ڪيو. هن کان اڳ قرآن جو ترجمو 1920ع، 1937ع ۽ 1950ع ۾ ڇپجي چڪو هو پر اهي ترجما غير مسلم جپانين ڪيا يا انگريزي ترجمي تان جپانيءَ ۾ ڪيا ويا هئا. عمر ميتا پهريون جپاني مسلمان هو جنهن قرآن جو ترجمو

سنئون سڌو عربيءَ تان جپانيءَ ۾ ڪيو. ائين تہ هڪ ترجمو عربيءَ مان جپانيءَ ۾ 1957ع ۾ بہ ڇپيو پر اهو چوٿون ترجمو غير مسلم ڪيو هو. عمر ميتا جو هي ترجمو جيڪو هن 1968ع ۾ مڪمل ڪيو پهرين جپان مسلم ايسوسيئيشن نظر مان ڪڍيو ان بعد عمر ميتا هي ترجمو 1970ع ۾ چڪاس لاءِ مڪي شريف جي ”مسلم ورلڊ ليگ“ ڏي موڪليو جتي اهو چڱيءَ طرح جاچيو ويو ان بعد ان کي ڇاپڻ جي اجازت ڏني وئي. هي ترجمو هيروشيما جي ”تڪومي ڪوبو پرنٽنگ ڪمپنيءَ“ وارن ڇاپي 1972ع ۾ مارڪيٽ ۾ آندو. هن ڪم تي عمر ميتا کي 12 سال لڳي ويا. 10 جون 1972ع عمر ميتا لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن هو. جڏهن هي قرآن جو ترجمو ڇپجي راس ٿيو. عمر ميتا لاءِ هي ڪاميابيءَ جو ڏينهن هو. ان وقت عمر ميتا جي عمر 80 سال هئي. پورن چئن سالن بعد 1976ع ۾ عمر ميتا وفات ڪئي. رب پاڪ کيس جنت ۾ جايون نصيب ڪري. سندس ترجمو اڄ بہ ڪيترن لاءِ رهنمائي آهي ۽ جن جپانين کي عربي نٿي اچي اهي هن ترجمي ذريعي قرآن جو اصل مفهوم سمجهن ٿا.

عمر ميتا جنهن جو اصل نالو رِيواچي ميتا (Rioichi Mita) هو 1892ع ۾ هڪ جنگي جوڌي (Samurai) ٻوڌيءَ جي گهر ۾ ياماگچي ضلعي جي چوفو (Chofu) شهر ۾ ڄائو هو. هن ياماگچي ڪمرشل ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي، جيڪو ڪاليج اڄڪلهہ ”ياماگچي يونيورسٽي“ آهي. تعليم بعد هو گهمڻ لاءِ چين ويو. جتي ڪجهہ سال رهي پيو ۽ چيني ٻولي سکيو. چين ۾ هن جي چيني مسلمانن سان دوستي ٿي وئي ۽ هن کي هنن جي طرزِ زندگي بيحد پسند آئي.

عمرميتا جي حاجي عمر ياما اوڪا سان بہ ان دوران ملاقات ٿي. ”حاجي عمر ياما اوڪا“ جنهن جو مٿي ذڪر ڪري چڪا آهيون. پهريون جپاني مسلمان هو جنهن 1909ع ۾ حج ڪيو. اتان موٽڻ تي ياما اوڪا جپان جي مختلف ٻيٽن تي اسلام جي تبليغ ڪندو رهيو. 1921ع ۾ عمر ميتا اسلام بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ حاجي عمر ياما اوڪا سان وري مليو. آخرڪار 1941ع ۾ عمر ميتا 49 سالن جي ڄمار ۾ اسلام قبول ڪيو. جڏهن سٺ سالن جي ڄمار تي پهتو تہ عمر ميتا اسلام جي تبليغ ۾ پنهنجي زندگي ارپڻ چاهي. هن کي ان وقت عربي سکڻ جو شوق ٿيو. جنهن لاءِ هو 1957ع ۾ پاڪستان روانو ٿيو جتان پوءِ ٻئي سال 1958ع ۾ حج تي روانو ٿيو.

1960ع ۾ ”جپان مسلم ايسوسيئيشن“ جي پهرين صدر صادق (Sadiq Imaizumi) جي اوچتي وفات تي عمر ميتا کي JMA جو ٻيو صدر چونڊيو ويو. قرآن مجيد جي جپاني ترجمي کان علاوه عمر ميتا ٻيا بہ ڪتاب لکيا آهن. جيئن: ”Understanding Islam“ ۽ ”An Introduction to Islam“.

ان کان علاوه عمر ميتا پاڪستان ۾ رهڻ دوران مولانا محمد ذڪريا جو ڪتاب ”حياتِ صحابا“ جو پڻ جپانيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

# جپان بابت ڪجھ اهم ۽ دلچسپ ڄاڻ...

**ڪاري نوَ اِڪي واڪاري (ڍنڍَ پکيءَ وانگر، زندگي موڪلائي ٿي)**

- جپان جي آدم شماري: ٻارهن ڪروڙ ستر لک (127000000)
- اتاهون جبل: فُيوجي جبل 3776 ميٽر اتاهون آهي.
- ڌرتيءَ جي ايراضي: 377915 چورس ڪلوميٽر. ( پاڪستان جي پکيڙ 881913 چورس ڪلوميٽر ۽ آدمشماري ايڪيھ ڪروڙ ساڍا ستاويھ لک (212750000) آهي. وڏي ۾ وڏي ڍنڍ: ٻيوا (Biwa) ڍنڍ- 670 چورس ڪلوميٽر. جپان جي هيءَ ڍنڍ ”ٻيواڪو“ جپان جي چئن وڏن ٻيٽن مان هونشو ٻيٽ تي آهي. اها هونشو ٻيٽ جي هڪ پريفيڪچر (ضلعي) شيگا ۾ آهي. جيئن اسان جي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ منڇر سنڌ صوبي جي دادو ضلعي ۾ آهي (هاڻ ڪجھ دادوءَ ۾ تہ ڪجھ ڄامشوري ۾ ٿي). منڇر ڍنڍ پکيڙ ۾ 350 چورس ڪلوميٽر ٿيندي پر ساونڻيءَ جي موسم ۾ 550 چورس ڪلوميٽر ٿيو وڃي. سنڌ- بلوچستان ۾ ڪيرٿر (ڪِرٿار) جبلن جي قطار مان نديون پاڻي ڪٺي منڇر ۾ پهچائين ٿيون، جتان فالتو پاڻي سنڌو نديءَ ذريعي عربي سمنڊ ۾ پهچي ٿو.

جپاني لفظ ”ڪو“ معنيٰ ”ڍنڍ“ آهي، ”ٻيواڪو“ معنيٰ ”ٻِيوا ڍنڍ“. جيئن جپاني لفظ ”گاوا“ (Kawa) معنيٰ ”ندي“. جيئن ٽوڪيو شهر مان لنگهندڙ ”سُميدا گاوا“ معنيٰ ”سُميدا ندي“.

ٻيوا ڪو (ڍنڍ) ۾ پاڻي مختلف درياهن مان اچي ٿو. گهرج کان وڌيڪ پاڻي جيڪو نديءَ جي صورت ۾ نڪري ٿو اها ندي ”سيتا گاوا“ سڏجي ٿي. اڳتي هلي هيءَ ندي ”اوجي“ (Uji) نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. رستي تي بہ نديون: ”ڪيزو“ ۽ ”ڪاتسورا“ هن نديءَ سان ملي ”يودو“ (Yodo) ندي ٿاهين ٿيون، جيڪا خليج اوساڪا ۾ ”سيتو“ (Seto) سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

ٻيوا ۽ اسان واري ڪينجھر ڍنڍ بيحد آڳاٽيون آهن، جن جو پراڻن ڪتابن ۽ شاعريءَ ۾ بہ ذڪر اچي ٿو. پر افسوس جو اسان وٽ خيال ۽ خبرداري نہ هجڻ ڪري منڇر جو پاڻي زهريلو ٿي ويو آهي، جنهن ۾ مڇيون بہ پيون مرن ۽ پرديسي پکين اچڻ گهٽائي ڇڏيو آهي. پر هيڏانهن جپان جي سخت قاعدن قانونن تي عمل ٿيڻ ڪري ٻيوا ڍنڍ جو پاڻي صاف سٿرو آهي، جنهن کي ڪيوٽو ۽ اوتسو (Otsu) شهرن جو ڏيڍ ڪروڙ عوام پيئڻ ۾ استعمال ڪري ٿو. مڇين جا انيڪ قسم ۽ موتين (Pearls) لاءِ سِپون پاليون وڃن ٿيون. هڪ ٻي ڳالھ مون نوٽ ڪئي تہ اسان وٽ ههڙي سهڻي ۽ آڳاٽي ڍنڍ هجڻ جي باوجود ان جي آس پاس جا شهر دادو، سيوهڻ، جهانگارا، ٻاجارا ۽ واهي پانڌي

جپاني شهرن اوتسو ڪيوتو موري ياما، تاڪا شيما، ناگا هاما، مائي بارا ۾ هڪوني وانگر ترقي نه ڪري سگهيا آهن.

جپان جي اهائي هڪ وڏي ڍنڍ آهي. ان کان علاوه 26 ٻيون به ڍنڍون آهن. جيئن، ساروما، ناڪا اومي، شِن جي، تويا، اوگا وارا، تُوتورو هاچيرو تازاوا وغيره. اهي سڀ ننڍيون ڍنڍون آهن... ويهه ٽيهه چورس ڪلوميٽرن جي پکيڙ جون. ان مقابلي ۾ اسان جي ملڪ ۾ سٺ کن ڍنڍون آهن، جن جي پکيڙَ ۽ سونهن جو جواب ناهي. جيئن اسڪردوءَ وٽ شانگريلا آهي، ٺٽي ضلعي ۾ پرديسي پکين، مڇين جي ورائٽيءَ ۽ ٻيڙيءَ جي سير سبب مشهوري رکندڙ ڪينجهر (جيڪا ڪلري به سڏجي ٿي) ۽ هاليجي ڍنڍون آهن. ناراڻ ماٿريءَ ۾ لولوسر ڍنڍ آهي، جيڪا سطح سمنڊ کان 3410 ميٽر مٿاهين آهي. يعني لڳ ڀڳ فيوجي جبل جي چوٽيءَ جيتري اتاهين ٿي. ان کان علاوه اسان وٽ هُنزا ماٿريءَ ۾ عطاباد ڍنڍ آهي، ڪاغان ماٿريءَ ۾ سيف الملوڪ ڍنڍ، اسڪردوءَ ڀرسان هڪ ٻي 2700 ميٽرن جي بلنديءَ تي ستپرا ڍنڍ آهي... وغيره وغيره.

جپان جي ڍنڍ ٻيواڪو جي ڪناري وٽ ٻيهندي، يا اوتسو تاڪاشيما ۽ ناگاهاما جهڙن، ٻيوا ڍنڍ جي ڪناري وارن شهرن مان ٻيوا ڍنڍ جو نظارو ڪندي، مون کي اڪثر ٺٽي جي ڪينجهر ڍنڍ ياد اچي ويندي آهي، جيڪا گهمڻ لاءِ اسان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو کان ايندا هئاسين يا بعد ۾ والد صاحب جي ٺٽي ۾ بدلي ٿي، ته مڪليءَ تي رهائش دوران ڪينجهر ڍنڍ تي ويجبو هو. اڄ جپان جي هيءَ ڍنڍ ڏسي جپان جي شاعر مٿسو باشوءَ وانگر مون کي ڪينجهر ٿي ياد اچي. بلڪ شاهه لطيف جو بيت ٿو ياد اچي:

هيٺ جر مٿي ميجر، پاسي ۾ وڻراءُ
اچي وِجي وچ ۾ تماچيءَ جي ناءُ،
لڳي اتر واءُ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي.

مٿسو باشوءَ (Matsuo Basho) جو هڪ هائڪو آهي:

Yamaji Kite
Naniyara yukashi
Sumiregusa

هي هائڪو مٿسو باشو 1684ع ۾ ٻيوا ڍنڍ وٽان لنگهندي چيو هو. مٿسو باشو ٻيوا ڍنڍ وٽ، ڪجهه گهوڙي تي سوار ٿي ته ڪجهه پنڌ، هي جبل اُڪري اوتسو شهر وجي رهيو هو. باشو گاهه ۾ گل ڏسي متاثر ٿيو هو.

ياماجي ڪِيتي (جابلو رستي تان ايندي) "ياما" معنيٰ "جبل" ۽ "ياماجي" معنيٰ "جابلو رستو". "ڪِيتي" معنيٰ "اچڻ". جپان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ يا گهمڻ وارن لاءِ اهو لکندو هلان ته رومن جپاني جيئن مون مٿي لکي آهي، پڙهڻ ۾ ڪي آئي ٽي اِي "ڪائيٽ" نه پر "ڪِيتي" ٿيندو. جيئن جپاني شهر "Kobe"، "ڪوبي" پڙهيو وڃي ٿو.

مٿين هائڪو جي پِي سٽ آهي: ”ناني يارا يوڪاشي“ (ڪنهن ڳالهه ڪري وٺندڙ آهي). فقط ”Nani“معنيٰ ”ڇا“ ۽ ”ناني يارا“ معنيٰ ”ڪنهن ڳالهه ڪري“ ۽ ”يوڪاشي“ معنيٰ ”وڻندڙ“، ”سونهن واري“ ”Charming“ ۽ آخري سٽ آهي ”سُمي ريگوسا“ (گاهه ۾ موجود بنفشو (Violet) گل).

باشو جون هن ڏنڊ بيوا سان ڪئين يادگيريون وابسته هيون. هو هن ڏنڊ جي پر واري علائقي ”Iga“ ۾ ڄائو ۽ هن ڏنڊ جي پرواري هڪ ٻئي شهر ڪيوٽو مان تعليم حاصل ڪيائين. باشو هن ڏنڊ جو ديدار 1684ع ۾ ۽ مرڻ کان ڪجهه مهينا اڳ 1690ع ۾ ڪيو. هُن هِن ڏنڊ جي آس پاس قدرتي سونهن ۽ مندرن جو احوال پنهنجي يادگيرين ۾ ڪيو آهي. هو اونهاري جي ڏينهن ۾ بيوا ڏنڊ مٿان ڪڪرن کي ترندو ۽ شام جو هڪ جهنگلي بدڪ (Geese) کي ڏنڊ تي لهندو ڏسي ڏاڍو متاثر ٿئي ٿو ۽ هڪ هائڪو ۾ چوي ٿو:

Kumo to hedatsu
Tomo Ka ya Kari no
Ikiwakare

”ڪُومو تو هيداتشو“ (هوا ۾ ترندڙ ڪڪر وانگر). جپانيءَ ۾ ”ڪومو“ (Kumo) معنيٰ ”ڪڪر“.

”تومو ڪا يا ڪاري نو“ (هڪ جهنگلي بدڪ ۽ هن جي پيڇي (ساٿيءَ) وانگر). (Kari) معنيٰ ”بدڪ“ (Wild Geese) ”تومو“ (Tomo) معنيٰ ”ساٿي“ يا ”ساٿياڻي“. هونءَ ”دوست“ لاءِ جپاني لفظ ”تومو داچي“ (Tomodachi) استعمال ٿئي ٿو. ”وڪاري“ معني ”موڪلائڻ“ (Farewell)“. تومو ڪايا ڪاري نو اِڪي وڪاري (هڪ جهنگلي بدڪ ۽ ان جي ساٿيءَ وانگر، زندگي موڪلائي ٿي). بِيوا ڏنڊ جي ڪناري تي ان جي صاف پاڻيءَ ۾ آنءُ پيرِ پسائي پنهنجي ڏينهون ڏينهن گدلي ٿيندڙ ڪينجهر لاءِ اهو ته ضرور چئي سگهان ٿو ته: ”ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌي ميري نه ٿئي“.

اسان جي ڪينجهر تي پکين جي شڪار ۽ پاڻيءَ ۾ گندگيءَ جي شامل ٿيڻ سبب اڄ اسان وٽ نه اهو پرديسي پکين جو وڏو تعداد آهي ۽ نه اهي مڇين جا انيڪ قسم. پَلي اسان دل ئي دل ۾ شيخ اياز جي لفظن ۾ ڪينجهر جي اوڄ جون سڏون ڪندا رهون ته:

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي،
ڪو ميلو نيٺ ته مچڻو آ!
ڪا نوري نيٺ ته نچڻي آ،
ڪوئي ته تماچي اچڻو آ!

پر ان ميلي کي مچائڻ لاءِ اسان کي جپانين وانگر محنت ڪرڻي پوندي. ان کي صاف رکڻو پوندو. پرديسي پکين جي حفاظت ڪرڻي پوندي. آبي جيوت جي جياپي لاءِ زهريات کي پري رکڻو پوندو. ترقياتي ڪمن جي پئسي کي ذاتي عياشين تي ضايع ڪرڻ بدران ڪينجهر جي سونهن تي

خرچ ڪرڻو پوندو. جيئن گهٽي ڪان گهٽا ڏيهي ۽ پرڏيهي هن ڍنڍ ڪي ڏسڻ لاءِ ائين اچن جيئن جپان ۾ ڍنڍ ٻيوا (Biwa) تي اچن ٿا...

**جپان جو ڌرم، قومي ترانو وغيره...**

- جپان جو سڪو: يين.
- جپان جو جهنڊو: اڇي ڪپڙي تي وچ ۾ ڳاڙهو سج.
- سرڪاري زبان: جپاني.
- سرڪاري ويب سائيٽ: www.japan.go.jp
- ٽائيم زون: 9 + UTC

اسان جو ٽائيم زون 5 + آهي. يعني اسان جو ٽائيم لنڊن جي گرين وچ مِين ٽائيم (GMT) کان پنج ڪلاڪ اڳيان آهي ۽ جپان جو نو ڪلاڪ اڳيان آهي... يعني اسان وٽ ڪراچيءَ يا لاهور وغيره ۾ سج لنڊن کان پنج ڪلاڪ اڳ ٿو اڀري ۽ جاپان ۾ اسان کان ٻه چار ڪلاڪ اڳ اڀري ٿو.

- جپان جو فون نمبر: 81 + جيئن اسان جو 92+ آهي ۽ انڊيا جو 91+.
- جپان جو ڪوڊ: JP.
- جيئن اسان جو PK آهي، ملائيشيا جو MY، فرانس جو FR وغيره.
- قومي ڏينهن: 11 فيبروري.
- جيئن اسان جو 14 آگسٽ آهي، جنهن ڏينهن تي اسان جي ملڪ کي خودمختياري ملي ۽ انگريزن ننڍي کنڊ جي پچر ڇڏي. اسان ان ڏينهن کي "يوم آزادي" سڏيون ٿا. جپاني ان کي "ڪين ڪو ڪو ڪِي نين نو هِي" (Kenkoku Kinenno Hi) سڏين ٿا. يعني "نيشنل فائونڊيشن ڊي". هن ڏينهن تي شهنشاهه جيمو جي سرپرستيءَ ۾ جپاني قوم ٺهي هئي. جپانين جي ڏند ڪٿائن مطابق ان ڏينهن تي جپان ٺهيو هو ۽ جپان جو پهريون شهنشاهه جِيمو (Jimmu) 660 ق م ۾ 11 فيبروريءَ تي نارا (Nara) پريفيڪچر جي "ڪاشي هاراگو" شهر ۾ تخت تي لٿو هو. ڪاشي هارا شي ("شي" معنيٰ "شهر") ۾ ان هنڌ تي شنتو درگاهه آهي، جيڪا گهڻو پوءِ ناهي وئي هئي.

آڳاٽين روايتن مطابق شهنشاهه جِمو (Jimmu) جپان جو پهريون شهنشاهه آهي. جپاني ڏند ڪٿائن موجب هو سورج ديوي اَماتيراسو (Amaterasu) جي پوٽي نينگي (Ninigi) ۽ طوفان جي ديوتا سوسانُو (Susanoo) جو اولاد آهي. جِمو شهنشاهه جي هن ڌرتيءَ تي لهڻ واري تاريخ تي جپاني موڪل ڪن ٿا. شهنشاهه جِيمو هن ڌرتيءَ تي ان نازل ٿيڻ واري تاريخ (11 فيبروري، 660 ق م) کان 585 ق م تائين 75 سال پهرين شهنشاهه جي حيثيت ۾ راج ڪيو. جپانين جو چوڻ آهي ته هو (جيمو) 711 ق م ۾ ڄائو هو. ان حساب سان هو جڏهن جپان جي ڌرتيءَ تي لٿو هو ته هن جي عمر 51 سال هئي ۽ هن 126 ورهن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ان بعد هن جو وڏو پٽ سُوازِيئي (Suizei) جپان

جو ٻيو شهنشاهه ٿيو جيڪو سلسلو اڄ تائين هلندو اچي. جنهن جو موجوده شهنشاهه ”تينو نارُو هِيتو“ 126 هون تينو (شهنشاهه) آهي. جپانيءَ ۾ ”تينو“ جي معنيٰ ”شهنشاهه“ آهي.

جپان جو قومي ترانو ”ڪِمي گايو“ (Kimigayo) معنيٰ ”شهنشاهِ عالي جي سلطنت“ آهي. منهنجي خيال ۾ جپان جو هي قومي ترانو نه فقط دنيا جي قومي ترانن کان جهونو آهي، پر مختصر پڻ. جپان جي شهنشاهيت ته عيسوي سن کان به ست صديون آڳاٽي آهي ۽ اڄ تائين هلندي پئي اچي ۽ جپان جي هن قومي تراني جو وڪا شعر هيئن (Heian) دور کان هلندو اچي. هيئن (يا هيئان) دور 794ع کان 1185ع تائين هليو. هن دور ۾ نه فقط پڙ ڏرم جپان ۾ عام ٿيو پر شاعريءَ ۽ آرٽ ۾ به جپان ترقي ڪئي. چون ٿا ته هن دؤر ۾ هي وڪا (Waka) يعني جپاني شعر، مشهور ٿيو ۽ ڳايو وڃڻ لڳو. وڪا ۾ گهڻو ڪري 7_7_5_7_5 ترتيب واريون پنج سٽون ٿين ٿيون. هونءَ ته وڪا شاعريءَ جا به ڪيترائي نمونا آهن، جيئن: تنڪا (Tanka) ننڍا شعر، چوڪا (Choka) وڏا شعر، سيڊوڪا (Sedoka) ياد ڪرڻ جهڙا شعر. جيڪي اڪثر پڌ ڏرم جي مندرن جي درن ۽ پٽين تي لکيل نظر اچن ٿا، ۽ ڪاتا اوتا (Katauta) شعر جا ننڍڙا حصا آهن.

اسان وٽ سنڌيءَ توڙي اردوءَ ۾ جپاني شاعريءَ جي صنف ”هائڪو“ ته ڪافي عرصي کان مشهور آهي، پر اڄ ڪلهه اسان وٽ ”وڪا“ جي گهاڙيٽي واري شاعري به نظر اچي ٿي.

جپان جو قومي ترانو ”ڪِمي گايو“ يعني ”شهنشاهه جي سلطنت“ پهرين راڳ طور ڳايو ويندو هيو يا خوشيءَ جي ڪاڄن ۽ نئين سال جي موقعي تي مرد توڙي عورتون ڳائيندا هيا. پر پوءِ 1880ع ۾ هن کي هڪ خاص ڌن ڏئي قومي تراني طور ڳايو وڃڻ لڳو. ڪنهن جلسي، ميٽنگ يا اسڪول جو ڏينهن شروع ڪرڻ وقت يا ريڊيو جو صبح جو پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ ۽ رات جو پروگرام ختم ڪرڻ وقت ”ڪِمي گايو“ ڳايو وڃڻ لڳو. هن تراني ۾ بس ملڪ جي شهنشاهه جي وڏي زندگيءَ ۽ سلطنت قائم دائم رهڻ جي ئي دعا آهي، جيئن بعد ۾ انگلينڊ وارن به هڪ دعا شروع ڪئي ته ”God Save The King“. اها دعا اسان ننڍي کنڊ جا ماڻهو به آزاديءَ کان اڳ اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ پڙهندا هئاسين. نه فقط اسان وٽ ننڍي کنڊ ۾ پر ملايا، سنگاپور، ڪينيا، نائيجيريا وغيره ۾ پڻ، جن جن ملڪن ۾ انگريزن جو راڄ هو اهو قومي ترانو پڙهيو ويندو هيو. اڄ به برطانيا کان علاوه ڪئناڊا، نيوزيلينڊ، آسٽريليا جهڙن ملڪن ۾ ”God Save The Queen“ قومي ترانو پڙهيو وڃي ٿو.

ٻي جنگِ عظيم دوران ڪجهه سالن لاءِ جپان وارن جو هانگ ڪانگ، سنگاپور، ملايا وغيره تي قبضو ٿيو ته انهن ملڪن ۾ ”God Save The King“ يعني انگريزن جي بادشاهه ۽ ان جي بادشاهت جي دعا گهرڻ بدران ”ڪمي گايو“ جپاني شهنشاهه ۽ ان جي سلطنت جي دعا وارو جپاني قومي ترانو ڳايو وڃڻ لڳو. اسان ننڍي کنڊ جا ماڻهو ذري گهٽ بچي وياسين. جو جپاني فوجون برما تائين پهچي ويون هيون. آمريڪا وارا هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽم بم نه هڻن ها ته هالا، سڪرنڊ ۽ مٽياريءَ جي پرائمري اسڪولن ۾ اسان جا ٻار به سنگاپور ۽ ملايا جي اسڪولن جي ٻارن وانگر ”ڪِمي گايو“ (سدا سلامت رهي شهنشاهه) جپاني قومي ترانو ڳائيندا وتن ها. ٻي جنگِ عظيم

دوران جپانين جنهن جنهن ملڪ تي قبضو ڪيو اُتي جي اسڪولن ۾ يڪدم جپاني پڙهائڻ شروع ڪئي وئي ۽ پنهنجا ردي پني جا نوٽ جاري ڪيا ويا، جن کي مقامي ماڻهن ٽوڪ طور ”بنانا ڪرنسي“ پئي سڏيو.

ملائيشيا جي نيول اڪيڊميءَ ۾ مون سان گڏ هڪ پروفيسر سنگاپور جو به هو جيڪو عمر ۾ مون کان ٽي چار سال وڏو هو. هو 1940ع ۾ ڄائو هو جنهن وقت اسان جي ملڪ وانگر سنگاپور تي به انگريزن جي حڪومت هئي. پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو ته جپانين ملايا (اڄ واري مغربي ملائيشيا) ۽ سنگاپور تي قبضو ڪري ورتو. بعد ۾ وري انگريز آيو ۽ ملايا ۽ سنگاپور کي خودمختياري ڏني وئي. سنگاپور الڳ ملڪ رهڻ بدران ملايا سان گڏ رهيو پر سال ڏيڍ بعد ملايا وارن سنگاپور کي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي هزار ڪلوميٽر کن پري بورنيو ٻيٽ جي ٻن رياستن: صباح ۽ سراواڪ کي پاڻ سان ملائي، هڪ نئون ملڪ ”ملائيشيا“ ناهيو. سو اسان وارو سنگاپوري پروفيسر چوندو هو: ”مون چار قومي ترانا پڙهيا آهن: انگريزن جو قومي ترانو ان بعد جپانين جو، ان بعد ملايا جو ۽ هاڻ پنهنجي ملڪ سنگاپور جو“.

هونءَ جپان جو قومي ترانو جنهن لاءِ لکي چڪو آهيان ته بيحد مختصر آهي، هن ريت رومن جپاني ۽ انگريزي ترجمي سان آهي:

Kimigayo wa (May your reign),
chiyo ni yachiyo ni (Continue for a thousand eight thousand generations),
Sazare-ishi no (Until the tiny pebbles),
Iwao to narite (Grow into massive boulders),
Koke no musu made (Lush with moss).

جپانين جو هي قومي ترانو ”ڪِمي گايو“ 1888ع ۾ ڌُن نهڻ کان وٺي، ٻي جنگِ عظيم (1945ع) تائين وڏي شان شوڪت سان نه فقط جپان ۾، پر جتي جتي جپان وارن جي حڪومت هئي، خوب ڳايو وڄايو ويو. 1945ع ۾ جپان تي ائٽم بم ڪرڻ تي جپان آمريڪن اڳيان آڻ مَڃِي، جنهن جو اعلان ان وقت جي بادشاهه سلامت ڪيو ۽ جپانين جي جتي ڪٿي حڪومت ختم ٿي وئي. جپان ۾ به شهنشاهي راڄ ختم ڪري اتي پارليامينٽري ڊيموڪريٽڪ رياست قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ نه شهنشاهه جي ضرورت هئي ۽ نه ”ڪِمي گايو“ ڳائڻ جي. پر ٻي وڏي لڙائي کٽيندڙ ملڪن جپان جي بادشاهه کي تخت تان لاهڻ بدران ان کي تخت تي ويهڻ ۽ ان جي لاءِ دعا جي راڳ ”ڪِمي گايو“ کي ڳائڻ جي اجازت ڏني. اهو سلسلو اڄ تائين هلندو اچي.

## جپان وارن جو مذهب:شنتو

جپان جي 80 سيڪڙو ماڻهن جو مذهب ”شنتو“ سڏجي ٿو. جيڪو وڏن جي ريتن رسمن تي ٻڌل آهي. شنتو جيڪو شنتوزم ۽ ڪامي نو مِچي (Kami no Michi) به سڏجي ٿو هڪ گهڻن ديوتائن جي پوڄا جو مذهب آهي، جيڪو ديوين، ديوتائن، جنن، ڀوتن (روحن) جي چوڌاري ڦري ٿو.

جيڪي جپاني ٻوليءَ ۾ ڪامي (Kami) سڏجن. اهي ڪامي مختلف عوامي مندرن ۽ گهرن جي ننڍڙن مندرن ۾ پوڄيا وڃن ٿا، جتي پوڄاري سڪائون باسن ۽ مختلف ڪمن جي پورائي لاءِ تعويذ پڻ خريد ڪن ٿا. ان کان علاوه سال جي مختلف مُندن ۾ جلوس ۽ جشن ملهايا وڃن ٿا، جن کي جپاني ٻوليءَ ۾ متسوري (Matsuri) سڏجي ٿو.

شنتو ڌرم بنيادي طرح جپان ۾ ئي آهي، جتي ان ڌرم جا هڪ لک کن مندر (Shrines) آهن، جتي جپاني، رسم رواج طور حاضري ڀرين ٿا. ان ڪري شنتو ڌرم لاءِ چيو وڃي ٿو تہ: “Shinto is first & foremost a ritual tradition”

شنتو مذهب ۾ ائين ناهي تہ ان جي پوڄاريءَ يا پوئلڳ کي ڪهڙين ڳالهين ۾ يقين رکڻ کپي، پر هن ڌرم ۾ آهي تہ پوئلڳ کي ڪهڙيون رسمون ادا ڪرڻ کپن. هڪ آمريڪن فلاسفر جي مشاهدي مطابق: “Shinto is interested not in credenda but in agenda, not in things that should be believed but in things that should be done.”

اهو تمام ڏکيو آهي تہ شنتو ڌرم جي ريتن کي جپاني ماڻهن جي رواجن کان الڳ ڪري سگهجي. سو آئون تہ اهو بہ چوندس تہ جيڪي جپاني پاڻ کي شنتو ڌرم جا نہ ٿا سڏرائين، اهي بہ تہ اهي ئي رسمون ۽ رواج ڪن ٿا، جيڪي شنتو ڌرم جا پوڄاري ڪن ٿا. سڀ جپاني ٻُڌ ڌرم جي مندرن ۾ بہ وڃن ٿا تہ شنتو ڌرم جي مندرن ۾ بہ. هونءَ شنتو ڌرم جا مندر (جتي هنن جو ڪو ديوتا (Kami) پوڄيو وڃي ٿو) جپاني ٻوليءَ ۾ جنجا (Jinja) سڏجن ٿا.

جپان ۾ ٻڌ ڌرم 552ع کان هلي رهيو آهي ۽ ٻڌ ڌرم جو جپانين تي ڪافي اثر آهي. چين جي هڪ تاريخي ڪتاب “Book of Liang” (جيڪو 635ع ۾ لکيو ويو) مطابق، 467ع ۾ پنج ٻوڌي ڀاوا گنڌارا (اڄ واري اتر پاڪستان) کان هتي جپان ۾ آيا. انهن بہ جپانين کي ٻڌ ڌرم بابت ٻڌايو. پر سرڪاري طرح اهو چيو وڃي ٿو تہ جپان ۾ ٻڌ ڌرم ان وقت صحيح طرح مشهور ٿيو جڏهن 552ع ۾ ڪوريا جي هڪ بادشاهہ جپان جي بادشاهہ ڏي هڪ ڪورين ماڻهن جو ٽولو موڪليو، جنهن ۾ ٻوڌي ڀاوا ۽ ڀڪشو شامل هئا، جن پاڻ سان گوتم ٻڌ جي هڪ ننڍي مورتي بہ پاڻ سان آندي هئي.

جيئن شنتو ڌرم جي مندر کي جپانيءَ ۾ ”جنجا“ سڏين ٿا، تيئن ٻڌ ڌرم جو مندر ”تيرا“ (Tera) سڏجي ٿو جنهن جي اڳيان ٿهيل وڏو دروازو “Remon” سڏجي ٿو. اهڙيءَ طرح شنتو ڌرم جي مندر اڳيان ڪاٺ جي ٿنڀن سان ٺهيل دروازو ”توروئي“ (Torii) سڏجي ٿو. جپان ۾ ٻڌ ڌرم ۽ شنتو ڌرم جا مندر جتي ڪٿي نظر ايندا ۽ سڄي جپان ۾ سندن تعداد لک کان مٿي آهي. هتي آئون فقط ستن مندرن جا نالا لکان ٿو. اوساڪا، ڪوبي، ٽوڪيو يوڪوهاما، نگويا جهڙن بندرگاهن ۾ بار بار وڃڻ ڪري اسان کي انهن جڳ مشهور مندرن کي ڏسڻ جو موقعو مليو:

1. ڪِن ڪا ڪُو جي (Kinkakuji) مندر. جيڪو “Golden Temple” بہ سڏجي ٿو جنهن جي نالي سان جپاني ليکڪ مشيما يوڪيو جو ناول بہ آهي. هي مندر ڪيوٽو شهر ۾ آهي. هونءَ تہ ڪيوٽو شهر مندرن سان ڀريو پيو آهي ۽ هڪ کان هڪ خوبصورت ۽ ڏسڻ وٽان مندر آهي، پر هتي فقط هڪ بہ ٻيا لکان ٿو.

2. ڪِيو ميزو (Kiyomizu-dera) مندر ڪيوتو ۾ آهي.
3. سَان جُو سان گينڊو (Sanjusangendo) مندر به ڪيوتو جو مشهور مندر آهي.
4. سَين سَو جي مندر (Sensoji) مندر ٽوڪيو ۾ آهي.
5. تودائي جي (Todai-ji) مندر نارا شهر ۾ آهي.
6. شيتين نوجي (Shitennoji) مندر اوساڪا ۾ آهي .
7. هوڳوڳو جي (Hokokuji) مندر ڪماڳورا ۾ آهي.

**جپان ۾ پارن ڪان وڌيڪ وڏن جا پئمپر وڪامن ٿا....**

جپان ۾ صحت جو بهتر بندوبست هجڻ ڪري هتي جا ماڻهو ڪافي بيمارين کان بچيل رهن ٿا، ان ڪري هتي جي ماڻهن جي وڏي عمر ٿئي ٿي. ٽائيفائيڊ، مليريا جهڙيون ڪيترين ئي بيماريون، جيڪي اسان وٽ عام ۽ وچڙندڙ آهن، انهن کان يورپ جا ملڪ ته ڇا پر ايشيا جا جپان، ٿائيلينڊ، هانگ ڪانگ، ڪوريا، چين ۽ ملائيشيا به صاف آهن. اسان وٽ ته پوليو ختم ٿئي ٿي.... هاڻ ته ايڊس، چِتن ڪتن جا چڪ، ڊينگي... خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون بيماريون ڪاهي پيون آهن. جن کان ڪنهن زماني ۾ (1960ع واري ڏهاڪي ۾) آفريڪا جا ڪجھ بندرگاهه بدنام هئا، جن بندرگاهن ۾ اسان ڪي جهاز تان هيٺ لهڻ جي به اجازت نه هوندي هئي. اسان وٽ، خاص ڪري سنڌ جي ڳوٺن ۾، ننڍا وڏا سلهه ۾ ايڏو مبتلا آهن، جو ايران جهڙو پاڙيسري ملڪ به اسان جي ماڻهن کي تيستائين زيارت لاءِ اچڻ نه ٿو ڏئي، جيستائين اسان ڦڦڙن جو ايڪسري ڪرائي ڊاڪٽر کان ”اوڪي“ جو سرٽيفڪيٽ نه وٺون. گندي پاڻيءَ ۽ ڪچي شراب پيئڻ ڪري اسان وٽ جيري جون بيماريون، هيپاٽائيٽس وغيره عام ٿي پيون آهن ۽ ڪجھ بيماريون ته اهڙيون آهن، جيڪي اسان جي ماڻهن وٽ پئسو اچڻ ڪري وڌي رهيون آهن، جيئن ته ڊائبٽيز ۽ بلڊ پريشر وغيره. هونءَ اسان وٽ عيد براد منو رڌبو هو هاڻ هر روز منو کاڌو وڃي ٿو ۽ ننڍا توڙي وڏا مختلف ڪولائون، شربت ۽ ڊبن ۾ بند جوس پيئن ٿا. نتيجي ۾ اسان جو ملڪ انهن ٽاپ جي ملڪن ۾ آهي، جتي سڀ کان گهڻا ٻار مني پيشاب جا مريض ٿي پيا آهن. جنهن بيماريءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته خاموش قاتل (Silent Killer) آهي. پر هيڏانهن جپان ڏي ڏسو ته امير ماڻهوءَ جو به کاڌي تي ڪيڏو ڪنٽرول آهي. ان کان علاوه هر جپاني روزانو گهٽي کان گهٽي واڪ ڪري ٿو. هو ميلن جا ميل پنڌ ڪري اسٽيشن تائين ۽ پنهنجي آفيس ۽ گهر تائين اچي وڃي ٿو. جيڪي ماڻهو بئنڪ جهڙن هنڌن تي ويهڪ جي نوڪري ڪن ٿا، انهن لاءِ لنچ ٽائيم ۾ اڌ ڪلاڪ ڪن والي بال جهڙي راند ڪري پاڻ کي Active رکڻ ضروري آهي. نتيجي ۾ هو اسان کان وڌيڪ صحتمند رهن ٿا ۽ اسان کان وڏي عمر ماڻين ٿا. پر هر ڳالهه جا فائدا ۽ نقصان به آهن.

سئيڊن ۾ پنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ هڪ سئو ورهيه جي ڄمار جي عورت کي چيو هيم ته آئون سال ٻن کان پوءِ 50 سالن جو ٿيڻ وارو آهيان، يعني پوڙهو سڏبس.

”50 ته اسان وٽ وِچ جواني سمجهي وڃي ٿي“. هن وراڻيو.

”ها. پر اسان وٽ ماڻهوءَ جي سراسري (Average) عمر 65 سال آهي“. مون ٻڌايومانس.

”ڏاڍو سنو. چٽا پيا آهيو گهٽين تڪليفن ڪان“. سئيدن جي پوڙهيءَ چيو.

”ڪيئن ڀلا؟“. مون پڇيو.

”ڏس نه“. پوڙهيءَ مون کي سمجهايو ”توهان وٽ سٺ يا ستر سالن تائين وڃ ۾ وڌ توهان کي اکين جي (Cataracts) جي آپريشن ڪرائڻي پوي ٿي يا ڪجهه مردن کي Prostate (پيشاب واري غدود) جي آپريشن ڪرائڻي پوي ٿي. پر ان کان وڌيڪ عمر ٿيڻ تي جسم جي هر شيءِ وڃي ٿي خراب ٿيندي، جيئن مون سان حالت آهي. اکيون نيڪ ڪرايو اچان ته ڏند خراب، ڪڏهن جسم جي چمڙي پئي ڦاٽي ته ڪڏهن ڪن خراب. پنج سال اڳ ٻئي گوڏا نوان وجهرايم. اهو به شڪر آهي، جو ٻئي جي محتاجيءَ کان بچيل آهيان، نه ته منهنجي عمر جا ماڻهو توکي ويل چيئر تي ئي نظر اچن ٿا. ڪيترن کي ته ٻيا ڪارائين پيارين ۾ هنگائين مُتائين ٿا“.

سو جپان ۾ به ڪيترائي وڏي عمر جا آهن، جن پنهنجي صحت جو خيال رکيو ۽ جي رهيا آهن. پر هو ننڍي ٻار وانگر ايڏو ته ڪمزور ٿي پيا آهن، جو ٽوئليٽ تائين به پاڻ نه ٿا وڃي سگهن ۽ هنن جو پاڻ تي ڪنٽرول نه رهڻ ڪري هنن جو اولاد هنن کي ٻارن وانگر پئمپر ٻڌي ٿو. جيئن هو ننڍي ٻار وانگر ان ۾ هنگندا مُتندا رهن.

جپان ۾ ننڍن ٻارن جو تعداد گهٽ هجڻ جو اهو به سبب آهي، جو جپان ۾ ماڻهن جي مشغول زندگي آهي. ان کان علاوه مهانگائيءَ ڪري هرڪو گهٽ ٻار پالڻ ٿو چاهي. ڪي ته ٻنهه نه. هو اهو ئي سوچين ٿا ته ڪجهه سال برٿ ڪنٽرول ڪيو وڃي. نوڪري ڪري پئسو بچايو وڃي، جيئن پنهنجو گهر ٿئي. اهو ئي سبب آهي، جو جپان ۾ ٻارن جو تعداد گهٽ آهي ۽ دڪانن تي ٻارن جي پئمپرن کان، پوڙهن لاءِ وڏي سائيز جا پئمپر وڌيڪ نظر ايندا.

هڪ ٻي ڳالهه ته جپان ۾ وڏي عمر جا ماڻهو ته ٿين ٿا، پر جپان جي اوڪيناوا ٻيٽن لاءِ مشهور آهي، ته اتي جا ماڻهو اڃا به وڏي ڄمار ماڻين ٿا. جيئن اسان وٽ هُنزا، چترال ۽ گلگت جا ماڻهو وڏي عمر جي ڪري مشهور آهن. گذريل سال 2018ع ۾ دنيا جي پوڙهي ترين عورت 117 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري وئي. اها جپان جي چِيِيو مِياڪو (Chiyo Miyako) هئي. هاڻ جيڪا وڏي عمر جي عورت آهي، اها به جپاني ”ڪاني تناڪا“ (Kane Tanaka) آهي. هوءَ 115 ورهين جي آهي. دراصل چيِيو مياڪو جي مرڻ جي خبر اخبارن، ٽي وي ۽ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ تي دنيا کي احساس ٿيو ته جپان ۾ تمام وڏي عمر جا ماڻهو رهن ٿا. ويندي مون کي به ان بعد ڄاڻ ٿي.

منهنجو 1970ع واري ڏهاڪي جي شروع وارن سالن کان جپان وڃڻ ٿيندو رهيو آهي. مون کي ڪيترين ئي پوڙهيون نظر پئي آيون آهن، جيڪي لڳندو آهي ته سئو سالن جي لڳ ڀڳ هونديون. پر اتفاق سان مون جنهن کان به خبر چار ورتي ته ان اهو ئي ٻڌايو ٿي ته هن جي عمر ڪا وڏي ناهي. پر جپان تي ڪِريل ائٽم بمن جي ڪري، انهن جي Radiation (گرمائش ۽ ائٽمي شعاعن) هنن جي جسم جي ڪل کي ڪومائي ۽ ساڙي ڇڏيو آهي، ان ڪري هو جسماني طرح ائين لڳن ٿيون. پر چيِيو مِياڪو جي موت تي خبر پئي ته جپان ۾ ائٽم بم جي تباهڪاريءَ جي باوجود

ڪيترا ماڻھو مرد توڙي عورتون سئو سالن کان بہ وڏي عمر جا آهن. چييو جيڪا 2018ع ۾ 117 سالن جي ڄمار ۾ گذاري وئي، معنيٰ هوءَ 1901ع ۾ ڄائي ۽ جڏهن ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي بمباري ٿي تہ هوءَ 45 سالن جي هوندي. هوءَ نہ فقط ائٽمي بمن جي Radiation کان بچي وئي، پر هن ڏکھي ڄمار ماڻي ۽ 72 سال وڌيڪ حيات رهي. هيءَ مائي جپان جي شهر يوڪوهاما ۾ رهي ٿي. يوڪوهاما شهر جپان جي وڏن بندرگاهن مان هڪ آهي ۽ ٽوڪيو کان ڪلاڪ جي فاصلي تي آهي، جيئن ڄامشوري کان هالا. اسان جي پاڪستاني جهازن جو يوڪوهاما ۾ تمام گھڻو وڃڻ ٿيئي ٿو.

اسان جي زندگيءَ جو وڏو عرصو يوڪوهاما جي گھٽين ۾ گذريو. ٿي سگھي ٿو يوڪوهاما جي گھٽين، ڪوٽو بوڪيچو اشي ڪاواچو ڪاشي وابا يا ياما شيٽا پارڪ ۾، يا يوڪو هاما جي چائنا ٽائون ۾، اسان کي جيڪي پوڙهيون نظر اينديون هيون، انهن مان هڪ چيبو مياڪو بيبي بہ هجي. ان وقت جي خبر پوي ها تہ هيءَ اڄ سپاڻ ۾ مرڻ بدران وڏي عرصي بعد مرندي ۽ گنيز بُڪ آف ورلڊ رڪارڊز جو رڪارڊ پڃندي تہ ساڻس گڏ ڪئين فوٽو ڪيراجن ها.

دراصل هن مائيءَ مياڪو کان ٿي چار مهينا اڳ هڪ ٻي، نابي تاجيما (Nabi Tajima) نالي هڪ عورت گذاري وئي. ان جي عمر مياڪو کان بہ سٺ ستر ڏينهن وڌيڪ هئي. نابي تاجيما جپان جي اڄ ڏينهن تائين جي وڏي عمر واري عورت ٿي گذري آهي. هوءَ سئو ڏينهن گھٽ 118 سالن تائين هن دنيا ۾ رهي. تاجيما 4 آگسٽ 1900ع تي ڪيڪائي جيما نالي هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي ڄائي ۽ اتي ئي 21 اپريل 2018ع تي وفات ڪيائين. سندس مڙس تومي نِشيءَ 1991ع ۾ 93 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. هن کي نو ٻار ٿيا. ست پُٽ ۽ بہ ڌيئون. 2017ع ۾ وفات وقت هن جي ٻارن، ڏهٽن، پوٽن ۽ انهن جي اولاد جو تعداد 160 هو. هنزا (پاڪستان) جي ڪنهن وڏي عمر جي ماڻهوءَ کان جڏهن پڇبو آهي تہ هن جي وڏي عمر جو ڇا راز آهي؟..... تہ هنن مان اڪثر اهو ئي چوندا آهن تہ لڳاتار ورزش ۽ ڪاڏي ۾ ڏنئورو کائڻ سندن وڏي عمر جو سبب آهي، پر جپان جي Kikaijima ٻيٽ جي هيءَ مائي تاجيما بنا ڪنهن رک رکاءُ جي پنهنجي وڏي عمر جو راز اهو ئي ٻڌائيندي رهي تہ هوءَ تمام گھٽيون ننڊون ڪري ٿي ۽ سوادي کاڌو کائي ٿي.

چيبو مياڪو جي وفات بعد هاڻ ڪاني تناڪا جپان ۾ وڏي عمر واري زندهہ عورت آهي. ڪاني (Kane Tanaka) 2 جنوري 1903ع تي فڪو اوڪا صوبي جي هڪ ڳوٺ "هگاشي ڪو" ۾ ڄائي ۽ اتي ئي رهي ٿي. هن وقت هوءَ 117 سالن جي آهي ۽ ڪجهہ ڏينهن بعد 2 جنوريءَ تي هن جو 118 هون سال شروع ٿيندو. سندس مڙس جو نالو هيديو تناڪا آهي.هن کي پنج ٻار آهن، جن مان هڪ هن نپايو آهي. هن مائيءَ لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ هوءَ سترنو ٻار هئي. يعني وقت کان بہ مهينا اڳ ڄمي پئي هئي ۽ مرندي مرندي اهڙو بچي وئي، جو اڄا تائين جيئري آهي. هن مڙس سان گڏ ٻي وڏي لڙائيءَ وارن ڏينهن ۾ رب ۽ چانورن جي اٽي جون مانيون ۽ نوڊل (Udon Noodles) وڪڻي گذر سفر ڪيو. جنگ ۾ بمباريءَ دوران سندس مڙس ۽ هڪ پُٽ مري ويو. ڪاني تناڪا جڏهن 103 ورهين جي ٿي تہ هن کي آنڊي جو ڪئنسر ٿي پيو. پر هوءَ ان مان بہ بچي وئي. 107 ورهين جي ٿيڻ

تي هن جي پٽ هن بابت ڪتاب لکيو. جنهن جو "In Good & Bad Time, 107 Years Old" جي نالي سان انگريزيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ هن جي پُٽ هن جي زندگيءَ جو احوال ۽ وڏي ڄمار ماڻڻ بابت دليل بازي ڪئي آهي. 114 ورهين جو ٿيڻ تي فڪواوڪا شهر جي مشهور ٽي وي چئنل KBC (ڪيوشو اساهي براڊ ڪاسٽنگ) وارن هن جو تفصيلي انٽرويو نشر ڪيو هو. 9 مارچ 2019ع تي گنيز ورلڊ رڪارڊس وارن تناڪا لاءِ اعلان ڪيو تہ "هاڻ هوءَ دنيا جي پوڙهي ترين زندهہ عورت آهي".

مئيڊم تناڪا چيو تہ "مون کي پڪ آهي تہ آئون اڃا بہ گهٽ ۾ گهٽ چار سال جيئري رهنديس ۽ 120 سال پورا ڪنديس".

تناڪا کي ننڍي هوندي کان شاعريءَ ۽ ڪئليگرافيءَ جو شوق آهي، جنهن کي هوءَ اڄ بہ قائم رکندي اچي. هوءَ اڄ ڪلهہ نرسنگ هوم ۾ رهي ٿي ۽ چئن پيرن واري واڪر ذريعي پاڻهي هلي ٿي.

هونءَ ڪيترن ملڪن ۾ پوڙهو ماڻهو عذاب ۾ ٿو رهي. اڄ جي مشغول ۽ جديد دور ۾ افسوس جو اولاد کي پنهنجن وڏن جو خيال رکڻ ۽ خدمت ڪرڻ جو نہ وقت آهي نہ احساس. ان خيال کان جپان اهو ملڪ آهي، جنهن جي هيڏو جديد ۽ امير هجڻ جي باوجود، هتي جو نوجوان طبقو پنهنجن وڏن جو خيال رکي ٿو. اڄ بہ جپان ۾ ماڻهو پراڻن رواجن رسمن جو خيال ڪن ٿا. يورپ پاسي تہ اهڙو حال آهي، جو پوڙهي ماڻهوءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ نہ هن جي اولاد کي وقت آهي ۽ نہ پاڙي وارن کي. هر ڪو سڄو هفتو پورهئي ۽ نوڪريءَ ۾ مشغول رهي ٿو. ويڪ اينڊ تي، يعني ڇنڇر ۽ آچر جي موڪل وارن ڏينهن تي تہ زال مڙس گهمڻ هليا وڃن ٿا. هو اهو ئي چاهين ٿا تہ سندن پوڙهو ماءُ پيءُ وڃي اولڊ هائوس ۾ رهي تہ هنن جي جان ڇُٽي ۽ جوابداري ختم ٿئي. اهو ئي احساس آهي، جيڪو اسان جي ملڪ جي ماڻهوءَ کي پيريءَ ۾ يورپ يا آمريڪا ۾ رهڻ کان دل شڪستو ڪري ٿو. هڪ مقامي يورپي يا آمريڪا جو اصل رهاڪو تہ هن ماحول کان ننڍي هوندي کان واقف آهي، پر اسان جو ماڻهو جڏهن ڏسي ٿو تہ هن جو جوان اولاد، پُٽ يا ڌيءَ هن جي ڳالهہ ٻُڌڻ يا هن وٽ اچي ويهڻ لاءِ تيار نہ آهن، تہ هن جون وايون بتال ٿيو وڃن ۽ سخت مايوسيءَ جو شڪار ٿيو وڃي.

اڄ کان ٽيهارو سال اڳ جي ڳالهہ آهي، آئون سئيڊن جي مالمو شهر ۾ هيس، جتي هڪ پاڪستانيءَ جي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهيس. مون کي هن وقت بہ ان پنجابي نوجوان ڊرائيور جو نالو "شبير" ياد آهي. ڪو ٽيهارو سالن جو ٿيندو. هن ٽڏا شوڪارا ڀري مون کي چيو: "سائين! هينئر هڪ اهڙي سواري لاهي پيو اچان، جنهن منهنجيون وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن. سوچيان پيو تہ هن ملڪ (سئيڊن) ۾ رهان يا پنهنجي ملڪ هليو وڃان".

منهنجي پُڇڻ تي هن ٻڌايو تہ مالمو جي سينٽرل اسٽيشن وٽان هڪ پوڙهي مائي سندس ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي، جنهن کي پر واري شهر لُنڊ (Lund) ۾ پنهنجي پُٽ سان ملڻو هو. هن ٻڌايو تہ هن کي پٽ ڏٺي ست مهينا ٿي ويا آهن ۽ ڪيترن ڏينهن کان هوءَ هن کي ساري رهي آهي، جيڪو هر

سال فقط ڪرسمس ڏي تي ڪجھ ڪلاڪن لاءِ وٺس ملڻ اچي ٿو ۽ ڪرسمس ڏي ۾ تہ اجان بہ 5 مهينا پيا آهن.

ڊرائيور ٻڌايو تہ، ”هن پوڙهيءَ کي پٽ وٽ ڇڏي واپس مالمو موٽڻ جي پئي ڪيم تہ سندس فون آيو تہ، ”مون کي اچي ڪڻ“.

”آئون جلدي پيٽرول وجهائي سندس جاءِ تي پهتس ۽ کيس ٽئڪسيءَ ۾ ويهاريم. وڃڻ وقت جيترو خوش هئي، هينئر ان کان وڌيڪ غمگين هئي. چيومانس، ”هيڏو پاڙو پري پٽ وٽ آئينءَ، گهٽ ۾ گهٽ رات تہ رهين ها“. وراڻيائين، ”هن کي مون سان ويهي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو وقت ئي نہ هو. چوڻ لڳو تون وڃ، آئون ڊسمبر ۾ تو وٽ ايندس“. پوڙهيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي شبير کي سخت صدمو ٿيو هو. ٿوري دير جي خاموشيءَ بعد هن چيو: ”سر! آئون تہ اهو سوچي رهيو آهيان تہ ان کان تہ بهتر پنهنجي ملڪ ۾ وڃي رهڻ کپي“.

منهنجي ڪنهن جواب نہ ڏيڻ ۽ ماٺ ۾ رهڻ تي هن وري ڪڇيو: ”سائين! توهان جو ڇا خيال آهي؟ ڳوٺ ڳوٺ آهي. موٽي وڃجي؟“.

”تنهنجي مرضي، پر آئون اهو ئي چوندس تہ خوش نصيب آهين جو هتي سئيڊن جهڙي فلاحي ملڪ ۾ رهيو پيو آهين ۽ روزگار کي لڳل آهين. آئون مڃان ٿو تہ ههڙن ملڪن ۾ اولاد بہ نہ ٿو پُڇي. اهو ئي حال اج ڪلهہ پنهنجي ملڪ جو آهي. پوڙها مائٽ معمولي علاج لاءِ بہ دربدر آهن. ڪجھ خوش نصيب آهن، جن جو اولاد نيڪ صالح آهي ۽ وڏن جو خيال رکي ٿو نہ تہ پاڻ وٽ توڙي ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ بہ اهو حال ٿي ويو آهي. سئيڊن، ناروي، ڊئنمارڪ توڙي ڪئناڊا، نيوزيلينڊ جهڙن ملڪن ۾ وري بہ ميڊيڪل جون تہ سهولتون آهن. اولاد نٿو پُڇي تہ سرڪار طرفان پوڙهن جي خدمت لاءِ نوڪر، نرسون ۽ اولڊ هائوس تہ آهن“.

سو اهي ٿيون ڳالهيون سوچجن تہ هن نفسانفسيءَ واري دؤر ۾ جپان وري بہ بهتر آهي، جتي والدين توڙي اسڪول جا ٽيچر ننڍي هوندي ئي ٻارن کي وڏن جي عزت ڪرڻ سيکارين ٿا. جپان ۾ تہ وڏن جي عزت ڪرڻ جو هڪ ڏينهن بہ ملهايو وڃي ٿو جنهن تي سڄي جپان ۾ موڪل ٿئي ٿي. اهو ڏينهن ”ڪيرو نو هي“ (Keiro no Hi) سڏجي ٿو ۽ هر سال سيپٽمبر جي ٽئين سومر تي ملهايو وڃي ٿو.

جپان ۾ 1963ع کان وٺي هر ان جپانيءَ کي حڪومت طرفان ”ساڪي“ (شراب پيئڻ جو چانديءَ جو پيالو) ڏنو وڃي ٿو جيڪو سئو سالن جي ڄمار کي پهچي ٿو. مزي جي ڳالهہ اها تہ ان سال يعني 1963ع ۾ سئو سال ڄمار تائين پهچڻ وارن جو تعداد 153 هو پر هاڻ ان تعداد ۾ واڌارو اچڻ ڪري حڪومت خرچ گهٽائڻ لاءِ انهن کي فقط مبارڪ جو خط موڪلي ٿي. سال 2018ع ۾ سينچريءَ تائين پڄڻ وارن جو تعداد 35 هزارن کان بہ مٿي چڙهي ويو هو.

**آسمان مان لٿل شهنشاهه جنگ هارائي....**

ڪڏهن ڪڏهن لکڻ ۾ مون کي پڙهندڙ به مدد ڪن ٿا, يا ڪٿي چئجي ته رهنمائي ڪن ٿا. هو رکي رکي مون کان ڪنهن اهڙي ڳالهه بابت سوال ڪن ٿا, جو منهنجي دل ان عنوان تي لکڻ لاءِ چاهي ٿي. مئي ۾ جپان جو نئون بادشاهه ٿيو ته مون کي ڪيترن ئي پڙهندڙن ان تي لکڻ لاءِ چيو. مهينو کن ته مون ان کي اهم نه سمجهيو. ملائيشيا وانگر جپان ۾ به منهنجو گهڻو رهڻ ۽ اچڻ وڃڻ رهيو آهي, پر جپان جي بادشاهن تي ڇا لکجي؟ هنن جون نه مغل بادشاهن يا برونائيءَ جي شهزادن واريون حرڪتون آهن, نه آفريڪا جي حاڪمن رابرٽ مغائبي, عيدي امين, سوازي لئنڊ جي بادشاهه مساوتيءَ يا سوڊان جي صدر عمر البشير جهڙا ڪم.

پر هاڻ ٻن ٽن مهينن گذرڻ بعد منهنجي دل جپان جي بادشاهه تي ڪجهه لکڻ چاهي ٿي, جو ننڍي هوندي جنهن بادشاهه جو گهڻو نالو منهنجي ڪنن تي پيو, اهو جپان جو بادشاهه هو. آئون ۽ منهنجا همعمر اديب شاعر تاج بلوچ, تاجل بيوس, يوسف شاهين, امداد حسيني وغيره جيڪي ڄاواسين ته هالا, پني عاقل, صوبي ديري, نصرپور ۽ وسئين ملوڪ شاهه (ٽکڙ) وغيره ۾, پر اهي شهر ان ڏينهن ۾ پاڪستان ۾ نه پر برٽش انڊيا ۾ هئا. ان ڪري اسان جي برٿ سرٽيفڪيٽ تي برٽش انڊيا لکيل آهي. جيئن اسان جڏهن 1960ع ۾ مئٽرڪ ڪئي ته سنڌ ۾ سيڪنڊري بورڊ آف ايجوڪيشن اڃان نه ٺهيو هو ان ڪري تاج, يوسف شاهين ۽ مون جهڙن کي مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان مليل آهي. جن ڏينهن ۾ اسان ڄاواسين انهن ڏينهن ۾ ٻي جنگ عظيم (World War Two) هلي رهي هئي. ان بعد سگهو ئي انگريزن ننڍي کنڊ جي ڇپر ڇڏي ۽ پاڪستان هڪ خودمختيار رياست جي حيثيت ۾ جنم ورتو.

اسان جيئن ئي هوش سنڀاليو يعني پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جيڏا ٿياسين, ته اسان ماڻهن جي واتان جرمن جپان جي شڪست ۽ انگريزن جي پڄجي وڃڻ جون خبرون ٻڌيونسين ۽ اهي ڪيترن سالن تائين ”هاٽ ٽاپڪ“ هئا. خاص ڪري ٻي وڏي لڙائي, جنهن سڄي دنيا ۾ وڏي اٿل پٿل ۽ تباهي آڻي ڇڏي هئي. جپان ۽ جرمنيءَ جهڙن هارايل ملڪن جي ته حالت خراب هئي, پر انگلستان, فرانس جهڙا ملڪ, جن کٽيو اهي به چڱا خاصا ذليل ٿيا ۽ معاشي حالتن هنن کي ايترو ته ڪمزور ۽ مجبور ڪيو, جو هنن کي قبضي ۾ رکيل ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن کي آهستي آهستي ڪري ڇڏڻو پيو.

جيئن ماڻهو ضياءَ الحق ۽ الطاف حسين جون ڳالهيون ڪن ٿا, ته ههڙن طاقتورن جي قدرت ڪيئن تباهي آڻي ڇڏي, تيئن ماڻهو جپان, جرمنيءَ ويندي انگليند, فرانس, اٽليءَ ۽ يورپ جي ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئا. اسان ننڍا هئاسين, ڪا ڳالهه هِتان جَهتيندا هئاسين ته ڪا هُتان. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ايندي هئي, ته ڪا نه. پر هڪ ڳالهه جنهن مون کي سڀ کان گهڻو Fascinate ٿي ڪيو اها جپان جي بادشاهه هيرو هِتو جي هئي. جنهن لاءِ مون پنهنجي والد کان پنهنجي ڳوٺ جي دوستن سان ڪچهري ڪندي اڪثر اهو ٻڌو, سمجهيو ۽ ڌيان ۾ رهيو ته جپان جو بادشاهه وڏي طاقتور شيءِ سمجهيو وڃي ٿو جنهن کي جپان جا ماڻهو آسماني مخلوق ٿا سمجهن. هن جو ايڏو ادب

ڪن ٿا ۽ خوف کائين ٿا. جو هو ٻاهر عوامَ ۾ نڪري ٿو اچي تہ ماڻهو هن کي ڏسڻ بدران ڪنڌ ڪٽي هيٺ ٿا ڪن.

جپاني فوجي پنهنجي بادشاهہ جي آشيرواد سان ويا ملڪن پٺيان ملڪ فتح ڪندا. ملايا ۽ سنگاپور تي طاقتور انگريزن جو قبضو ۽ انهن جي فوج هئي. انهن کي بہ موچڙا هڻي ڪيدي ڇڏيائون يا کين قيدي بڻائي انهن ملڪن تي قبضو ڪيائون ۽ مقامي ماڻهن تي بي پناهہ ظلم ڪيائون. هنن کي پڪ هئي تہ هنن جي ئي سوڀ ٿيندي ـ هو ئي ايشيا ۾ طاقتور آهن. هو برما جي سرحد تائين پهچي ويا هئا ۽ برما بعد سندن سامهون ننڍو کنڊ هو جنهن ۾ اسان جو پاڪستان بہ اچي ويو ٿي. انگريز جپانين اڳيان اهڙا بيوس نظر اچي رهيا هئا، جو ننڍي کنڊ جا تہ ڇا ايران، افغانستان جا ماڻهو بہ اهو سوچي رهيا هئا، تہ اسان تي قبضو ڪرڻ لاءِ اجهو جپان آيو ڪي آيو. ٻئي پاسي پئسفڪ سمنڊ ۾ پرل هاربر ۾ بيٺل آمريڪي جهازن تي جپاني هوائي جهازن اهڙو حملو ڪيو جو جهازن سان گڏ بندرگاهہ بہ تباهہ ٿي ويو. جپان سڄي دنيا ۾ خوف پکيڙي ڇڏيو هو ۽ سيني تي چيو تہ ڪير آهي جيڪو جپان کي موچڙو هڻي سگهي؟ پر پوءِ خبر پئي تہ دنيا ۾ ائٽم بم جهڙي بہ شيءِ آهي، جيڪا آمريڪين وٽ هئي. آخرڪار آمريڪين اها استعمال ڪئي. جپان جي ٻن وڏن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي اهي بم ڪيرائڻ سان جپان جون وايون بتال ٿي ويون. بمن جي گرمائش ۽ ائٽمي شعائن (Radiation) کان ريل جا پٽا ۽ ڏامر جا رستا بہ وٽڙي ويا. ماڻهن جا هڏا هڪ ٻئي سان چڙهي ويلڊ ٿي ويا، لکين ماڻهو مري ويا يا زخمي ٿي پيا، جيڪي بچيا انهن تي ۽ انهن جي اولاد تي عجيب بيمارين جا اثر رهيا. ڪيترن اهڙن بيمارن ۽ معذورن جون ڪهاڻيون آئون پنهنجن جپان جي شروعاتي سفرنامن ۾ ڏئي چڪو آهيان. بهرحال جپاني فوجون توڙي عوام، ملڪ جي بادشاهہ سميت (جيڪي هڪ ڏينهن اڳ تائين دنيا کي ڊيڄاري رهيا هئا) هنن بمن جي تباهڪاريءَ مان اهڙو هراسجي ويا، جو هنن يڪدم آڻ مڃي. ان جو اعلان جپان جي بادشاهہ ريڊيو ذريعي ڪيو ۽ پنهنجين فوجن کي هر ملڪ مان نڪرڻ لاءِ چيو. سج ديوتا جو اولاد، هي بادشاهہ، جيڪو بادشاهہ (King) نہ پر شهنشاهہ يعني (Emperor) ٿو سڏيو وڃي، ان جو سندس ماڻهن پهريون دفعو آواز ٻڌو.

اڄ بزنس مين هجڻ ڪري جاپانين جي ڳالهائڻ ۾ نرمي آهي. انهن جو ٻي جنگ عظيم وارو روپ ڏسو تہ توهان کي حيرت ٿيندي. منهنجو تہ اتفاق سان انهن ملڪن ۾ رهڻ ٿيو جن تي جپاني قبضو ڪري چڪا هئا. يعني ڪوريا، ملايا ۽ سنگاپور وغيره. سو شروع وارن سالن ۾ اهي پوڙها ملئي، چيني يا (ڪورين جن ٻي جنگ عظيم دوران جپانين جا ظلم سَٺا هئا) جون ڏک ڀريون ڪهاڻيون عام هيون. جنگ دوران جپانين مڪاني ماڻهن کي اهي ئي گشا هنيان پئي تہ اسان توهان کي هڪ غير ايشيائي قوم (انگريزن) جي غلاميءَ مان ڪيڍڻ آيا آهيون. پر سنگاپور ۽ ملايا وغيره تي قبضو ڪرڻ بعد ملڪ جو الهہ تلهہ لُٽي جپان موڪليائون ۽ ماڻهن کي غلامن وانگر رکيائون. ان جو ننڍڙو نمونو توهان کي فلم ”برج آن دي رور ڪوائيءَ“ مان ئي پئجي سگهي ٿو. جنهن پُل کي ٺاهڻ لاءِ جپاني نہ فقط انگريز قيدين کي غلامن طور استعمال ڪرڻ لڳا، پر مڪاني ملئي توڙي

چينين کي پڪڙي ٿائيلنڊ وٺي پئي ويا. جتي هنن کي ماري، ڪُٽي پورهيو ڪرايو پئي ويو. ڪاڻ لاءِ بنهه ذرو ڏنو پئي ويو ۽ بيمار ٿيڻ جي حالت ۾ هنن کي شوٽ پئي ڪيو ويو. ملاڪا ۾ جتي ڏهه سال رهي نوڪري ڪيم، پاڙي ۾ ڪيترائي ملئي مرد توڙي عورتون رهيون پئي، جيڪي ان ظلم مان بچي موٽيون هيون. مان ڪجهه جو درد ڀريو احوال مون شروع جي ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي سفرنامن ۾ لکيو آهي.

اهڙيءَ طرح جپان وارا برما ۽ نندي ڪنڊ جي ماڻهن کي به ڏتا ڏيڻ لڳا ته اسان توهان کي انگريزن کان آزادي وٺي ٿا ڏيون. ان ڪري توهان اسان جپانين جو ساٿ ڏيو ۽ انگريزن خلاف بغاوت ڪريو. اسان نندي ڪنڊ جي ماڻهن جپانين کي به سمجهيو پئي ته انگريزن کي به سچاتو پئي، جيڪي اسان جي ملڪ جا بنگالي، مرهٺا، پٺاڻ ۽ پنجابي سپاهي جپاني فوجن سان مقابلي لاءِ هانگ ڪانگ، ملايا، سنگاپور ۾ مارائي رهيا هئا ۽ اسان کي اهو آسرو ڏئي رهيا هئا ته مڙس ٿي وڙهو ته سوڀ اسان انگريزن جي ٿئي ته توهان جي نندي ڪنڊ کي خودمختياري ڏينداسين. پر ائين جلد نه ٿيو. ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ انگريزن نندي ڪنڊ کي آزادي ڏني، سا به ٻن سالن بعد ۽ سو به ان ڪري، جو ڏٺائون ته نندي ڪنڊ جا ماڻهو سياسي طرح وڌيڪ سجاڳ ٿي ويا آهن. هنن جي هاڻ شرافت سان پچر نه ڇڏبي ته هو اسان کي ذليل ڪري ڀڄائيندا. هوڏانهن ملائيشيا ۽ سنگاپور وارن کي ڏتا ڏئي ٻيا به ڏهه سال ڪن ڪيڏي ويا.

آمريڪين وٽ ائٽم بم ناهڻ جي نه فقط ٽيڪنالاجي هئي، پر هنن ناهي به ورتا هئا، جنهن جي جپانين کي ڄاڻ نه هئي ۽ هو بم جي تباهڪاريءَ مان هڪ دفعو وري حيرتزده ٿي ويا. جيئن سئو سال کن اڳ 1854ع ۾ هو آمريڪا کان آيل پهريون دفعو لوهي جنگي جهاز انجڻ تي هلندو ڏسي ٿيا هئا. جپان وارن ڪنهن به ڏاريءَ کي پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ نه ٿي ڏنو. هنن کي فخر هو ته هنن جون سوين ٻيڙيون چوڌاري ڦهري تي آهن. جن ۾ تير ڪمانن سان سوار سپاهي حملو ڪندڙن کي اصل ڊاهي رکندا. پوءِ آمريڪا جو ڪموڊور مٿيو پيري گل تي هلندڙ لوهي جهاز (جنهن تي ڪئين توبون لڳل هيون ۽ بندوقن سان ان تي فوجي موجود هئا) زوريءَ خليج ٽوڪيو ۾ وٺي، هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو. جپاني هيڏي وڏي جهاز ۽ ان جي انجڻ مان ايندڙ آواز ٻُڌي ڊڄي ويا ته هيءَ ڪهڙي بلا آهي.

اڄ جپان هر شيءِ ناهڻ جي ڪري مشهور آهي پر ان وقت، يعني ميجي دؤر کان اڳ، جپان ۾ انڊسٽري يا فئڪٽري نه هئي. جپاني، انجڻ واري جهاز جي ڌڪڪي ۽ توبن جي ٺڪائن کان اهڙو ڊڄي ويا جو چپ ٿي ويا ۽ آمريڪن ڪموڊور کين چيو ته هي جو توهان پنهنجي ملڪ ۾ ٻين جو اچڻ بند ڪيو آهي، اهو قانون اسان سان لاڳو نه ٿيندو. اسان کي جڏهن وڻندو تڏهن ايندا سين. جپاني تير ڪمانن وارا سپ هٿ ادب جا ٻڌي ٻيهي رهيا. چوندا آهن ته "موچڙو چنيهه لڪٹو" ٿيندو آهي. ان بعد وري جپانين جو مٿو خراب ٿيو ٻي جنگ عظيم ۾ جپانين کي جيئن پئي وٽيو تيئن پئي ظلم ڪيائون ۽ ملڪن تي قبضو ڪيائون. هو ٻين سان ته ڪونئس ڪندا رهيا، پر آمريڪا جي جهازن تي به پرل هاربر ۾ حملو ڪيائون. جپانين کي پڪ هئي ته هنن جو ڪو به نالو نه ٿو وٺي

سگهي. انگريز هڪ طرف جرمنن جي دٻاءَ هيٺ هئا ته ٻي پاسي جپانين جي. پر آخرڪار انگريز اتڪل ڪري جرمنن تي حاوي ٿي ويا. جرمنيءَ وارن 8 مئي 1945ع تي آڻ مڃي ۽ انگريزن کي هڪ طرف کان سُڪون ٿيو ۽ هاڻ هنن توڙي آمريڪا، چين ۽ روس وارن جپان کي سوڙهو ڪرڻ شروع ڪيو.

26 جولاءِ 1945ع تي برطانيا ۽ آمريڪا وارن جپان کي غير مشروط آڻ مڃڻ لاءِ چيو. جپانين ان چتاءُ يا الٽيميٽم جي پرواهه نه ڪندي جنگ جاري رکي. پوءِ نيٺ آمريڪا وارن 6 آگسٽ 1945ع تي پهرين جپان جي شهر هيروشيما تي ائٽم بم ڪيرايو. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا جو صدر هئري ٽرومئن هو. هن هڪ بم بعد جپانين کي وارننگ ڏني ته هو جنگ بند ڪن ۽ آڻ مڃين نه ته ٻي صورت ۾ آسمان مان ان قسم جي مصيبتن جو توهان جي ٻين شهرن ۾ به وسڪارو ٿيندو. جپانين اجا به ان کي سنجيدگيءَ سان نه ورتو.

ٽن ڏينهن بعد آمريڪا وارن 9 آگسٽ 1945ع تي هڪ ٻيو ائٽم بم جپان جي هڪ ٻئي شهر ناگا ساڪيءَ مٿان اُڇلايو. چون ٿا ته هنن ٻن بمن وگهي ٻه لک کان مٿي ماڻهو مري ويا. جن ۾ گهڻا ئي شهري ماڻهن جي هئي. انهن مري ويلن ۾ اڌ کان وڌيڪ ته پهرين ڏينهن ئي مري ويا. باقي ٻن کان ٽئن مهينن اندر مئا. جيڪي بچيا انهن تي به بم جي گرميءَ ۽ ائٽمي لهرن (Radiation) جو اهڙو اثر ٿيو جو هو سڄي ڄمار ڇيچلائي ڇيچلائي مئا. انهن مان ڪجهه ماڻهن جو احوال آئون شروع جي جپان وارن سفرنامن ۾ ڏيندو پيو اچان، جڏهن اسان جو جهاز هيروشيما ۽ ناگا ساڪيءَ ويو ٿي.

ٻيو بم لڳڻ تي جپان کي هوش آيو ته اسان جا ماڻهو ۽ ملڪ تباهه ٿو ٿئي. هنن يڪدم آڻ مڃي. ناگا ساڪيءَ تي بم ڪرڻ جي ڇهن ڏينهن بعد 15 آگسٽ 1945ع تي جپان زباني طور ۽ 2 سيپٽمبر تي لکت ۾ آڻ مڃي، جنهن جو اعلان جپان جي بادشاهه هيرو هِتو ريڊيو ذريعي ڪيو ۽ هيءَ جنگ جنهن ۾ دنيا جا ڪيترائي ملڪ ڦاٿل هئا ۽ 1939ع کان هلي رهي هئي، سا سيپٽمبر 1945ع ۾ ختم ٿي.

جپان جي ڪجهه ظالم فوجين تي ڪيس هلايا ويا. جپان کي هاڻ مليٽري ناهڻ کان منع ڪئي وئي، شهنشاهه هيرو هتو جا بي پناهه اختيار رد ڪري، هن کي فقط نالي ماتر جپاني عوام جو شهنشاهه قائم رهڻ ڏنو ويو. اها ٻي ڳالهه آهي ته جپانين مليٽريءَ واري جنگ ته ضرور هارائي، پر هاڻ فوج ناهڻ بدران هنن مشينون ۽ اليڪٽرڪ جا سامان وغيره ناهي پاڻ کي معاشي طرح فاتح بڻائي ڇڏيو. اڄ هو دنيا جي خوشحال ۽ ترقي يافته ملڪن مان آهن. امن امان، صفائي سترائي، تعليم ۽ صحت جي حوالي کان جپان دنيا جي ٽاپ ملڪن مان آهي. زندگيءَ جي بنيادي سهولتن ۽ پريس جي آزاديءَ سبب جپان بهترين ملڪ آهي.

### جپان جو ڪُلِ دائودي ۽ دنيا جا ٻيا تخت.....

جپان جو شهنشاهه هيرو هِتو (Hirohito) اهو بادشاهه آهي، جنهن جي حڪومت دوران ٻي وڏي لڙائي لڳي، ۽ جنهن بابت اسان ننڍي هوندي کان پڙهڻ شروع ڪيو. وڏا ٿي اسڪول، ڪاليج ۽

مئرين اڪيڊميءَ ۾ آياسين، تہ اتي بہ خبرن ۾ ٻي جنگِ عظيم جي ڪهاڻين ۾ يا ڪُوئز مقابلن ۾ ”هيرو هِتو“ جو نالو ٻڌندا رهياسين. تعليم ختم ڪري جهاز هلائڻ شروع ڪياسين. 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن کان مون کي ڏور اوڀر واري رُوٽ تي رکيو ويو. اسان جو جهاز سامان لاهڻ، چاڙهڻ ۽ مرمت لاءِ، جپان جي مختلف بندرگاهن ۾ ايندو هيو. جپان پهچي خبر پئي تہ جپان جو بادشاھ اڃا هيرو هِتو ئي آهي ۽ منهنجي آخري سفر تائين، جپان جو بادشاھ هيرو هِتو ئي رهيو. سامونڊي نوڪري ڇڏي جڏهن ڪناري جي نوڪريءَ لاءِ ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ آيس، تہ اتي 1989ع ۾ شهنشاھ هيرو هِتو جي گذاري وڃڻ جي خبر پئي. هو وڏو عرصو پنهنجي ملڪ جو بادشاھ ٿي رهيو. ائين تہ ٿائليند جهاز کي وٺي اچڻ وارن ڏينهن ۾، توڙي ملائيشيا ۾ ڪناري جي نوڪريءَ دوران بئنڪاڪ، هاديہ، پٽاني ۽ ٿائليند جي ٻين شهرن ۾ سرڪاري ميٽنگن يا ڪانفرنسن ۾ گهمڻ لاءِ ويجهو هو تہ ٿائليند جي ساڳي بادشاھ ”فومِي فون ادونيا ديت“ (Bhumibol Adulyadej) جو ٻڌبو هو جنهن هاڻ 2016ع ۾ وفات ڪئي. هن ستر سال حڪومت ڪئي. هو هِيرو هِتو کان 27 سال ننڍو هو ۽ 1946ع ۾ تخت تي ويٺو هو. جپان جو شهنشاھ هيرو هِتو مرڻ بعد دنيا جو وڏو عرصو رهڻ وارو بادشاھ مڃيو ويو ٿي. اڄ ڪلهہ انگليند جي راڻي ايلزبيٿ سيني کان ڪراڙي راڄ ڪرڻ واري آهي. هوءَ 1952ع ۾ تخت تي ويٺي هئي. هينئر هن کي 68 سال ٿي ويا آهن. هوءَ جي ٽي سال ٻيا بہ ڪيڏي وئي تہ دنيا ۾ وڏو عرصو حڪومت ڪرڻ وارن بادشاهن/راڻين ۾ هوءَ ٽاپ تي ايندي، پر مون کي نٿو لڳي، ڇو جو هوءَ ڪافي ڏٻري ٿي وئي آهي ۽ هلڻ ۾ ڇيڇاٽ ٿي ڪري. هوءَ 1926ع ۾ ڄائي هئي ۽ هن وقت 94 سالن جي آهي. اسان ڪائنس 20 سال کن ننڍا آهيون، تہ بہ پُورا لڳا پيا آهيون، بلڪ آصف زرداريءَ ۽ نواز شريف جهڙا، جيڪي راڻي ايلز بيٿ کان ٽيهارو سال ننڍا آهن، اهي ئي لٺ تي يا ٻين جي مدد سان ٿا هلن. آصف زرداري 1955ع ۾ ڄائو هو ۽ نواز شريف 1949ع ۾. منهنجا دوست چوندا آهن تہ انگريز وڏي عمر ماڻين ٿا ـ خاص ڪري عورتون. اها بہ ڳالهہ صحيح ٿي سگهي ٿي، جو ايلز بيٿ جو مڙس شهزادو فلپ، ڊيوڪ آف ايڊنبرو 100 سالن جو ٿيڻ بعد، اڃا بہ جيئرو آهي. سو لڳي ٿو تہ هيءَ ان کان بہ وڏي عمر جي ٿي مرندي.... وڏيڪ رَب کي سُڌ.

جپان جو شهنشاھ هيرو هِتو شهنشاھ شووا (Showa) جي نالي سان بہ مشهور آهي. جپان سان دلچسپي رکندڙ پنهنجي پڙهندڙن لاءِ هتي اهو لکندو هلان، تہ جپان جي شهنشاهن جا اڪثر بہ نالا ٿين ٿا. هڪ اهو نالو جيڪو ڄمڻ وقت هنن جا ماءُ پيءُ رکن ٿا. جيئن ”هيرو هِتو“ نالو آهي. پوءِ جڏهن هو بادشاھ ٿئي ٿو تہ شاهي خاندان جا ماڻهو ۽ حڪومت جا اعليٰ ڪارندا گڏجي ان بادشاھ جي حڪومتي دؤر جو نالو تجويز ڪن ٿا. جيئن هيرو هِتو شهنشاھ جي بادشاهي دؤر (Era) جو نالو ”شووا دور“ رکيو ويو. مرڻ بعد يا بادشاهت وارن ڏينهن ۾ ئي هو ان نالي سان پڻ سڏيو وڃڻ لڳو. سو شهنشاھ هيرو هِتو پنهنجي ان نالي کان علاوه ”شهنشاھ شووا“ بہ سڏجي ٿو.

هيرو هِتو جو ڏاڏو شهنشاھ متسو هِتو (جيڪو 1852ع ۾ ڄائو ۽ 1867ع کان 1912ع تائين بادشاھ رهيو) جي دؤر جو نالو ”ميئجي دور“ (Meiji Era) تجويز ڪيو ويو هو. ان ڪري شهنشاھ

متسوهِتو کي عام طرح سڀ ”شهنشاهه ميئجي“ سڏين ٿا. هن شهنشاهه جي ڏينهن ۾ جپان وڏيرڪي ۽ جاگيرداراڻي نظام مان نڪري Industrialized ٿيو. ميئجي دؤر جپان جو اهم دؤر سمجهيو وڃي ٿو. جنهن بابت اڳتي هلي ڪجهه احوال لکندس.

اهڙيءَ طرح هاڻ شهنشاهه نارو هِتو، جيڪو شهنشاهه هيرو هِتو جو پوٽو آهي ۽ جپان جي گلِ داٺودي (Chrysanthemum Throne) تخت تي پهرين مئي 2019ع تي ويٺو ، ان جي دؤر جو نالو ”رائي وا“ (Reiwa Era) تجويز ڪيو ويو. ان ڪري شهنشاهه نارو هِتو ”شهنشاهه رائي وا“ پڻ سڏيو ويندو رهيو. هونءَ جپاني لفظ ”Reiwa“ جي معنيٰ آهي ”امن، سڪون جي ڳولا“ (Pursuit of Harmony).

مٿي جپان جي گلِ داٺودي تخت جو ذڪر ڪيو اٿم. پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ ان بابت ڪجهه لکڻ ضروري ٿو سمجهان. هي تخت دنيا جي مشهور تاريخي تختن ۾ آڳاٽو آهي. جپاني بادشاهت (Monarchy) سڀني کان پراڻي آهي. ائين ته ڏٺو وڃي ته، مصر جي فرعون يا ايران جي دارا جهڙن بادشاهن جي بادشاهت ان کان به آڳاٽي آهي، پر اها اڄ قائم نه آهي. جپان جي بادشاهت جو بنياد 660 ق م ۾ شهنشاهه جيموءَ رکيو ۽ هو جپان جو پهريون شهنشاهه ٿيو. اهو سلسلو لڳاتار اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ۽ شهنشاهه نارُو هِتو ان لڙيءَ جو 126 هون موتي، يعني شهنشاهه آهي، جيڪو جپان جي گلِ داٺودي تخت تي ويٺو آهي. جيتوڻيڪ اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ جي جپاني شهنشاهه جا اهي پاور نه رهيا آهن. ٻي جنگِ عظيم کانپوءِ، هاڻ جپان جو آئين ملڪ جي شهنشاهه کي فقط رياست ۽ عوام جي ٻڌيءَ جي علامت ٿو سمجهي.

“The emperor is the symbol of the state and the unity of the people.”

جپان جي شهنشاهن جي ويهڻ جي گادي تڪا مِيڪُورا (Takamikura) جيڪا ”تخت گلِ داٺودي“ ۽ انگريزيءَ ۾ ”Chrysanthemum Throne“ تي سڏجي، دراصل ڪيوتو جي شاهي محل ۾ رکيل آهي، جيڪو شهر وڏو عرصو جپان جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. هاڻي ٽوڪيو جپان جو گاديءَ جو هنڌ آهي. دنيا جي تخت گاهن ۾ هي سڀ کان پراڻو تخت اڄ ڪلهه فقط ان وقت استعمال ٿئي ٿو، جڏهن ڪنهن نئين بادشاهه جي تخت نشينيءَ جي رسم ادا ڪئي وڃي ٿي. جيئن هينئر پهرين مئي 2019ع تي جپان جي نئين شهنشاهه ناروهِتو کي ان تخت تي وهاري گادي نشين ٿيڻ جي رسم ملهائي وئي هئي. ان بعد هو ٽوڪيو واري شاهي محل ۾ اچي رهيو هو. شهنشاهه جي هن تخت سان گڏ، راڻي صاحبا جي ويهڻ لاءِ پڻ ڪرسي ”مچودائي“ (Micho Dai) شامل آهي.

دنيا جا تخت مختلف نالن سان سڏجن ٿا. جپان ۾ گلِ داٺودي طاقت ۽ سونهن جي علامت سمجهيو وڃي ٿو ۽ جپانين کي هن گل تي خاص ڪري پيلي رنگ جي گل داٺوديءَ تي ناز آهي، جنهن جون سورهن پتيون (Petals) شهنشاهه جي مهر (Seal) ۾ آهن. اها 16 پتين واري نشاني توهان کي جپان جي پاسپورٽ تي به نظر ايندي، جيتوڻيڪ يورپ جي ڪيترن ملڪن فرانس، بيلجيم، اٽلي، اسپين، پولينڊ، هنگري، ڪروشيا وغيره ۾ گلِ داٺودي (Chryranthemum Flower) موت جي علامت سمجهيو وڃي ٿو ۽ جنازي ۽ قبرن مٿان اهو گل رکيو وڃي ٿو. پرڏور اوير پاسي ائين

ناهي. اتي فقط سفيد رنگ جو گلِ دائودي، جپان، چين ۽ ڪوريا ۾ بدحالي، غم ۽ بربادي جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. ڏور اوڀر ۽ ذڪرڻ اوپر ايشيا جي باقي ملڪن ۾ گلِ دائودي، چاهي سفيد رنگ جو هجي يا ڪنهن ٻئي جو اهو ”ايمانداريءَ“ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. هاڻ ته زرعي سائنس ايڏي ترقي ڪئي آهي، جو گلِ دائوديءَ جون ڪيتريون ئي جنسون نڪري پيون آهن. ان تان مون کي ياد آيو ته هن سال اسرائيل گلِ دائوديءَ جي هڪ نئين جنس ايجاد ڪئي، جيڪا سائيز ۾ ننڍي آهي، پر ان ۾ جلد گل اچي ٿو جنهن جو نالو ”نريندرا مودي“ رکيو آهي. هنن اهو گل انڊيا جي وزيراعظم جي نالي ڪري، کيس مان ڏنو آهي. هي پهريون دفعو آهي، جو انڊيا جو سربراهه يهودي رياست اسرائيل جي دوري لاءِ آيو آهي.

هڪ تخت جنهن کان اسان جا ماڻهو يعني ننڍي کنڊ جا ماڻهو پليءَ پٽ واقف هوندا، اهو آهي ”تختِ طائوس“، جنهن کي انگريز ”Peacock throne“ سڏين ٿا. هيرن، جواهرن ۽ قيمتي پٿرن سان مڙهيل هي تختِ طائوس مغل بادشاهن جو تخت گاهه هو جيڪو سترهين صديءَ ۾ (1635ع ۾) شاهجهان بادشاهه ٺهرايو ۽ دهليءَ جي لال قلعي جي ديوانِ خاص ۾ رکيو ويو. سئو کن سالن بعد 1739ع ۾ جڏهن ايران جي شهنشاهه نادر شاهه دهليءَ تي حملو ڪيو ته واپسيءَ تي هو ٻي ڦرلٽ جي سامان سان گڏ مغلن جو هي تختِ طائوس به کڻائي ويو. ان بعد ان جهڙو هڪ ٻيو تخت رکيو ويو جيڪو 1857ع واري بلوي تائين اتي رهيو.

1747ع ۾ جڏهن نادر شاهه کي سندس ئي آفيسرن قتل ڪيو ته هي تخت غائب هو. لڳي ٿو جنهن کي وجهه لڳو اُن هِن مان قيمتي هيرا ۽ پٿر ڪڍي تين وال ڪري ڇڏيا. ڪي چون ٿا هن تخت کي، يا ان مان نڪتل قيمتي هيرن کي سلطنتِ عثمانيه جي سلطان ڏي ترڪيءَ موڪليو ويو. ڪي اهو به چون ٿا ته ايران جي حاڪمن جيڪو تختِ خورشيد يعني ”Sun Throne“ ٺاهيو ان ۾ ڪجهه حصا تختِ طائوس جا به لڳايا ويا. تختِ خورشيد اوڻهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ شهنشاهه فتح علي شاهه قاجار پنهنجي دورِ حڪومت (1797ع کان 1834ع) ۾ ٺهرايو.

ائين ته حضرت سليمان جو ”تختِ سليمان“ به مشهور آهي، جنهن جو ذڪر مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين جي مذهبي ڪتابن ۾ اچي ٿو پر اهو اڄ موجود نه آهي.

سئيڊن جي بادشاهه جو روپو تخت (چانديءَ جو تخت) جيڪو سئيڊش ٻوليءَ ۾ ”Silvertronen“ سڏجي ٿو اهو پڻ دنيا ۾ مشهور آهي. هي تخت اسٽاڪ هوم محل ۾ رکيل آهي، جيڪو 1650ع ۾ راڻي ڪرسٽينا جي تاج پوشيءَ وقت ٺاهيو ويو هو. اهو تخت آخري دفعو 1975ع ۾ استعمال ٿيو هو.

جپان جي تختِ گل دائوديءَ وانگر چين جو ”ڊريگن تخت“ به ڪافي آڳاٽو آهي، جيڪو بيجنگ ۾ رکيل آهي. هن تي 221 ق م کان چين جي ”Qin“ گهراڻي جي حاڪمن کان وٺي، لڳاتار هڪ ٻئي پويان ”Qinq“ گهراڻي جي آخري بادشاهه پوئي (Puyi) تائين (يعني 1912ع تائين) چين جا بادشاهه ويٺا. چين جي هن آخري شهنشاهه پوئيءَ جي درد ڀري ڪهاڻيءَ تي ڪيترائي ناول ۽

فلمون ٺهيل آهن. خاص ڪري ڪولمبيا پڪچرز جي ٺهيل فلم “The Last Emperor” ڏسڻ وٽان آهي. اها فلم انگريزي، چيني ۽ جپاني، ٽنهي ٻولين ۾ آهي.

**جپان جا شهنشاهه ۽ سندن ڪنيزون رکڻ جو شوق....**

پاڻ جپان جي 124 هين بادشاهه هيرو هِتو جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين. جيڪو شهنشاهه شووا (Showa) به سڏجي ٿو. هو 1901ع ۾ ٽوڪيو جي آئوياما محل ۾ ڄائو جن ڏينهن ۾ سندس ڏاڏو شهنشاهه ميئجي (متسوهِتو) جپان جو 122 هون شهنشاهه هو ۽ سندس پيءُ شهنشاهه تائشو (يوشي هِتو) ولي عهد شهزادو هو. شهنشاهه ميئجيءَ کان پوءِ شهنشاهه تائشو جپان جو 123 هون شهنشاهه ٿيو جنهن جي وفات تي شهنشاهه هيرو هِتو 1926ع کان 1989ع (وفات) تائين جپان جو 124 هون بادشاهه رهيو. هيرو هِتو کي ست ٻار ٿيا. ٻه پُٽ پنج ڌيئرون. سندس وفات بعد سندس چئن ڌيئن بعد وڏو پٽ اَڪِيهِتو جپان جو 125 هون شهنشاهه ٿيو.

هيرو هِتو ڇهن سالن جو ٿيو ته هن کي جپان جي خاص اسڪول گاڪو شوئن (Gakushuin) ۾ داخل ڪيو ويو هو. جيڪو ان وقت شاهي خاندان جي ٻارن جي تعليم لاءِ مقرر هو. ”گاڪو شوئِن“ جيڪو ”Peers School“ ۽ ”Gakushujo“ به سڏجي ٿو. 1847ع ۾ جپان جي 120 هين شهنشاهه ننڪو (ايا هتو) ڪيوٽو ۾ ٺهرايو. پاڻ 1817ع کان 1846ع (وفات) تائين شهنشاهه رهيو. هي اسڪول در اصل جپان جي شاهي خاندان جي ٻارن لاءِ ٺهرايو ويو. جتي ڪي جي ۽ نرسريءَ کان هاءِ اسڪول ۽ يونيورسٽيءَ جي تعليم جو بندوبست رکيو ويو. هن اسڪول ۾ عوام جي ڪجهه اهم ماڻهن جي ٻارن کي به داخلا ڏني پئي وئي، پر فقط پرائمري سطح تائين. هي اسڪول سمجهو ته ائين هو جيئن برٽش راڄ ۾ لاهور ۾ ايچيسن ڪاليج هئو جتي انگريز راڄ تائين فقط انگريزن ۽ ڪجهه خاص نوابن ۽ راجائن جا ٻار داخلا وٺي ٿي سگهيا. 1877ع ۾ هي اسڪول ڪيوٽو کان ٽوڪيو شفٽ ڪيو ويو. جنهن جي پٽين تي شهنشاهه ننڪو جا هي چار قول اُڪريل آهن.

1. Walk in the paths trodden by the feet of the great sages.
2. Revere the righteous canons of the empire.
3. He that has not learned the sacred doctrines, how can he govern himself?
4. He that is ignorant of the classics, how can he regulate his own conduct?

1947ع ۾ ٻي جنگِ عظيم هارائڻ بعد آمريڪا جي چوڻ تي هن اسڪول ۾ فقط شاهي خاندانن جي ٻارن کي داخلا ڏيڻ بدران عام ٻارن کي به داخلا ملڻ لڳي ۽ هي اسڪول جپان جي وزارت تعليم حوالي ڪيو ويو نه ته اهو شاهي خاندان جي گهرو ايجنسيءَ هلايو پئي.

هن اسڪول مان شهنشاهه هيرو هِتو کان علاوه هن جي راڻي صاحبه نگاڪو (Naisho)، هيرو هِتو جي پُٽ 125 هين شهنشاهه اڪِيهِتو، پوٽي (هاٽوڪي 126 هين شهنشاهه) نارُو هِتو پڻ تعليم حاصل ڪئي. ان کان علاوه انهن جون پيٽون، ٻائر، سئوٽ، ماسات هِن اسڪول مان پڙهيا.

ڪوريا جا بہ ڪجھ شهزادا هن اسڪول مان پڙهيا. پرائمري تعليم تائين پڙهڻ وارن عام ٻارن مان هڪ اسان جو دلپسند جپاني ليکڪ يوڪيو مشيما بہ هو. جيڪو 1925ع ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ جپاني حڪومت ۾ هڪ سرڪاري وڏو آفيسر هو ۽ سندس ناني، جنهن ڪيس نپايو، هڪ اهم تعليمي اداري جي پرنسپال هئي ۽ ان کان علاوه سندس نسل ڪنهن نواب خاندان سان بہ مليو پئي. شايد اهو ئي سبب هجي جو يوڪيو هڪ عام ٻار تي ڪري بہ هن اسڪول ۾ پڙهيو. هو ڇهن سالن جو هو تہ هن اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ٻارهن ورهين جي ڄمار تائين شاهي خاندان جي ٻارن سان پڙهيو. سندس هڪ ناول "Spring Snow" هن اسڪول جي پس منظر ۾ آهي، جنهن ۾ هِن ناول جا بہ ڪردار "ڪِيوآڪي" ۽ "شيگي ڪوني" هن اسڪول جا ئي شاگرد آهن.

1912ع ۾ هيرو هِتو جي ڏاڏي شهنشاهہ ميئجيءَ جي وفات تي هيرو هِتو جو والد يوشي هِتو تخت نشين ٿيو ۽ پاڻ (هيرو هِتو) ولي عهد مقرر ٿيو. ان ئي سال هن کي نيويءَ ۾ بہ ڀرتي ڪيو ويو. 1926ع ۾ هو شهنشاهہ ٿيو ۽ شهنشاهہ شووا سڏجڻ لڳو. 1924ع ۾ سندس شادي خاندان جي هڪ ڇوڪري ناگاڪو ڪونيءَ سان ٿي، جيڪا عمر ۾ کانئس بہ سال ننڍي هئي. يعني سندس ڄم جو سال 1903ع هو. شاديءَ کان بہ سال پوءِ هيرو هِتو شهنشاهہ ٿيو هو. هيرو هِتو ۽ ناگاڪو جو مڱڻو 1919ع ۾ ٿيو جڏهن ناگاڪو سورهن سالن جي هئي. جپان جي ان وقت جي رواج مطابق اها شادي هڪ قسم جي "Arranged" شادي چئي سگهجي ٿي. هيرو هِتو کي پنهنجي زال چونڊڻ لاءِ ايتري سا مهلت ڏني وئي تہ خاندان جي هڪ چانهہ پارٽيءَ جي دعوت ۾ آيل ڇوڪرين مان ڪنهن کي زال چونڊڻ لاءِ هن کي پردي پويان لڪي، ڇوڪرين کي ڏسڻ لاءِ چيو ويو. هيرو هِتو ناگاڪو جي چونڊ ڪئي. ائين تہ ناگاڪو بہ ساڳي شاهي اسڪول گاڪو شوئِن مان پڙهي، پر اتي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا الڳ سيڪشن هئا. مڱڻي بعد هن کي اسڪول مان ڪڍي راڻي تي رهڻ لاءِ ڇهن سالن جو ٽريننگ پروگرام ڪرايو ويو.

هيرو هِتو جڏهن ولي عهد (Crown Prince) ٿيو تہ سندس زال شهزادي ناگاڪو "Crown Princess" سڏجڻ لڳي. ان بعد 1926ع ۾ هيرو هِتو تخت تي ويٺو ۽ "Emperor" يعني "شهنشاهہ" سڏجڻ لڳو تہ سندس زال "راڻي" (Empress Nagako) سڏجڻ لڳي.

هيرو هِتو شهنشاهہ ٿيڻ تي وڏيڪ ڪنيزون (Concubines) رکڻ بدران اڳوڻين 39 ڪنيزن کي بہ چلتو ڪري ڇڏيو. ويهين صديءَ جي شروعات تائين (يعني هيرو هِتو تائين) هر شهنشاهہ مزي ۽ وڌيڪ اولاد، خاص ڪري وارث لاءِ پُٽ حاصل ڪرڻ لاءِ "Concubines" رکيون پئي، جنهن لاءِ جپان ۾ "Sobame" لفظ آهي. اسان وٽ ڪنيز کان علاوه داشتہ، آشنا، رکيل، ويهاريل وغيره جهڙا لفظ آهن. مختلف ملڪن، ڪلچر ۽ حڪومتن ۾ ڪنيزن جو مختلف درجو رهيو آهي. هنن کي زال کان گهٽ سمجهيو ويو آهي پر هِن مان اولاد کي خاص ڪري پٽ کي ڪٿي گهٽو مان ۽ برابريءَ جا حق ڏنا ويا آهن ڪٿي ڪجهہ ڪجهہ، تہ ڪٿي بنهہ نہ. بهرحال ڪنيزون رکڻ هڪ عام ڳالهہ رهي آهي. خاص ڪري بادشاهن، نوابن، راجائن لاءِ، ڪٿي ڪٿي اهي

”مسٽريس“ جي لقب سان سڏيون وڃن ٿيون. انهن مان پيدا ٿيل ٻار نہ فقط غيرقانوني (Illegitimate) سمجهيا وڃن ٿا پر ڪن قومن ۾ اهي ٻار سيڪاٽپ لاءِ پنهنجي پيءُ جي ذات بہ لڳائي نہ ٿا سگهن.

جپان جي ميئجي دؤر (1868ع کان 1912ع تائين) ۾ اهو قانون پاس ڪيو ويو تہ ڪنهن کي بہ هڪ کان وڌيڪ زالون رکڻيون نہ آهن پر نواب، رئيس، شاهي خاندان جا ماڻهو ڪنيزون رکي سگهن ٿا. ان جو خاص مقصد وارث پيدا ڪرڻ بہ هو. زال جي پُٽ نہ ڄڻي تہ ملڪيت يا تاج ۽ تخت جو وارث ڪٿان اچي؟ اهڙيءَ حالت ۾ ڪنيزن مان ڪنهن جي ٻار کي وارث بڻايو ٿي ويو. ان ڪري شاهي خاندان جي ڪنيزن لاءِ اهڙو موقعو اچي سگهيو ٿي تہ هن جو حرام جو ٻار ملڪ جو شهنشاهہ ٿي سگهيو ٿي. ميئجي دور جي حاڪم شهنشاهہ ميئجي (موتسو هِتو) کي پنهنجي زال راڻي هاروڪو مان پُٽ جو اولاد نہ هيو (هن راڻيءَ جو ڄمڻ وقت مائٽن ”ماساڪو اچيجو“ نالو رکيو. شاديءَ بعد راڻي ”شوڪين“ ۽ ”هاروڪو“ رکيو ويو. پر بهتر آهي تہ پڙهندڙ هڪ شهنشاهہ ۽ راڻين جا بہ ٽي ٽي نالا ڏيان ۾ رکي مونجهاري ۾ پوڻ بدران هڪ ئي نالو هاروڪو ياد رکن) شهنشاهہَ پنهنجي ٽاپ رئنڪ جي هڪ ڪنيز مئدم ياناگيهارا ناروڪو (Yanagihara Naruko) مان ڄاول هڪ پُٽ کي قانوني لکپڙهہ سان پنهنجي راڻي هاروڪو حوالي ڪيو. جنهن هن کي پالي وڏو ڪيو ۽ شهنشاهہ ميئجي جي مرڻ تي اهو شهنشاهہ تائشو (يوشي هِتو) ٿيو. شهنشاهہ هيرو هِتو جنهن جو پاڻ ذڪر ڪريون پيا، اهو هن شهنشاهہ تائشو جو پُٽ هو. يعني شهنشاهہ هيرو هِتو جي ڏاڏي ياناگيهارا ناروڪو سندس ڏاڏي بادشاهہ جي داشتہ (Concubine) هئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جپاني شهنشاهہ جيڪي ڪنيزون رکندا هئا اهي سڀ شاهي خاندان جون عورتون هونديون هيون. شهنشاهہ هيرو هِتو جي هيءَ ڏاڏي بہ ڪيوٽو جي نواب گهراڻي مان هئي ۽ سندس پاءُ ”ساڪي متشو“ ياماناشي صوبي جو گورنر هو. ليڊي ناروڪو هڪ بهترين ڪئليگرافر ۽ شاعره پڻ هئي. هوءَ حرم جي ذهين، سٺي سياءُ ۽ فضيلت واري داشتہ مڃي ويندي هُئي. هن جو هي شهنشاهہ هيرو هِتو ٽيون ٻار هو. ان کان اڳ هن کي بہ پُٽ ٿيا پر ٻئي پُٽ گردن توڙ بخار (Meningitis) ۾ مري ويا.

شهنشاهہ هيرو 63 سال جپان جو حاڪم رهڻ بعد 1989ع ۾ وفات ڪري ويو. زندگيءَ جا آخري بہ سال هو سخت بيمار رهيو. هن جو هاضمو صحيح نٿي رهيو. Pancreas جي آپريشن ٿيس. پوءِ خبر پئي تہ هن کي آنڊي جو سرطان ٿي پيو آهي. آپريشن بعد بہ ٽي مهينا فرحت ۾ رهيو. ان بعد هڪ ڏينهن محل ۾ ئي غش ٿي ڪري پيو ۽ پوءِ ڪجهہ مهينن جي اندر رَتُ اچڻ بعد گذاري ويو. وفات وقت شهنشاهہ هيرو هِتو سڀني بادشاهن ۾ وڏو هو ۽ هن سڀ کان وڏو عرصو بادشاهت ڪئي. (ان بعد اهو اعزاز ٿائلينڊ جي بادشاهہ فومي فون ادون ياديت کي نصيب ٿيو ۽ اجا تائين آهي ۽ ٿي سگهي ٿو جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ اهو رڪارڊ انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ توڙي، جيڪڏهن هوءَ بہ ٽي سال ٻيا بہ ڪڍي وڃي). هيرو هِتو جي وفات بعد سندس پُٽ اِڪيهِتو تخت تي ويٺو.

هيرو هِتو جي وفات بعد يارهن سال رکي سن 2000ع ۾ سندس زال (يعني نئين شهنشاهہ اڪِيهِتو جي والده) ناگاڪو وفات ڪئي. هوءَ بہ آخري سالن ۾ سخت بيمار رهي. 1975ع ۾ هوءَ پنهنجي مڙس شهنشاهہ هيرو هِتو سان آمريڪا (USA) مان ٿي اچڻ بعد بہ سال رکي پٺيءَ ڀر ڪري

پئي ۽ ڪرنگهي ۾ ڏک لڳي ويس. اجا ان مان صحيح نہ ٿي، تہ هڪ دفعو وري ڏڪو ڪاڏائين. جنهن بعد هوءَ باقي زندگي ويل چيئر ۾ ئي رهي. هوءَ مڙس جي جنازي تي بہ نہ نڪري سگهي.

## ڪجھ سريتن (ڪنيزن) بابت....

هتي جپان جي بادشاهن بابت لکندي، ٿورو موضوع مٽائي، ڪجھ صفحا ان بحث بابت پنهنجن پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ لکان ٿو جيڪو بحث اڪثر جپان جي بادشاهن بابت، سندن ويهاريل سريتن (Concubines) بابت هلندو آهي.

شروع جي ڏينهن ۾ جپان ايندو هوس تہ اسان جي جهاز تي بہ پنهنجن پراون وچ ۾ اهڙو بحث هلندو هو. خاص ڪري جڏهن اسان جو جهاز ڪوريا جي بندرگاهن ۾ لنگر انداز هوندو هو تہ ڪورين، جپانين جي دل وٽان گلا ڪندا هئا. اهو ان ڪري جو ٻي جنگ عظيم تائين جپانين جو ڪوريا تي قبضو رهيو ۽ جپانين جيڪي ڪورين تي ظلم ڪيا سي اڄ بہ هنن ڪان نٿا وسرن.

جپان ملڪ هڪ تہ ٻيٽن جو جهڳٽو آهي ۽ ٻيو تہ هر ٻيٽ جو ڪنارو ايڏو ڪاڏل آهي، جو چپي چپي تي قدرتي بندرگاهہ آهن، جيڪي صدين کان استعمال ٿي رهيا آهن. ڪي بندرگاهہ تہ هڪ ٻئي کي ائين ويجهو آهن جيئن سکر روهڙي، ڪوٽڙي ڄامشورو، مانجهند، هالا وغيره. اسان جو جڏهن بہ جپان اچڻ ٿيندو هو تہ هڪ ئي بندرگاهہ ۾ سامان لاهڻ يا چاڙهڻ بدران جپان جي مختلف بندرگاهن ۾ ويندا هئاسين ۽ ٻاهريون سمنڊ پئسفڪ، اوير چيني سمنڊ يا جپاني سمنڊ وٺڻ بدران، جپان جي مختلف ٻيٽن جي وچ وارو اندريون سمنڊ وٺي هڪ کان ٻئي بندرگاهہ ڏي ويندا هئاسين. اهو سمنڊ سڏجي ئي ”اندريون سمنڊ“ ٿو. هاڻ مختلف جپاني ٻيٽ، پُلين يا ساموندي سرنگهن ذريعي ڳنڍجي ويا آهن ۽ بسون ڪارون يا ٽرينون هڪ ٻيٽ کان ٻئي تائين پهچيو وڃن، پر اهي پليون سمنڊ کان ايڏو تہ مٿي ناهيون ويون آهن، جو هيٺان پاڻيءَ جو جهاز هلي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح سمنڊ هيٺيان سرنگهون (Tunnels) تمام گهٽو هيٺ ٺهيل آهن، جن مان خشڪيءَ جي ٽرئفڪ ۽ مٿان اسان جا جهاز آرام سان هلندا رهن ٿا.

جن جن جهازن تي منهنجو رهڻ ٿيو اهي هڪ طرف ٽوڪيو اوساڪا، يوڪوهاما، ڪوبي ۽ چيبا ويندا هئا تہ ٻئي پاسي بلڪل ڏکڻ ۾ ناگاساڪي، هيروشيما، ساسيبو شمونوسيڪي، موجي ۽ ٻين بندرگاهن ۾ ويندا هئا. پوءِ ڪڏهن انهن ڏاکڻن بندرگاهن مان ڏکڻ ڪوريا جي بندرگاهن: پوسان، انچان، سيول ۽ دائسن بہ ويندا هئاسين. جپان جي شپ يارڊ ۾ جاءِ نہ هوندي هئي تہ جهاز جي مرمت ۽ روٽين ڊراءِ ڊاڪنگ ڪوريا مان ئي ڪرائيندا هئاسين.

پهرين اسان کي ڪوريا ۽ جپان جي ماڻهن ۾ فرق محسوس نہ ٿيندو هيو. ان کان اڳ ممباسا، دارلاسلام، موپوتو جهڙن آفريڪي بندرگاهن ۾ جهاز هلايا هئاسين جتي رڳو شيدي نسل جي ڪارن ۽ گهنڊيدار وارن وارن ماڻهن کي ڏٺو هئوسين سو انهن جي مقابلي ۾ هي ڪورين ۽ جپاني هڪ جهڙا ٿي لڳا. پوءِ آهستي آهستي محسوس ڪيوسين تہ ڪورين ڪناري جا ماڻهو آهن (يعني Mainland جا، جيڪا ڌرتي چين ۽ روس سان ڳنڍيل آهي) ۽ جپاني ساموندي ٻيٽن جا (جن جي

چوڏاري پاڻي آهي ۽ سمورا ٻيٽ مين لئنڊ کان ڌار ۽ پري پري آهن). جپانين ۽ ڪورين جو نه فقط ڪلچر، ٻولي، لکڻي مختلف آهي پر شڪل شبيهه، رسمون، رواج ۽ عادتون پڻ... اسان جي هڪ جهاز جي ٿرڊ انجنيئر عاشق ميمڻ (جيڪو شروع کان جپان ۽ ڪوريا واري روٽ جي جهازن تي رهيو) ساڻس گڏ ڪيل ڀيرين سفر ۾ ٿي، منهنجي ڪن ۾ اهو قسڪو هنيو هو ته هي جپاني ۽ ڪورين سمجهه ته ”چانڊيا مگسي“ اٿئي.

اسان جو جهاز جپان جي بندرگاهن مان ٿي ڪوريا جي بندرگاهن ۾ ايندو هو ته بندرگاهه ۾ اسان جي جهاز تي سامان لاهڻ يا چاڙهڻ وارا فورمين ۽ ڊراءِ ڊاڪنگ ۾ ڪم ڪندڙ انجنيئر، مستري، مزور اسان جي دماغ ۾ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جو Image اتم ۽ اتاهون ڏيکارڻ لاءِ جپان جون اڪثر گلائون ڪندا هئا. ٻيون ڳالهيون ته اسان جي دماغ ۾ نه رهيون ۽ نه اسان ان پهلوءَ ۾ دلچسپي پئي رکي پر هاڻ جپان جي بادشاهن جون ڳالهيون لکڻ وقت مون کي ياد اچي رهيو آهي ته ڪي ڪي ڪورين اسان کي اهو به چوندا هئا، ته جپاني پاڻ کي ”هڪ نسل“ يعني ”هومو جينس“ قوم سڏرائي پاڻ پڏائين ٿا يا هو چون ٿا ته، اڍائي هزار سالن کان هنن جو بادشاهه ان سج ديوتا جي پُٽ جو اولاد هلندو اچي، جيڪو 660 ق م ۾ آسمان تان لٿو.... پوءِ جپان جي بادشاهه هيرو هِتو (جنهن جي حڪم سان، جپاني فوج ٻي جنگِ عظيم دوران ملايا ۽ سنگاپور وارن تي ظلم ڪيا هئا ۽ ان کان اڳ ڪورين تي) لاءِ چوندا هئا ته توهان ڪٺي ڪنهن کان به پڇو ته ان جو پيءُ شهنشاهه تائشو (يوشي هِتو) سندس پيءُ شهنشاهه ميئجيءَ جي زال راڻي ماساڪو اِچيجو جو پُٽ نه هو پر شهنشاهه ميئجيءَ جي هڪ سريت ياناگيهارا ناروڪو جو ٻار هو.

مونکي ۽ مون سان گڏ منهنجي جهاز تي ڪم ڪرڻ وارن پاڪستانين کي حيرت ٿيندي هئي ته هن ملڪ جو ڪو بادشاهه هڪ ڪنيز جو پُٽ به ٿي سگهي ٿو. مون کي ان ڳالهه تي به تعجب لڳندو هو ته، هي جپان جا شهنشاهه ڪهڙي قسم جا حاڪم آهن. جيڪي ڍڳ ڪنيزن جو رکن ٿا ۽ جيڪي رنڍيون ٿي سمجهڻ ڪپن. جو اهي جنسي لذت لاءِ رکيون وڃن ٿيون. مون پنهنجي مسلمان حاڪمن ۽ ٻين بادشاهن کي وڏو ساڌ پات ٿي سمجهيو پر پوءِ سمنڊ تي جيئن جيئن مون کي تاريخ جي مطالعي جو موقعو مليو ته خبر پئي ته هتي ته سڄو ملڪ منصور لڳو پيو آهي. جپان جي هِن بادشاهه هيرو هِتو کي شاباس هجي، جنهن تخت تي ويهڻ سان ڪنيزون (سريتون) رکڻ جي رواج کي ته ٻنجو ڏنو پر هِن کي دربار طرفان جيڪي ٽي درجن کن عورتون Concubine طور مليون هيون، انهن کي به روانو ڪري ڇڏيائين.

تاريخ ٿي پڙهجي، ته اها دنيا جي حاڪمن جي ويهاريل سريتن ۽ انهن جي اولاد جي طاقت ۾ اچڻ جي ڪهاڻين، محلاتي سازشن، قتل ۽ غارتن سان ڀريل نظر ٿي اچي. توهان کي ڪيترا ئي اهڙا حاڪم، بادشاهه، شهنشاهه، سلطان، وزير ملندا، جيڪي محل ۾ رهندڙ سريتن، ٻانهين، غلام عورتن (جن لاءِ انگريزيءَ ۾ هڪڙو ئي لفظ ”Concubine“ استعمال ۾ اچي ٿو) جو اولاد نظر ايندو. مثال ته گهڻائي آهن، پر ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجي ڪتاب ”دنيا رنگ رنگيلي“ ۾ موراڪو جي هڪ طاقتور سلطان مولاي اسماعيل بن شريف (Moulay Ismail) جي زندگيءَ تي لکيو اٿم، ته هو هڪ حبشڻ

غلام ڇوڪريءَ جو پُٽ هو. هونءَ ته اسان جي مصري شاهن، سلطنت عثمانيه جي سلطانن، موراڪو جي بادشاهن، توڙي ايران جي شهنشاهن ۽ اُميه گهراڻي جي اندلسي حاڪمن ۽ اميرن، خليفن، گوري رنگ جون وچ ايشيا، يونان، اسپين، اٽلي، رومانيا، بلغاريه جون عيسائي ۽ يهودي عورتون پسند ڪيون ٿي. خود سلطان مولاي اسماعيل جا ڇاڙتا ۽ قزاق ڇڏيل هئا ته يورپ جي مختلف بندرگاهن مان هن لاءِ نه فقط مال جي ڦرلٽ ڪن، پر هن جي حرم جي واڌاري لاءِ سهڻيون ڇوڪريون به آڻين. پر سلطان مولاي اسماعيل جي ماءُ آفريڪا جي ڪاري نسل جي هئي، جنهن جو اثر هن جي رنگ ۽ نڪ نقشي تي به هو. هي حاڪم شڪل جو سو سادو هو پر حق جي ڳالهه ڪبي ته هن موراڪو تي نيڪ ناڪ نموني حڪومت ڪئي، سندس Good Governance جي ڪري امير توڙي غريب خوش هئا. هو 1645ع ۾ موراڪو جي صوبي تافيلالت (Tafilalt) ۾ ڄائو ۽ 26 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي علائقي جو سلطان ٿيو جنهن ۾ واڌارو آڻي هو سڄي موراڪو جو سلطان ٿي ويو. هو سيني کان وڏو عرصو (55 سال) موراڪو جو سلطان رهيو. هو اڄ به گنيز بُڪ آف ورلڊ رڪارڊس ذريعي مشهور آهي، جو هو موراڪو جو وڏي عرصي لاءِ سلطان ته رهيو پر سڄي دنيا ۾ ايترا ٻار ڪنهن کي نه ٿيا، جيترا هن کي ٿيا. هن لاءِ مشهور آهي ته هن کي 525 پُٽ ۽ 342 ڌيئرون ٿيون. هن کي ڪيتريون ئي زالون هيون. ان کان علاوه ڪيتريون ئي سريتون (عيش لاءِ ويهاريل عورتون) هيون، جن جو اڄ ڏينهن تائين ڪو ڪاٿو نه ڪري سگهيو آهي. سو اسان کي هرو ڀرو جپان جي شهنشاهن کي ڏوهه نه ڏيڻ کپي. جپان جي شهنشاهن کي جيڪو سريتن مان اولاد ٿيو سو به سڄ ديوتا جو ئي ڇٽبو هو جو جپان جي شهنشاهن کي ڪنيزون (سريتون) رکڻ جي اجازت ضرور هئي، پر اهي شاهي خاندان جون ئي ڇوڪريون هونديون هيون. يعني شهنشاهه جون سؤٽيون ماساتيون نه ته، سؤٽناٽي سؤٽ مان هونديون هيون، يعني هيرو هِتو شهنشاهه تائين جپان جي حاڪمن ۾ ڏاريو رت نه هو. هيرو هِتو جو پُٽ اڪيهتو ۽ ان بعد هن جو پوٽو يعني هاٽوڪو شهنشاهه نارو هِتو ٻهريان شهنشاهه آهن، جن شاهي خاندان جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ بدران هڪ عام (Commoner) ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.

### دنيا جون ٻه مشهور سُريتون...

سريت، ويهاريل يا رکيل عورت مان پيدا ٿيل ٻار جو بادشاهه (ملڪ جو حاڪم) ٿيڻ جو تو سوچڃي ته سلطنت عثمانيه جي ڪنيز ڪوثم سلطان ۽ پرشيا (ايران) جي آنا خانم جو مثال دماغ ۾ اچي ٿو.

ڪوثم سلطان جيڪا فارسي نالي "ماهه پيڪر" يعني "چنڊ مهانڊي" به سڏبي هُئي، سلطنت عثمانيه جي هڪ بيحد طاقتور Concubine مڃي وڃي ٿي. هوءَ سلطان "احمد اول" (جنهن 1603ع کان 1617ع تائين حڪومت ڪئي) جي حرم ۾ هڪ عام سريت (ڪنيز) جي حيثيت ۾ آئي هئي ۽ هن سلطان احمد اول جي ايڏي دل ڪٽي ورتي، جو هن کي "خاصڪي سلطان" يعني سلطان جي خاص سريت جو درجو ڏنو ويو. هيءُ درجو جيڪو ترڪي ٻوليءَ ۾ "Haseki Sultan" لکيو وڃي ٿو.

سلطنت عثمانيہ جي سلطانن جي خاص ڪنيزن ڪي وقت جي سلطان طرفان عطا ڪيو ويو ٿي. هيءَ ڪنيز ماهہ پيڪر نہ فقط سونهن ۾ سرس هئي (ترڪيءَ جي ڪيترين ئي لئبررين ۾ عجائب گهرن ۾ ماهہ پيڪر جي تصوير لڳل نظر ايندي) پر ذهين ۾ اڳواٽي ڪرڻ وارين خاصيتن جي بہ مالڪ هئي. شايد ان ڪري بہ سلطان احمد اول هن کي "ڪوثم" سڏڻ لڳو. ترڪي ٻوليءَ ۾ "ڪوثم" ان رڍ کي سڏين ٿا, جيڪا سڄي ڌڻ جي اڳواٽي ڪري, ان ۾ شڪ ناهي تہ ڪوثم کي اڳواٽي ڪرڻ ۾ سياسي مسئلن جي وڏي ڄاڻ هئي, جنهن ڪري وري مٿس سلطان جي راڻي صاحبہ "ماهہ فيروز خاتون" جون وڏيون خارون هيون. جو سلطان صاحب هن ڪنيز کي وڌيڪ مانُ ڏيندو هيو.

ماهہ پيڪر (ڪوثم) يوناني نسل جي گوري هئي. ڪن تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ ماهہ پيڪر يونان جي هڪ ٻيٽ تينوس جي پادريءَ جي ڌيءَ هئي ۽ سندس اصل نالو "اناستاسيا" هو. ترڪيءَ جي هن سلطان جي قبضي ۾ اچڻ تي هن کي مسلمان بڻائي "ماهہ پيڪر" نالو رکيو ويو. پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ لکندو هلان تہ يونان ۽ ترڪيءَ جي وچ واري سمنڊ, ايجين سمنڊ ۾ سوين ٻيٽ آهن, جن تي هميشہ کان يونان ۽ ترڪيءَ وارن جو جهيڙو رهي ٿو. تينوس انهن مان هڪ تاريخي ٻيٽ آهي, جنهن تي ڪنهن زماني ۾, ايران جي هخامنشي گهراڻي جي حاڪم دارا جي پٽ خشيارشا اول (Xerxes I) بہ حملو ڪيو هو.

تينوس (Tinos) ٻيٽ هڪ آڳاٽو ٻيٽ آهي ۽ يونانين لاءِ هي ٻيٽ تاريخي ۽ مذهبي حيثيت رکي ٿو. هن ٻيٽ تي هڪ پراڻو گرجا گهر هن ٻيٽ جو لئنڊ مارڪ سمجهيو وڃي ٿو. هن ٻيٽ تي ڪم ڪندڙ سئو کن هوا تي هلندڙ چرخيون (Windmills) ، هزار کن آڳاٽي زماني جي, عمارتسازيءَ جو اعليٰ نمونو ڪبوتر خانا (Dovecotes) ۽ پنجاهہ کن ڳوٺ سياحن جي ڏسڻ جو اڄ بہ مرڪز آهن. يونانين جو عقيدو آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي وڃڻ بعد سندن امڙ حضرت مريم عليہ السلام زندگيءَ جا باقي يارهن سال هن ٻيٽ تي گذاري 15 آگسٽ تي وفات ڪئي, جنهن ڏينهن (Dormition of Virgin Mary) تي گريڪ آرٿوڊڪس ۽ رومن ڪئٿولڪ عيسائي هن ٻيٽ تي گڏ ٿين ٿا ۽ جنهن کي هو حج برابر سمجهن ٿا. ڪيترا ياتري بندرگاهہ ۾ فيريءَ تان لهڻ بعد هتي جي گرجا گهر ۾ ڪنهن سواريءَ تي يا پيرين پنڌ پهچڻ بدران مونڊيون پائي يعني هٿن ۽ گوڏن ذريعي پهچن ٿا. هي ٻيٽ سئو سال کن (1715ع کان 1821ع تائين) سلطنت عثمانيہ جي قبضي ۾ پيل رهيو.

ڪوثم شروع جا 15 سال پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ هن ٻيٽ تينوس تي گذاريا, جتان ترڪ فوج جي ڪنهن صرب (Serbia) بيگلر بيگيءَ (ڪمانڊر) کيس ڪنيي يا خريد ڪري سلطان احمد اول جي خدمت ۾ ٻانهيءَ طور پيش ڪيو ۽ هوءَ "اناستاسيا" مان "ماهہ پيڪر" ۽ "ڪوثم" بڻجي وئي. کيس ڪيترائي ٻار بہ ٿيا. اڳتي هلي سلطان احمد پنهنجي راڻي ماهہ فيروز کي محل مان ڪڍيو تہ ڪوثم هن جي زال بڻجي ويهي رهي. سلطان کي ڏنل صلاحن ۽ پنهنجين خدمتن جي ڪري عوام هن مان بيحدخوش هو.

سلطان احمد اول نہ وڏي ڄمار ماڻي ۽ نہ ڪو وڏو عرصو حڪومت ڪئي. هو 1590ع ۾ ڄائو ۽ 26 ورهين جي ڄمار ۾ 1617ع ۾ وفات ڪيائين. 1603ع ۾ سندس والد "سلطان محمد سوم" جي

وفات تي پاڻ 13 سالن جي ڄمار ۾ سلطانت عثمانيه جو حاڪم ٿيو ۽ وفات تائين 13 ڪن سال حڪومت ڪيائين. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سلطنت عثمانيه جو هي چوڏهون سلطان احمد اول هڪ ته ننڍي عمر ۾ سلطان ٿيو ۽ ٻيو ته ٿورڙا سال سلطان رهيو پر حقيقت اها آهي ته هن پنهنجي دورِ حڪومت ۾ ڪيترائي سٺا ڪم ڪيا. جنهن ڪري تاريخ ۾ هن کي ساراهيو وڃي ٿو. ڳالهين کان علاوه ٻيون عورتون ويهارڻ وارو ڪم پنهنجي جاءِ تي، پر هن سلطنت عثمانيا ۾ هلندڙ برادر ڪشيءَ (ڀائرن جي قتل) جي رواج کي ٻنجو ڏنو. اهو رواج (حاڪم جو پنهنجي ڀائرن، چاچن، ڀائٽين وينڌي پيءُ جو قتل ڪرڻ، اکيون ڪڍڻ، قيد ڪرڻ) نه فقط ترڪ مغلءِ معاويه سلطنت جي مسلمان حاڪمن ۾ عام هو پر اهو ئي حال يورپ ۽ آفريڪا پاسي هو. چين، ڪوريا، ويتنام، ملايا ۽ برونائي، ڪمبوڊيا ۾ به هو. ان بابت وڏيڪ احوال هتي وچ ۾ ٽنبڻ بدران آخر ۾ ٿو لکان. بهرحال هن ڪم تي بندش وجهڻ ڪري سلطنت عثمانيه جي ٻين حاڪمن جي ڀائرن جو بچاءُ ٿي ويو نه ته هر سلطان تخت تي ويهڻ سان پنهنجي ڀائرن کي ان ڊپ کان ٿي ماريو ته متان هو سندس تخت تي قبضو ڪن. هڪ سلطان ته پنهنجن سڳن ۽ ويڳن ٽوٽل 19 ڀائرن کي مارائي ڇڏيو.

سلطان احمد شاهه اول "سلطان احمد مسجد" ٺهرائڻ سبب به مشهور آهي. هيءَ مسجد "بلو مسجد" به سڏجي ٿي ۽ استنبول جي تاريخي مسجدن مان هڪ آهي. هيءَ مسجد سلطان احمد اول سن 1609ع ۽ 1616ع جي وچ ۾ ٺهرائي، جنهن ۾ اڄ تائين پنج وقت نماز جاري آهي. ان مسجد واري ڪمپائونڊ (ڪليه) ۾ سلطان احمد جو مقبرو پڻ آهي. ان کان علاوه مدرسو ۽ لا علاج مريضن لاءِ شفا خانو (Hospice) آهي. نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن جي ڪري اها رات جو به روشنيءَ ۾ نيري لڳي ٿي. هن ۾ ڏهه هزار کن نمازين جي جاءِ آهي. پر ۾ ئي 537ع جو ٺهيل يوناني عيسائين جو گرجا گهر "ايا صفيه" (Hagia Sophia) آهي. جيڪو سلطنت عثمانيه جي ڏينهن ۾ مسجد ۾ تبديل ڪيو ويو هو ۽ هاڻ ميوزيم آهي. استنبول ۾ هي ٻئي شيون سياحن لاءِ ڪشش رکن ٿيون. ڪجهه سال اڳ عيسائين جو پوپ ترڪيءَ آيو ته هن هلي اچي هن مسجد جي به زيارت ڪئي. پوپ جي اها مسجد جي زيارت تاريخي ان ڪري آهي، جو تاريخ ۾ هي ٻيو دفعو هو جو هڪ پوپ مسلمانن جي عبادت گهر ۾ داخل ٿيو هو. ساڻس گڏ هِن مسجد جو امام ۽ استنبول جو مفتي پڻ هئا. هو ڪا دير اکيون پوري سوچيندو رهيو پوءِ رب جا شڪر ادا ڪندي چيائين:

"May all believers identify themselves with the one God and bear witness to true brotherhood"

سلطان احمد اول ڪعبي جي پڻ وڏي مرمت ڪرائي، جڏهن ان وقت جي آيل هڪ وڏي ٻوڏ ۾ ڪعبي ۽ آس پاس جي عمارتن کي وڏو نقصان رسيو هو. سلطان احمد ان مرمت لاءِ قسطنطنيه (استنبول) مان ڪيترائي ڪاريگر ۽ مستري موڪليا ۽ ڪعبي جي ڇت لاءِ سونو نارو جوڙايو. جيئن مينهن جو پاڻي ڇت تي ترسڻ بدران هيٺ وهي وڃي. زم زم جي کوهه جي چوڌاري جاري به سلطان احمد جي ڏينهن ۾ لڳرائي وئي، ڇو جو ڪيترا ماڻهو جنت ۾ وڃڻ جو طريقو کوهه ۾ ٽپ ڏئي،

پنهنجو انت آڻڻ ۾ سمجهي رهيا هئا. ان خودڪشيءَ جهڙي ڪم کي روڪڻ جي بچاءُ خاطر ڄاري ضروري هئي.

سلطان احمد اول مُدي جي بخار ۾ 1617ع ۾ گذاري ويو. سندس وفات بعد هن جي ننڍي ڀاءُ مصطفيٰ اول کي تخت تي ويهاريو ويو. ائين ته سلطان احمد کي وڏو ڀاءُ شهزادو محمود به هو پر جيئن ته هنن جي پيءُ ”سلطان محمد سوم“ پنهنجي پٽن مان احمد کي پسند تي ڪيو ۽ هن کي شڪ هو ته سندس مرڻ تي هن جي اڻويهن ڀائرن مان متان ڪو تخت تي ويهڻ جي ڪوشش ڪري, ان ڪري پاڻ تخت تي ويهڻ سان پهرين پنهنجن اڻويهن ئي ڀائرن جو قتل ڪرائي ڇڏيائين. انهن ڏينهن ۾ ريشم جي ڏور گلي ۾ ٻڌي ساهه جي نس کي ٻوساٽڻ قتل ڪرڻ جو عام طريقو هو. سندس وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ هن جي پنهنجي وڏي پٽ شهزادي محمود سان اڻ بڻت تي پئي, ان ڪري هُن وڏي پُٽ کي به قتل ڪرائي ڇڏيو. ان ڪري سندس وفات بعد تخت تي احمد کي وهاريو ويو. جنهن اڳتي هلي اهو قانون ڪڍيو ته سلطنت عثمانيه جي حاڪمن کي ڀائرن جو قتل نه ڪرڻ ڪپي. جيڪڏهن ڪنهن به سلطان کي پنهنجو ڀاءُ يا ڀائٽيو پسند نه آهي, ته ان کي محلات ۾ تيار ڪرايل هڪ خاص حصي ۾ رکيو وڃي. جنهن جو نالو ”قفس“ رکيو ويو.

چون ٿا ته ڀائرن کي نه مارڻ جي قانون پنيان سلطان جي ڪنيز ڪوثم جو عقل هو جنهن سلطان کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ۽ پاڻ هر وقت سلطان احمد اول جي ننڍي ڀاءُ مصطفيٰ اول جي سنڀال ڪندي رهي ته متان ان کي ڪو جوکو نه رسي.

سندس مڙس جي مرڻ تي هوءَ چاهي ها ته وڏي آرام سان پنهنجي پُٽن مان ڪنهن کي تخت تي وهاري سگهي ها, پر هن پنهنجي ڏير مصطفيٰ اول کي ئي تخت تي ويهاريو. جيڪو سلطنت عثمانيه جو 15 هون سلطان ٿيو. هڪ سال بعد 1618ع ۾ هو گذاري ويو. ان بعد به ڪوثم چاهي ها ته پنهنجي پُٽ کي وارو ڏئي پئي سگهي, جو هوءَ بادشاهه جي اصل راڻي ماهه فيروز جي جاءِ حاصل ڪري چُڪي هئي, پر ڪوثم ائين ڪرڻ بدران ماهه فيروز جي پُٽ عثمان دوم کي ترڪيءَ جو سورهون سلطان بڻايو. سلطان عثمان دوم 1618ع کان 1622ع تائين سلطان رهيو ان بعد ڪوثم جا به پُٽ مراد چوٿون 1623ع کان 1640ع تائين, ترڪيءَ جو سترهون ۽ سلطان ابراهيم 1640ع کان 1648ع تائين, ترڪيءَ جو ارڙهون سلطان ٿيا. سلطان ابراهيم جي وفات بعد ان جو پُٽ محمد چوٿون (يعني ڪوثم جو پوٽو) 1648ع کان 1687ع تائين ترڪيءَ جو اوڻهيون سلطان ٿيو.

ڏٺو وڃي ته هڪ ڏاڙي ملڪ ۾ مذهب جي سريت هئڻ جي باوجود ڪوثم جا ٻه پُٽ ۽ هڪ پوٽو سلطنت عثمانيه جا سلطان ٿيا ۽ سلطنت عثمانيه فقط ترڪيءَ تائين محدود نه هئي... اڄ وارو سعودي عرب, عراق, مصر ۽ يورپ جا البانيا, رومانيا, بلغاريا جهڙا ملڪ به ان جي قبضي ۾ ٿي آيا ۽ ڪوثم جي سونهن, ڀاڳ, رعب تاب, ذهانت جي تعريف نه فقط ترڪيءَ جا مسلمان ڪن ٿا, پر يونان جا عيسائي پڻ هن کي پنهنجو سمجهن ٿا. اسان جو دربيلي جو ڪليگ ڪئپٽن احمد حسين مخدوم ڪجهه عرصو يونان جي جهازن تي به رهيو. هن ٻڌايو ته هن جي هڪ يوناني جهاز تي يونان جي تينوس (Tinos) ٻيٽ جو به هڪ خلاصي هو. جيڪو وڏي فخر سان ڪئپٽن مخدوم کي

ٻڌائيندو هو تہ توهان جي ٻن مسلمان بادشاهن جي ماءُ ۾ هڪ جي ڏاڏي اناستاسيا (يعني ماهہ پيڪر/ڪوثر) هن جي ڳوٺ جي هئي. هي ائين آهي جيئن اسان چوندا آهيون تہ مغل شهنشاهہ اڪبر جي ماءُ حميده سنڌ جي هئي يا جيئن اها بہ روايت آهي تہ حضرت امام حسين رضہ جي زوجہ مبارڪ شهربانو (جنهن جو مقبرو شهر ري (تهران) ۾ آهي) بہ سنڌ جي هئي ۽ اهو ٻڌي اسان کي پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو.

مون پنهنجي ايران واري سفرنامي ”ايران ڏي اڏام“ ۾ بہ لکيو آهي ۽ هتي هڪ دفعو پڙهندڙن لاءِ وري لکندو هلان تہ بيبي شهربانوءَ جي شيعا توڙي سني وڏي عزت ڪن ٿا. هن لاءِ ڪن هنڌن تي آهي تہ هن جو تعلق سنڌ سان هو تہ ڪن هنڌن تي آهي تہ هوءَ پرشيا (ايران) جي آخري آتش پرست شهنشاهہ يزدگرد سوم جي ڌيءَ هئي. جيڪي ٻئي ڳالهيون صحيح چيون وڃن ٿيون.

اُردوءَ جو شاعر ۽ ليکڪ سيد ضمير اختر نقوي صاحب لکي ٿو تہ بِيبي شهربانوءَ جي والده سنڌي شهزادي هئي، جنهن جو تعلق سنڌ جي ٻوڌي راءِ گهراڻي سان هو. جن جي حاڪمن جا تعلقات پرشيا جي ساساني گهراڻي جي شهنشاهن سان هئا. پرشيا جي هن آخري شهنشاهہ يزدگرد سوم سنڌ جي جنهن شهزاديءَ سان شادي ڪئي، ان جو نالو ”ماهہ طلعت“ هو. جنهن مان هن کي شهربانو ڄائي ۽ اها شادي سنڌ جي جنهن شهر ۾ ٿي اهو ”ماهہ طلعت“ جي نالي پويان ”ماتلي“ مشهور ٿيو.

**مضمون سان تعلق رکندڙ سلطنت عثمانيه جا سلطان**

**سلطان سليمان اول- ڏهون سلطان**
سلطان سليمان القانوني – Suleiman the Magnificent
والدين: سليم اول ۽ عائشه حفصه سلطان
ڄمر: 1494ع. حڪومت: 1520ع کان 1566ع وفات تائين
(سلطنت عثمانيه ۾ سڀ کان وڏو عرصو حاڪم رهيو)

**سليم ثاني Selim II - يارهون سلطان**
والدين: سليمان اول ۽ خرم سلطانا
ڄمر: 1525ع. حڪومت: 1566ع کان 1574ع وفات تائين
(گهڻي پيئڻ ڪري مغرب ۾ هي "Selim the Drunk" سڏبو هو)

**مراد III ثالث – ٻارهون سلطان**
والدين: سليم ثاني ۽ نوربانو سلطان
ڄمر: 1546ع. حڪومت: 1574ع کان 1595ع مرڻ تائين

**سلطان محمد III ثالث - تيرهون سلطان**
والدين: مراد ثالث ۽ صفيه سلطان
ڄمر: 1566ع. حڪومت: 1595ع کان 1603ع مرڻ تائين
(تاريخ ۾ پنهنجي 19 ڀائرن جو ڳلو گهُٽي مارڻ سبب بدنام آهي. مرڻ کان اڳ پنهنجي وڏي پُٽ شهزادي محمود کي به قتل ڪيائين)

**سلطان احمد اول- چوڏهون سلطان**
والدين: محمد سوم ۽ خندان سلطان
ڄمر: 1590ع. حڪومت: 1603ع کان 1617ع مرڻ تائين
(سلطنت عثمانيه ۾ ڀائرن کي قتل ڪرڻ جي ڪلچر کي هن بند ڪرايو)

**سلطان مصطفيٰ اول- پندرهون سلطان**
والدين: محمد سوم ۽ حليمه سلطان
ڄمر: 1591ع. حڪومت: 1617ع کان 1623ع تائين. وفات: 1640ع
(ڪيس ڪي ماڻهو "ولي" ته ڪي "پاڳل" چوندا هئا. سلطان احمد جو ننڍو ڀاءُ هو. ڪيس سندس ڀائٽي، سلطان احمد جي پٽ مراد چوٿين قتل ڪرايو)

**سلطان عثمان ٻيو (ثاني) - سورهون سلطان**

(والدين: سلطان احمد اول ۽ ماهه فيروز خاتون)

**سلطان مراد چوٿون (رابع) ــ سترهون سلطان**

والدين: سلطان احمد اول ۽ ڪوثم
ڄمر: 1612ع. حڪومت: 1623ع کان 1640ع مرڻ تائين

**سلطان ابراهيم – ارڙهون سلطان**

والدين: سلطان احمد اول ۽ ڪوثم
ڄمر: 1615ع. حڪومت: 1640ع کان 1648ع مرڻ تائين

**سلطان محمد چوٿون (رابع) ــ اوڻهيون سلطان**

والدين: سلطان ابراهيم ۽ تور خان خديجه
ڄمر: 1642ع. حڪومت: 1648ع کان 1687ع تائين. وفات: 1693ع

**سلطان سليمان ثاني ــ ويهون سلطان**

والدين: سلطان ابراهيم ۽ اشوب سلطانا (Serbian غلام قطرينا)
ڄمر: 1642ع. حڪومت: 1687ع کان 1691ع وفات تائين

**ٻي سريت آنا خانم جي ڪهاڻي...**

سلطنت عثمانيه جي ڪوثم سلطان سان گڏ. مون ايران جي هڪ مشهور Concubine آنا خانم (Anna Khanum) جو مثال ڏنو آهي، جنهن جو پٽ شاهه عباس اول صفوي گهراڻي جو پنجون بادشاهه ٿيو. صفوي (Safavid) سلطنت پرشيا (ايران) جي هڪ طاقتور سلطنت (1502ع کان 1736ع تائين) ٻه صديون ڪن رهي، جنهن جو بنياد اسماعيل شاهه اول رکيو. ستين صديءَ ۾ عربن جي ايران فتح ڪرڻ بعد ايرانين جي هيءَ پهرين طاقتور سلطنت هئي. هن ۾ شيعن جو اثنا عشري مڪتب سرڪاري مذهب قرار ڏنو ويو. هنن پنهنجي سلطنت ۾ ايران سان گڏ آذربائيجان، بحرين، آرمينيا، جارجيا، اتر قفقاز عراق، ڪويت ۽ افغانستان به شامل ڪري ڇڏيا ۽ ترڪي، شام، ترڪمنستان، ازبڪستان، ويندي پاڪستان جي به ڪجهه حصن تي به صفوي سلطنت جو راڄ هو.

آنا خانم ڇهين صفوي بادشاهه شاهه صفيءَ جي رکيل هئي، جنهن سان بعد ۾ هن شادي ڪئي ۽ جنهن جو پٽ سلطان محمد مرزا (شاهه عباس دوم) عظيم پرشن سلطنت جو پنهنجي پيءُ شاهه صفي اول جي وفات بعد، 1642ع کان 1666ع تائين بادشاهه رهيو. شاهه عباس دوم جڏهن تخت تي وينو ته هو فقط ڏهن سالن جو هو ان ڪري سمجهو ته ملڪ جو سڄو ڪاروبار سندس والده آنا خانم جي هٿ ۾ هو. انهن ڏينهن ۾ هڪ فرانسيسي سونارو اصفهان گهمڻ آيو هو. هو پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو ته. آنا خانم ملڪ جي وزير اعظم سان گڏجي پنهنجي هر ڳالهه ميڃرائي پئي. ايران جي شهر اصفهان ۾ توهان جو جي وڃڻ ٿئي، ته ان جي ڀرواري ۾ عباس آباد نالي ڳوٺ آهي (جيئن

منگهوپير يا ماڙيپور ڪراچيءَ ۾ آهن). عباس آباد ۾ توهان آنا خانم جي ان وقت جي ٺهرايل مسجد ۽ اسڪول ڏسي سگهو ٿا.

روس پاسي جي هن چرڪس (Circassian) نسل جي غلام ڇوڪريءَ آنا خانم جون ڪٿيون منيون ڳالهيون گهڙيون ٿيون آهن. هيڏي وڏي پرشن سلطنت جي راڻي بڻجڻ ۽ بعد ۾ ستين بادشاهه ”شاهه عباس دوم“ جي ماءُ جي حيثيت ۾ هن جي ڪيل ڇڱن منن ڪمن جا احوال گهڻا ٿي آهن. هتي سندس ذڪر ڪندي، سندس عباس آباد ڳوٺ ۾ ٺهرايل مسجد ۽ اسڪول جي ڳالهه ان ڪري لکي اٿم، جو مون کي پنهنجو ايراني ڪليگ ڪئپٽن شهريار ياد اچي ويو، جيڪو اصفهان جو رهاڪو آهي ۽ مون سان سئيڊن جي ”ورلڊ ميري ٽائيم“ يونيورسٽي، مالمو ۾ ٻه سال گڏ هو. منهنجي سفرنامن پڙهڻ ۽ لکڻ جي شوق ڪري هو هميشه پنهنجي ڳوٺائي (يعني اصفهان جي ڀرواڙيءَ واري علائقي عباس آباد جي رهاڪو) ابو طالب جي ڳالهه ڪندو هو. هن مونکي ابو طالب جي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل سفر نامي ”The Travels of Taleb in Europe“ جي ڪاپي پڻ ڏني هئي، جيڪو اصل فارسيءَ ۾”مسير طالبي في بلاد افرنگي“ جي نالي سان آهي. ابو طالب نه فقط ايران وارن لاءِ پر انگلينڊ، يورپ، ترڪيءَ، عرب ملڪن ۽ اسان ننڍي کنڊ جي ماڻهن لاءِ هڪ دلچسپ شخصيت آهي. هي غريب ماڻهو (خاص ڪري هن جا آخري ڏينهن سخت مسڪينيءَ ۾ گذريا) انگلينڊ ۽ يورپ ۾ ”ايراني شهزادو“ (The Persian Prince) ۽ ننڍي کنڊ ۾ ”ابو طالب لنڊني“ جي نالي سان سڏيو ويندو هيو. سندس اصل نالو مرزا ابو طالب خان (مرزا ابو محمد طالب تبريزي اصفهاني) هو. هو پنهنجي وقت جو تعليم يافته، اسڪالر ۽ ليکڪ مڃيو ويندو هيو. سندس 1799ع کان 1805ع واري دؤر جو سفر نامو نه رڳو انگلينڊ ۽ يورپ ۾، پر انڊيا ۾ به اڄ تائين ڇپبو رهي ٿو. هن سفرنامي جا شروع جا ڇاپا 1812ع، 1827ع ۽ 1836ع جا آهن ۽ تازو براڊ ويو پريس وارن 2008ع ۾ نئون ڇاپو ڇپرايو. انڊيا ۾ سونا پبليڪيشن، نيو دهليءَ وارن جو 1972ع وارو ٻيو ڇاپو مارڪيٽ ۾ نظر اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو هي سفر نامو نيٽ تي به موجود هجي. هن سفرنامي ۾ ڪي ڪي ڳالهيون ابو طالب واهه جون لکيون آهن. انهن ڏينهن ۾ هي سفر نامو انڊيا توڙي يورپ جي ماڻهن لاءِ هڪ ٻئي جي علائقن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ بلاشڪ ڪارآمد ثابت ٿيو هوندو. اڄ هي سفرنامو انهن ڏينهن جي حالت ۽ تاريخ جي تصوير ڪشي ڪري ٿو. ابو طالب ان وقت جي يورپ ۾ جيڪي ڏٺو خاص ڪري انڊسٽريل ترقي، ڪارخانا، نيون ايجادون، حڪومت جا طريقا، ڪارون، ريل گاڏيون، آرٽ، جوڊيشري، ايسٽ انڊيا ڪمپني، مختلف درجن جي ماڻهن جي طرزِ زندگي، وغيره وغيره پنهنجا ويچار ڏنا آهن... ۽ اهو پڻ تفصيل سان لکيو اٿس ته ڪيپ ٽائون (ڏکڻ آفريڪا) جا مسلمان مهربان ۽ اعليٰ درجي جا آهن... انڊامان ۽ نڪوبار (ڪاري پاڻيءَ) جا آدم خور جهنگلي ماڻهو. جهاز تي ساڻس سفر ڪندڙ يورپي مسافرن کان بهتر آهن... آڪسفورڊ هندستاني مندرن جو شهر لڳي ٿو... ننڍي کنڊ جا قاضي ۽ سندن انصاف ڏيڻ جو طريقو انگلينڊ جي جوڊيشريءَ کان بهتر آهي، جيڪو خوفائتو ۽ غلطين جو مرتڪب آهي. ابو طالب انگلينڊ ۾ برابريءَ جي نظام جي تعريف ڪري ٿو ته اتي قانون جي نظرن ۾ هر هڪ برابر آهي... ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون.

مرزا ابو طالب جي زندگيءَ جو احوال بہ سندس هن سفر نامي مان پوي ٿو جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ هو ڪٿي جو آهي ۽ هن جا وڏا ڪير هئا، وغيره. ابو طالب جو پيءُ حاجي محمد بيگ خان ترڪ نسل جو هو ۽ عباس آباد (اصفهان، ايران) ۾ ڄائو۽ اتي ئي رهيل هو پر نادر شاهہ افشار (جنهن 1736ع کان 1747ع تائين ايران تي حڪومت ڪئي) جي ظلمن جي خوف کان ابو طالب جو پيءُ اصفهان ڇڏي انڊيا جي اوڌ رياست جي شهر لکنوءَ ۾ هليو آيو جتي هن جي ڄاڻ سڃاڻ صفدر جنگ سان ٿي، جيڪو هن رياست جو نواب هو. دراصل صفدر جنگ وارن جو خاندان بہ ايران کان انڊيا آيو هو. صفدر جنگ جي چاچي برهان الملڪ سعادت علي خان (اول) جو واسطو ايران جي صفوي گهراڻي سان هو. پاڻ ايران جي خراسان صوبي جي شهر نيشاپور (جيڪو مشهد جي ويجهو آهي) ۾ 1680ع ۾ ڄائو۽ مغلن جي حڪومت ۾ انڊيا هليو آيو. مغلن جا آخري بادشاهہ ڪمزور ٿي چُڪا هئا. هنن جو سڄو زور حرم ۾ عورتن جو تعداد وڌائڻ، نشي ۾ ڌت رهڻ، ناچ گاني ۽ ڪبوتر پالڻ تي وڃي رهيو هو ۽ چوڌاري سک، مرهٺا، مختلف نواب، راجا پنهنجي پنهنجي رياست ٺاهي، ان تي پنهنجي طاقت ڄمائي رهيا هئا. نيشاپور جي هن خراساني برهان الملڪ انڊيا جي اُترئين رياست اوڌ (Oudh) جو نواب ٿي 1722ع کان 1739ع مرڻ تائين حڪومت ڪئي. ڪيس ڪو پٽ نہ هو. ان ڪري سندس وفات بعد هن جو ناٽي صفدر جنگ (ابو منصور خان) اوڌ رياست جو نواب ٿيو ۽ 1739ع کان 1754ع وفات تائين حڪومت ڪيائين. هي دؤر هو جنهن ۾ ابو طالب جو پيءُ زال سان گڏ اصفهان کان لکنوءَ آيو جتي هن کي صفدر جنگ نوڪريءَ ۾ رکيو. 1754ع ۾ صفدر جنگ جي وفات بعد سندس پُٽ نواب سراج الدولہ اوڌ رياست جو نواب ٿيو. ابو طالب جي پيءُ حاجي بيگ خان، صفدر جنگ جي ڀائٽي محمد قلي خان وٽ نوڪري ورتي. صفدر جنگ جي وفات بعد نواب سراج الدولہ جي پنهنجي سؤٽ قلي خان سان اَٽڪٽ ٿي پئي، جنهن کي هن قتل ڪرائي ڇڏيو. حاجي بيگ خان اهو حال ڏسي لکنو ڇڏي مغربي بنگال جي شهر مرشد آباد اچي نڪتو. پنهنجي زال ۽ بہ سال کن اڳ ڄاول پٽ ابو طالب کي لکنوءَ ۾ ئي ڇڏيائين.

نئين نواب کي حاجي بيگ جي ان حرڪت تي ڪاوڙ تہ لڳي، پر هن ابو طالب جي ماءُ جي خرچ پکي ۽ ٻار جي اعليٰ تعليم لاءِ چڱو پئسو ڏنو. ابو طالب جو پيءُ بنگال ۾ ڪڏهن انگريزن وٽ تہ ڪڏهن مقامي نوابن وٽ نوڪري ڪندو رهيو ۽ 1768ع ۾ وفات ڪيائين. ابو طالب جي بنگال جي نواب مظفر جنگ جي خاندان مان شادي ٿي ۽ هو اتي جي شهزادي جي خدمت ۾ رهيو. 1775ع ۾ شجاع الدولہ جي وفات بعد آصف الدولہ اوڌ رياست جو نواب ٿيو تہ ابو طالب کي اوڌ رياست ۾ گهرائي ائڊمنسٽريٽر ۽ ٽئڪس ڪليڪٽر جي نوڪري ڏني وئي. هن سال ڏيڍ لکنو ۾ رهڻ بعد ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪئي. اتي هو گورکپور ۾ ڪرنل اليگيزنڊر هئني کي ٽئڪس ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ مدد ڪرڻ لڳو... بهرحال قصي کي ختم ڪجي. هن انگريزن وٽ ڪيترين ئي نوڪريون ڪيون. آخر ۾ هڪ انگريز جي بيمار ٿيڻ تي هي ان سان گڏ انگلينڊ روانو ٿيو. رستي تي ڪيپ ٽائون ۽ ٻين بندرگاهن مان ٿيندا هو انگلينڊ پهتا. ان بعد هن يورپ جا ملڪ بہ گهميا. واپس خشڪيءَ رستي يونان، ترڪي، مصر ۽ ٻين ملڪن مان ٿيندو ايران پهتو. سمجهو تہ

هن تي چار سال ان سفر ۾ لڳايا، جنهن جو احوال هن پنهنجي سفرنامي ۾ فارسيءَ ۾ لکيو آهي جنهن جا ترجما ۽ ڇاپا اڄ ڏينهن تائين هلندا اچن.

**صفوي گهراڻي جا ڪجهه شروعاتي حاڪم:**

**شاهه اسماعيل اول – پهريون بادشاهه**

ڄم: 1487ع. حڪومت: 1501ع کان 1524ع تائين

شاهه اسماعيل اول صفوي گهراڻي جو باني هو جنهن گهراڻي ايران تي ٻن صدين کان وڌيڪ حڪومت ڪئي. هن شيعه فرقي جو اثنا عشري سرڪاري مذهب ڪرايو. پاڻ شاعر به هو لقب هوس ”خطائي“ معنيٰ گنهگار.

**شاهه ٿهماسپ يڪم – ٻيو بادشاهه**

ڄم: 1554ع. حڪومت: 1524ع کان 1576ع وفات تائين

صفوي گهراڻي ۾ سڀ کان وڏو عرصو حڪومت ڪيائين.

والدين: شاهه اسماعيل اول ۽ تاجلي بيگم

همايون مغل بادشاهه ۽ شهزادو بايزيد پنهنجي پيءُ سلطان سليمان يڪم (Suleiman the Magnificent) جي ڪاوڙ ۽ خونريزي کان بچڻ لاءِ شاهه تهماسپ يڪم وٽ آيا هئا.

**شاهه اسماعيل دوم – ٽيون بادشاهه**

ڄم: 1537ع. حڪومت: 1576ع کان 1577ع مرڻ تائين

والدين: تهماسپ يڪم ۽ سلطانم بيگم

**شاهه محمد خدا بنده – چوٿون بادشاهه**

ڄم: 1532ع. حڪومت: 1578ع کان 1587ع تائين

سندس پُٽ عباس اول کيس تخت تان لاٿو.

والدين: تهماسپ يڪم ۽ سلطانم بيگم

**شاهه عباس اول – پنجون بادشاهه**

ڄم: 1571ع. حڪومت: 1588ع کان 1629ع.

صفوي گهراڻي جو طاقتور حاڪم

والدين: محمد خدا بنده ۽ خيرالنساءَ بيگم

پنهنجن پُٽن مان ڪِن کي انڌو ڪيائين ته ڪِن کي قتل.

**شاهه صفي اول – ڇهون بادشاهه**

ڄم: 1612ع. حڪومت: 1629ع کان 1642ع مرڻ تائين

والدين: محمد باقر ولد شاهه عباس اول ۽ دلارام خانم

1615ع ۾ شاهہ عباس اول پنهنجي پُٽ محمد باقر کي شڪ جي بنياد تي قتل ڪيو. هن پنهنجن ٻين 19 ڪن پُٽن کي بہ انڌو ڪيو يا قتل ڪيو ان ڪري تخت لاءِ صفي اول ئي رهيو. جنهن پڻ تخت تي ويهڻ سان صفوي گهراڻي جي شهزادن کي (جن ۾ شڪ هئس تہ بغاوت ڪندا) قتل ڪرائي ڇڏيو. پاڻ گهڻي شراب خوريءَ ڪري ٽيهہ سالن جي ڄمار ۾ مري ويو.

**شاهہ عباس دوم۔ ستون بادشاهہ**
ڄم: 1632ع، حڪومت: 1642ع کان 1666ع
والدين: صفي اول ۽ آنا خانم.

**شاهہ سليمان – اٺون بادشاهہ**
ڄم: 1648ع، حڪومت: 1666ع کان 1694ع تائين
والدين: عباس دوم ۽ روسي (چرڪس) نڪهت خانم
شاهہ سليمان بہ گهڻي پيئڻ ڪري مري ويو.

**رياست اُوڌ جا نواب.....**

اوڌ اڄ جي انڊيا جي اترئين رياست اتر پرديش (UP) وارو علائقو آهي، جنهن جي اتر ۾ نيپال آهي. منجهس لکنو، آيوڌيا، الهہ آباد ڊويزنون ۽ ڪجهہ ڪانپور جا ضلعا اچيو ٿا وڃن. ذڪڻ ۾ گنگا نديءَ جو دو آب آهي. يوڪ جي لحاظ کان بيحد سرسبز ۽ امير علائقو آهي. 1350ع کان اوڌ جو علائقو دهليءَ جي سلطانن، مغل بادشاهن، اوڌ جي نوابن ۽ برٽش راڄ جي هٿن ۾ رهيو. 1857ع واري بلوي ۾ هن علائقي (اوڌ نوابي رياست) جو هڪ شهر ڪانپور هنگامي جو مرڪز بڻيو.

1555ع ۾ همايون بادشاهہ اوڌ کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. شهنشاهہ جهانگير هي صوبو پنهنجي پسند جي ماڻهوءَ شيخ عبدالرحيم حوالي ڪيو. 1722ع ۾ هِن صوبي اوڌ جو نواب ايران کان آيل سعادت خان کي مقرر ڪيو ويو جنهن پنهنجي دربار فيض آباد ۾ ٺاهي. لکنوءَ جا نواب دراصل اوڌ جا نواب هئا. انهن کي لکنوءَ جا نواب ان ڪري سڏيو ٿو وڃي جو اوڌ جي ٽئين نواب اوڌ رياست جي گاديءَ جو شهر لکنو ڪيو ۽ هي لکنوءَ ۾ رهڻ لڳا.

**اوڌ جي ڪجهہ نوابن جو شجرو.....**

**برهان الملڪ – پهريون نواب**
اصل نالو: سعادت علي خان اول
ڄم: 1680ع ۾ نيشاپور، خراسان

سندس تعلق صفوي گهراڻي سان هو. هو ايران کان دهليءَ، مغلن وٽ آيو هو. ترڪ ۽ فارسي ٻوليون ڳالهايائين ٿي.

حڪومت: 1722ع کان 1739ع مرڻ تائين

**صفدر جنگ (ابو منصور خان) ــ ٻيو نواب**

اصل نالو: محمد مقيم

ڄمڻ: 1708ع. حڪومت: 1739ع کان 1754ع وفات تائين

**شجاع الدوله – ٽيون نواب**

اصل نالو: جلال الدين حيدر

ڄمڻ: 1732ع. حڪومت: 1754ع کان 1775ع وفات تائين

**آصف الدوله ــ چوٿون نواب**

اصل نالو: محمد يحيٰ مرزا

ڄمڻ: 1748ع. حڪومت: 1775ع کان 1797ع وفات تائين

**آصف جاه مرزا ــ پنجون نواب**

اصل نالو: وزير علي خان

ڄمڻ: 1780ع. حڪومت: 1797ع کان 1798ع، وفات 1817ع

**يامين الدوله**

اصل نالو: سعادت علي خان دوم

ڄمڻ: 1752ع. حڪومت 1798ع کان 1814ع وفات تائين

**برادر ڪُشيءَ جو سلسلو...**

مٿين صفحن ۾ سلطنت عثمانيه جي چوڏهين سلطان ”احمد اول“ (جنهن 1603ع کان 1617ع تائين حڪومت ڪئي)، ان جو احوال لکندي ٻڌايو اٿم ته، هن پنهنجي دور حڪومت ۾ اهو نيڪ ڪم ضرور ڪيو ته هن سلطنت عثمانيه جي شاهي خاندان ۾ هلندڙ برادر ڪشيءَ (Fratricide) جي رواج کي بنجو ڏنو. برادرڪشي، يعني ڀائرن کي ختم ڪرڻ جي هن رواج ۾، نه فقط ڀائر، پر ڪن سلطانن پنهنجا سئوٽ ۽ ڀائٽيا به قتل ڪري ٿي ڇڏيا. اهو ان ڪري جو هنن کي شڪ ٿي ٿيو ته متان منهنجو ڀاءُ يا سئوٽ سلطان ٿيڻ جي شوق ۾ منهنجي خلاف بغاوت نه ڪري ۽ مون کي تخت تان لاهي مون کي ماري نه ڇڏي. ان کان بهتر آهي آئون هن کي اڳوات قتل ڪري ڇڏيان..... ڪٿي ته پوڙهي پيءُ چاهيو ٿي ته سندس مرڻ بعد هن جو ٻيو يا ٽيون نمبر پُٽ بادشاهه ٿئي ته هن پنهنجن وڏن پُٽن کي مارائي ٿي ڇڏيو جيئن هن جي پسنديده پُٽ کي وارو ملي ۽ ان کي وارو ملڻ تي، يعني بادشاهه ٿيڻ تي هن پنهنجن باقي ڀائرن کي به مارائي ٿي ڇڏيو. ڪنهن ڪنهن سلطان ته نه فقط پنهنجن ڀائرن کي، پر پنهنجن سئوٽن ۽ شاهي خاندان جي ٻين نوجوانن جو به قتل ڪرائي ٿي ڇڏيو يا اکيون ڪيرائي ٿي ڇڏيون، جيئن هو حاڪم ٿيڻ جي قابل نه رهن. قتل ڪرڻ

جو عام طريقو گلو دٻائڻ يعني (Strangulation) هوندو هو جنهن ۾ تار يا سنهي نوڙيءَ کي ڳچيءَ جي چوڌاري ٻڌي ماريو ويندو هيو. ڳلو گهٽجڻ تي رت دماغ ڏي وڃڻ بند ٿيو وڃي. ڳلي کي دٻائڻ سان ساهه کڻڻ جو پائيپ (Trachea) بہ دٻجيو وڃي ۽ ساهه کڻڻ ناممڪن ٿيو پوي. هن ڪم لاءِ هر دؤر ۾ خاص ماهر هوندا هئا يا اهو ڪم محل ۾ ڪم ڪندڙ ڪدڙن ۽ حبشي نوڪرن کان ڪرايو ويندو هُيو.

سلطنت عثمانيہ جي چوڏهين سلطان ”احمد اول“ اها برادر ڪشيءَ جي ڪُڌي رسم ضرور ختم ڪرائي. هن جي پيءُ سلطان محمد سوم پنهنجي حڪومت جي دؤر ۾ پنهنجن 19 ڀائرن کي قتل ڪري انهن کي پنهنجي پيءُ سان گڏ هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو. سلطان احمد اول ڀائرن کي قتل ڪرڻ بدران هنن کي محل جي هڪ حصي ۾ قيد ڪرڻ جو قانون ٺاهيو جنهن جو نالو ”قفس“ (قيد خانو) رکيو جنهن ۾ جڻ تہ هنن کي سڄي عمر House Arrest ڪيو ويندو هيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن قيد اڪيلائيءَ ۾ هو پاڳل ٿي پئي ويا يا خودڪشي ڪري پئي ڇڏيائون.

سلطان سليم دوم جي پيءُ سلطان سليمان پنهنجن پُٽن مصطفيٰ ۽ بايزيد کي مارائي ڇڏيو. انهن جو ٽيون ڀاءُ جهانگير پنهنجن ٻن ڀائرن جي قتل جي صدمي ۾ مري ويو ۽ وڏو ڀاءُ محمود ماتا جي بيماريءَ سبب اڳ ۾ ئي مري چڪو هو. رهجي ويو سليم دوم، جنهن جي ماءُ سلطان سليمان جي دلپسند ويهاريل (ڪنيز) هئي.

اسان وٽ اڪثر اهو بحث هلندو آهي، تہ ڪنهن صاحب حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي زال کي مارائي ڇڏيو. ان جي جواب ۾ ٻيا اهو ئي چوندا آهن تہ، مسلمان ٿي ڪري اهو ماڻهو پنهنجي ٻچن جي ماءُ کي ڪيئن ٿو ماري؟! آئون اهو ئي چوندو آهيان، تہ ان جي حقيقت پوليس، انٽيليجنس ۽ جوڊيشري معلوم ڪري سگهي ٿي. اسان هڪ عام ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ محلاتن جي سازشن بابت ڪهڙي ڄاڻ رکي سگهون ٿا..... پر ها، تاريخ جي شاگرد جي حيثيت ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهو ممڪن آهي، ڀلي ڪو پنج وقت نمازي هجي. دنيا جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي، خاص ڪري مسلمان بادشاهن جي واقعن سان، جن مسجدون ۽ مدرسا هڪ طرف ٺهرائي اسلام جي خدمت جي پرچار ڪئي، تہ ٻئي طرف حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ يا ان جي کسجڻ جي ڊپ کان، پنهنجا سڳا ۽ ويڳا ڀائر قتل ڪري ڇڏيا. پنهنجن ڀائٽن توڙي پيءُ جون اکيون ڪڍي ڇڏيون... پنهنجي دلپسند ڪنيز جي پُٽ کي تخت ڏيارڻ لاءِ هنن پنهنجا باقي پُٽ مارائي ڇڏيا ۽ جڏهن حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو پنهنجا پُٽ، پيءُ، ڀائر ۽ ڀائٽيا مارائي سگهي ٿو تہ زال کي قتل ڪرڻ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟!

مون سان گڏ سئيڊن ۾ پڙهندڙ ترڪيءَ جو جهازي انجنيئر ”سلطنت عثمانيا“ جي ڪنهن ظالم سلطان لاءِ ٻڌائيندو هو تہ هن معمولي ڳالهہ تي ڪاوڙجي، پنهنجين ٽي سئو زالن کي جيئرو ڳوٿين ۾ سبي، باسفورس ۾ اڇلائي ڇڏيو. باسفورس اهو سوڙهو سمنڊ آهي، جيڪو ميڊيٽرينين سمنڊ ۽ بحرِ اسود کي ڳنڍي ٿو ۽ استنبول شهر جي وچ مان لنگهي ٿو. سندس ٻنهي پاسي سلطنت عثمانيہ جي سلطانن جا تاريخي محل پڻ آهن، جن ۾ وقت جا حاڪم رهندا هئا. اها ڳالهہ تہ حقيقت

آهي، تہ هر سلطان وٽ ڏھ ڏهن زالن ۾ سريتن جا هوندا هئا، جن ڪان ڪا غلطي ٿيندي هئي يا سلطان ڪاوڙيا هئا تہ هو هنن کي جيئري ئي ڳوٺين ۾ سبي هيٺ باسفورس ۾ ڦٽو ڪندا هئا.

بحرِ اسود (Black Sea) جي ملڪن رومانيا، بلغاريا، يوڪرين وغيره جي بندرگاهن ۾ ويندي يا واپس ميڊيٽرينين سمنڊ ڏي ايندي، اسان کي هر وقت جهاز کي هن باسفورس سمنڊ مان اڪرائڻو پوي ٿو. سلطنت عثمانيہ (Ottomon Empire) جي تاريخ پڙهڻ بعد مون کي سمنڊ جي هن حصي ”باسفورس“ مان لنگهندي، هتي جي سلطانن جي زالن ۾ ڪنيزن جو سوچي، اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا هئا. جتي منهنجا ٻيا جهازي دوست، باسفورس مان گذرندي، جهاز جي ڊيڪ تي چيلهہ تي هٿ رکي استنبول شهر جو نظارو ڪندا هئا ۾ فوٽو ڪڍندا هئا، اتي آئون باسفورس جي پاڻيءَ ۾ سلطانن جي محلن کي ڏسي غمگين ٿي ويندو هوس، جتان جوان عورتن کي ڳوٺين ۾ سبي باسفورس ۾ اڇلايو ويو ۾ هو پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿ پير بہ نہ پئي هٽي سگهيون. ڦٽڻ ۾ پاڻي پرجڻ بعد هنن جون رڙيون بہ بند ٿي وڃون هونديون ۾ سير ڏنل ڪڪڙ وانگر ڳوٺين ۾ ڪجهہ ڦٿڪا کائي مري وڃون هونديون.

تاج ۾ تخت کي حاصل ڪرڻ يا محفوظ رکڻ خاطر پنهنجي پيارن يا ڀين ڀائرن کي ڪاٽا ڪرڻ، نہ فقط سلطنت عثمانيا جي سلطانن ۾، پر ٻين بہ ڪيترن شاهي گهراڻن ۾ عام هو. ايران جي پراڻي سلطنت هخامنشي (Achaemenid Empire) کي ئي ڏسجي تہ ڪوروش اعظم Cyrus (جنهن 550 ق م کان 530 ق م تائين ايران (پرشيا) تي حڪومت ڪئي) جي مرڻ تي سندس پُٽ قمبيز الثانيءَ (Cambyses-II) پنهنجي ڀاءُ بارديا کي قتل ڪري، پاڻ تخت تي ويٺو. اهڙيءَ طرح شهنشاهہ اردشير اول (Artaxerxes-I) جي وفات تي سندس پُٽ خشيار شاي دوم (Xerxes-II) تخت تي ويٺو. اجا 45 ڏينهن حڪومت مس ڪيائين تہ هن کي سندس ڀاءُ سغد پانهہ (Sodianus) قتل ڪري، پاڻ تخت تي ويٺو. هو اردشير اول جي هڪ سريت مان غير قانوني پُٽ هو. هن ڇهہ مهينا حڪومت ڪئي تہ سندس هڪ ويڳي ڀاءُ دارا دوم (Darius-II) سندس منهن ڦلهير جي ڍير ۾ وجهي پوساتي ماري ڇڏيس ۾ پاڻ 423 ق م کان 405 ق م تائين ايران جو بادشاهہ ٿيو.

اهڙيءَ طرح ڏٺو وڃي تہ سلطنت اشڪانيان (Parthian Empire) ۾ سلطنت ساساني (Sassanid) ۾ بہ توهان کي برادرڪشيءَ جا انيڪ مثال ملندا. وري نن‍ڍي کنڊ ڏي ٿي نظر وجهجي تہ مغل سلطنت ۾ شاهجهان پنهنجي ڀاءُ خسرو مرزا کي 1622ع ۾ ۽ ٻئي ڀاءُ شهريار کي 1628ع ۾ قتل ڪيو. دارا شڪوهہ شاهجهان جو وڏو پُٽ ۾ تخت جو حقدار هو پر شاهہ جهان جي بيمار ٿيڻ تي دارا شڪوهہ کي سندس ننڍي ڀاءُ اورنگزيب 1659ع ۾ قتل ڪيو ۾ پاڻ تخت تي ويٺو. جيتوڻيڪ شاهجهان بيماريءَ مان صحتياب ٿي ويو پر تخت پنهنجي پيءُ حوالي ڪرڻ بدران اورنگزيب هن کي پاڳل مشهور ڪري آگري واري قلعي ۾ قيد ڪري رکيو. جتي 1666ع ۾ هن دم ڏنيءَ حوالي ڪيو. جيتوڻيڪ ڏٺو وڃي تہ اورنگزيب لاءِ چون ٿا تہ ديندار انسان هو. هن کي نہ فقط سڄو قرآن ياد هو پر ڪيترين ئي حديثون پڻ. هو نماز روزي جو بہ پابند هو.... سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا هن کي خبر نہ هئي تہ هڪ انسان کي قتل ڪرڻ سڄي انسانيت کي قتل ڪرڻ برابر آهي؟ هن پنهنجي پوڙهي

پيءُ کي قيد ڪري اذيتون ڏنيون. ڇا هن کي والدين جي درجي جي خبر نہ هوندي؟ يا اهو ڇئجي تہ تخت ۽ تاج ۾، يعني حڪومت حاصل ڪرڻ ۾ ايڏي ڪشش آهي، جو انسان کان دين ۽ ڌرم وسريو وڃي!

اطالوي ليکڪ منوچي، انڊيا بابت پنهنجي يادگيرين ۾ لکي ٿو تہ، اورنگزيب جي حڪم تي هن جي ماڻهن اورنگزيب جي وڏي ڀاءُ دارا شڪوهہ کي قتل ڪري هن جو سر ڌڙ کان ڪپي اورنگزيب ڏي موڪليو. اورنگزيب پنهنجي ڀاءُ جي سر کي غور سان ڏٺو تہ واقعي ان جو آهي يا نہ. پڪ ٿيڻ تي هن پنهنجي خنجر سان ان سر کي ٽي ڇيهڪ ڏنا ۽ پوءِ حڪم جاري ڪيو تہ هن سر کي ڪنهن ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ بند ڪري سندس بيمار پيءُ شاهجهان ڏي آگري قلعي موڪليو وڃي (جتي هن کي اورنگزيب قيد ڪري رکيو هو). قاصد کي اهو بہ چيو ويو تہ جنهن وقت شاهجهان رات جي مانيءَ تي ويهي تہ سندس وڏي پُٽ جي سر واري هيءَ پيٽي هن کي پيش ڪري اهو چيو وڃي، تہ هي خاص طعام  تنهنجي لاءِ تنهنجي ننڍي پُٽ اورنگزيب موڪليو آهي ۽ نياپو ڪيو آهي تہ اسان اڄ بہ توکي وساريو ناهي.

منوچي لکي ٿو تہ، بيمار ۽ ڪمزور شاهجهان اهو ٻڌي خوش ٿيو ۽ چيو تہ، رب پاڪ شل هن تي رحمتون نازل ڪري، جو هن مون کي ياد ڪيو آهي..... ان بعد جڏهن هن پيٽي کولي ۽ وڏي پُٽ دارا شڪوهہ جو رتوڇاڻ سر ڏٺو تہ هن کي ڏڪڙي وٺي وئي ۽ غش تي ڪري پيو.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ منوچي (Niccolao Manucci) هڪ ليکڪ، گهمڻ ڦرڻ جو شوقين، طِب جو ڄاڻو ۽ ڄاگرافر هو. ڄاڻ 1638ع ۾ اٽليءَ جي شهر وينس ۾ ڄائو هو. هن 1660ع کان وٺي 1717ع ۾ وفات تائين، تقريبن سڄي ڄمار انڊيا ۾ گذاري ۽ 79 ورهين جي عمر ۾ انڊيا جي شهر چنائي (مدراس) ۾ وفات ڪئي. سندس 1698ع ۾ اطالوي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب "Storia do Mogor" (جيڪو انگريزيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿيندو رهي ٿو) ۾ مغلن جي تاريخ ۽ زندگيءَ جو تفصيلي احوال آهي. خاص ڪري شاهہ جهان، اورنگزيب، شيواجي مهاراج، دارا شڪوهہ، شاهہ عالم، راجا جئہ سنگهہ ۽ ڪيرت سنگهہ بابت.

شاهي خاندانن ۾ برادر ڪشيءَ (Fratricide) ۽ ويجهن عزيزن کي مارڻ واري سلسلي تي لکندي، آخر ۾ ايراني شاعر فردوسيءَ جي ڊگهي قومي نظم "شاهنامي" جو حوالو ڏيڻ بہ ضروري ٿو سمجهان، جنهن ۾ پڻ تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي مثال نظر اچن ٿا. جيئن بادشاهہ فريدون جي وفات بعد هن جا پُٽ سام ۽ تور گڏجي پنهنجي ڀاءُ ايرج کي قتل ڪن ٿا. فريدون بادشاهہ پنهنجي سلطنت پنهنجن ٽنهي پُٽن ۾ ورهائي هئي. هن وڏي پٽ سام جي حوالي شام ملڪ ڪيو ٻئي نمبر تور کي توران ڏنو ۽ ننڍي پٽ ايراج کي ايرنا جي حڪومت ملي. پيءُ جي مرڻ بعد وڏي ڀاءُ سام ٻئي نمبر ڀاءُ تور سان ملي ننڍي ڀاءُ ايرج کي قتل ڪري ڇڏيو. ان تي ايران ۽ توران جي وچ ۾ جنگين جو هڪ طويل سلسلو شروع ٿي ويو هو. ڪئين سالن بعد ايرج جي پوٽي "منوچهر" وڏو ٿي سام ۽ تور کي ماري پنهنجي ڏاڏي جو بدلو ورتو ۽ پاڻ ٻنهي جي حڪومتن جو مالڪ ٿيو.

ايراني مِلي داستان ”شاهنامي“ جو ”رستم“ هڪ بيحد مشهور روايتي هيرو تي گذريو آهي. رستم اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پنهنجي پٽ ”سهراب“ جو قتل ڪيو. بعد ۾ رستم کي سندس ويڳي ڀاءُ ”شغاد“ ماريو. هن رستم کي سندس گهوڙي سميت هڪ اڳواٽ کوٽايل وڏي کڏ ۾ ڌڪو ڏنو جنهن ۾ ڪپ، خنجر، نيزا ۽ ٻيون لوهي ڇهنبدار ۽ تکيون شيون رکيون ويون هيون. کڏ ۾ مرڻ کان اڳ رستم بدلو وٺڻ جو سوچي ٿو. هن شغاد کان ڪمان ۽ ٻن تيرن جي فرمائش ڪئي. رستم کي تير ۽ ڪمان ڏئي شغاد پيچڻ لڳو پر رستم جو پهريون تير ئي هن کي اهڙو لڳو جو اتي ڍيري ٿي پيو. اهڙيءَ طرح اغريرث (Aghrirath) هڪ مشهور توراني ڪردار جو قصو ”شاهنامي“ ۾ آهي. اغريرث توران جي سلطنت جي بادشاهه پشنگ جو پُٽ هو. هن کي سندس ڀاءُ افراسياب قتل ڪيو.

**سلطان هن کي آخر تائين زال نه بڻايو...**

پاڻ واپس جپان جي شاهي خاندان جي احوال تي اچون، جن جا بادشاهه 660 ق م کان اڄ ڏينهن تائين هلندا اچن. انهن مان ڪي اصل راڻين جو اولاد هئا، ته ڪي انهن شهنشاهن جي ويهاريل سريتن جو اولاد هئا. سلطنت عثمانيه جي سلطانن، ايران جي شاهن، انڊيا جي مغل بادشاهن، اُميه خليفن ۽ ٻين حاڪمن وانگر جپان جي شهنشاهن به سريتون (Concubines) خوب رکيون ٿي. شهنشاهه هيرو هِتو (جنهن جي ڏينهن ۾ ٻي جنگِ عظيم لڳي ۽ آمريڪا وارن ناگاساڪي ۽ هيروشيما شهرن تي بم هنيا) پهريون شهنشاهه هو جنهن تخت تي ويهڻ تي وڏيڪ سريتون رکڻ بدران، شاهي دربار طرفان مليل اڳ واريون 39 سريتون به واپس ڪري ڇڏيون ۽ آئندي لاءِ هر شهنشاهه لاءِ سريت رکڻ تي بندش هنئين. اهو به رڪارڊ تي رهي ته هن جو پيءُ شهنشاهه تائشو (جنم جو نالو يوشي هتو) سندس ڏاڏي شهنشاهه ميئجي جي رکيل (Concubine) ياناگيهارا ناروڪو (Yanagihara Naruko) مان غير قانوني هو. ناروڪو جو پيءُ شاهي دربار ۾ سرڪاري ڪامورو هو، جيڪو پوءِ ترقي ڪري جپان جي هڪ ضلعي (پريفيڪچر) ياماناشي جو گورنر ٿيو. سندس ڌيءَ (جيڪا بيحد ذهين، بااخلاق ۽ خوبصورت هئي) کي شاهي محل ۾ 1870ع ۾ جپان جي 121 هين شهنشاهه ڪوميئي (120 شهنشاهه ننڪو جي پُٽ ۽ 122 هين شهنشاهه ميجيءَ جي پيءُ) جي راڻي زال اساڪو ڪوجيءَ (Asako Kuji) جي خدمت لاءِ رکيو ويو ۽ کيس “Lady of Bed Chamber” جو عهدو ڏنو ويو. هيءَ ڇوڪري ناروڪو ۽ وقت جو شهنشاهه ميجي هڪ ئي قبيلي (Clan) جا هئا ۽ سندن پڙ ڏاڏو يا تڙ ڏاڏو ساڳيو هو. محل اندر ملڪ جي رسم ۽ شاهي خاندان جي وهنوار مطابق شهنشاهه ميجيءَ کي راڻيءَ (زال) کان علاوه به ٽي درجن ڪنيزون به هيون، پر هن جي هن ڇوڪري ناروڪو (جيڪا سٺي شاعره ۽ ڪئليگرافر به هئي) سان دوستي ٿي وئي. اهڙين حالتن ۾ شهنشاهن (حاڪمن، بادشاهن) جي مائرن، ڀينرن به چاهيو ٿي ته حاڪمن جو ريزڪي ڪم به هلندو رهي. اهو ڪم هڪ ته حاڪم جي خوشنوديءَ لاءِ قائم رکيو ٿي ويو، جيئن هن جي دل وندري رهي ۽ ٻيو ته شهنشاهه لاءِ اهو ان ڪري به ضروري سمجهيو ٿي ويو، جيئن هن کي گهٽي کان گهٽا ٻار ٽين ۽ والي وارث جي کوٽ پيدا نه ٿئي. ڇو جو متان حاڪم کي پنهنجي راڻي صاحبه مان ڪو پُٽ نه ٿئي يا

چاول هڪ يا ٻه چار پُٽن مان ڪوبه نه بچي (جو انهن ڏينهن ۾ بيمارين جا اجان سنا علاج ايجاد نه ٿيا هئا ۽ ٻار ننڍي عمر ۾ ئي مليريا، ڪالرا، ماتا، ٽائيفائيڊ جهڙين بيمارين وگهي مري ويا ٿي) ته اهڙي حالت ۾ سلطنت لاءِ وارث حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ويهاريل، سريت، غلام، ٻانهيءَ يا ڪم واري ڇوڪريءَ مان چاول ٻار کي شهنشاهه بڻايو ويجي. مثال طور 119 هين شهنشاهه ڪوڪاڪو کي سندس راڻي زال ۽ مختلف ويهاريل عورتن (Concubines) مان جملي سورهن ٻار ٿيا. اَٺ پُٽ ۽ اَٺ ڌيئون. پر سڀ ننڍي هوندي مري ويا. سواءِ چوٿين نمبر ٻار ”آيا هِتو“ جي، جيڪو سندس سريت ”ڪاجيوجي تاداڪو“ مان هو. جنهن کي بعد ۾ راڻي ياشيڪو هنج جو ٻار ڪري نپايو ۽ شهنشاهه ڪوڪاڪو (Kokaku) جي مرڻ تي هن ٻار آيا هِتو (Ayahito) کي شهنشاهه ننڪو (Ninko) جي نالي سان 120 هون شهنشاهه بڻايو ويو. سو ان قسم جا مثال ڪيترين ئي سلطنتن ۾ ملن ٿا، جن ۾ شهنشاهه/ حاڪم/ بادشاهه جي همت افزائي ڪئي ويجي ٿي ته گهڻي کان گهڻا ٻار پيدا ڪر ۽ جي هن ۾ ٻار ڄڻڻ جي قوت ناهي يا قدرت طرفان هن کي ٻار نٿو ٿئي يا دير سان لکيل آهي، ته ان تي شاهي خاندان ۽ عوام طرفان وڏو زور ٻار پوي ٿو. جيئن فرينچ انقلاب وارن ڏينهن جي ”بادشاهه لوئي-17“ يا ايران جي شاهه ”محمد رضا پهلويءَ“ کي ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ چتو ڪيو ويو هو.

صفيه سلطان نالي هڪ ڪنيز سلطنت عثمانيه جي ٻارهين سلطان مراد سوم (سلطان سليم دوم جي پُٽ) جي سريت هئي، جنهن مان تيرهون سلطان محمد سوم ٿيو. جنهن 1595ع کان 1603ع تائين ترڪيءَ تي حڪومت ڪئي. پاڻ (صفيه سلطان) پٽ جي وفات بعد به جيئري رهي ۽ پوٽن احمد اول (14هين سلطان) ۽ مصطفيٰ اول (15هين سلطان) کي تاجپوشي ڪندي ڏٺو. صفيه البانيا جي رهواسڻ هئي. 1563ع ۾ جڏهن هوءَ 13 سالن جي هئي ته سلطنت عثمانيه جي ڏهين سلطان سليمان اول (Suleiman the Magnificent) جي پوٽيءَ هما سلطان، پنهنجي سئوٽ (مستقبل جي ٻارهين سلطان) مراد سوم کي ٻانهيءَ (غلام) طور گفٽ ڪئي هئي. پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائين ته وڏن ماڻهن جي ڏيڏين يعني محلن ۽ بنگلن ۾ پُٽن کي ڪارڻ ۾ گهر جي عورتن جو به هٿ رهيو آهي. ظاهر آهي هڪ نوجوان ڇوڪري کي ڪو پيو تحفو ڏيڻ بدران سهڻي ڇوڪري حوالي ڪرڻ (سهڻي ڇا، ڪا به نوجوان ڇوڪِري ڏيڻ) جو ڇا مطلب ڇئي سگهجي ٿو؟ هونءَ ته عوام کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ هر حاڪم پاڻ کي اسلام جو شيدائي به سڏايو پئي. چاهي مغل بادشاهه هجن يا صفوي، بغداد جا عباسي هجن يا اندلس جا اميه. ترڪيءَ جي سلطانن ته پاڻ کي مڪي ۽ مديني جو خدمتگار به سڏيو ٿي، جو عربستان تي ترڪن جي حڪومت هئي. پر ڏٺو وڃي ته ڪيترن جا ڪم غير اسلامي هئا. زنا، شرابخوري، جوا ۽ قتل ته هنن جو عام شغل هو.

صفيه جهڙي تيرهن سالن جي حسين الباني ڇوڪري ملڻ وقت شهزادي مراد سوم جي عمر 17 سال هئي. هو 28 سالن جو ٿيو ته 1574ع ۾، سندس پيءُ سلطان سليم دوم جي وفات تي هن کي تخت تي وهاريو ويو. تيستائين هن کي پنهنجي انهيءَ مٿين ٻانهي صفيه مان چاول پٽ محمد سوم 8 سالن جو ٿي چڪو هو. چون ٿا ته تخت تي ويهڻ تائين مراد سوم کي صفيه اڪيلي ڪنيز (concubine) هئي. هن نه ٻي ڪا ڪنيز رکي نه وري ڪنهن سان شادي ڪري ان کي راڻي بڻايو.

سلطان ٻڌجڻ کان پوءِ بہ هو ڪئين سال ائين رهيو. ايتري قدر جو صفيہ مان پيدا ٿيل پيو پٽ ننڍي هوندي گذاري ويس، پر هو ان ڪنيز تي ئي گذارو ڪندو رهيو.

هڪ ڪنيز (صفيہ) جو هيڏي وڏي سلطنت عثمانيہ جي سلطان تي اهڙو قبضو گهر جي ٻاتين کي پسند نہ آيو. خاص ڪري هن جي ماءُ نور سلطان ۽ ڀيڻن کي..... هنن کي اهو بہ خوف پئي رهيو تہ سياڻي اهو اڪيلو پٽ محمد بہ جي مري ٿو وڃي تہ سلطان مراد سوم جو وارث ڪير ٿيندو. (صفيہ کي بہ پٽ ۽ بہ ڌيئون ٿيون. وڏو محمد سوم، ٻيو نمبر شهزادو محمود جيڪو ڪجهہ سالن جي عمر ۾ گذاري ويو ۽ بہ ڌيئون، عائشہ سلطان ۽ فاطمہ سلطان).

وقت گذرندي سلطان مراد سوم 35 سالن جو اچي ٿيو پر هن کي نہ صفيہ مان وڌيڪ ٻار ٿيا، نہ هن کي ڪنهن ٻي ڪنهن عورت لاءِ ڪا ڪشش محسوس ٿي. سندس ماءُ نور بانو جيڪا اڃان جيئري هئي ۽ جنهن جو سڄي محل تي رعب تاب هو، تنهن پنهنجي پُٽ کي صلاح ڏني تہ گهراڻي جي حق ۾ بهتر آهي تہ ڪجهہ سريتون رک، جيئن انهن مان ڪجهہ پُٽاٽو اولاد ٿئي، پر سلطان مراد سوم جي دلچسپي نہ وٺڻ ڪري نور بانوءَ کي شڪ ٿيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنيز صفيہ هن جي پٽ تي جادو ۽ ڦيٽا ٽوٽا ڪري، هن کي خصي (Impotent) ڪري ڇڏيو هجي ۽ هاڻ هن کي ڪنهن بہ عورت جي خواهش نہ ٿي ٿئي. ان وهم ڪري نور بانوءَ صفيہ جي نوڪرياڻين ۽ خدمتگار ٻانهين کي دڙڪا دهمان ڪيا. ويندي جيل ۾ رڪرايو تہ هو سچي ڪن، جيڪڏهن هنن کي صفيہ جي ڪيل جادوءَ يا تعويذن جي ڄاڻ آهي.

سلطان مراد جي هڪ ڀيڻ اسما خان سلطان (Esmehan) تہ ڳولي ڳولي بہ بيحد خوبصورت ٻانهيون خريد ڪري آئي ۽ پنهنجي ڀاءُ حوالي ڪيائين، تہ هو انهن کي سريت طور رکي. اهي هن قبول بہ ڪيون، پر جڏهن گهر جي ٻاتين کي خبر پئي تہ هو هنن سان همبستري ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي، تہ پوءِ هنن کي پڪ ٿي تہ سلطان تي جادوءَ جو اثر آهي. هنن هڪ طرف جادوگرن ۽ ڦيٽڻ ٽوٽڻ وارن کي لڳايو. تہ ٻي طرف طبيبن حڪيمن کي، جيڪي صبح شام سلطان کي پنهنجين ڦڪين، ستين، معجونن، ڪشتن سان نوازيندا رهيا. پوءِ چون ٿا تہ فرانس جي بادشاهہ لوئي سترهين وانگر هي سلطان مراد سوم بہ چاق چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ شهوت اهڙي وڏي ويس، جو انهن ٻن سريتن مان هڪ ٻئي پويان 47 ٻار ٿيا. 20 پُٽ ۽ 27 ڌيئرون!

ان معاملي ۾ سندس پهرين سريت صفيہ سلطان ڪنهن بہ قسم جي رنجش يا ساڙ جو اظهار نہ ڪيو. هوءَ سلطان ۽ ان جي خاندان سان اهو ئي اڳ وانگر سٺو هلندي رهي. سلطان جي والده نور بانوءَ جي وفات بعد، سلطان صفيہ کي ئي گهر جو وڏو ڪيو ۽ هوءَ هر ڪاروبار هلائڻ کي لڳي رهي ۽ سلطان کي سياسي اٽڪل بازيون ۽ چالون سيکاريندي رهي. سلطان جي آخري ڏينهن ۾ صفيہ اڪيلي عورت هئي، جيڪا هن سان ساٿ نڀائيندي رهي. پر اها حيرت جي ڳالهہ آهي تہ آخر تائين صفيہ هن جي سريت ئي رهي، سلطان هن سان شادي ڪري هن کي زال نہ بڻايو.

وڏن ماڻهن جي مَحلن، بنگلن ۾ ڏيڍين جون ڳالهيون ٿيون ٻڌجن ۽ پڙهجن، تہ حيرت ٿي ٿئي. غير مسلم حاڪمن کي تہ ڇڏيو، پر اهي مسلمان حاڪم، بادشاهہ، شاهہ، سلطان، جن پاڻ کي دين

جو رکوالو ۽ خادم تي سڏرايو انهن جي گهرن ۾ چا ته انڌا ڌنڌ سيڪس، شراب خوري، خونريزي جهڙن ڪمن جو ڪاروبار هليو پئي، جنهن ۾ نه رڳو مرد پر عورتون به ڀاڱي ڀائيوار رهيون پئي. جن جي آشيرواد سان سلطانن ۽ لاڏلن شهزادن، انهن جي نظر هيٺ، عشق، محبت، شراب ۽ شباب جون محفلون رچايون پئي. انهن محلاتن ۾ پنهنجين جي عصمت بچيل رکڻ لاءِ آفريڪا مان امپورٽ ڪيل غلامن کي کدڙو ڪري، گارڊ طور رکيو ويو ۽ نر پکيءَ جي جهار پئي هڪلي وئي. ان هوندي به تاريخ اهڙن قصن سان ڀري پئي آهي، جن ۾ انهن پهري ۾ رهندڙ پردي وارين به عشق ۽ عيش ڪرڻ جا موقعا ۽ مهلون ڳولهي تي ورتيون. ان قسم جي جهلڪ توهان کي اسان وٽ تهمينه درانيءَ جي ناول "My Feudal Lord" يا امر جليل، نسيم کرل، نورالهديٰ شاهه ۽ غلام نبي مغل جهڙن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين مان به ملي سگهي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ خير النساء جعفريءَ جي ڪهاڻي "حويليءَ کان هاسٽل تائين" ۽ مُنير احمد "ماڻڪ" جي "حويليءَ جا راز" به ڳڻائي سگهجن ٿيون.

مون پهريون ڀيرو هڪ جونئر مئرين انجنيئر (يعني ففٿ انجنيئر) جي حيثيت ۾ جنهن جهاز ذريعي باسفورس سمنڊ (جيڪو ميڊيٽرينين سمنڊ جي هڪ حصي ايجين سمنڊ کي بحرِ اسود سمنڊ سان ڳنڍي ٿو ۽ ان سمنڊ باسفورس جو وهڪرو استنبول شهر جي وچ مان لنگهي ٿو) ٽپيو ان جهاز جو چيف انجنيئر ترڪيءَ جو مسلمان هو. ان وقت منهنجي عمر چوويهه پنجويهه سالن کن هئي، هو ستر کان وڏي عمر جو هو. سامونڊي زندگيءَ مان رٽائرڊ ٿي هو وري واپس آيو هو. اسان جي جهازران ڪمپنيءَ به نوان نوان جهاز ورتا هئا. هلائڻ وارن جي اڻاٺ هئي سو بيو ڪو چيف انجنيئر نه ملڻ تي اسان جي ڪمپنيءَ هن پوڙهي ترڪ چيف انجنيئر کي ان جهاز تي رکيو هو جنهن تي هڪ جونيئر مئرين انجنيئر جي حيثيت ۾ منهنجي بدلي ٿي هئي.

ترڪ چيف انجنيئر پوڙهو ضرور هو پر جهازران ڪمپنيءَ يا جهاز جي مالڪ کي ڪهڙي پرواهه. جيستائين ڪنهن جو بين الاقوامي سمنڊن ۾ جهاز هلائڻ جو "M.O.T"وارو امتحان پاس آهي ۽ اهو سرٽيفڪيٽ انشورنس ڪمپنيءَ کان نئون (Renew) ٿيل آهي، هو جهاز هلائي سگهي ٿو پوءِ ڀلي هو ڪيترو به پوڙهو هجي. جهاز حادثي جي ور چڙهڻ يا ٻڏڻ تي جهاز جي مالڪ کي انشورنس ڪمپني نقصان ڀري ڏئي ٿي. اسان جو هي ترڪ چيف انجنيئر وڏي عمر جي ڪري، ڪم ۾ سو ڍرڙو هو پر سڄي دنيا جو ڄاڻو هو. ڳالهائڻ جو به ڪرو هو. ڪنهن جو به رک رکاءُ نٿي ڪيائين. پنهنجن کي به رهڙي پئي رکيائين. خاص ڪري سلطنت عثمانيه (Ottoman Empire) جي سلطانن (حاڪمن) تي ته خاص خارون هيس، ته هو ڪهڙا مسلمان حاڪم هئا. جن جون رڳو ڏاڙهيون سي وڏيون هيون، پر ڪم غير اسلامي. رڳو عياشي ڪيائون... چڱو جو مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ پيدا ٿيو جنهن سلطنت عثمانيه کي ٻنو ڏئي ترڪيءَ کي ريپبلڪ بڻايو ۽ پاڻ ملڪ جو صدر ٿي ترڪيءَ کي خوش حال ۽ جديد بڻايائين...

استنبول شهر جي وچ مان لنگهندڙ باسفورس سمنڊ درياهه وانگر سوڙهو آهي، جنهن مان جهاز جي گذرڻ وقت ٻئي ڪنارا صاف نظر اچن ٿا. باسفورس جي ڪناري ۽ ڪجهه پريرو تهيل

تاريخي محلاتن ۽ وڏن گهرن ڏي اشارو ڪري ٻڌائين ٿا، ”اهي پراڻيون عمارتون اسان جي سلطانن جون هيون“.

”پوءِ هاڻ ڪير رهن ٿا؟“. جهاز جي ڊيڪ تي ساڻس بيٺل اسان جونيئر آفيسرن پڇيو هيس.

”انهن جو اولاد“. هن چڙ مان وراڻيو. ”يا انهن جا چمچا، جيڪي اڄ به پاڻ کي وڏي ذات پات وارا پاڪ پوتر سمجهن ٿا. هو پاڻ کي رئيس، پير ۽ مذهبي پيشوا سمجهن ٿا، اهي رهن ٿا“.

”اهي ڪهڙو ڪم ڪن ٿا؟“ اسان پڇيو هيس.

”ڪم وري ڪهڙو ڪن ٿا... وڏن جي ملڪيت وينا کائين..... يا سياست ۾ اچي عوام جو پئسو پيا هضم ڪن. اڄ به انهن گهرن ۾ هو اهي ئي ڪم ڪن ٿا جيڪي سندن وڏن ڪيا...“.

اسان اهڙن موقعن تي پاسو ڏئي هليا ويندا هئاسين ۽ پنهنجي پوڙهي ترڪ باس کي چيڙڻ کان توبهن ڪندا هئاسين. جيڪو جوش ۾ اچي ڳالهائڻ مهل ڏڪندو هو ۽ ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪرندو هو.

اڄ انهن سلطانن ۽ انهن جي محلن ۾ ٿيندڙ سياسي، سماجي ۽ جِنسي چال بازين جي ڳالهه ڪندي پنهنجو پوڙهو ترڪ چيف انجنيئر به ياد اچي ويو جنهن سان اڄ کان پورا 50 سال اڳ، هڪ ئي جهاز تي ڪجهه سامونڊي سفر ڪرڻ جو موقعو مليو هوم.

**سريتون نه رکڻ ڪري وارث جي ناموجودگي...**

پاڻ جپان جي شهنشاهت تي موٽي اچون. جنهن جي 122هين شهنشاهه ميئجيءَ جي مشهور (رکيل) نارُوڪو جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين.

شهنشاهه ميئجيءَ (Meiji) کي پنهنجي زال (راڻي) ماساڪو (جنهن سان 1867ع ۾ تخت تي ويهڻ کان به سال پوءِ شادي ڪيائين) مان پُٽ جو اولاد نه ٿيو ته هن پنهنجو وارث ”تائشو“ کي بڻايو. جيڪو پٽ هن کي محل ۾ سندس مرحوم پيءُ شهنشاهه ڪوميئي (Komei) جي حيات راڻي اساڪو (Asako Kujo) جي خدمت ڪندڙ ڇوڪري نارُوڪو مان ٿيو هو.

”اساڪو ڪُوجو“ شهنشاهه ميئجيءَ جي پيءُ شهنشاهه ڪوميئي جي زال ضرور هئي، پر اها به ميئجيءَ جي ماءُ نه هئي. شهنشاهه ميئجي به هڪ سريت ناڪاياما يوشيڪو جو پٽ هو. جيڪا شهنشاهه ڪوميئي جي دلپسند سريت هئي. سو ڏٺو وڃي ته نه فقط شهنشاهه تائشو هڪ سريت جو اولاد هو پر سندس والد محترم شهنشاهه ميئجي به هڪ سريت جو پُٽ هو.

تاريخ جا گهڻا ڪتاب انگريزيءَ ۾ آهن. ائين ته عربي، فارسي، يوناني، جرمني ۽ هسپانويءَ ۾ به آهن. پر اسان جي نندي ڪنڊ جا ماڻهو انگريزيءَ جا پڙهن ٿا. هتي پنهنجي پڙهندڙن لاءِ هڪ به لفظ سمجهائڻ ضروري سمجهان ٿو جيڪو بادشاهن، شهنشاهن، حاڪمن جي قصن ۾ عام استعمال ٿئي ٿو. هڪ ”Consort“ ۽ ٻيو ”Concubine“. ”ڪنسرٽ“ اها عورت آهي، جيڪا ان مرد (بادشاهه) سان شادي ڪري ٿي ۽ زال ٿي رهي ٿي. اها راڻي پڻ سڏجي ٿي. بادشاهن جي گهٽ ڪري هڪ ڪنسرٽ رهي ٿي. پر جي هڪ کان مٿي آهن ته انهن مان جيڪا ڏاڏي پوٽي زال آهي يا جنهن تي

حاڪم جي گهڻي دل آهي، اها ”چيف ڪنسرٽ“ يعني ”پٽَ راڻي“ سڏجي ٿي. ”Concubine“ نڪاح ۾ ايندڙ زال نـ هوندي آهي. اها ڪيترائي حاڪم دلپشوريءَ لاءِ رکن ٿا. ڪي تـ هڪ بـ نـ پر ڪئين ”ڪن ڳُوبائين“ رکن ٿا. جن لاءِ اسان وٽ ڪنيز سريت، ٻانهي، غلام، ويهاريل، يار، رکيڪ، رکيل جهڙا نالا استعمال ٿين ٿا. مختلف سلطنتن ۾ اهي سريتون حاڪمن لاءِ اغوا ڪيون ويديون هيون، خريد ڪيون ويديون هيون، خوشامد طور تحفي ۾ ڏنيون ويديون هيون. اهي عورتون نـ فقط لطف حاصل ڪرڻ لاءِ رکيون ويديون هيون، پر ان خيال کان بـ تـ جيئن حاڪمن کي انهن مان گهڻي کان گهڻا پُٽ ٿين جيئن اصل زال (Consort) مان پٽ نـ ٿئي، يا ٿيڻ بعد فوت ٿي وڃي، تـ سريت (Concubine) جي پٽ کي تخت ۽ تاج جو وارث بڻايو وڃي. ڪيترين سريتن کي بعد ۾ زالون بـ بڻايو ويندو هيو. ڪن جي آخر تائين سريت رهڻ جي باوجود، سندن ڪنهن دلپسند پُٽ کي تخت جو وارث بڻايو ويندو هيو. جنهن جا مثال مٿين صفحن ۾ لکي چڪو آهيان.

جپان ۾ بـ شروع کان شهنشاهن لاءِ سريتون رکڻ عام ڳالهـ هئي. هو اجان شهزادا هوندا هئا، تـ هنن جون مائرون يا حڪومت، هنن کي سريتون مهيا ڪندي هئي. تخت تي ويهڻ بعد تـ انهن جو تعداد اجان بـ وڌايو ويندو هيو. جپان جي شهنشاهن جيئن تـ پاڻ کي آسماني مخلوق ٿي سمجهيو. جو هنن جو وڏو شهنشاهـ جيمو (جيڪو جپان جو پهريون شهنشاهـ ٿيو) سورج ديوي ”اماتيراسو“ جو اولاد سمجهيو وڃي ٿو. اها مِٿ ٻي جنگِ عظيم دوران ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي بم ڪيرائڻ بعد ختم ٿي. جڏهن آمريڪين طرفان جپان حڪومت کان 1945ع ۾ نهرايل نئين آئين ۾، جپان جي ان وقت جي شهنشاهـ هيرو هِتو کان اعلان ڪرايو ويو تـ هو بـ ٻين وانگر عام ماڻهو آهي، نـ تـ جپاني اهڙو چريا ٿي پيا هئا، جو پنهنجي بادشاهـ کي بقول هڪ تاريخدان جي، ڊيمي گاڊ (پڪو ديوتا) ٿي سمجهيائون. هنن تـ اهو بـ تصور نـ ٿي ڪيو تـ هو جنگ هارائيندا ۽ سندن هن آسماني شهنشاهـ جي هار ٿيندي.

سريتون (Concubines) نـ رڳو ترڪ سلطانن، عرب حاڪمن، ايراني شاهن، بروناَئي جي بادشاهن، مغل بادشاهن، فرانس جي بادشاهن ۽ انهن جي شهزادن رکيون پئي، پر جپان جي شهنشاهن (جن پاڻکي آسماني مخلوق (Divine Rulers) پئي سمجهيو) بـ پئي رکيون ۽ خوب پئي رکيون. ايتري قدر جو 124هين شهنشاهـ هيرو هِتو (جنهن شهنشاهن ۽ انهن جي شهزادن لاءِ سريتون رکڻ تي بندش جو قانون لڳايو) بـ اجا شهزادو هو تـ هن جي حوالي، دل وندرائڻ لاءِ شاهي دربار طرفان 39 سريتون ڪيون ويون هيون، جيڪي هن تخت تي ويهڻ سان واپس ڪيون. هڪ زال (جنهن سان شادي ڪيائين) سان توڙ تائين نڀايائين. سندس اها زال ناگاڪو ڳُوني سندس سؤٽ بـ هئي. جپاني شهنشاهن بابت اهو بـ لکندو هلان تـ هنن شادي تـ پنهنجي شاهي خاندان مان ٿي ڪئي پر جيڪي سريتون پئي رکيون، اهي بـ سئوٽ، ماسات يا سئوٽاٽي سوٽ مان ئي پئي رکيون، جيئن انهن مان پئدا ٿيل ٻار بـ هڪ ئي رت جا هجن ۽ سورج ديوي ”اماتيراسو“ جو آسماني اولاد سڏجن. جپان جي 124 هين شهنشاهـ هيرو هيتو جو پُٽ اَڪيهتو (جپان جو 125 هون شهنشاهـ) پهريون شهنشاهـ هو جنهن اها ريت بـ ختم ڪئي ۽ هُن خاندان کان ٻاهر هڪ عام رعيت جي ڇوڪريءَ مِچيڪو

(Michiko Shoda) سان 1959ع ۾ شادي ڪئي، جڏهن هوءَ 25 سالن جي هئي ۽ شهزادو اڪِيهتو 26 سالن جو هو. ڪين ٽي ٻار ٿيا. نارو هِتو جيڪو هاڻ شهنشاهه آهي ۽ ٻيو فومي هِتو ۽ هڪ ڌيءَ ساياڪو.

جپان جي شاهي خاندان ۾ هيءَ نه رڳو پهرين عام رعيت جي ڇوڪري هئي، پر هوءَ جپانين جي شنتويا ٻڌ ڌرم جي هجڻ بدران رومن ڪئٿولڪ (عيسائي) هئي. هن انگريزي ادب ۾ B.A ڪئي هئي ۽ ڪجهه ڪورس آڪسفورڊ ۽ هارورڊ مان به ڪيا هيا. مِچيڪو جي اَڪيِهتو سان سجاڻ ناگانو شهر ۾ ٽينس ڪورٽ تي ٿي. مِچيڪو جيتوڻيڪ هڪ امير ڪارخانيدار جي ڌيءَ هئي، پر سندس عام رعيت سان واسطو هجڻ ڪري، هن کي شاهي خاندان ۾ قبول ڪرڻ تي ڪافي احتجاج رهيو. پر پوءِ اها شادي ڌام ڌوم سان ٿي. چون ٿا ته گهوٽ ڪنوار جي سرگس ٽوڪيو جي خاص روڊن تي ٿي، جتي پنج لک کن ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا ۽ هي پهريون دفعو هو جو ڪنهن شاهي خاندان جي شاديءَ جو نظارو عوام اڪين سان ڏٺو ۽ ساڳي وقت تي ويءَ تي به ڏيکاريو ويو.

شهنشاهه اَڪيِهتو کان اڳ جپان جي شاهي خاندان ۾ اهو رواج هوندو هو ته ٻار کي ڪنهن دائيءَ حوالي ڪيو ويندو هيو. جيڪا ان ٻار کي ته تي سال کن پاڻ وٽ رکندي هئي پر اڪيهتو ۽ مِچيڪو ان رسم کي به ختم ڪري، ٽنهي ٻارن کي پاڻ نپايو. ايتري قدر جو ٻارن کي ٿڃ به مِچيڪو پاڻ ڏني. 1989ع ۾ شهنشاهه هيرو هِتو جي وفات تي سندس پُٽ اڪيهتو جپان جو 125هون شهنشاهه ٿيو ۽ سندس زال مِچيڪو راڻي يعني "Empress Consort" ٿي

30 سال شهنشاهه رهڻ بعد شهنشاهه اَڪيهتو پنهنجي پُٽ نارو هِتو جي حق ۾ 2019ع ۾ تخت تان دستبردار ٿيو. ائين ناهي ته شهنشاهه اڪيهتو ڪو جپان جو پهريون شهنشاهه آهي، جنهن وقت کان اڳ تخت ڇڏي ڏنو. جپان جي 2680 سالن جي لڳاتار بادشاهت ۾ ڪيترائي شهنشاهه تخت تان پاڻهي لٿا. شهنشاهه اَڪيهتو کان اڳ جنهن تخت ڇڏيو، اهو 119 هون شهنشاهه ڪوڪاڪو (مورو هيتو) هو جنهن 1780ع کان 1817ع تائين حڪومت ڪئي ۽ 1840ع ۾ وفات ڪيائين.

اڄ ڪلهه جپان جو 126 هون شهنشاهه نارو هِتو جپان جي گلِ دائودي تخت تي ويٺل آهي. نارو هِتو 1960ع ۾ ٽوڪيو واري شاهي "ٽوڪيو امپيريل پئلس" ۾ ڄائو. گذريل سال 2019ع ۾ هن جو پيءُ شهنشاهه اڪي هِتو تخت تان دستبردار ٿيو ته هي نارو هِتو 59 ورهين جي ڄمار ۾ تخت تي ويٺو. هي شهنشاهه به پنهنجي پيءُ وانگر سريتون (Concubines) رکڻ کان پري رهي فقط هڪ زال ماساڪو (Masako Owada) تي گذارو ڪندو اچي. هنن جي شادي اڄ کان 26 سال اڳ 1993ع ۾ ٿي هئي ۽ هن جي زال ماساڪو به شهنشاهه جي ماءُ مچيڪو وانگر عام رعيت مان آهي. شهنشاهه نارو هِتو ٽوڪيو جي شاهي يونيورسٽي "Gakushuin" مان 1982ع ۾ گريجوئيشن ڪئي. ان بعد آڪسفورڊ (انگلينڊ) مان انگريزي سبجيڪٽ ۾ تعليم حاصل ڪئي. سندس ٿيسز جو عنوان هو: "A study of Navigation & Traffic on Thames". هن آڪسفورڊ انگلينڊ ۾ گذاريل ڏينهن

بابت يادگيرين جو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي: The Thames and I- A Memoir“ of Two Years at Oxford”.

انگلينڊ کان جپان موٽڻ تي هن وري ٽوڪيو جي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي ۽ 1988ع ۾ ”Humanities“ ۾ ماسٽرس ڪئي. شهزادي نارو هِتو جي سندس زال ماساڪو سان پهرين ملاقات يونيورسٽي آف ٽوڪيو ۾ ٿي، جتي هوءَ پڙهي رهي هئي. شهزادو پهرين نظر ۾ گهائجي ويو. ان بعد هن ٽي دفعا ماساڪو کي شاديءَ لاءِ چيو. آخر هن ڳالهه مڃي. 1993ع ۾ سندن مڱڻو ٿيو ۽ پنج مهينن بعد ڌام ڌوم سان شادي ٿي. دعوت ۾ 800 کن مهمان گهرايا ويا هئا، جن ۾ ڪيترا يورپ ۽ ايشيا جي ملڪن جا اڳواڻ هئا. شاديءَ کان چار سال اڳ نارو هيتو جو ڏاڏو هيرو هِتو گذاري چڪو هو، سو شاديءَ وقت نارو هِتو جو پيءُ اڪي هِتو جپان جو شهنشاهه هو ۽ سندس (نارو هِتو جي) ولي عهد (Crown Prince) ٿيڻ جو اعلان ٿي چڪو هو.

ماساڪو جو پيءُ جپان حڪومت ۾ پهرين ڊپلومئٽ هو. ماساڪو پنهنجي والدين سان گڏ پهرين ماسڪو (روس) ۾ رهي. ڪجهه سالن بعد پيءُ جي بدلي ٿيڻ تي هوءَ نيو يارڪ ۾ رهي ۽ بنيادي تعليم اُتان حاصل ڪيائين. ان بعد ڪجهه سال هوءَ جپان مان به پڙهي. هن جو پيءُ سرڪاري نوڪري ڇڏي آمريڪا جي رياست مئسيچوسيٽس ۾ اچي پروفيسر ٿيو ته ماساڪو به آمريڪا هلي آئي، جتي هن فرينچ ۽ جرمن ٻوليون به سکيون. هن هارورڊ يونيورسٽيءَ مان ايڪانامڪس ۾ ماسٽرس ڪئي. ان بعد هوءَ جپان موٽي ۽ يونيورسٽي آف ٽوڪيو مان Law (قانون) پڙهي ۽ جپان جي فارين سروسز ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ هن مقابلي جو امتحان ڏنو. جنهن ۾ 800 اُميدوار ويٺا. ماساڪو ۽ ٻيون جپاني ڇوڪريون انهن 25 مان آهن، جيڪي هن امتحان ۾ ڪامياب ٿيون. ان بعد سگهو ئي هن جي شادي شهزادي نارو هِتو سان 1993ع ۾ ٿي. 1999ع ۾ هوءَ پيٽ سان ٿي، پر سندس پهرين ٻار تي ڪُهائي (Miscarriage) ٿي. ٻن سالن بعد 2001ع تي ٻيو ٻار، ڌيءَ شهزادي آئيڪو ڄائي، جيڪا هينئر 19 سالن جي آهي.

هتي اهو لکندو هلان ته ايران جي پهلوي سلطنت وانگر جپاني سلطنت ۾ تخت ۽ تاج جو وارث پُٽ کي ئي بڻايو ويجي ٿو. اهو ئي ته سبب آهي، جيڪو مٿي لکي چڪو آهيان، ته هر جپاني شهنشاهه کي سندس خاندان جي ماڻهن ۽ درٻارين گهڻي کان گهڻيون سريتون رکڻ لاءِ همت افزائي پئي ڪئي، جيئن شهنشاهه کي پنهنجي راڻيءَ مان پُٽ نه ٿئي ته ڪنهن ويهاريل مان پيدا ٿيل ٻار کي ئي شهنشاهه بڻائي آسماني (Divine) شهنشاهيت جو سلسلو وڌايو وڃي. پر هاڻ شهنشاهه هيرو هِتو کان وٺي، نه سندس پُٽ شهنشاهه اڪي هِتو ڪا سريت رکي، نه هن شهنشاهه نارو هِتو ـ جنهن کي اولاد ۾ فقط هڪ ڌيءَ ”Aiko“ آهي. هاڻ جپاني قوم مان اهو وهم ته ختم ٿي ويو آهي ته سندس بادشاهه ديوتا آهي. جنهن جو اعلان هيرو هِتو ڪري چڪو. هونءَ به ان جو پُٽ 125هون شهنشاهه اڪي هتو ۽ پوٽو 126 هون شهنشاهه نارو هِتو پنهنجين آسمان مان لٿل مخلوق جي ڇوڪرين کي ڇڏي عام رعيت مان شادي ڪري چُڪا آهن. جپان حڪومت جي صلاحڪارن ۽ خاندان جي ڪميٽيءَ اهو فيصلو ڪيو آهي ته هن 126هين شهنشاهه نارو هِتو کي جيڪڏهن اجا پُٽ نه ڄائو ته

پوءِ هن جي ننڍي ڀاءُ شهزادي فومي هِتو (ڄم جو سال 1965ع ۾ ڪيڪو سان شاديءَ جو سال 1990ع) کي 127 هون شهنشاهه ٺاهيو ويندو. ان بعد هن جي پٽ شهزادي هِساهِتو کي 128هون شهنشاهه ٺاهيو ويندو جنهن جي عمر هن وقت 14 سال آهي.

هتي اهو به لکندو هلان ته هاڻوڪي شهنشاهه نارو هِتو ته پيءُ وانگر هڪ عام ڇوڪريءَ (Commoner) سان شادي ڪئي آهي، پر سندس ننڍي ڀاءُ شهزادي فومي هِتو به پنهنجي شاهي (Divine) خاندان جون ڇوڪريون ڇڏي هڪ عام ڇوڪري ڪيڪو ڪاوا شيما سان شادي ڪئي آهي. ڪين به ڏيئون، شهزادي ماڪو ۽ شهزادي ڪاڪو ۽ هڪ پُٽ شهزادو هِسا هِتو آهن.

**جپان جا ڪجهه شهنشاهه...**

**شهنشاهه جيمو (Jimmu) ــ پهريون حاڪم**

سورج ديوي اماتيراسو (Amaterasu) جو اولاد

حڪومت: 660 ق.م کان 585 ق.م

جپاني ڏند ڪٿا مطابق اماتيراسو ديويءَ پنهنجي پوٽي نينگي (Ninigi no Mikoto) کي زمين تي چانور پوکڻ لاءِ موڪليو. شهنشاهه جيمو ان جو ڙڙپوٽو چون ٿا، جنهن جو اولاد جپان تي حڪومت ڪندو اچي ۽ جيڪي آسماني مخلوق سمجهيا وڃن ٿا. هينئر شهنشاهه نارو هِتو جپان جو 126هون شهنشاهه آهي.

**سُوايزي اي (Suizei) ــ ٻيو شهنشاهه**

(جيمو جو ٽيون نمبر پُٽ) ڄم 581 ق. م وفات 549 ق. م

حڪومت: 581 ق. م کان 549 ق. م

**ڪوڪاڪو (مورو هِتو) ــ 119 هون شهنشاهه**

ڄم: 1771ع. وفات: 1840ع. زال يُوشِيڪو

حڪومت: 1780ع کان 1817ع تائين

**ننڪو (آيا هِتو) ــ 120 هون شهنشاهه**

ڄم: 1800ع حڪومت: 1817ع کان 1846ع (وفات تائين)

زالون: تسو ناڪو ۽ ياسوڪو. پيءُ: شهنشاهه ڪوڪاڪُو

ماءُ: تادا ڱو (جيڪا شهنشاهه جي سريت هئي)

**ڪوميئي (اوساهِتو) ــ 121 هون شهنشاهه**

ڄم: 1831ع، حڪومت: 1846ع کان 1867ع (وفات تائين)

زال: اساڪو ڪوجو. پٽ: شهنشاهه ميئجي (ناڪاياما يوشيڪو سريت مان)

پيءُ: شهنشاهه ننڪو. ماءُ: فوجيوارا نو تسونيڪو

**ميئجي (متسو هِتو) ـ 122 هون شهنشاهه**

جمر: 1852ع. حڪومت: 1867ع کان 1912ع (وفات تائين)

زال: ماساڪو اِچيجو. پٽ: شهنشاهه تائيشو (سريت ناروڪو مان)

ميئجي دور کان اڳ 1853ع ۾ آمريڪا جو ڪموڊور مٿيو پيري پنهنجي جهازن کي ٽوڪيو وٽي آيو ۽ جپانين جون اکيون پٽيون. ميئجي دؤر ۾ جپان دنيا کان الڳ ٿلڳ رهڻ ختم ڪيو ۽ جپان هڪ وڏيرڪي سسٽم مان نڪري انڊسٽريل ملڪ ٿيو.

**تائشو (يوشي هِتو) ـ 123 هون شهنشاهه**

جمر: 1879ع. حڪومت: 1912ع کان 1926ع (وفات تائين)

زال: سداڳو ڪُوجِي. پٽ: شهنشاهه شووا (هيرو هِتو)

پيءُ: شهنشاهه ميئجي. ماءُ: ياناگي هارا ناروڪو (سريت)

اولاد: 4 پٽ ـ هيرو هِتو، ياسو هِتو، نوبُو هِتو ۽ تاڪا هِتو

**شووا (هيرو هِتو) ـ 124 هون شهنشاهه**

جمر: 1901ع. حڪومت: 1926ع کان 1989ع وفات تائين

زال: ناگاڳو ڪُوني (1924ع ۾ شادي ۽ راڻي ٿيڻ بعد نالو: ڪوجُون). پٽ: شهنشاهه اڪي هِتو

پيءُ: شهنشاهه تائشو ماءُ، راڻي تيئيمي ئي (Teimei) (سداڪو ڪوجي)

هن شهنشاهه مليل 39 سريتون به واپس ڪري ڇڏيون ۽ اڪيلي زال تي گذارو ڪيائين جنهن مان 5 ڌيئون به پُٽ ٿيس.

**اڪي هِتو ـ 125 هون شهنشاهه**

جمر: 1933ع: حڪومت: 1989ع کان 2019ع

زال: مچيڪو شودا. شادي: 1959ع پٽ: شهنشاهه نارو هِتو

هن مرڻ کان اڳ شهنشاهيت ڇڏي ڏني ۽ هي پهريون جپاني شهنشاهه هو جنهن هڪ عام گهراڻي جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. سندس پُٽ نارو هِتو به هڪ عام ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.

**نارو هِتو – 126 هون شهنشاهه**

جمر: 1960ع: حڪومت: 2019ع (پيءُ جي تخت ڇڏڻ تي )

زال: ماساڪو اووادا (1993ع ۾ شادي)

ليکڪ: The Thames & I- Memoirs of Oxford

شهنشاهہ نارو هِتو کي پُٽ جو اولاد نہ آهي.

**شهنشاهہ اڪيهتو (125 هين شهنشاهہ) ۽ راڻي مِچيڪو جو اولاد**

**(1) شهنشاهہ نارو هِتو:**

راڻي: ماساڪو اووادا (عام ڇوڪري)

اولاد: شهزادي آئيڪو (ڄم: 2001ع)

**(2) شهزادو فومي هِتو :**

زال: ڪيڪو ڪاوا شيما (عام ڇوڪري)

اولاد: شهزادي ماڪو (ڄم: 1991ع)، شهزادي ڪاڪو (ڄم: 1994ع) ۽ شهزادو هِسا هِتو (ڄم: 2006ع)

# مئريٽائيم تاريخ جو هڪ بدترين حادثو...

پاڻيءَ جا ڪي جهاز پنهنجي مختلف نوعيت جي هجڻ ڪري ڪن محدود علائقن ۾ ئي هلن ٿا. مسافر ۽ سندن سوارين (موٽر سائيڪلون، ڪارون، ويندي بسون ۽ ريل گاڏيون) کڻڻ وارين فيرين ٻن يا ٽن چئن ويجهن بندرگاهن ۾ ئي ايندين ويندين رهن ٿيون. جيئن هانگ ڪانگ کان ڪولون، يا پينانگ کان بٽر ورٿ هلندڙ فيريون، مالمو کان ڪوپن هيگن، يا مالمو کان جرمنيءَ يا پولينڊ ويندڙ فيريون، جن ۾ سڀ ٽرين، اجان ٻه، ٻه ٽي اچي سگهن ٿيون. انهن فيرين ۾ چڙهڻ لاءِ اسان کي بندرگاهه تي به اچڻ جي ضرورت نٿي پوي. مالمو (سئيڊن) جي يونيورسٽيءَ مان نڪري پير ۾ مالمو جي سينٽرل اسٽيشن تي ايندا هئاسين. جتان جرمني ويندڙ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهندا هئاسين. ريل گاڏي مالمو شهر لتاڙي مالمو جي بندرگاهه ۾ ايندي هئي، جتي جرمنيءَ ڏي ويندڙ ڏکي سان ٻڌل فيريءَ وٽ اسان کي سوار ٿيڻ لاءِ لاهڻ بدران، اها ٽرين جهاز جي پٺ (Stern) وٽان فيريءَ اندر داخل ٿي ويندي هئي. فيريءَ تي ٺهيل ريل گاڏيءَ جا پٽا مالمو ڏکي تي ٺهيل پٽن سان بلڪل پيچيل هوندا هئا ۽ سڄي ٽرين فيريءَ اندر اچي بيهندي هئي. يعني اهي فيريون ڪافي ڊگهيون ۽ ويڪريون ٿين ٿيون.

سئيڊن ۾ ٻه اڍائي سال هجڻ دوران يونيورسٽيءَ وارا مون کي جرمنيءَ وڃڻ لاءِ جنهن به فيريءَ جي ٽڪيٽ ڏيندا هئا، ان ۾ ڊبل ٽرئڪ هوندو هو. فيري جهاز وارا هڪ ٽرين مالمو بندرگاهه مان چاڙهي، ٻي ٽرين رستي تي ڪوپن هيگن بندرگاهه مان چاڙهيندا هئا. بسون، موٽر ڪارون ۽ موٽر سائيڪلون ان کان علاوه. اهي فيريون انهن ئي ٽن بندرگاهن ۾ هلنديون هيون. ٻيون مالمو کان گڊانيا (پولينڊ) جي بندرگاهن ۽ مالمو ۽ هيلسنڪي (فنلنڊ) بندرگاهن ۾ هلنديون هيون. ان کان علاوه يورپ جي مٿين ۽ ٻين بندرگاهن ۾ هوور ڪرافٽ (Hoover Craft) هلندا هئا، جيڪي هوائي جهاز واري اصول تي سمنڊ کان ٿورو مٿيرو ٿي هلن ٿا. سو ان قسم جون سواريون هڪ ته ٻن ٽن بندرگاهن ۾ هلنديون هيون، ٻيو ته اهي جهاز ٻي ڪنهن هنڌ وڃڻ بدران سڄو سال اتي ئي پيا ڦرندا هئا. اهڙيءَ طرح اهڙن جهازن کي هلائڻ وارا هڪ ئي علائقي ۽ هڪ ئي موسم ۾ رهن ٿا. ان کان علاوه ڪيترائي مني ۽ ڪاري پاڻيءَ جا ڍنڍ نما سمنڊ ٿين ٿا، جتي پڻ جهاز ان ننڍڙي علائقي ۾ محدود رهن ٿا. جيئن ڪئسپين سمنڊ آهي، جيڪو ڍنڍ مثل آهي. ان ۾ موجود مسافر يا ڪارگو جهاز ان سمنڊ ۾ ئي هلندا رهن ٿا ۽ ڪناري وارن ملڪن ايران، ترڪمانستان، ازبڪستان، روس ۽ آذر بائيجان جي اندروني بندرگاهن: راشت، اترلي، باڪو آق تائو (Aktau)، مخاچ قلعه (Makhachkala)، استرا خان ۾ ئي ڦرندا رهن ٿا. اهي جهاز اتان نڪري ٻئي ڪنهن سمنڊ ۾ نٿا

وڃي سگهن. اتي ئي نهن ۾ اتي ئي ٻڙي ختم ٿي دفن ٿين. اهو ئي حال آفريڪا جي وڪٽوريا ڍنڍ ۾ ڪئنادا جي وڏين ڍنڍن ۾ جهازن ۾ جهاز هلائڻ وارن جو آهي. آفريڪا جي وڪٽوريا ليڪ ۾ هلندڙ جهاز فقط ڪينيا، تنزانيا، يوگنڊا، برونڊي ۽ روانڊا ملڪن جي اندروني بندرگاهن قسومو بوڪوبا، مواترا، عنتيبي، پورٽ بيل ۽ اسان جي گجراتين جي دلپسند بندرگاهه جنجا ۾ اچي وڃي سگهن ٿا. يوگنڊا جا جنجا ۽ ڪمپالا اهي شهر آهن، جن ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ انڊيا جي گجرات صوبي جا ڪيترائي گجراتي هندو مسلمان، آغا خاني ۽ بوهري رهن ٿا. آفريڪا جي هن ڍنڍ ۾ ٻين ننڍين وڏن جهازن کان علاوه انگريزن جو هڪ وڏو جهاز ”ايم وي وڪٽوريا“ مشهور هو. 1966ع کان پوءِ هن ڍنڍ ۾ ٻه ٽرين فيريون ڪينيا ۽ تنزانيا جي وچ ۾ هلڻ شروع ٿيون. ڪنهن زماني ۾ جڏهن آئون جونيئر هوس، ائٽلانٽڪ، هندي وڏي سمنڊ ۽ ميڊيٽرين سمنڊ جي طوفانن ۽ ڇولين ڪري پيدا ٿيندڙ ”سي سڪنيس“ کان بچڻ لاءِ ”وڪٽوريا ليڪ“ ۾ هلندڙ ”ايم وي اهورو“ (M.V uhuru) يا ”ايم وي اموجا“ ٽرين فيريءَ ۾ نوڪري تي ڪيم. پر پوءِ خيال آيو ته اهڙن جهازن تي نوڪري ڪرڻ سان مَمَ گوڏا ڇٽي ويندي، جو پوءِ بين الاقوامي سمنڊن ۾ جهاز هلائي نه سگهندس. ڇاڪاڻ جو اهڙن بند سمنڊن ۽ ڍنڍن ۾ جهاز ڪجهه ڪلاڪن بعد بندرگاهه ۾ پهچيو وڃي. ان جو مزو پنهنجي جاءِ تي، ان کان علاوه جهاز تي پورهيو به گهٽ ٿو ٿئي، جو انجڻ جي مرمت لاءِ ورڪشاپ اچيو وڃي. پر نقصان اهو آهي جو ماڻهو خاص ڪري اسان مئرين انجنيئر ڪم سکڻ کان رهجيو وڃون. سمنڊن تي ڪهڙا ڪهڙا حادثا ٿين ٿا، انهن کي ڪيئن منهن ڏجي، انجڻ کي ڪيئن ٺاهجي؟! اهو سکي نٿا سگهون... ان ڪري هڪ جونيئر مئرين انجنيئر لاءِ بهتر آهي ته ”فارين گوئنگ“ جهازن تي نوڪري ڪري ۽ ڪم سکي. ڪم ۽ ڪانفيڊينس اچڻ ۽ چيف انجنيئر ٿيڻ بعد هو ڀلي نون جهازن تي Sail ڪري يا فيرين تي..... ڇو ته هڪ مئرين انجنيئر (جهاز جي انجنيئر) کي ڪم اچڻ ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي جو تعليم دوران اسان کي ويلڊنگ ۽ ليٿ مشين تي ڪم ڪرڻ به سيکاريو وڃي ٿو. جو کليل سمنڊ ۾ جهاز تي ورڪ شاپ جي مدد نٿي پهچي سگهي ۽ هر صورت ۾ جهاز جي انجنيئرن کي هر مشين جو فالٽ ڳولي، ان کي درست ڪري جهاز کي بندرگاهه تائين پهچائڻو پوي ٿو ۽ اهو نقص هڪ جونيئر صحيح نٿو ڪري سگهي ته سينئر (ٿرڊ يا سيڪنڊ انجنيئر) کي ڪرڻو پوي ٿو۽ آخر ۾ چيف انجنيئر کي هر صورت ۾ صحيح ڪرڻو آهي، جو اوور آل جوابداري چيف انجنيئر جي رهي ٿي. جهاز جي مالڪن وٽ يا ڪورٽ ۾ ان کي ئي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

آفريڪا جي هن وڪٽوريا ڍنڍ جي ڳالهه ڪندي، هتي جو افسوس ناڪ واقعو ٿو ياد اچي، جيڪو 1996ع ۾ ”ايم وي بڪوبا“ جهاز سان درپيش آيو. جيتوڻيڪ هن قسم جي ڍنڍن ۾ کليل سمنڊ وانگر نه وڏيون ڇوليون ٿين ٿيون نه طوفان. ڪڏهن ڪو طوفان لڳي به ٿو ته هر وقت ڪنارو ۽ ڪو نه ڪو بندرگاهه چند ڪلاڪن جي فاصلي تي هجڻ ڪري جهاز هلائڻ وارا يڪدم ڪنهن ويجهي بندرگاهه ۾ پناهه وٺي سگهن ٿا. پر هي جهاز ”M. V. Bukoba“ (جنهن تي ڪارگو ۽ مسافر ٻئي هئا) ٻڏي ويو. جهاز 1979ع جو ٺهيل هو. 850 ٽن وزن جو هو ۽ منجهس 430 مسافر کڻڻ جي

گنجائش هئي، پر گهڻو پئسو ڪمائڻ جي چڪر ۾ هن ۾ ٻارهن ٻارهن سئو ڪن مسافر سٿيا ويا هئا، جن مان 1000 ڪن ٻُڏي ويا. بعد ۾ جڏهن ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ۽ جهاز ٻڏڻ ۽ گهڻ ماڻهن جي بچڻ جا سبب معلوم ڪيا ويا ته ڪيترائي ڏوهه ظاهر ٿيا. جيئن:

- مقرر تعداد کان وڌيڪ مسافر کڻڻ.
- لائيف جئڪيٽن، لائيف بيلٽن ۽ لائيف ٻوٽن (Boats) جي کوٽ.
- باهه وسائڻ جي سامان جي کوٽ. جهاز تي رکيل فائر ايڪسٽنگشرن ئي ڪم نه ڪيو ۽ خبر ناهي ڪيتري عرصي کان انهن کي چيڪ به نه ڪيو ويو هو.
- آفت جي چاڻ ڏيڻ لاءِ جيڪي پستول ذريعي گولا فائر ڪيا ويندا آهن انهن Distress Signals جي به کوٽ هئي.
- روٽين مرمت جيڪا جهاز کي خشڪ گودي ۾ ڊراءِ ڊاڪنگ دوران ڪرائي ويندي آهي، اها نه ڪرايل هئي.
- جهاز جي سلامتيءَ جي جيڪا چيڪنگ هر سال ڪئي وڃي ٿي، اها به نه ٿيل هئي. جيئن اسان وٽ ڪيترين گاڏين جي سلامتيءَ جي چڪاسَ نتي ٿئي يا ٿئي به ٿي ته ڪوڙي ٿئي ٿي. نتيجي ۾ اسان جي ملڪ ۾ ان قسم جا ڪيترائي روڊ ائڪسيڊنٽ ٿين ٿا، جن جو سبب بريڪ جو نه لڳڻ، ٿاءِ راڊ جو ٽٽڻ، يا نوڙهن ٽائرن جو برسٽ ٿيڻ هوندو آهي.
- ڪيترا جهاز هلائڻ وارا نيويگيشن ۾ ڪچا ثابت ٿيا، جو انهن جو امتحان بين الاقوامي ادارن بدران مقامي ادارن ورتو، جيڪي رشوت وٺي پاس ڪريو ڇڏين.
- سمنڊ ۾ ڪريل بنا لائيف جئڪيٽن وارن کي ڪڍڻ لاءِ ٽوٻن جي به اٽاٽ هئي.

آفريڪا کنڊ جي مئري ٽائيم تاريخ ۾ هي بدترين حادثو هو جنهن جي ڏک ۾ تنزانيا ملڪ وارن ٽي ڏينهن ماتم ڪيو هو.

## گرم منڊ جهاز جي انجنيئرن لاءِ مسئلو....

جهاز جي هڪ چيف انجنيئر جي حيثيت ۾ نه رڳو مون کي، پر مون کي پڪ آهي ته ٻين جهازن جي چيف انجنيئرن کي به، گرم منڊ کان ٿڌي منڊ بهتر لڳندي هوندي، جو ان ۾ انجنيئر به خوش رهن ٿا... انجڻ روم جي گرمي فرحت ڏئي ٿي ۽ ڪم ڪرڻ ۾ مزو اچي ٿو ۽ جهاز جي هر قسم جي مشينري صحيح ڪم ڪري ٿي. جهازن جو مالڪ ڪنجوسيءَ کان ڪم وٺي اهو ئي چاهي ٿو ته گهٽ خرچ ۾ ڪم هلي. پوءِ انجڻ جا گگل پارٽ وقت تي نه بدلڻ ڪري اهي صحيح طرح ڪم نٿا ڪن. جهاز جي ٻن سالن بعد ٿيندڙ ڊراءِ ڊاڪنگ ڪنهن يورپي ملڪ ۾ ڪرائڻ کان مالڪ لنوائيندو آهي. چوندو، هوم پورٽ يعني ڪراچيءَ پهچي ڊراءِ ڊاڪ ڪرائجو..... ڊراءِ ڊاڪنگ ۾ جهاز کي خشڪ گوديءَ ۾ بيهاري ان جي ٻاهرين لوهي جسم کي مشين ذريعي چڱي طرح ڪرڙي صاف ڪيو وڃي ٿو. ان بعد ان تي بهترين چلڪڻو رنگ روغن لڳايو وڃي ٿو جنهن سان جهاز جي

رفتار وڌيو وڃي. جو جو جهاز جي ٻاهرين باڊي لسي ٿيڻ ڪري، هُو پاڻيءَ ۾ Resistance پيدا ڪرڻ بدران سهولت سان تري ٿو. جهاز جڏهن هوم پورٽ ۾ پهچي ٿو ته ڪو ناهوڪو ڪارگو ملڻ تي جهاز جي مالڪ جي دل بي ايمان ٿيو پوي. هو اهو چاهي ٿو ته اهو ياڙو مِس نه ٿئي. جهاز جي ڊراءِ ڊاڪنگ يا ٻي ضروري مرمت وڃي ڪڏ ۾ پوي. ڊراءِ ڊاڪنگ لاءِ انشورنس ڪمپنيءَ جي سرويئر کي منٿ ميڙ ڪري ٿو ته هن جي جهاز کي ٽي مهينا کن مهلت ڏني وڃي، جو هن جي مجبوري آهي. جپان پهچڻ تي اتي ڊراءِ ڊاڪنگ ۾ ٻي مرمت ڪرائيندا سين. ٻي مرمت لاءِ ورڪ شاپ کي گهرائڻ بدران اسان کي منٿ ميڙ ڪندو ته سمنڊ تي توهان جهاز جا انجنيئر جهڙي تهڙي ٺي سهي، مرمت ڪجو جيئن جپان تائين خراب نه ٿئي ۽ سلامتيءَ سان وڃي جپان ڪارگو پهچائي.

جهاز جو مالڪ انشورنس ڪمپنيءَ جي سرويئر کان ڊڄي ٿو. جو جو اهو وڌيڪ وقت نه ڏيندو ته مقرر مدو ختم ٿيڻ تي جهاز جي هر صورت ۾ ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائڻي پوي ٿي. ٻي صورت ۾ جهاز کي ڪنهن گاٽ يا ٻيچ ڊاهه (Wear & Tear) ڪري يا حادثي ۾ نقصان رسڻ تي، انشورنس ڪمپني نقصان جا پئسا پوري نٿي ڏئي.

هڪ دفعي موڪلون ڪاٽي ڊيوٽيءَ لاءِ آفيس رپورٽ ڪيم ته مون کي هڪ پراڻي جهاز تي رکيو ويو جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ يورپ جو سفر ڪري ڪراچيءَ پهتو هو. اسان جهاز هلائڻ وارن لاءِ پراڻو يا نئون جهاز يا آمريڪا، يورپ يا ڏور اوڀر (Far East) روٽ تي هلندڙ جهاز ڪو مسئلو نه هوندو آهي. هر هڪ تي ٽي چار ڪلاڪ رات واري ۽ چار ڪلاڪ ڏينهن واري ڊيوٽي ڪرڻي. بس ايترو آهي ته جهاز "Sea Worthy" هجي. يعني انشورنس ڪمپنيءَ طرفان هن کي "هلڻ جوڳو" هجڻ جو سرٽيفڪيٽ مليل هجي..... مالڪن طرفان هن جهاز کي ايڏو نظر انداز ڪيو ويو هو جو هن جي هر مشين جي اوورهالنگ ضروري هئي، جنهن لاءِ مالڪن کي ڪيترن ئي اسپيئر پارٽن تي خرچ ڪرڻو پئي پيو پر جهاز جا مالڪ انشورنس ڪمپنيءَ کي ٻه ڳوليون ڏيئي ڪم هلائي رهيا هئا، ته اڄ نه سڀاڻي ورڪ شاپ وارن کان سڄي رهيل مرمت ٿا ڪرايون. دراصل جهاز جا مالڪ ان ٻڏتر ۾ هئا ته هن جهاز کي سمنڊ تي هلڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ، هيڏي وڏي مرمت تي لکين رپيا خرچ ڪجن يا Scrape ڪري ڪنهن ڪباڙيءَ کي رديءَ ۾ وڪڻي ڇڏجي. جو جو اهو جهاز ايڏو ته پراڻو ٿي چُڪو هو جو مرمت بعد به وري ساڳين مشينن ۾ يا ٻين ۾ نقص پيدا ٿيڻ جو خدشو هو.

مالڪن جي فيصلي نه ڪرڻ تي جهاز جو چيف انجنيئر ذهني طرح پريشان ٿي موڪل تي لهي ويو. آئون موڪلون ڪاٽي آيو هوس ته مون کي ان جهاز حوالي ڪيو ويو. اتفاق سان ڪمپنيءَ کي ڪولمبو بندرگاهه لاءِ هڪ اهم ۽ سٺي ياڙي وارو ڪارگو ملي ويو جيڪو جهازران ڪمپنيءَ جي ڪارگو ڊپارٽمينٽ وارن جهاز تي چاڙهڻ به شروع ڪري ڏنو. جهاز ۾ جيڪي ٽي وڏا جنريٽر ٿين ٿا، انهن مان هڪ ته جهاز هلائڻ وارن جي ٻوليءَ ۾ بنهه "ڪپوت" (ختم) هو باقي ٻن جنريٽرن جي اوور هالنگ کي ڪئين ڪلاڪ مٿي ٿي ويا هئا ۽ سندن ڪارڪردگي ايتري ته ڪري پئي هئي، جو سمنڊ تي به هڪ بدران ٻنهي کي هلائڻو پئي پيو. يعني انهن ٻچيل ٻن مان ڪو هڪ خراب ٿي پوي ته ٻيو لوڊ نه ڪڻي سگهندو ۽ ٽِرپ ٿي ويندو. يعني ٻيو به بند ٿي ويندو. جنهن سان گڏ جهاز

جي مين انجڻ ۾ ٻيون مشينريون ٻيهي رهنديون، جيسين ٻهرين جنريٽر کي صحيح ڪري، ٻنهي کي گڏ (Parallel) نه هلايو وڃي. اهو ئي حال جهاز جي ايئر ڪمپريسرن جو هو جن مان پيدا ٿيل هوا ذريعي جهاز جي مين انجڻ (پرو پيلر هلائڻ واري) ۽ جنريٽر اسٽارٽ ڪيا وڃن ٿا. ٻين مشينن کان علاوه ريفريجريشن سسٽم جو حال به صفا ”ڏڳو ٻير ٻيران“ هو. جهاز ۾ موجود خلاصين ۽ آفيسرن جي کاڌي خوراڪ لاءِ ڪولڊ اسٽوريج ۾ پنجاهه سٺ کن ڪنل ٻڪريون، ڪجهه ڍڳيون، ڪڪڙيون ۽ مڇيون رکيل هيون، جن کي صحيح حالت ۾ رکڻ لاءِ ڏهه کان ويهه ڪاٽُو ٽيمپريچر رکڻو پوندو آهي.

انشورنس ڪمپنيءَ جو سرويئر جيڪو منهنجو دوست به هو تنهن کي گهرائي صلاح ورتم، ته هن چيو: ”مون کي جيڪڏهن آفيشلي گهرائي جهاز جي مشينريءَ بابت رپورٽ ڪنڊين ته آئون ڪنهن به صورت ۾ جهاز جي مالڪن کي هي جهاز هلائڻ جي اجازت نه ڏيندس. جيسين مڪمل مرمت نه ٿئي. پر اَن آفيشلي آئون توکي اها ئي صلاح ڏيندس، ته جيئن ته جهاز تي ڪارگو به چڙهي ويو آهي ۽ جهاز جا مالڪ توکي منٿون پيا ڪن ۽ توسان وعدو ٿا ڪن ته جهاز کي فقط ڪولمبو تائين وٺي وڃ، جهاز جي ڊراءِ ڊاڪنگ ۽ مشينن جي مرمت اتي ڪرائڻ جو بندوبست ٿا ڪريون... سو اهڙي حالت ۾، ڪمپنيءَ کي نقصان کان بچائڻ لاءِ تون ڪولمبو تائين جهاز هلائڻ جي Risk کڻي سگهين ته ضرور کڻ“.

آئون ان جهاز کي ڪولمبو تائين وٺي ويس. رستي تي چار چار ڪلاڪ جهاز هلائڻ جي ڊيوٽيءَ کان علاوه هر هڪ انجنيئر ٻه ٻه وڌيڪ ڪلاڪ ڊيوٽي ڏئي جهاز جي مرمت به جاري رکي، جيئن جهاز اڳتي رڙهندو رهي. آخرڪار جهاز ممبئيءَ ويجهو اچي بيهي رهيو ۽ اسان 24 ڪلاڪ کن ڏينهن رات جنريٽرن تي ڪم ڪري، هن کي وري هلڻ جوڳو بڻائي اچي ڪولمبو بندرگاهه ۾ پهتاسين. جهاز تان سامان لاٿو ويو پر مرمت جو بندوبست نه ٿي سگهيو. ڪولمبو جا شپ يارڊ ٻين جهازن لاءِ بُڪُ هئا. ڪجهه اسان جا مالڪ مرمت جي اگهه تي به نه نهيا. آخر اتي جي سرويئر کان مهينو کن وڌيڪ اجازت وٺي پئي ۽ جهاز کي جپان وٺي اتي مرمت جو بندوبست ڪرڻو پيو.

اهي اونهاري يعني جون جولاءِ جا ڏينهن هئا، جن ۾ اسان جو پاسو عربي سمنڊ، خليج بنگال، يعني ڪراچيءَ کان ممبئي ڪولمبو تائين، چنائيءَ کان چٽگانگ ۽ اڳيان پينانگ سنگاپور کان منيلا فلپين وارو سائوٿ چائنا سمنڊ، گرم رهي ٿو ۽ اهڙي مند ۾ جهاز جي انجڻ ۽ ٻين مشينرين جو ٽيمپريچر قائم رکڻ ڏکيو ٿيو پوي. پاڻيءَ جي جهاز ۽ خشڪيءَ تي هلندڙ ڪار يا لاريءَ ۾ اهو فرق آهي ته ڪار وغيره ڪجهه ڪلاڪ روڊ تي هلائڻ بعد ڪلاڪ اڌ بيهارڻي پوي ٿي، جيئن ان جي گرمائش گهٽ ٿئي. جهاز کي ڏينهن رات لڳاتار هلائڻو پوي ٿو ۽ ان جي گرمائش گهٽائڻ لاءِ فريش واٽر ۽ سي واٽر ڪولنگ سسٽم جو بندوبست هوندو آهي. اها ڪولنگ ان وقت بهتر ٿئي ٿي، جڏهن هوا توڙي سمنڊ جو پاڻي ٿڌو رهي ٿو.

جهاز سنگاپور کان پوءِ مٿي اتر ڏي منيلا ۽ هانگ ڪانگ تائين به اهڙو رهي ٿو پر پوءِ هانگ ڪانگ کان مٿي وڌيڪ اتر طرف وڃڻ تي اونهاري ۾ به ڪافي ٿڌڪار رهي ٿو ۽ پوءِ ڏسندي ئي

ڏسندي جنريٽرن جي Exhaust ٽيمپريچر کان ريفريجريشن سسٽم صحيح ٿيو وڃي. هوڏانهن اولهه ڏي به عربي سمنڊ کان ايراني نار ۽ بحرِ احمر سخت گرم رهن ٿا ۽ جهاز هلائڻ وارن انجنيئرن کي سخت پريشان ڪريو وجهن. پر منهنجو اهو ئي تجربو آهي ته سئيز ڪئنال مان لنگهي ميڊيٽرينين سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ سان جيڪا يورپ پاسي جي ٿڌڙي هير لڳي ٿي، اها جهاز جي مشينن ۽ سمنڊ کي ٿڌو ڪريو رکي ۽ هر شيءِ نارمل ڪم ڪرڻ لڳي ٿي.

# جپان هزارين ٻيٽن جو جهڳٽو آهي...

فار ايسٽ، يعني ڏور اوڀر پاسي جهاز هلائڻ ۾ هڪ چيف انجنيئر اچا بہ وڏيڪ سک جو ساهہ کڻي ٿو جو جيئن ئي تائيوان ٻيٽ گذري ٿو تہ جپان شروع ٿيو وڃي.

توهان مان جيڪي هوائي جهاز رستي ٽوڪيو اوساڪا، هِيروشيما يا جپان جي ڪنهن ٻئي شهر ويا هوندا، اهي ضرور سوچيندا هوندا تہ هوائي جهاز سڄو تائيوان ٻيٽ لتاڙي سندس چيڙي واري اترئين شهر تائپيءَ مٿان جڏهن گذري ٿو تہ پائيليٽ مسافرن کي هن شهر جو ٻڌائي ٿو تہ هن وقت اسان جو هوائي جهاز ”تائپيءَ“ مٿان اڏامي رهيو آهي. ٽوڪيو پهچڻ ۾ 4 ڪلاڪ لڳي ويندا. جو تائپيءَ کان ٽوڪيو 2100 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي.... جپان ۾ رهي آيل اهو بہ چوندا، تہ جپان آهي ئي ڪيڏو..... سو ان جو ٽوڪيو شهر هجي يا اوساڪا، هيرو شيما يا ڪاگو شيما ـ تائيوان جي تائپي شهر کان تقريبن ساڳي فاصلي (يعني ٻہ هزار کن ڪلوميٽرن) تي ٿين ٿا. سو اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ پاڻيءَ وارو جهاز تائپي ڇڏڻ بعد يڪدم جپان جي ويجهو پهچيو وڃي.

بالڪل صحيح آهي پڙهندڙن جي ڳالهہ! تائپيءَ کان ٽوڪيو پهچڻ ۾ جتي هوائي جهاز کي چار ڪلاڪ ٿا لڳن (جو هوائي جهاز جي گهٽ گهٽ تہ بہ 525 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار ٿا ٻڌون). اتي اسان جي تڪي ۾ تڪي هلندڙ پاڻيءَ جي جهاز کي تائپيءَ کان ٽوڪيو پهچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ڏينهن پنج راتيون ٿيون لڳن. سو بہ تڏهن، جڏهن اسان واري جهاز جي رفتار 20 ناٽ (يعني 20 ناٽيڪل ميل في ڪلاڪ) لڳايون. يعني اسان جي زميني 30 کن ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي حساب سان..... ٻي ڳالهہ تہ هوائي جهاز تہ مک وانگر سڌو ٿو اڏامي. پاڻيءَ وارو جهاز هيڏانهن هوڏانهن ٿيندو ٿو هلي، ڪٿي ڪو ٻيٽ آهي تہ ان کان پري ٿي پاسا ڏئي ٿو هلي. تائپي ۽ ٽوڪيو جي وچ ۾ ايڏا گهڻا ٻيٽ ۽ سامونڊي طوفان آهن. جو فاصلي جي حساب سان پاڻيءَ جي جهاز لاءِ ٽوڪيو سمجهو تہ تائپي کان 3000 کن ڪلوميٽر پري آهي ۽ مخالف طرف جي ڇولين ۽ هوائن ۾ بحري جهاز کي 5 ڏينهن نہ تہ ساڍا چار ڏينهن تہ ضرور لڳن ٿا.

اهو صحيح آهي تہ تائيوان کان ٽوڪيو بحري جهاز رستي، پنج کن ڏينهن جي فاصلي تي آهي، پر جپان ملڪ جون حدون تائپي (تائيوان جو بندرگاهہ) ڇڏڻ جي ٻئي ڏينهن کان شروع ٿيو وڃن. ڇاڪاڻ جو جپان، ايران، افغانستان يا سري لنڪا ۽ بنگلاديش وانگر هڪڙي ٽُڪري جو نالو ناهي، پر مالديپ وانگر ٻيٽن جو جهڳٽو آهي. مالديپ خطِ استوا (Equater) وٽ سريلنڪا جي ڪاٻي پاسي 1192 ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جيڪي اڪيلا قطار ۾ هجڻ بدران ٻن ٻن لڙين وارن 26 هارن وانگر آهن، جيڪي هار ”Atoll“ سڏجن ٿا ۽ ڏکڻ کان اتر طرف هندي وڏي سمنڊ ۾ آهن. هيٺين ٻيٽ کان مٿين ٻيٽ تائين ڏيگهہ، پاڻيءَ جي جهاز رستي يا هوائي جهاز رستي وڃجي، تہ سڏي

ليڪ ۾ 820 ڪلو ميٽر ٿيندي (يعني تقريبن ڪراچيءَ کان ملتان جيترو پنڌ ٿيندو جيڪو 880 ڪلوميٽر آهي) هي ٻيٽ ويڪر ۾ 130 ڪلوميٽرن تائين پکڙيل آهن. هونءَ آهن ايترا ننڍڙا ننڍڙا جو انهن سيني 1192 ٻيٽن جي ڪُل پکيڙ ماپجي ته سنڌ جي نوشهرو فيروز (جنهن جي پکيڙ 3000 چورس ڪلوميٽر آهي) جي ٻه ڏهين حصي برابر 298 چورس ڪلوميٽر ٿيندي، پر اها ايراضي (يعني 1192 ٻيٽ) هندي وڏي سمنڊ جي 90000 چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي.

مالديپ ملڪ جي جيڪڏهن جپان سان ڀيٽ ڪجي ته جپان 6852 ٻيٽن جو جھڳٽو آهي، جيڪي ٻيٽ اتر ۾ بحر اوخوتسڪ (Okhotsk) کان، ڏکڻ ۾ فلپين سمنڊ تائين پکڙيا پيا آهن. مالديپ جا ته سڀ ٻيٽ ننڍا آهن. ايتري قدر جو هڪ تي فقط ايئرپورٽ آهي، ته ٻئي تي صرف سرڪاري آفيسون. اهڙيءَ طرح 85 کن اهڙا ٻيٽ آهن، جن تي سياح نظر اچن ٿا، جن لاءِ انهن تي هوٽلون آهن ۽ ٻيا 200 اهڙا ٻيٽ آهن، جن تي ٿورا گهڻا ماڻهو رهن ٿا ۽ ان قسم جا ٻيٽ آباد سڏجن ٿا. باقي خالي آهن يا ويران آهن. ڪي ته اهڙا آهن جيڪي وڏي وير (Hide Tide) اچڻ تي ٻڏيو وڃن. مالديپ جي ماڻهن جو ڪم سمنڊ سان ئي واڳيل آهي. اتي ڪي وڏا ڪارخانا ۽ ڪچي مال لاءِ وڏي پئماني تي زراعت ڪرڻ يا چوپايو مال پالڻ جو بندوبست ناهي.

جپان جا به هزارين ٻيٽ ننڍا آهن، پر پنج ٻيٽ چڱا خاصا وڏا آهن. انهن پنجن مان ٻه چار هونشو هوڪئدو ڪيُوشوُ ۽ شڪاڪُو تمام وڏا ۽ هڪ ٻئي جي ايڏو ته ويجها آهن، جو انهن کي پلين ۽ سرنگهن ذريعي ملايو ويو آهي. 1970ع واري ڏهاڪي جي شروع وارن سالن کان جڏهن منهنجو جپان ۾ پهريون دفعو اچڻ ٿيو. مٿيان ٻيٽ ڳنڍيل نه هئا. هڪ ٻيٽ تان ٻئي تي فيري ۽ لانچن ذريعي اچڻو پوندو هو پر هاڻ ٻاءِ روڊ، جپان جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين (يعني انهن مٿين چئن ئي ٻيٽن تي) اچي وڃي سگهجي ٿو. نه فقط ڪار يا بس ۾، پر هر قسم جون ريل گاڏيون، انهن چئن ٻيٽن مٿان پيون هلن. جيئن ممبئي ۾ هلن ٿيون. جيڪو شهر دراصل ستن ٻيٽن: ورلي، پاريل، مازاگائون، ماهيم، اولڊ وومئن، ممبئي ۽ ڪولابا جو جھڳٽو هو. جن ٻيٽن جي وچ ۾ وهندڙ سمنڊ جي پاٽيءَ ۽ ڏٻڻ وارن علائقن کي مٽيءَ سان پوري يڪو هڪ ٽُڪرو ڪيو ويو آهي. هتي جپان جي انهن مٿين چئن ٻيٽن جي چوڌاري اچا سمنڊ قائم آهي، جيڪو Inland سمنڊ سڏجي ٿو ۽ جنهن مان اسان جا جهاز هلندا رهن ٿا. باقي ٻيٽن کي ڳنڍڻ لاءِ اتاهيون پليون آهن. جن هيٺان جهاز لنگهيو وڃن يا وري سمنڊ جي تري هيٺان مضبوط سرنگهون (Tunnels) آهن، جن مٿان اسان جا جهاز لنگهيو وڃن.

مٿين چئن ٻيٽن مان هونشو ٻيٽ ته 228000 چورس ڪلوميٽر آهي. يعني اسان واري پنجاب صوبي (جيڪو 205344 چورس ڪلوميٽر آهي)، کان به وڏو ٿيو. هونشو ٻيٽ ڊيگهه ۾ 1300 ڪلوميٽر ۽ ويڪر ۾ 50 ۽ 230 ڪلوميٽرن جي وچ ۾ آهي. يعني ڪٿي سنهو آهي ته ڪٿي 230 ڪلوميٽرن تائين ويڪرو آهي. جپان جو هي هونشو (Honshu) ٻيٽ دنيا جي وڏن ٻيٽن مان هڪ آهي ۽ ستين نمبر تي چيو وڃي ٿو. دنيا ۾ سڀ کان وڏو ٻيٽ گرين لئنڊ آهي، ان بعد نيوگني جيڪو آسٽريليا جي پرسان آهي ۽ ڪجھ عرصو اڳ تائين ”پاپئا نيو گني“ سڏيو پئي ويو. ان بعد بورنيو

ٻيٽ آهي، جنهن جو هڪ ٽڪرو برونائي ملڪ آهي، پوءِ مئڊا گاسڪر ۽ ڪئناڊا جو ٻيٽ ٻئفن آهي. ان بعد ڇهين نمبر تي انڊونيشيا جو ٻيٽ سماترا آهي، ۽ ستين نمبر تي جپان جو هي ”هونشو“ ٻيٽ آهي، جنهن جي ڪيترن ئي شهرن ڪان اسان جا ماڻهو واقف آهن، جيڪي اتي گهمڻ، تعليم، واپار وڙي يا ڪانفرنسون ۽ سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا. جپان جي گاديءَ وارو شهر ٽوڪيو، اوساڪا، ڪوبي، ڪيوٽو يوڪوهاما، چيبا، يوڪوسوڪا، شمودا، نگانو وڪاياما، نگاتا، هيروشيما، ياماگاتا، سينڊائي وغيره آهن، جن مان ڪيترن ئي بابت پنهنجن سفرنامن ۾ لکي چڪو آهيان. جپان جو مشهور جبل فيوجي بہ هن ٻيٽ هونشو تي آهي.

اهڙيءَ طرح جپان جا ٽي ٻيا ٻيٽ، جيڪي پلين ۽ سرنگهن رستي هن ٻيٽ سان ڳنڍيل آهن، اهي آهن اتر ۾ هڪئدو، جيڪو اسان جي صوبي سنڌ جي اڌ ڪان ڪجهہ وڌو 85000 چورس ڪلوميٽر آهي، جنهن جا مشهور شهر (جن ۾ اسان جي ملڪ جا ماڻهو نظر اچن ٿا) سپورو، وڪانائي، ڪيتامي، هاڪو داتي، ابا شِري وغيره آهن. اتر ۾ هجڻ ڪري ۽ سياري ۾ سخت سيءَ هجڻ ڪري اسان جا ماڻهو جپان جي هن ٻيٽ ڪان لنوائين ٿا. جپان جو ٽيون نمبر ٻيٽ ڪيوشو جيڪو هڪئدو جي اڌ جيترو آهي، باقي ٻيٽن جي اولهہ ۾، ڪوريا جي بلڪل ويجهو آهي. اسان ڪي هن ٻيٽ جي ڪيترن ئي بندرگاهن ۾ جهاز ڪي وٺي اچڻو پئي پيو. ڪنهن بندرگاهہ ۾ سامان تيار نہ هوندو هو تہ تيستائين، ڏينهن اڌ جي پنڌ تي ڪوريا جي ڪنهن بندرگاهہ، سيول پوسان يا انچان ۾ هليا ويندا هئاسين.

ڪيوشو ٻيٽ جي ڪجهہ مشهور شهرن جا نالا هن ريت آهن: فڪوئوڪا، ميازاڪي، نوبي اوڪا، يوڪو هاشي، دازائفو (Dazaifu)، ناگاساڪي وغيره. ڪوڪورا (Kokura) شهر بہ هن ٻيٽ تي آهي، جتي ٽي مهينا ڪن ڏيءَ وٽ رهي مون ”ڪراچيءَ ڪان ڪوڪورا“ سفر نامو لکيو هو. هي شهر ڪنهن زماني ۾ بندوقون، بم ۽ بارود ٺاهڻ جي ڪارخانن جي ڪري مشهور هو. اهوئي سبب آهي جو ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ آمريڪين پهرين هن شهر ڪوڪورا تي ائٽم بم هڻڻ ٿي چاهيو پر ان رات هن شهر جي مٿان گهاٽا ڪڪر هجڻ ڪري جهاز جي پائليٽ کي ڪوڪورا جو سوچيل هنڌ ڳولڻ ۾ مشڪل ٿي پيو ۽ هو هيرو شيما هليو ويو.

جپان جو چوٿون وڏو ٻيٽ جيڪو باقي هنن ٽن ٻيٽن وٽ آهي، شڪوڪو (Shikoku) سڏجي ٿو. هي ٻيٽ ڪيوشو ٻيٽ جي بہ اڌ جيترو آهي. ڪيوشو 36800 چورس ڪلوميٽر آهي، تہ هي شيڪوڪو 18800 چورس ڪلوميٽر آهي. يعني سنڌ صوبي جي پڪيڙ جي ستين حصو جيترو آهي. شيڪوڪو جا ڪجهہ مشهور شهر آهن: متسوياما، ڪوچي، ڪاگاوا، تڪامتسو توڪوشيما وغيره.

مٿين چئن ٻيٽن ۾ هڪ ٻيو بہ شامل ڪري سگهجي ٿو جنهن کي جپاني پنجون اهم ٻيٽ سڏين ٿا. اهو آهي اوڪيناوا (Okinawa). پر اوڪيناوا ايڏو وڏو ناهي. اوڪيناوا اسان جي اُترئين 2600 چورس ڪلوميٽر پکيڙ واري ضلعي ڪشمور جي اڌ جيترو آهي ۽ سندس جملي ايراضي 1200 چورس ڪلوميٽر آهي. ٻي خاص ڳالهہ اها تہ اهو جپان جي مٿين چئن ٻيٽن جي پرسان ناهي.

ڪيوشو ٻيٽ جي ڇيڙي واري شهر ناگاساڪيءَ کان اوڪيناوا 775 ڪلوميٽر پري آهي. هڪ دفعي مون کي جهازران ڪمپنيءَ ٽوڪيو کان هوائي جهاز ۾ اوڪيناوا موڪليو هو جنهن ڪلاڪ سوا ورتو ۽ ٽڪيٽ 25 هزار ين هئي. اسان جا پاڪستاني سياح يا شاگرد جن اوڪيناوا جو ٻڌو آهي ته هو ڇو ايڏو پاڙو پري هڪ ڏورانهين شهر کي ڏسڻ لاءِ وڃن ۽ وقت به ضايع ڪن. ان کان پلو آ ته ڀر وارا شهر ٽوڪيو يوڪوهاما، اوساڪا، ڪوبي ۽ ڪيوٽو وغيره گهمجن. هونءَ به اوڪيناوا ٻيٽ تي آمريڪي فوجين جو قبضو رهيو آهي. هينئر به سندن اڏاوتون موجود آهن. سو اوڪيناوا ۾ مون کي پنهنجي ملڪ جا ماڻهو نه مليا. ها البت ايترو ياد اٿم ته چانڊڪا جو هڪ گرئجوئيٽ ڊاڪٽر خاصخيلي اتي جي اسپتال (جيڪا آمريڪا جي انتظاميا جي هٿ هيٺ هئي) ۾ چمڙيءَ جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر هو. بعد ۾ هو آمريڪا هليو ويو. هن ڊاڪٽر کان علاوه اوڪيناوا ۾ ڪيترائي پراڻا سنڌي هندو واپاري رهن ٿا، جن جا وڏا هانگ ڪانگ ۽ ملايا کان هتي آمريڪي فوجن جي گهرائڻ تي ڪاروبار لاءِ آيا. خاص ڪري ڪپڙي ۽ ٽيلرنگ جي ڪاروبار لاءِ. هنن فوجي يونيفارمن، ٽوپين، جُوتن ۽ سوڪڙين پاڪڙين جا دڪان به هلايا. انهن مان ڪيترا آمريڪا لڏي ويا. ٻين مقامي جپاني ڇوڪرين سان شادي ڪري هتي جي قوميت وٺي ڇڏي ۽ هاڻ ته انهن جو اولاد به جپاني نالن سان سڏجي ٿو. ڪي هندو ڌرم قائم رکندا اچن، ته ڪي شنتوءِ ٻڌ ڌرم جا پوڄاري ٿي ويا آهن. اوڪيناوا ۾ اڄ به ڪيترين ئي انڊين ريسٽورنٽون نظر اچن ٿيون، جيئن: ”آيرويدا“، جيڪا هتي جي چمڙيءَ جي اسپتال (Kuwae Dermatology Clinic) پرسان آهي، “Dechibica” ريسٽورنٽ، جتي ڊگها نان به ملن ٿا. انهن کان علاوه تاج اوڪيناوا، اندرا، لڪشمي گري هائوس وغيره.

هاڻ پاڻ ان ڳالهه تي اچون ته تائيوان ٻيٽ جي اترئين شهر تائپيءَ جي ختم ٿيڻ سان جپان ڪيئن ٿو شروع ٿيو وڃي؟ ان لاءِ آئون پنهنجي شاگردن کي هميشه ڀڇ واري لغڙ جو مثال ڏيندو آهيان، جيڪو اسان جڏهن ننڍا هوندا هئاسين ته ڳوٺ ۾ اڏائيندا هئاسين. اڄ به ويٽنام ۽ ڪمبوڊيا جي ڪيترن ڳوٺن ۾ لغڙ جي هيٺين ڪنڊ ۾ اڳڙيءَ جو ڊگهو پڇ ٻڌو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ڪراچيءَ يا لاهور جهڙن شهرن ۾ جيڪي لغڙ اڏايا وڃن ٿا، اهي بنا پڇ جي آهن. جپان جا مٿيان چار وڏا ٻيٽ جن کان اسان جا ماڻهو واقف آهن، اهي سمجهو مين لغڙ آهي. جيڪو لغڙائي پني ۽ بانس جي تيلين مان ٺهيل ٿئي ٿو. باقي اڳڙين جو ڊگهو پڇ جيڪو ڪيوشو ٻيٽ کان هيٺ تائيوان جي ويجهو وڃيو پهچي، اهو سمجهو ته جپان جا پنج ڇهه هزار ننڍا ننڍا ٻيٽ آهن. اِهي ريوڪو (Ryukyu) ٻيٽ سڏجن ٿا. جيڪي جهڳٽن جي شڪل ۾ هيٺ ڏکڻ ۾ فلپين سمنڊ تائين وڃيو نڪرن. انهن ٻيٽن جي جهڳٽن يا گروپن ۾ به ڪي اهم جهڳٽا آهن، جيئن اوسومي (Osumi) ٻيٽ، ٽوڪارا، امامي، مياڪو سين ڪاڪِي، ياءِ ياما وغيره. امامي ۽ مياڪو ٻيٽن جي جهڳٽن جي وچ ۾ اوڪيناوا ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جنهن جي هر ٻيٽ جو پنهنجو پنهنجو نالو آهي، پر ان جهڳٽي ۾ وڏي ٻيٽ جو نالو به ”اوڪيناوا“ آهي، جنهن کي جپان جو پنجين نمبر تي وڏو ٻيٽ سڏي سگهون ٿا. هن ٻيٽ جي ايراضي 1200 چورس ڪلوميٽر آهي. هونءَ ته ان جي اتر ۾ امامي ٻيٽن جي جهڳٽي ۾ امامي اوشيما

بہ وڏو بيٽ آهي، جنهن جي پکيڙ 712 چورس ڪلوميٽر آهي. ان کان علاوه جپان جي هنن ننڍن ننڍن هزارين ٻيٽن ۾ ڪيترائي اهڙا آهن، جيڪي ماڊرن آهن ۽ اسان جهاز هلائڻ وارن لاءِ سهولتون مهيا ڪن ٿا. طوفانن جي حالت ۾ (جيڪي هن علائقي ۾ تمام گهڻو لڳن ٿا) بچاءَ لاءِ هنن ٻيٽن مان ڪيترن تي آڏ واريون جايون آهن، جتي جهاز ڪي سلامتيءَ جي حالت ۾ رکي سگهجي ٿو. جهاز جي انجڻ خراب ٿيڻ تي ايمرجنسيءَ ۾ مرمت تي سگهي ٿي. ايتري قدر جو ڪنهن ٻري پارٽ جي ضرورت پئجي وڃي تہ اهو بہ هو اوساڪا يا ڪوبيءَ جي شپ يارڊ مان ايئرلفٽ ڪرايو وٺن. جو جپان جي هنن ڪيترن ئي ٻيٽن تي هوائي سروس موجود آهي ۽ فيرين ۽ لانچن ذريعي تہ ڪيترائي ٻيٽ ڳنڍيا پيا آهن.

پڙهندڙ هاڻ جهاز هلائڻ وارن جي مسئلن کي سمجهي ويا هوندا تہ هڪ تہ اهو علائقو اتر ۾ هجڻ ڪري اونهاري ۾ بہ ٿڌڪار رهي ٿي ۽ جهاز جي مشينري بهتر طريقي سان ڪم تڏهن ڪري ٿي، جڏهن هوا ۽ سمنڊ جو ٽيمپريچر گهٽ هجي. ٻي ڳالهہ تہ جهاز ڪٿي بہ خراب ٿي سگهي ٿو ۽ سمنڊ تي طوفان بہ جتي ڪٿي آهن. خاص ڪري جپان جي اردگرد تہ الا امان آهي... طوفان، سائڪلون، ٽائفون، سوناميون، ايئن ئي لڳنديون رهن ٿيون. جن هلاڪو خان جهڙي طاقتور کي بہ رت رئاڙي ڇڏيو ۽ جپان هن جي موچڙن کان بچي ويو. جتي سلطنت عثمانيہ جا جديد ۽ وقت جا مضبوط ٻيڙا بہ ٻڏي ويا. اتي اڄ جي ڪنهن جو جهاز انجڻ جي ناڪاره ٿيڻ تي لُولو لنگڙو ٿيو پوي تہ لغڙ جي پڇ وارن جپاني ٻيٽن (ريوڪيو ٻيٽن) مان ڪيترن تي ان جي مرمت جو سٺو بندوبست آهي. ان ڪري جهاز هلائڻ وارن جي دل بهادر رهي ٿي. اهڙيءَ مشڪل ۾ جپاني پئسا سو ناهي نوڪي وٺن ٿا، پر مدد بہ ڪن ٿا. پر ڪو زمانو هو جڏهن سوا بہ سئو سال کن جپان تي راڄ تہ بادشاهہ جو هو پر هلي شوگن (فوجين) جي ۽ جپان پنهنجو پاڻ کي سختيءَ سان دنيا کان الڳ ٿلڳ رکيو ويٺو هو. هو نہ ڪيڏانهن ويا ٿي ۽ نہ ڪنهن کي پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ تي ڏنائون. ان دؤر ۾ ڪنهن ڏاريءَ جو جهاز حادثي ۾ پهچي پئي پيو يا بتال ٿي هنن جي ٻيٽن تي پئي پهتو تہ مقامي جپانين پنهنجي فوجي حاڪمن (Shoguns) جي حڪم موجب ماڻهن کي بچائڻ بدران قتل ڪري پئي ڇڏيو.

برطانيا ۽ آمريڪا وارن (جن جو چين سان واپار وڌو هليو پئي) جپانين کي گهڻو ئي سمجهايو تہ ماڻهو ٿيو ۽ دنيا سان واهپو رکي خود بہ سُکي زندگي گذاريو تہ ٻين کي بہ واپار ۾ فائدو حاصل ڪرڻ ڏيو. پر جپانين جو مثال ان چريءَ وانگر هو. جيڪا ويران وير وڻ ئي رهندي آهي. جپانين پنهنجين ڪاٺ جي سڙهہ وارين ٻيڙين جو لشڪر ناهي ڇڏيو هو جن تي هر وقت تير ڪمان، نيزن ڀالن وارا سپاهي رهيا پئي، جيئن ڪو ڌاريو هنن جي ڪناري جو رخ ڪري تہ هو هن جي ٻيڙيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏين ۽ ان طاقت جو هنن کي وڏو گهمنڊ هو. هنن پاڻ کي وڏو پهلوان مڙس پئي سمجهيو.

# جپان جا شوگن ۽ جپان جي اڪيلائي...

جپان جو هي تن تنهائيءَ (Isolation) وارو دؤر ڪو سال ٻه نه رهيو پر 220 سال رهيو ... 1633ع کان 1853ع تائين. اهو عرصو جپاني حڪومت پنهنجن ماڻهن کي دنيا کان الڳ ٿلڳ ڪري رکيو. سواءِ ڪن خاص ماڻهن کي خاص ڪمن لاءِ ٻاهر موڪليو پئي ويو نه ته ڪنهن به جپانيءَ کي اجازت نه هئي ته هو ڪوريا يا چين جهڙي ويجهي ملڪ ۾ به وڃي سگهي. ائين ڪو هليو به ويو پئي ته ان جي واپس اچڻ تي هن جو جهاز ۽ هن سميت جهاز تي سوار سڀني ماڻهن کي ٻوڙيو ۽ ساڙيو پئي ويو. اهو ئي حال ڌارين سان ڪيو ويندو رهيو. فقط ڪجهه چيني ۽ ڪورين واپارين کي جپان جي ڪناري ڏي وڌڻ جي اجازت هئي ۽ ڪجهه يورپي واپارين کي پڻ. خاص ڪري پورچو گالين ۽ ڊچن کي... سو به فقط هڪ ٻن بندرگاهن ۾، جن ۾ به هنن لاءِ هڪ ڏورانهين ڪنڊ مقرر هئي، ته اتي هو جپان طرفان گهرايل سامان لاهي يڪدم روانا ٿي وڃن.

ان تنهائيءَ (Isolation) واري دؤر ۾ دنيا ۾ ڇا پئي ٿيو جپان وارن ان جي پرواهه نٿي ڪئي. هو پنهنجو پاڻ ۾، پنهنجي ڪلچر، رسمن ۽ رواجن ۾ خوش هئا ۽ هنن پنهنجو پاڻ کي اتم اتاهون پئي سمجهيو. ساڳي وقت ٻاهر جي دنيا کي خبر نه پَئِي ته جپانين جي رهڻي ڪهڻي يا اٿڻي ويهڻي ڇا آهي؟ انهن جو ڪيئن پيو گذر سفر ٿئي؟ واپار وڙي جي خيال کان انهن کي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ۽ جپان مان ڪهڙيون شيون خريد ڪري ٻين ملڪن ۾ وڪرو ڪري سگهجن ٿيون؟

جپان وارن جو پنهنجو پاڻ کي دنيا کان ڌار ۽ ڪٽيل رکڻ جو وڏو سبب جيڪو اڄ به جپان جا تاريخ نويس، سياڻا ۽ محقق ڏين ٿا، اهو هن ريت آهي ته هنن چاهيو پئي ته ڪو ڌاريو سندن لائيف اسٽائيل ۽ دين ڌرم ۾ ڪتراڳ پيدا نه ڪري. جيڪو يورپي، خاص ڪري اسپين ۽ پورچوگال جا پادري ڪري رهيا هئا ۽ عيسائيت پکيڙي رهيا هئا. هنن جي تبليغ جي ڪري جپان جا ڪيترائي ماڻهو عوام توڙي اشرافيه، عيسائي ٿيا، جن جي همدردي ماڳهين هنن فرنگين سان ٿي رهي هئي. ان ڪري ئي جپان جي فوجي عملدارن ۽ انهن جي اڳواڻ (شوگن)، جنهن جي هن ملڪ مٿان هلي پئي، 1633ع کان اهي سخت قاعدا ناهيا ته جپان ٻين کان ڌار ۽ پنهنجي منهن رهندو. هتي هڪ ڳالهه جپان ۾ رهندڙ يا جپان سان دلچسپي رکندڙ اسان جي ماڻهن لاءِ سمجهڻ ضروري (جنهن کان اڄ جا ڪيترائي جپاني به اڻ واقف آهن) ته جپان تي 660 ق م کان جيئن ئي شهنشاهه جيموءَ جي حڪومت ٿي ته اڄ تائين ان جي اولاد جي هلندي اچي ۽ انهن حاڪمن جي لڙيءَ جو اڄ ڪلهه 126 هون شهنشاهه نارو هِتو آهي. جپاني ڏندَ ڪٿا، بلڪ اڄ به ڪيترن ئي جپانين جي عقيدي ۽ ويساهه مطابق، جپان جا هي سڀ بادشاهه آسماني مخلوق سمجهيا وڃن ٿا، جن جو وڏو شهنشاهه "جيمو" سورج ديويءَ جو اولاد آهي. ٻي جنگِ عظيم ۾ جپان جيڪا اڳ اڳرائي ڪئي ۽ جيڪو هنن

جي مٿي ۾ اُٿُ هو ته هارَ ته هنن جي نصيب ۾ ئي ڪانهي. جو هنن جو بادشاهه آسماني مخلوق آهي. اهو اُٿُ هن جنگ ۾ ڇڱيءَ طرح پادر ڪاڻ بعد (يعني هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽم بم ڪرڻ بعد) نڪري ويو. هنن آڻ مڃي پنهنجو ملڪ آمريڪا حوالي ڪيو ۽ ملڪ جي شهنشاهه هيرو هِتو اهو اعلان ڪيو ته هو آسماني مخلوق نه، پر هڪ عام ماڻهو آهي. هاڻ ته هن جي اولاد مان هڪ پٽ ۽ ٻن پوٽن به پنهنجي اعليٰ خاندان جي ڇوڪرين سان شادي ڪرڻ بدران، عام رعيت مان ڪئي آهي. ان هوندي به اڄ توڙي اڄ، ويندي هر دؤر ۾، جپاني شهنشاهه کي هن ملڪ جي رعيت پنهنجو ديوتا سمجهندي اچي. هنن لاءِ بادشاهه هڪ اتم، اتاهين ۽ آسمان مان لٿل شيءِ آهي. پر ڏٺو وڃي ته حقيقت ۾ ته هو به ٻين وانگر انسان آهي. هتي جي بادشاهن ۾ به ٻين انسانن وانگر برائيون ۽ سٺايون آهن، ڪمزوريون ۽ طاقتون آهن. مغل سلطنت جا پويان بادشاهه جڏهن عياشيءَ ۾ گهڙي پيا ۽ ڪمزور ٿي پيا ته صوبي بنگال ۽ ٻين هنڌن تي نواب، راجا، جاگيردار ۽ فوجي ڪمانڊر پنهنجي پنهنجي حڪومت ٺاهي ويهي رهيا. آخر ۾ ته ڏورانهين ڏيهه جا ڪنگلا، يعني انگريز به مٿن حاوي ٿي ويا ۽ مغلن جي آخري بادشاهه بهادر شاهه ظفر جي ڏينهن ۾ ته سڀ ڪجهه انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي سپاهين ۽ انتظاميا حوالي هو. بهادر شاهه ظفر ته رڳو انگريزن کان مليل وظيفي تي گذارو پئي ڪيو. باقي هن جي پنهنجي محل کان، اڄ واري دهلي ايئرپورٽ واري علائقي تائين به نه پئي هلي. اسان جهڙن ملڪن ۾ جڏهن سياستدان پاڙي ٿيو پون ته ايوب خان ۽ عيدي امين جهڙا ڊڪٽيٽر اچيو وڃن ۽ حڪومت جون واڳون انهن حوالي ٿيو وڃن.

اهو ئي حال جپان جي بادشاهن سان به ٿيو. هنن جي ڪمزورين جي ڪري ملڪ جا فوجي (سمورائي) جيڪي مختلف لڙائين کي منهن به ڏئي رهيا هئا، ته مارجي به اهي رهيا هئا، تن ملڪ جي انتظام جون واڳون سنڀاليون ۽ انهن جو فوجي ليڊر ”شوگن“ سڏجڻ لڳو. بس اهو آهي ته هنن پنهنجي بادشاهه (شهنشاهه) کي مصر جي فاروق يا ايران جي محمد رضا شاهه پهلويءَ وانگر ڏيهه نيڪالي نه ڏني، جو هنن پاڻ به پنهنجي شهنشاهه کي آسماني مخلوق ٿي سمجهيو. پر جي پاڻ نٿي مڃيو ته هنن اهو ته سمجهيو پئي ته سڄي رعيت جا جذبات هنن شهنشاهن سان جڙيل رهن ٿا. ان ڪري هنن شهنشاهه کي شهنشاهه ئي رهڻ پئي ڏنو. باقي حڪم سڀ هنن جو پئي هليو ۽ حڪومت کي ”شوگنيٽ“ سڏيو پئي ويو. هوڏانهن شهنشاهه ۽ سندن دربار جا آفيسر ڪامورا سڀ نالي ماتر هئا. هي ڪم 1199ع کان شروع ٿيو. جڏهن جپان جو 82 هون شهنشاهه گوتوبا (Go-Toba) هو. جنهن 1183ع کان 1198ع تائين حڪومت ڪئي، پر صحيح طرح انتظام نه هلائڻ ڪري ٻيو بهادر شاهه ظفر ٿي پيو.

جپان جا فوجي (Samurai) جيڪي زمينن، بلڪ جاگيرن جا مالڪ هجڻ ڪري طاقتور، وڏيرا، سردار ۽ پوتار سمجهيا پئي ويا، ملڪ ۾ ٿيندڙ بغاوتن ۽ لڙائين کي به انهن منهن پئي ڏنو. هو اهڙو طاقتور مڃجڻ لڳا جو مٿئين شهنشاهه ”گو توبا“ پنهنجي دؤرِ حڪومت ۾ ”ميناموتو نو يوري تومو“ سمورائي (جنگجو جوڌي) کي 1185ع ۾ ملڪ جو شوگن (Shogun) ليڊر بنايو. ڪيس ليڊر ڪو دل سان نه بڻايو هوندائين، پر پنهنجي شهنشاهيت جي ڪمزور حالت ڏسي هن جوڌي جي

خواهش تي هن ”ها“ ڪئي هوندي، جو هن لاءِ ٻي ڪا واٽ بہ نہ هئي. هن شوگن 1192ع ۾ هڪ قسم جي وڏيرا شاهي فوجي حڪومت (Feudal Military Govt) ڪماڪورا شهر ۾ قائم ڪئي. سرڪاري عهدا ۽ وڏيون نوڪريون اثر رسوخ وارن فوجين ۽ زميندارن کي ڏنيون ويون.

شوگنن (فوجي ڊڪٽيٽرن) 1192ع کان 1868ع تائين 676 سال جپان تي حڪومت ڪئي. ان دوران ”گوتوبا“ 82 هين شهنشاهہ کان، شهنشاهہ ”ڪوميئي“ 121 هين شهنشاهہ تائين 39 کن شهنشاهہ ٿيا، جن مان تي چار عورتون بہ حاڪم ٿيون. خاص ڪري ايڊو دؤر (جيڪو 1603ع کان 1867ع تائين چيو وڃي ٿو) ۾ 108 هين شهنشاهہ ”گو ميزو نواو“ بعد 109 ٿين، هن جي ٻيو نمبر ڌيءَ راڻي مي اِشو ملڪ جي حاڪم ٿي. هن 1629ع کان 1643ع تائين جپان تي راڄ ڪيو... راڄ ڇا ڪيو... پاڻ کان اڳ وارن شهنشاهن وانگر نلهي Figure Head ٿي رهي. جيئن پئي شوگن حڪم ڪيو تيئن پئي هن بہ هائوڪار ڪئي ۽ ”سڀ صحيح آهي“ چيو. اهو حال جپان جي 121هين شهنشاهہ ڪو ميئي تائين هليو جنهن جي حڪومت 1846ع کان 1867ع تائين رهي. نہ فقط جپان تي فوجين جي حڪومت رهندي آئي، پر مٿي بيان ڪيل جپان جي عورت حاڪم ”راڻي مي اِشو“ جي دؤرِ حڪومت ۾، 1633ع کان، جپان کي ٻين لاءِ بند رکيو ويو جنهن لاءِ مٿي لکي آيو آهيان، تہ نہ ڪنهن جپانيءَ کي ٻاهر وڃڻ جي آزادي هئي ۽ نہ ٻاهر جي ڪنهن ماڻهوءَ کي جپان ۾ داخل ٿيڻ جي. ڪنهن جي مجال جو جپاني فوجي ڊڪٽيٽر (Shogun) جي ٺاهيل هن قانون جي ڀڃڪڙي ڪري، يا ملڪ جو شهنشاهہ هن قانون جي خلاف ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي. هي سلسلو 121هين شهنشاهہ ڪوميئيءَ جي راڄ تائين هليو جنهن جي آخري ڏينهن ۾ آمريڪا (USA) جو نيول ڪموڊور مٿيو پيري پنهنجن جديد قسم جي جهازن سان، جپانين طرفان اجازت نہ ملڻ جي باوجود، جپان جي پاڻيءَ ۾ ڏوڪي پيو. ملڪ جو وڏو سو شهنشاهہ هو پر ان لاءِ مٿي لکي آيو آهيان تہ عوام توڙي فوجي حاڪمن هن کي آسمان مان لٿل مخلوق سمجهي هن جي عزت سو ضرور پئي ڪئي، پر فقط نالي ماتر. حڪم احڪام سڀ فوجين جا پئي هليا. يعني شوگن (مليٽري ڊڪٽيٽر)، دائي ميو (جاگيردارن) ۽ سمورائي (مليٽري آفيسرن ۽ انهن جي خاندانن) جا.

ڪماڪورا دؤر، جيڪو 1185ع کان 1333ع تائين چيو وڃي ٿو ۽ جنهن ۾ شوگن پنهنجي گاديءَ جو شهر ڪماڪورا ٺاهيو ان ۾ منگولن 1281ع ۾ جپان تي حملو ڪري نہ رڳو هنن فوجي شوگنن کي ٺاهي نوڪي موچڙا پئي هنيان پر سڄي جپان تي قبضو ڪري پئي ورتو. اڄ دنيا جي تاريخ ئي ٻي هجي ها، پر هن ۾ ڪاميابي شوگن حڪومت جي ٿي. ان ڪري نہ تہ ڪو هو پهلوان هئا يا هنن وٽ وڏو جنگي سازو سامان هو پر منگولن جي هار جو سبب انهن ڏينهن ۾ لڳندڙ سخت طوفان (Kaze) آهي، جنهن منگولن جي ڪاٺ جي ٻيڙن کي ڀڃي ڀور ڀور ڪري ڇڏيو. جنهن لاءِ اڄ بہ جپاني چوندا آهن تہ هنن کي طوفان بچايو ۽ هن طوفان کي هو ”ڪامي“ يعني ”ديوتا“ سڏين ٿا. يعني ”ڪامي ڪازي“ (Divine Wind).

وچ ۾ هڪ 96 هين شهنشاهہ (جنهن 1318ع کان 1339ع تائين راڄ ڪيو) گودائي گو نالي شوگن کان ملڪ جو مڪمل قبضو حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، پر فقط ٽن سالن لاءِ

1333ع کان 1336ع تائين. ان بعد وري فوجين جو هڪ ٻيو ڊڪٽيٽر آشي ڪاگاوا ملڪ جي انتظاميا تي قبضو ڪري شوگن تي ويٺو. "Ashi Kaga" قبيلي جا فوجي 1336ع کان 1575ع تائين جپان تي حڪومت ڪندا رهيا. اشي ڪاگاوا فوجين جي حڪومت جو هي دؤر "مورو ماچي" دؤر سڏجي ٿو.

مورو ماچي دؤر جي آخري سالن ۾ - يعني سورهين صديءَ ۾ ڪجھ پورچوگالي واپاري ۽ فرانسز زئويئر (Francis Xavier) جھڙا عيسائي تبليغي پھريون دفعو جپان پهتا، جن جپان ۾ مغرب جي وچ ۾ واپار ۽ ڪلچر جي ڏي وٺ ڪئي، پر تمام هلڪي ڦلڪي پئماني جي. جپانين هنن لاءِ ناگاساڪي بندرگاهه جي پوچڙ وٽ هڪ هنڌ مقرر ڪيو جتي هنن جا جهاز اچي لنگر انداز ٿيندا هُيا. پر پوءِ جڏهن عيسائين جي پرچار وڌي وئي ته جپانين هنن کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ سترهين صديءَ ۾ 1633ع کان هنن دنيا کان الڳ ٿلڳ Isolation ۾ رهڻ جو قانون جاري ڪيو جنهن تي هنن سختيءَ سان عمل شروع ڪيو. جپان جي اها اڪيلائيءَ واري پاليسي ۽ فوجي حڪومت ڪموڊور پيريءَ جي زوريءَ اچڻ بعد ختم ٿي. ايئن ڪو ناهي ته پيريءَ جي خليج ٽوڪيو ۾ گهڙي پوڻ تي جپاني خوش ٿيا ۽ پاڪر ۽ ڳراٽڙيون پائي هن ڌاري قوم جو آڌر ڀاءُ ڪيائون. هرگز نه. سڄي ملڪ سمجهيو ٿي ته سندن هي شوگن ۽ سمورائي (فوجي عملدار) جيڪي ڪائي پي ڏنڊا ٿي پيا هئا، اهي پنهنجي طاقت ذريعي ۽ پهري لاءِ سالن کان چوڌاري بيهاريل جهازن ذريعي هنن ڌارين جا ڀڳڙا ڪري ڇڏيندا. پر يارو! ڪجھ نه ٿيو.

# ڪموڊور پيريءَ جو جپان ۾ داخل ٿيڻ....

جپانين وٽ ڪاٺ جا سڙهن وارا ٻيڙا ۽ انهن تي موجود لوهي زرهه اوڍيل سپاهي ضرور هئا، پر هٿيار ڇا هئن؟ مدي خارج بندوقون ۽ ٺڙڪو پستول، نيزا ۽ ٻرڇيون! ظاهر آهي هو ٻه سئو سالن کان مٿي دنيا کان الڳ ٿلڳ رهيا هئا. دنيا ۾ ان عرصي دوران ڇا پئي ترقي ٿي، هنن کي ڪا ٻِيٽ ئي ڪانه ٿي پئي. هي پنهنجي ٻه صديون اڳ جي سازو سامان سان پاڻ کي وڏو پهلوان سمجهيو ويٺا هئا ۽ رڳو پنهنجن تي رعب رکي رهيا هئا، ته اسان وڏا جوڌا مڙس آهيون. ملڪ جو نالي ماتر شهنشاهه ٻه ڇيڙي ڪري ويٺو رهيو.

آمريڪين جپان ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڪيترا سال ڪين سمجهايو ته هڪ ٻئي سان واپار ڪرڻ کپي، هڪ ٻئي کان سکڻ کپي. آمريڪي واپاري جهاز ڪوريا ۽ چين پاسي ويندي طوفانن ۾ تباهه ٿي يا ٻتال ٿي، جپاني سمنڊ ۾ بي يارو مددگار ٿي پهتا پئي، ته انهن کي وڏيڪ ٻوڙڻ ۽ سوارن کي قتل ڪرڻ بدران انهن جي مدد ڪئي وڃي. پر سائين ! جپان ٻه وڏي انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل هو ۽ جپان جي فوجين شيرشاهه جي شڪري وانگر فقط گهر جا ڪُڪڙ ماري ڏنا هئا. هنن کي ڪهڙي خبر ته دنيا ڪٿان وڃي نڪتي آهي ۽ ڪوئلي جي مدد سان ڪَلَ (انجڻ) وارا جهاز ايجاد ٿي چُڪا آهن، جن جا جسم ڪاٺ بدران لوهه جا آهن ۽ جن کي چرپر لاءِ هوا جي محتاجي ڪرڻي نٿي پوي، پر هو پنهنجي انجڻ جي زور تي ٿا هلن ۽ اهو ئي حال بمن، بارودن ۽ بندوقن جو ٿي ويو آهي. هٿ ۾ ڪاٺ جون بندوقون کڻي دشمن تي چڙهڻ بدران سڄي جهاز تي چوڏاري لوهي توبون ۽ وڏيون بندوقون فِٽ ٿيل آهن. 1852ع ۾ آمريڪا جي صدر ملرڊ فل مور (جيڪو 1850ع کان 1853ع تائين تيرهون صدر رهيو) ڪموڊور پيريءَ کي واپار خاطر جپاني بندرگاهه کولڻ لاءِ جپان موڪلڻ جي مهم سونپي ۽ هو آمريڪا جي مشرقي ڪناري واري بندرگاهه نورفولڪ کان جپان ڏي روانو ٿيو. يعني ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي آفريڪا کنڊ جو ڪنارو ڏئي، ڪيپ آف گڊ هوپ ٽپي، هندي وڏي سمنڊ ۾ داخل ٿيو. جتان پوءِ ملائيشيا ۽ فلپين وٽان ٿيندو پهرين اوڪيناوا ٻيٽن تي ترسيو. هو ان کان اڳ ٻين ملڪن ۾ ٻه ترسندو آيو هو. پيريءَ جا جهاز خليج ٽوڪيو (جيڪو انهن ڏينهن ۾ "Edo Bay" سڏبو هو جو ٽوڪيو شهر جو نالو ايڊو هو) ۾ 8 جولاءِ 1853ع تي پهتا. جپانين گهڻي ئي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جهاز جي ڪمانڊر کي نياپا ڪيا ته هتان هليو وڃ ۽ جي جپان حڪومت سان ڳالهائڻو ٻه اٿئي ته جپان جي بندرگاهه ناگاساڪيءَ وٽ هلي لنگر انداز ٿي، پر ڪموڊور پيريءَ سندن هڪ نه ٻُڌي ۽ هو اندر ڌوڪيندو آيو ۽ ڪين ڇيو ته جيڪي ڪرڻو اَٿوَ اهو ڪريو. هن پنهنجي جهاز جي انجڻ کڻي فل ٿراٽل تي رکي، سو هڪ ان انجڻ جو ڌڌڪو، مٿان ڪموڊور پيريءَ اهو ٻه حڪم ڏنو ته جهاز تي جيڪي 73 توبون (Canons) لڳل آهن، اهي هڪ ئي

وقت هوا ۾ فائر ڪريو ۽ پوءِ توپن جا منهن ايدو (توڪيو شهر) ڏي ڪري ڇڏيو. آمريڪن ڪموڊور پيريءَ جو خاص مقصد جپانين کي ڊيڄارڻ هو. سو جپان جا فوجي ليڊر ۽ عوام آمريڪا وارن جا هيڙا آفت جهڙا جهاز ۽ توپن جا نڪاءُ ٻڏي ڏکي ويا. ڪموڊور پيريءَ جپاني فوجين کي چيو ته جيڪڏهن توهان اسان جو مقابلو ڪرڻ جو سوچينداءُ ته اسان توهان کي تباهه ڪري ڇڏينداسين.... جپاني ٻڙڪ نه ٻوليا. ”جي سائين، جي سائين“ ڪندا رهيا ۽ سيني کي پنهنجي ڪوڪلي شان ۾ ڪمزوريءَ جو احساس ٿيو ته هو پاڻ کي ٺلهو ”فتح خان“ سمجهيو ويٺا هئا.... دنيا ته الائي ڪٿان وڃي نڪتي آهي! اسين جپاني رڳو پنهنجو پاڻ ۾ قبيلائي جهيڙن ۾ محو آهيون. باقي ٻاهر جي دنيا سان مقابلي جو ڪو تپڙ نه اٿئون!

ڪموڊور پيريءَ اتي جو اتي پنهنجي ماڻهن کي، جهاز تي رکيل ٻيڙيون لاهي ڪناري جي سروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته هي خليج ڪيڏو اونهو آهي ۽ سندس ڪنارو ڪيئن آهي. جيئن ان مطابق آئيندي ايندڙ ننڍا وڏا جهاز بيهي سگهن. هن اوچتي حادثي جپانين کي منجهائي رکيو. فوجي ڊڪٽيٽر ”شوگن توڪُو گاوا“ جي بيماريءَ ته ويتر جپاني حڪومت کي اڌ رنگ ڏئي ڇڏيو. ڪموڊور پيري جپانين ۾ ڌهڪاءُ پيدا ڪري، اهو چئي هانگ ڪانگ هليو ويو ته هو وري سال بعد هتي ايندو. خبردار جو ڪا رنڊڪ پيدا ڪئي اٿــوَ.

پيري سال بدران ڇهن مهينن کان پوءِ موٽي آيو. هن پيري هڪ يا ٻن جهازن سان نه، پر هن سان يڪا ڏهه جهاز هئا، جن تي 1600 کن سپاهي موجود هئا. جپانين ٿورو گهڻو رينگو ڪيو، پر پوءِ ڪموڊور پيريءَ جي هر ڳالهه لڪت ۾ قبول ڪيائون ۽ جپانين جي 220 سالن جي اڪيلائي (جنهن کي جپاني ساڪُوڪُو (Sakoku) تا سڏين) ختم ٿي. جپانين اهو به قبول ڪيو ته آمريڪي نه فقط واپار پر پنهنجو قونصل خانو ۽ رهائش به قائم رکي سگهن ٿا. ان لک پڙهه تي صحيحون ٿيڻ بعد آمريڪين جيڪي جپانين کي تحفا ڏنا، انهن ۾ شامل هئي، هڪ ننڍڙي ٻاڦ تي هلندڙ ريل گاڏيءَ جي انجڻ (Locomotive). پڙهندڙ اندازو لڳائين ته هيءَ سال 1854ع جي ڳالهه آهي ۽ جپان جيڪو اڄ انڊسٽري ۽ مئنيوفيڪچر ۾ اتاهون آهي، ان جي 1854ع تائين حالت اسان جي ننڍي کنڊ کان به بدتر هئي، ڇو جو هنن کي اها به خبر نه هئي ته ريل گاڏي به ڪا شيءِ آهي ۽ هو ريل جي انجڻ جو ماڊل ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا هئا. اسان وٽ ننڍي کنڊ ۾ ان کان هڪ سال اڳ 1853ع ۾ ممبئيءَ جي علائقي ”بوهري بندر“ کان ”ٿاڻي“ شهر تائين 34 ڪلوميٽرن جو فاصلو براڊ گيج (ساڍا پنج فوٽ) واري ريل گاڏيءَ شروع ڪري ڇڏيو هو. جنهن ۾ 14 بوگيون (Carriages) لڳيون ٿي، جن ۾ 400 ماڻهو ويهي سگهيا ٿي ۽ جن ٽن انجڻن (Locomotives) هن ريل گاڏيءَ کي ڇڪيو ٿي، انهن تاريخي شروعاتي انجڻن جا، وقت جي حاڪم انگريزن نالا رکيا هئا: صاحب، سنڌ ۽ سلطان. انهن ئي ڏينهن ۾، يعني 1858ع ۾، ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي اسٽيشن تائين 174 ڪلوميٽر ريل جا پٽا لڳايا ويا، جن تان ”Scinde“ نالي ريلوي ڪمپنيءَ جي ٽرين هلڻ لڳي هئي. ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته اهي ملڪ ۽ قومون جن پاڻ کي ڪوٺڙيءَ ۾ بند رکيو ۽ دنيا جي جاڻ سڃاڻ نه رکي، اهي پٺتي رهجي ويون، اهي ترقي نه ڪري سگهيون. ڪموڊور پيريءَ جي جهازن کي ڏسي جپاني هراسجي

ضرور ويا. پر هنن اڳتي وڌڻ جو عزم ڪيو ۽ اڳتي هلي دنيا ڏٺو ته ٻي جنگِ عظيم تائين جپاني پاڻيءَ جا جهاز ته ڇا هوائي جهاز به ٺاهي ويا. جن پرل هاربر ۾ بيٺل آمريڪي جهازن تي اهڙو حملو ڪيو جو دنيا کي ڏندين آڱريون اچي ويون. هنن جا اڄ به مختلف قسم جا پاڻيءَ جا جهاز دنيا جي اعليٰ جهازن ۾ مڃيا وڃن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته هنن جيڪو پهريون جهاز ٺاهيو ان کي جڏهن سمنڊ ۾ لانچ ڪيو ويو ته ان جي Stability جو حساب ڪتاب صحيح نه رکڻ ڪري، اهو جهاز پاڻيءَ ۾ اچڻ سان پاسيرو ٿي ڪِري پيو ۽ ٻُڏي ويو.

پاڻ تحفن جي ڳالهه پئي ڪئي. جيڪي آمريڪن ڪموڊور پيريءَ جپاني حڪومت جي نمائندن کي پيش ڪيا. انهن ۾ ريل گاڏيءَ جي اسٽيم انجڻ، ٽيليگراف ڪرڻ جو اوزار، ڪجهه ٻني ٻاري ڪرڻ جا اوزار، ننڍي سائيز جا هٿيار، پستول، بندوقون، 100 گئلن وسڪيءَ جا، گهڙيال (بعد ۾ ته جپان سئٽزر لئينڊ جي واچن ۽ جرمنيءَ جي گهڙيالن جو مقابلو ڪيو پر 1855ع تائين جپان جا اهي حال هئا جو هنن لاءِ واچ يا گهڙيال به وڏو تحفو هو). ڪجهه چلها (Stoves) ۽ ڪتاب شامل هئا. ان جي بدلي ۾ جپانين آمريڪن کي سون جي چمڪ وارو فرنيچر ۽ پيتيون، ٽامي پتل (Bronze) جا ٿانوَ زيور ۽ چيني مِٽيءَ (Porcelain) جو سامان ڏنو.

آمريڪين جي ان رعب تاب ۽ زور زبردستيءَ ڪري جپان جي فوجي حڪومت شوگن ۽ سمورائي وغيره جي خواري ٿي ۽ بس ٿي ويا. ملڪ جي شهنشاهه کي اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو جو هو فوجي حڪومت جي چنبن مان نڪري ويو. ڪجهه سالن بعد 1867ع ۾ جپان جي 121 هين شهنشاهه ڪوميئي جي وفات تي شهنشاهه ميئجي ملڪ جو 122 هون شهنشاهه ٿيو ۽ هن ملڪ تي ٺاهي نوڪي حڪومت هلائي. جنهن ۾ فوجين کي ڪا ياڳي پائيواري نه ڏني وئي. هي نئون دور "ميئجي دؤر" سڏجڻ لڳو ۽ هن دؤر (جيڪو ماڊرن دؤر به سڏيو وڃي ٿو) ۾ جپان هر شعبي ۾ ترقي ڪئي. هي شهنشاهه ميئجي جپان جي مشهور شهنشاهه هيرو هِتو (جنهن جي ڏينهن ۾ ٻي جنگِ عظيم لڳي) جو ڏاڏو هو ۽ هاڻ جيڪو جپان جو 126هون شهنشاهه نارو هِتو آهي، اهو وري هيرو هِتو جو پوٽو آهي.

ڪموڊور مئٿيو پيري 1768ع ۾ آمريڪا ۾ ڄائو هو. هو اتي جي نيويءَ ۾ ڀرتي ٿيو ۽ مختلف جهازن تي رهڻ بعد 72 ورهين جي ڄمار ۾ 1840ع ۾ ڪموڊور ٿيو. 1852ع ۾ آمريڪا جي ٽيرهين صدر Millard Fillmore آمريڪا جو جپان سان واپار شروع ڪرڻ لاءِ جپان ۾ زوريءَ گهڙڻ جي مهم ڪموڊور پيريءَ حوالي ڪئي، ڇو جو آمريڪا وارن جو چين سان واپار وڌي رهيو هو ۽ جيئن مٿي لکي آيو آهيان ته چين ويندي آمريڪي جهاز جپان جي ڀر وارن سمنڊن ۾ مشڪلات ۾ آيا ٿي ته جپانين انهن جي مدد ڪرڻ بدران آمريڪي خلاصين کي قيد پئي ڪيو يا ڦاهي ڏئي پئي ڇڏي. سو اهڙن ماڻهن جي سلامتيءَ سان واپسي پڻ آمريڪا وارن جي گهُرَ هئي. پيري اوڪيناوا ٻيٽن جي وڏي شهر "ناها" ۾ ڪجهه وقت ترسي 1853ع ۾ جپان پهتو. انهن ڏينهن ۾ اوڪيناوا جا ٻيٽ "لِيو چيو" ٻيٽ سڏبا هئا. جپان پهچي هُو اتي جي حڪومت کي ڇتاءُ ڏئي هانگ ڪانگ موٽي آيو. ان بعد وري هو ٻيو دفعو 13 فيبروري 1854ع تي جپان آيو ۽ جپانين کي پنهنجيون ڳالهيون مڃرائي لکت ۾

معاهدو ڪيو جنهن موجب جپانين آمريڪن کي جپان جي ٻن بندرگاهن هاڪو داتي ۽ شمودا ۾ رهائش ۽ جهاز بيهارڻ جي اجازت ڏني. ان بعد پيري آمريڪا موٽي آيو. اهو سال 1855ع هو ۽ پيريءَ جي عمر 87 سال هئي. ٽن سالن بعد 1858ع ۾ هن نيو يارڪ ۾ وفات ڪئي. پيريءَ کي جپان موڪلڻ جو جنهن تيرهين صدر 1852ع ۾ حڪم ڏنو اِهو ملرڊ هڪ سال بعد 1853ع ۾ لهي ويو. جنهن بعد آمريڪا جو چوڏهون صدر فرئنڪلن پيئرس ٿيو. جيڪو 1853ع کان 1857ع تائين صدر رهيو. ڪموڊور مئٿيو پيريءَ جي ڪاميابيءَ بعد هن نئين صدر، جولاءِ 1856ع ۾ هئرس (Townsend Harris) کي آمريڪا جو پهريون سفارتڪار (قونصل جنرل) ڪري جپان موڪليو. جنهن جپان جي شهر شمودا ۾ اتي جي مندر ”گيو ڪُو سينجِي“ وٽ اچي آمريڪي قونصل خانو کوليو.

# جپان جي شهر شمودا ۾ مائي ڪِچيءَ جي ڪهاڻي

جپان جو شهر شمودا (Shimoda) جيڪو بندرگاهه به آهي، هونشو ٻيٽ جي ڏاکڻي حصي ۾ آهي. اسان جيئن ئي هانگ ڪانگ يا چين بعد جپان ڏي رخ رکندا آهيون، ته جپان جي ننڍن ننڍن هزارين ”ريوڪو ٻيٽن“ بعد جپان جي اهم ۽ وڏي ٻيٽ ”هونشو ٻيٽ“ جي ويجهو پهچڻ تي، وڪاياما ۽ شمودا جهڙا بندرگاهه پهرين ۽ سؤلا پون ٿا، جتي اسان جي جهازن جو گهڻو وڃڻ ٿئي ٿو. ڪموڊور پيري به ٽوڪيو کان اڳ هن بندرگاهه ”شمودا“ ۾ آيو پئي ۽ اڄ به هن شهر ۾ بندرگاهه کان هڪ مندر ريوسينجي (Ryosenji Temple) واري روڊ جو نالو ”پيري روڊ“ آهي. نئين آيل آمريڪن ڊپلومئٽ، هئرس ٽائونسينڊ هن مندر ۾ ”جپان آمريڪا شمودا معاهدو“ (Treaty) صحيح ڪيو هو. بنا شڪ جي شمودا هڪ خوبصورت شهر آهي، جنهن ۾ هن سال 2020ع ۾ اولمپڪ رانديون ٿي رهيون آهن، پر ان کان وڌيڪ هي شهر شمودا آمريڪي ڊپلومئٽ ”هئرس“ ۽ ان جي جپاني ڪنيز ”اوڪِچيءَ“ جي ڪري مختلف ناولن، ڪهاڻين ۽ فلمن جي زينت آهي.

اسان جو جهاز به پهريون دفعو شمودا بندرگاهه ۾ لنگر انداز ٿيو هو ته شهر گهمندي هن جپاني عورت اوڪچيءَ (Tojin Okichi) بابت پڙهو هئوسين، جنهن ڪي وفات ڪئي اڄ سوا صديءَ کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي. سندس نالو ته ڪِچي هو پر جپاني ٻوليءَ ۾ ڪنهن کي مانُ ڏيڻ لاءِ سندس نالي جي اڳيان ”او“ (O) ڏنو ويجي ٿو. پر افسوس جو جيستائين ڪچي جيئري رهي، هوءَ ڳوٺ وارن لاءِ ڦٽ لعنت جو سبب بڻي رهي. مرڻ بعد اڄ تائين، هن ڪي سڄو جپان ياد ڪري ٿو هن جي تعريف ڪري ٿو. سندس تصويرون (Paintings) سياح خريد ڪن ٿا. سندس تصوير وارا ڪافيءَ جا ڪوپ، پوسٽ ڪارڊ ۽ ٻيون شيون سووينيئر طور خريد ڪيا وڃن ٿا. مون وٽ به پنهنجي هڪ جهاز جي ڪئبن ۾ اوڪچيءَ جي تصوير واري پليٽ پٽ تي ٽنگيل رهي ٿي. جيئن جپان جي ٻين بندرگاهن: نگويا، وڪاياما، يوڪوهاما، هيروشيما وغيره جا منهنجا جپاني دوست ۽ واقفڪار اهو تحفو ڏسي سمجهي وڃن ته اسان جو جهاز جپان جي ڏاکڻي بندرگاهه شمودا (Shimoda) مان ٿي هتي پهتو آهي. شمودا، جيڪو دنيا جي خوبصورت سامونڊي ڪنارن (بيچُن)، باغن ۽ گرم پاڻيءَ جي چشمن جي ڪري مشهور آهي. شمودا بندرگاهه جي بيهڪ اهڙي آهي، جو جپان ايندي اسان ڪي پهرين هتي لنگر ڪيرائڻو پيو ٿي، جيئن حيدرآباد کان ڪراچيءَ ايندي پهرين سڄل ڳوٺ ٿو اچي. ٻنهي ڳوٺن جو هڳاءُ منهنجي دماغ ۾ اهڙو ويٺل آهي، جو ڪنهن جپان جي سفرنامي جو نالو ”سڄل ڳوٺ کان شمودا“ رکڻ ٿو چاهيان.

شمودا شهر جي هڪ ٻڌ مندر ”گيوڪوسينجيءَ“ جي پر ۾ هن عورت جي ياد ۾ ”اوڪچي ميموريل هال“ به آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي سياح اچن ٿا. پهريون دفعو شمودا ۾ اچڻ تي آئون به پنهنجي جهاز جي ڪجهه ساٿين سان گڏ هي مندر ۽ اوڪچي هال گهمڻ

ويو هوس. جنهن ۾ ڪم ڪندڙ هڪ جپاني عورت پڳل سڳل، پر سمجهه ۾ اچڻ جوڳي انگريزيءَ ۾ مون کي وڏي چَس ۽ چاهه سان اوڪچيءَ جي ڏک پريي پريم ڪهاڻي ٻڌائي هئي.

ڪموڊور پيريءَ جي زوريءَ جپان داخل ٿيڻ کان اڳ 220 سالن تائين ڪنهن جپاني عورت جي تہ ڇا، پر ڪنهن مرد جي بہ ڌارئي ملڪ جي مرد سان ميل ملاقات نہ ٿي هئي. سو ان حساب سان ڪِچي سَان پهرين عورت هئي، جيڪا ڪنهن ڌارئي جي سريت ٿي رهي. هتي ڪِچيءَ جو نالو "او ڪِچي" بدران "ڪِچي سَان" لکيو اٿم. پڙهندڙن کي ٻڌائيندو هلان تہ ڳالهہ ساڳي آهي. جپاني نالن (اسمن) اڳيان "او" ڏيڻ معنيٰ اهو نالو فضيلت سان ڪٺڻ آهي ۽ اهو "او" نہ فقط انسانن جي نالن اڳيان پر "چا" چانهہ، "ميزو" پاڻيءَ ۽ بين شين جي اڳيان بہ لڳائي انهن کي عزتدار ٻڌائي سگهجي ٿو جيئن اسان وٽ ڪيترن شين کي اهو مانَ وارو درجو ڏيڻ لاءِ انهن شين جي پويان "شريف" ڳنڍيو وڃي ٿو. جيئن مٿياري شريف، درگاهہ شريف وغيره. انسانن کي عزت سان سڏڻ جو ٻيو طريقو هنن جي اڳيان جناب، محترم، محترمہ، مسٽر، مسز يا مِس جهڙا لفظ آهن. پر جپانيءَ ۾ انهن سڀني لفظن لاءِ هڪ ئي لفظ "سان" (San) آهي. جيڪو نالي پويان لڳايو وڃي ٿو جيئن مٿي لکيو اٿم "Kichi-San".

سو ذڪر هيٺ آيل هيءَ جپاني حسينا "ڪِچي سَان" ڪنهن عام ڌارئي جي نہ، پر مسٽر هئرس (Townsend Harris) جي سريت ٿي رهي، جيڪو آمريڪا ملڪ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ جپان ۾ پهريون سفارتڪار (قونصل جنرل) ٿي ٽوڪيو کان 100 کن ميلن جي فاصلي تي سمنڊ جي ڪناري واري شهر شمودا ۾، 1856ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ آيو هو. جتي هن بہ سال گذاريا.

"ڪچيءَ هئرس جي دل وٽان خدمت چاڪري ڪئي". شمودا جي ڪِچي ميموريل هال ۾ ڪم ڪندڙ عورت ٻڌايو. "هو بيمار ٿيو تہ هن ڪيس وقت تي دوا درمل ڏني ٿي، سڄي جسم کي زور ڏنا ۽ هن جي ڪاڏي پيتي لاءِ ڳائي گوشت ۽ کير جو بندوبست ڪيو".

پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ لکندو هلان تہ هن پاسي يعني ڏور اوير يا ڏکڻ اوير ايشيا جي ملڪن: جپان، ڪوريا، فلپين، ويندي ملائيشيا، انڊونيشيا، ويٽنام ۽ ڪمبوڊيا پاسي، اڳ ۾ کير پيئڻ جي عادت ئي نہ هئي. ايتريقدر جو پنهنجن ملائيشيا وارن سفرنامن ۾ بہ لکي آيو آهيان تہ 1980ع واري ڏهاڪي ۾ اسان کي ملائيشيا ۾ رهڻ دوران ڏڳيءَ جو کير حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيڏي پچ ٻڪ ڪرڻي ٿي پيئي. سو جپان ۾ ڪِچيءَ کي پنهنجي صاحب هئرس لاءِ کير حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻ پيئي. شمودا جي ميوزيم ۾ ڪِچيءَ جو هڪ ماڊل رکيل آهي، جنهن ۾ هن جي هٿ ۾ کير جو گلاس آهي. هئرس کي مقامي هارين کي سمجهائڻو پيو هو تہ هو ڏڳيون پالي کير پيدا ڪن. جيڪو جپانين ان کان اڳ نٿي پيتو. جپان جي اڄ جي ٽاپ جي مشهور کير ڪمپني موري ناگا (Morinaga) جڏهن بعد ۾ کير جي پئڪنگ ۽ پائوڊر ٺاهڻ جو ڪارخانو هنيون تہ ان جو ڪريڊٽ آمريڪن هئرس ۽ ڪِچي سانَ کي ڏيڻ لاءِ، ان جي تختي شمودا جي هن مندر اڳيان هنئي وئي، جتي هئرس پنهنجي آفيس ۽ رهائش گاهہ ناهي هئي. ڪنهن ڏڳي يا ڏڳيءَ کي کُهي ڳائو گوشت حاصل ڪرڻ تہ جپاني ماڻهن جي سوچ کان ٻاهر ڳالهہ هئي. اڄ دنيا جي بهترين ڳائي گوشت "Wagyu" يا

”ڪوبي اسٽيڪ“ جپان مشهور آهي پر ان وقت ڍڳيءَ کي گوشت لاءِ ڪهڻ پاپ جو ڪم سمجهيو ويندو هيو. آمريڪن قونصلر جنرل ۽ ان جي ڊچ ترجميڪار لاءِ جپانين مجبور ٿي هر وقت هڪ ڍڳو وڻ سان ٻڌي ڇڏيو ٿي، پر ان جي ڪسڻ واري رات مندر جا ٻاوا گوتم ٻڌ جي مجسمي اڳيان سجدي ۾ ڪري پوندا هيا، تہ هنن يا هنن جي شهر مٿان هن پاپ جون آفتون نازل نہ ٿين. جيڪو هي مغرب جا ماڻهو هنن ذريعي ڪن ٿا.

شمودا جي هن مندر ”گيو ڪُوسِينجي“ (جنهن جي اڳيان ڍڳي يا ڍڳيءَ جو ڪوس ٿيو ٿي) ۾ هي سلسلو ٻہ سال ڏهہ مهينا هليو. جيڪو وقت هئرس (آمريڪن قونصل جنرل) هتي رهيو. مندر جي رکوالي ڪرڻ واري عورت هن مندر جي اڳيال لڳل يادگار پليٽ ڏيکاري، جنهن تي ڍڳيءَ جي تصوير آهي. هن ٻڌايو تہ هي اهو هنڌ آهي، جتي انسانن جي کائڻ لاءِ پهرين ڍڳي ڪُٺي وئي هئي. ان پليٽ تي جپانيءَ سان گڏ انگريزيءَ ۾ جيڪا عبارت لکيل آهي، اها هتي لکان ٿو:

"This monument, erected in 1931 by the butchers of Tokyo, marks the spot where the first cow in Japan was slaughtered for human consumption. (Eaten by Harris and Heusken)"

اُن پليٽ تي جن ٻن ڍڳيءَ جو گوشت کائيندڙن جا نالا لکيل آهن، انهن ۾ هڪ تہ هئرس آهي، جيڪو آمريڪن حڪومت طرفان قونصل جنرل ٿي شمودا ۾ آيو هو ۽ ٻيو همراهہ هيوسڪين (Heusken) ڊچ آمريڪي هو ۽ هئرس لاءِ ترجميڪاريءَ لاءِ رکيو ويو هو. هيوسڪين 1832ع ۾ ائمسٽرڊم (هالينڊ) ۾ ڄائو. جتان پوءِ هو لڏي نيويارڪ آيو. هن کي جپاني ڪانہ ٿي آئي، پر انهن ڏينهن ۾ ڊچ واحد يورپي ٻولي هئي، جنهن کان جپاني واقف هئا. ڇو جو جپان ۾ اڪيلائيءَ (Isolation) واري دؤر ۾ بہ جپانين ڊچ واپارين کي ناگاساڪي بندرگاهہ وٽ مقرر ڪيل هڪ جڳهہ تي، سندن جهاز لنگر انداز ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. انهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري ڪجهہ جپاني ڊچ سکي ويا هئا. هي آمريڪن قونصل جنرل هئرس جپانين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو هو. جيڪا انگريزي هيوسڪين پنهنجي مادري زبان ڊچ ۾ ترجمو ڪري ان جپاني همراهہ کي ٻڌائيندو هو. جنهن کي ڊچ آئي ٿي ۽ پوءِ ان جپاني همراهہ ان ڊچ ٻوليءَ جو جپانيءَ ۾ ترجمو ڪري حڪومت جي واسطيدار عملدارن کي ٻڌايو ٿي. اهڙيءَ طرح جپانيءَ ۾ مليل جواب ڦري گهري انگريزيءَ ۾ هئرس کي ٻڌايو ويندو هيو. هيوسڪين جڏهن جپان آيو تہ هن جي عمر 23 سال مس هئي. قونصل جنرل جو مترجم هجڻ ڪري هن جي بہ جپان ۾ ڪافي لئي هئي ۽ جپان حڪومت توڙي عوام هنن جي اڳيان پويان پئي ڦريا ۽ چمچا گيري پئي ڪيائون. ايتري قدر جو انهن ڏينهن ۾ جپان ۾ هڪ عام ماڻهوءَ ۽ ويندي جهڙي تهڙي آفيسر کي بہ گهوڙي تي سوار ٿيڻ جي اجازت نہ هئي. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ هنن کي پنڌ وڃڻو پيو ٿي. گهوڙي تي سوار ٿيڻ جي فقط سامورين (جپاني جنگجو جوڌن ۽ سردارن) کي اجازت هئي. سو هي ڊچ ترجميڪار جتي ڪٿي رعب سان گهوڙي تي سوار ٿي پئي نڪتو ۽ ساڻس گڏ بہ يا ٽي جپاني باڊي گارڊ سپاهي بہ گهوڙن تي هن سان گڏ پئي هليا. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن کي ڏسي اصل ۾ جپانين جو اندر پَچريو پئي.

هڪ رات هيوسيڪن ڪنهن دعوت تان موٽيو تہ جپاني قومپرست چوڪرن جي ٽولي (Shishi) مٿس حملو ڪيو. جيتوڻيڪ هيوسڪين سان گڏ ٻہ گهوڙي سوار گارڊ سپاهي ۽ چار پنج چڙها گولا (گئس بتيون) کڻي رستو ڏيکارڻ وارا پيدل هلندڙ سپاهي بہ هئا، پر هيوسڪين کي جسم جي ٻنهي پاسي اهڙا زخم رسيا جو هو بچي نہ سگهيو. هيوسڪين کي ٽوڪيو جي ڪورن جي (Korin-Ji) قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. هيوسڪين هر روز تفصيل سان ڊائري لکندو هيو. اها 1964ع ۾ "Japan Journal 1855-1861" جي نالي سان نيو جرسيءَ جي رٽگرز يونيورسٽي پريس طرفان ڇپي.

شمودا شهر، هئرس، هيوسڪين، اوڪِچي، پهرين ڊيگي جي ڪسڻ ۽ ڊيگيءَ جي ڪير پيئڻ ڪري هڪ اهڙو شهر ٿي پيو آهي، جنهن کي دنيا جا سياح ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. خاص ڪري آمريڪي، جن جي وڏن جپان جي هِنَ الڳ ٿلڳ رهڻ واري پاليسيءَ کي طاقت جي زور تي رد ڪيو ۽ دنيا جي ماڻهن کي جپان ۾ داخل ٿيڻ جو موقعو مليو.

1979ع ۾ چيف انجنيئر جي حيثيت ۾ جهاز جي اوچتي مرمت لاءِ مون ان کي شمودا بندرگاهہ ۾ ٻن ٽن ڏينهن لاءِ بيهاريو هو تہ ان دوران هڪ ڏينهن آمريڪا جو صدر جمي ڪارٽر بہ هي مندر ڏسڻ آيو هو. خبر ناهي هو انهن ڏينهن ۾ صدر هو يا رٽائرڊ هو. بهرحال جپان وارن هن کي شمودا ۾ وڏو پروٽوڪول ڏنو هو.

پاڻ جپاني عورت اوڪِچي، ڪچي سَان يا محترما ڪِچيءَ جي ڳالهہ ڪري رهيا هئاسين، جنهن بابت، منهنجي 1973ع يا 1974ع واري شمودا جي پهرين جپان جي سفر ۾ "گيوڪوسينجِي" مندر جي پير ۾ اوڪِچي ميموريل هال ۾ هڪ ڪم ڪرڻ واري عورت ٻڌايو تہ: "1854ع ۾ اوڪِچي (Okichi) شمودا شهر جي سترهن سالن جي هڪ خوبصورت ۽ مشهور گيشا هئي، جيڪا تسورو ماتسو (Tsuru Matsu) نالي هڪ مقامي واڍي سان مڱيل هئي".

هونءَ گيشائون پوڙهيون ٿي پوءِ شادي ڪنديون آهن. جوانيءَ جي ڏينهن ۾ هو گراهڪن کي ريجهائڻ جا مليل پئسا گيشا گهر جي مالڪڻ "ماما سان" کي قرض پوري ڪرڻ ۾ ڏينديون آهن، جيڪا ڪيترائي سال هنن کي قابل ڪرڻ (Train ڪرڻ) ۾ خرچ ڪندي آهي. پر ميموريل هال جي سنڀال ڪندڙ عورت ٻڌايو تہ: "مِس ڪِچيءَ تي ڪنهن جو ڪو قرض نہ هو. گيشا گهر جي هوءَ پاڻ مالڪ هئي ۽ هن جي هن واڍي تسورو سان اهڙي دل هئي جو هن جلدي شادي ڪرڻ لاءِ مڱڻو بہ ڪري ورتو هو".

"آمريڪن سفارتڪار جي شمودا اچڻ تي هن کي خوش رکڻ لاءِ مقامي انتظاميا اوڪچيءَ کي حڪم ڏنو تہ هوءَ پنهنجي مڱيندي جي پچر ڇڏي آمريڪا کان آيل آفيسر (هئرس صاحب)جي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳي وڃي...".

مندر وٽ موجود هن عورت ذري گهٽ اکين ۾ ڳوڙها آڻي اوڪِچي گيشا جي غمگين ڪهاڻي اڳتي هن ريت بيان ڪئي: "جپان جي شوگن حڪومت اهو سوچي تہ هي آمريڪن سفارتڪار (جنهن جي هٿن ۾ هاڻ هنن جي قسمت هئي جو هنن کي هن جي پٺيان آمريڪي جهازن جا گڙڪا ۽ توبن جا ٺڪاءُ ٿي ٻڌڻ ۾ آيا) هتي اڪيلو محسوس ڪندو، سو هن جي دل پشوريءَ لاءِ شهر جي

ننڍي نيٽي ۽ حسين ڇوڪري هن جي حوالي ڪرڻ جي خوشامد ڪئي، جيئن هئرس پنهنجي حڪومت ڏي جپان جي شوگن حڪومت بابت بهتر رپورٽ موڪلي. ايتري قدر جو ڪِچِيءَ جو واڍي تِسورو سان مڱڻو ختم ڪري واڍي کي ڪنهن بئي شهر ڏي گم ڪري ڇڏيائون. نہ هوندو بانس نہ وڄندي بانسري....“.

”پر ڏنو وڃي تہ هن ڇوڪريءَ لاءِ ڪيڏو وڏو ظلم ٿيو جو اسان جپاني Xenophobia جا مريض آهيون“.

هن چيو. هن جو مطلب هو تہ جپانين کي ڌارين ۽ نون ماڻهن کان خوف ۽ نفرت آهي. اها حقيقت آهي. اهو احساس جپانين ۾ اڄ بہ آهي ۽ انهن ڏينهن ۾ تہ جپان جي ٻچي ٻچي ڌارين کان نفرت پئي ڪئي پئي... يا ڪٿي ڇئجي تہ سالن جا سال هنن جي دلين دماغن ۾ وڌو ويو هو تہ ڌارين کان پري رهو ڌاريا قابلِ نفرت، گندا ۽ جِٽ آهن. اهڙي تناظر ۾ ڪِچِي کان سندس چاهڻ وارو پري ڪري، ڪيس ڪائنس 34 سال وڏي عمر، واري (بقول جپانين جي، جسم تي وار ۽ وڏي ڏاڙهي هجڻ ڪري هو Barbarian (جهنگلي) سڏيو ويندو هيو) جي حوالي ڪيو ويو. جپاني تہ سنهي مڇ رکڻ کي بہ خراب سمجهن ٿا ۽ هونءَ بہ هنن جو جسم وارن کان آجو يا نہ هئڻ برابر رهي ٿو.

”اوڪِچِي پنهنجي شوق سان نہ پر سرڪار جي حڪم تي پنهنجي ملڪ جي بهتريءَ ڪارڻ پاڻ کي هڪ ڪُچِيءَ جي جِنَ حوالي ڪري ڇڏيو پر عوام هن سان نفرت ڪرڻ لڳو. هن کي ڪِنو ۽ گندو سمجهڻ لڳو“، مندر واري عورت وڏي ڏک مان ڪِچِيءَ جي ڪهاڻي جاري رکي. ”ٻن اڍائي سالن بعد هو ڌاريو (آمريڪي) تہ پنهنجي ملڪ موٽي ويو پر هن معصوم ڇوڪريءَ تي نفرت جو ٽِڪو هٽي ويو. هن ڏي هر ايندڙ ويندڙ نفرت سان نهارڻ لڳو. ماڻهن جي نظرن کان بچڻ لاءِ هن پيئڻ تي زور ڏنو. هوءَ هر وقت نشي ۾ رهڻ لڳي. آخر هڪ ڏينهن هوءَ سمنڊ جي ڪناري تي هلي وئي ۽ ڪا دير سوچي سوچي هن پنهنجو پاڻ کي ڪٽي سمنڊ ۾ ڦِٽو ڪيو ۽ مري وئي“.

شمودا اهو شهر آهي، جتي اسان جا جهاز ويندا رهن ٿا. اسان جا جهازران، توڙي جپان ۾ تعليم ۽ نوڪرين لاءِ آيل اسان جا ماڻهو هتي جو هي مندر ۽ اوڪِچِيءَ جي قبر ۽ ان ۾ رکيل يادگار شيون ڏسندا رهن ٿا.

پڙهندڙن کي هاڻ او ڪِچِيءَ جي ڪهاڻيءَ جي تہ خبر پئجي وئي هوندي، سو انهن کي گذارش آهي تہ هنن جو ڪڏهن شمودا وڃڻ ٿئي تہ مندر يا ان جي پرسان نهيل ”او ڪِچِي ميموريل هال“ ۾ موجود گائيڊ عورت کان او ڪِچِيءَ جي ڪهاڻي پُڇڻ بدران چپ چاپ مندر ۽ او ڪِچِي ميموريل هال ڏسي ٻاهر نڪري اچن ۽ گائيڊ کان ڪهاڻي ٻڌڻ کان گريز ڪن. جو هتي جي گائيڊ تمام مهانگي آهي ۽ ايترا پئسا ونڻ تي منهنجي زال بہ هن سان وڙهي پئي، تہ اهڙي ڪهاڻي ٻڌڻ جي اسان کي ڪهڙي ضرورت هئي؟! هن اسان کي شايد امير آمريڪي سمجهي ڦريو آهي. خبر ناهي ڪهاڻي صحيح بہ آهي يا نہ......

بهرحال او ڪِچِيءَ جي ڪهاڻي ٿوري ڦير ڦار سان ڪافي حد تائين حقيقت تي مبني آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ آمريڪي سفارتڪار جي وڃڻ کان پوءِ هن پنهنجي مڱيندي واڍي سان اچي

شادي ڪئي، جيڪا اٺ سال قائم رهڻ بعد طلاق تي. ان بعد او ڪچيءَ پنهنجو گيشا گهر هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر حالتون مختلف ٿي چڪيون هيون ۽ هوءَ نقصان ۾ هلي وئي. غم ۽ نفرت جي احساس کان ڇٽڻ لاءِ هن شراب پيئڻ تي زور ڏنو ۽ هڪ ڏينهن سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏيائين. اها سال 1891ع جي 27 مارچ جي تاريخ هئي.

اوڪِچي جي غمگين ڪهاڻيءَ تي ڪيترائي انگريزي ۽ جپاني ناول، فلمون ۽ ڊراما ٺهيل آهن. سندس ڪهاڻيءَ جي خاص انگريزي فلم 1958ع جي "The Barbarian & the Geisha" آهي، جنهن ۾ آمريڪا جي سفارتڪار هئرس جو پارٽ ان وقت جي مشهور هيرو، مون جيڏن جي جوانيءَ جي ڏينهن جي دلپسند ائڪٽر جان وين (John Wayne) ادا ڪيو آهي.

او ڪچيءَ تي هڪ مشهور جپاني گانو "اوڪِچي مونو گاتاري" (اوڪچيءَ جي ڪهاڻي) عنوان سان آهي، جيڪو 1960ع ۾ جپان ۾ ٽاپ جو گانو هو.

اوڪِچيءَ تي جپاني ٻولين ۾ ٺهيل اسٽيج ڊرامن مان هڪ ۾ اوڪِچي جو ڪردار جپان جي هڪ ائڪٽريس "ڪواڪو دائي اِچيءَ" به ادا ڪيو آهي. هوءَ هيءُ اسٽيج ڊرامو سڄي جپان ۾ ڪري هاڻ شمودا ۾ ڪرڻ لاءِ پهتي هئي. چون ٿا ته جنهن ڏينهن هن کي اهو ڊرامو ڪرڻو هو، ان کان اڳ واري رات هوءَ ۽ هن جو ساٿي گهڻي پيئڻ ڪري هوش وڃائي ويٺا ۽ هن جي ساٿيءَ کان ڪار رورس گيئر ۾ سمنڊ ۾ هلي وئي ۽ اداڪارا "دائي اِچي" ٻڏي وئي.

# الطاف شيخ جا شايع ٿيل ڪِتابَ

1. انامِيڪا
2. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3. پيار جي گُهٽَ
4. وايون وڻجارن جون
5. سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين
6. دنيا آهي ڪاڪ محل
7. سمونڊ جن ساٿيهه
8. بندر بازاريون
9. سمونڊ جي سيوين
10. سي ئي جوين ڏينهن
11. بندر ديسان ديس
12. خبرون ڪيڙائن جون
13. ڪويت ڪنارا
14. چا جو ديس چا جو وديس
15. جاني تہ جهاز ۾
16. جپان جن جي جيءَ ۾
17. ڳالهيون تنهن جپان جون
18. خدا ڏي خط
19. جپان رس
20. سانباهو سمونڊ جو
21. موج نہ سهي مَڪڙي
22. الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان
23. بهترين سفرناما
24. لنڊن تائين لفٽ
25. ٻارن جون آکاٽيون
26. ٽوڪيو جي گيشا گرل
27. مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28. سنگاپور ويندي ويندي
29. ڪوالالمپور کجهہ ڪوهہ
30. ماستر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ
31. ڊُنگيءَ منجهہ درياهہ
32. ڏاهي جهرڪي
33. جت جر وهي ٿو جال
34. يادن جي اندلٽ
35. ڳالهيون آهن ڳچ
36. اي جرني ٽو ٿائيلينڊ
37. Proverbs Of Far East
38. اوهريا جي عميق ڏي
39. اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
40. ملير کان مالمو
41. جت برف پئي ٿي جام
42. ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن
43. ارائونڊ دي ورلڊ
44. رئي آهي گهوٽ سان
45. يورپ جا ڏينهن ءِ راتيون
46. اي روڊ ٽو مدينا
47. هيلسنڪيءَ جي حسينا
48. سنگاپور ٽو سڊ ڪري
49. آل ابائوٽ سنگاپور
50. ملائيشيا منهنجي من ۾
51. پلي پار تان پيرو
52. هي ٻيٽ هي ڪنارا
53. بوتلن جو سفر

54. سوزيءَ سان پيار
55. جل پريون
56. ملائيشيا 12 سالن بعد
57. تيستائين گڏ باءِ
58. جپان پنجويهہ ورهين بعد
59. ڪراچيءَ کان ڪوڪورا
60. دهليءَ جو درشن
61. نيو هالا کان نيويارڪ
62. بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور
63. ايران ڏي اُڏام
64. چنڊ چوانءِ سچ
65. هلي ڏسجي هندستان
66. پکي اُڏاڻا پنهنجي ديس
67. ممباسا، شيدي بادشاهہ، همباشا
68. ڏيهہ پرڏيهہ جو سفر
69. بمبئي منهنجي پاڪر ۾
70. هليو آ، هليو آ، ملائيشيا
71. مونکي موهيو ملائيشيا
72. ونو وڏ ڦڙو
73. نہ سي سڙهہ سُکان
74. بنارس کان برمودا
75. برونائيءَ کان برازيل
76. گهاتو گهر نہ آيا
77. جل پريءَ جي جيون ڪٿا
78. ڪئمپس جا ڏينهڙا
79. تاريخ جو سفر
80. جيءَ اندر جهاتي
81. واٽ ويندي..
82. ڳوٺ جروار کان جپان
83. جي وڃين تون جپان
84. وري ياد آيا
85. آرڪٽڪ سرڪل جي آسپاس
86. دنيا رنگ رنگيلي
87. جپان جپان آهي
88. جهونا ٿيا جهاز (ڇپائيءَ هيٺ)
89. پهتا اُت پانڌيئڙا (ڇپائيءَ هيٺ)
90. چين ڪيو بي چين (ڇپائيءَ هيٺ)
91. زئنزيبار... جهنگبار (ڇپائيءَ هيٺ)

## اُردو

92. سمندر کے دن

93. ملائیشیا کے دن

94. یورپ کے دن

95. کراچی سے کوپن ہیگن

96. ایران کے دن

97. گیشائون کے دیس مین

98. جہاز چلانے کے دن

99. جپان کے دن

100. کنارے کے دن

101. میں چلا ممباسا

102. چلو چلیں ہندوستان

103. ملائیشیا نے مجھے موہ لیا

*




ڪاٺ جي تختين وارا جپاني تعويذ (Ema) جيڪي شنتو ۽ ٻڌ ڌرم جي مندرن ۾ وڪامجن ٿا



اوساڪا جي هڪ شنتو ڌرم جي مندر ۾ الطاف شيخ اِيما (Ema) ڪاٺ جا تعويذ ڏسندي



جپاني مشهور ڳائي گوشت ”ڪوبي بيف“ لاءِ تيار ڪيل ڍڳي جنهن جي بک وڌائڻ لاءِ هن کي بيئر ۽ ساڪي شراب پياريو وڃي ٿو ۽ روزانو مالش ڪئي وڃي ٿي



بالغ ٿيڻ تي "سيئي جِجن شِيڪي" جي مندر ۾ ملهائجندڙ رسم



جپاني برفاني پولڙا "نهان زارو"



جپاني پولڙا پنهنجي ڪرت ۾




چانورن جي پوک جو آرٽ ـ تامبو آتو (Tambo ato) جنهن ۾ جپاني مختلف رنگن جي سَلن سان شڪليون ناهين ٿا



جپان جو جياپو ـ چانورن جي پوک




الطاف شيخ تامبو اتو ريلوي اسٽيشن اڳيان. چانورن جي پوک جو آرٽ ڏسڻ لاءِ سياح هن اسٽيشن تي اچن ٿا



چورس چانهيون (هنداٽا) جن کي کوکن ۾ پيڪ ڪرڻ ۾ آسان ٿئي ٿو



اِتسُوڪُو شِيما درگاهه جو Torii(ڪاٺ جو داخلا دروازو)



هڪ جپاني ڇوڪري خوبصورت ڪمونو وڳي ۾



هڪ جپاني خوبصورت پينٽنگ



الطاف شيخ جو ڏُهٽو ابيان ۽ ڏُهٽي آفرين ميمڻ پنهنجي جپاني
ڪلاس ميٽ سان گڏ



چانهه جي رسم جي هڪ پينٽنگ



جپان جي هڪ مارڪيٽ ۾ هڪ ٻائو پنهنجي روايتي لباس ۾ پنندي

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book